
هينئڙو ٻه اڌ
ناول
ناشاد رحم علي
HIENARO BAA ADD
NASHAD RAHIM
SINDHIYA
PUBLICATIONS

# هينئڙو پہ اڏ

(ناول)

ناشاد رحم علي

ڊجيٽل ايڊيشن:
2017ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

## حق ۽ واسطا محفوظ


| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | **هينئڙو ٻہ اڌ** |
| موضوع: | **ناول** |
| ليکڪ: | **ناشاد رحم علي** |
| **ڇاپو پهريون:** | **جون** 2016ع |
| لي آئوٽ: | پرڪاش ڪرماڻي |
| ڇپيندڙ: | سنڌيا پبليڪيشن |

# ارپنا

آئون پنهنجو هي ڪتاب انهن لڙڪن جي نالي ارپيان ٿو جن کي اگهندڙ آڱرون ملي نہ سگهيون. آئون پنهنجو هي ڪتاب، انهن واعدن جي نالي ارپيان ٿو جيڪي پورٽتا سان پرٽجڻ جي اوسيئڙي ۾ پوڙها ٿي پيا. آئون پنهنجوهي ڪتاب، ان البيلي حسن جي نالي ارپيان ٿو جيڪو حسن شناس اکين جي ديدار کان محروم رهجي ويو! آئون پنهنجو هي ڪتاب ان حساس سوچ جي نالي ارپيان ٿو، جيڪا وحشت سان وڙهي وڙهي ٿڪجي پئي آهي! آئون پنهنجو هيءَ ڪتاب ان مٿاهين سچ جي نالي ارپيان ٿو جيڪو تاريخ جي هر دؤر ۾ اڻجاڻائيءَ جي اونداهہ پسند جي پهري ۽ رهزنيءَ جي چادر ۾ لڪيل رهجي ويو آهي!

# سنڌ سلامت پاران:

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”هينئڙو ﭜ اڏ“** اوهان اڳيان پيش آهي. هي ڪتاب نامياري ليکڪ ناشاد رحم علي جو لکيل ناول آهي.

هي ناول هڪ پڙهيل لکيل ۽ شاعراڻو مزاج رکندڙ نوجوان جي ڪجھ آواره ۽ ڪجھ سنجيده روين جي عڪاسي ڪري ٿو، جيڪو غير هموار ۽ نامناسب حالتن جي هٿان ﭜ، ڪڏهن چاهتن سان لڪ لڪوٽيون ڪري ٿو، تہ ڪڏهن وري سونهن ۽ جوڀن جي رنگبرنگي وادين ﭜ زندگيءَ جي زخمن ڪي وقتي طور وسارڻ جا جتن ڪري ٿو. ذهني طور پسمانده ماڻهن جي صحبت ﭜ، منطقي ۽ عقلي آڱرين ﭜ دليلن جي بلورن سان، حقيتن جا نشانا ونڻ ڪيترو مشڪل آهي؟ اهو هن ناول جي درمياني صفحن جي ڪپڙن جو رنگ آهي! انساني فطرت جي چڱاين توڙي مداين تي مشتمل سماجي ڪردارن ۽ سالن ڪان تصور جي تالاب ﭜ وهجندڙ واقعن ڪي، قلم جي بيساختہ چميءَ ناول جو روپ ڏيئي ڇڏيو آهي!

هي ڪتاب 2016ع ﭜ **سنڌيا پبليڪيشن** پاران ڇاپيو ويو. ٿورائتا آهيون پياري دوست پرڪاش ڪرماڻي جا، جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ﭜ پيش ڪرڻ لاءِ موڪلي.

اوهان سڀني دوستن، پاٺڪن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساٿين وٽان قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail. com
www. sindhsalamat. com
books. sindhsalamat. com

# سنڌاءُ

سوچن جو سنگرام (ليکڪ پاران)

**ناول**

1. گمنام خط ۽ مونجهارا
2. اداس ڇوڪري ۽ پُرفريب ڪيفيتون
3. تعارفي خط ۽ ڏونئر ڏيڳي
4. ڏنڌلو فيملي پورٽريٽ
5. دلڪش ۽ ملڻ جي اُڻتُڻ
6. ڀهرين ملاقات
7. لاڙ تان آخري ڀيرو ۽ اٽپورٽنا
8. شادي ۽ تلخيون
9. ميرپورخاص ۾
10. جهيڙا، بدمزگي ۽ طلاق
11. ماهپاره
12. چرپڙ ۽ پڇاڙِي

## پنهنجي پاران

# سوچن جو سنگرام!

هي ناول پيار جي رنگين ڪيفيتن، ازدواجي تلخين، ۽ انسان جي فطري رؤين جي ڪشمڪش جو سادو داستان آهي، جنهن ۾ پيار جي شادي، ان بيرحم سچائيءَ جو گونگهٽ لهرائي ٿي تہ محبت ۽ شادي بہ متضاد حقيقتون آهن! ان ڪري هن ناول جو مناسب عنوان ”ناڪام محبت“ هجڻ گهرجي ها. پر جيئن تہ هن ناول ۾ ٻن مختلف سوچن جي سنگرام پرسان، سماج، زندگي ۽ نفسيات سان لاڳاپيل بہ مختلف ٽڪراءُ موجود آهن. قديم ۽ جديد قدرن جي سنگم تي ستل مسافر وقت سان واسطو رکندڙ هن ناول جا ڪردار، اڪثر ٻن متضاد رؤين ۾ وروڪيل آهن، ان ڪري هن ناول جو نالو ”هينئڙو بہ اڌ“ بہ گهٽ وڌيڪ ٺيڪ نہ لڳي!

مون هي ناول 2009ع جي آڪٽمبر کان ڊسمبر جي پڇاڙيءَ تائين لکيو هو. هي ناول هڪ پڙهيل لکيل ۽ شاعرانہ مزاج رکندڙ نوجوان جي ڪجهہ قدر آواره ۽ ڪجهہ قدر سنجيده روين جي عڪاسي ڪري ٿو جيڪو غير هموار ۽ نامناسب حالتن جي هٿن ۾، ڪڏهن چاهتن سان لڪ لڪوٽيون ڪري ٿو تہ ڪڏهن وري سونهن ۽ جوڀن جي رنگبرنگي وادين ۾ زندگيءَ جي زخمن کي وقتي طور وسارڻ جا جتن ڪري ٿو. ذهني طور پسمانده ماڻهن جي صحبت ۾، منطقي ۽ عقلي آگرين ۾ دليلن جي بلورن سان، حقيقتن جا نشانا وٺڻ ڪيترو مشڪل آهي؟ اهو هن ناول جي درمياني صفحن جي ڪپڙن جو رنگ آهي! انساني فطرت جي چڱاين توڙي مداين تي مشتمل سماجي ڪردارن ۽ سالن کان تصور جي تالاب ۾ وهجندڙ واقعن کي، قلم جي بيساختہ چميءَ ناول جو روپ ڏيئي ڇڏيو آهي!

هن قلمي پورهئي جي سفر ۾، مونسان جن مانائتن ماڻهن جون محبتون همقدم ٿي هليون آهن، انهن ۾ محترم منور ساگر، مانائتو مصطفیٰ هنگورجو، پيارو پرڪاش ڪرماڻي، امر عبدالستار ٻاڪڙ، عبدالله آس هنگورجو ۽ سون سريکو شاعر امر ساهڙ شامل آهن. سنڌيا پبليڪشن جهڙي باوقار ۽ هنڌ سنڌ مشهور اداري طرفان هي ڪتاب اوهانجي هٿن ۾ اچڻ سچ تہ مون لاءِ اعزاز آهي، آئون سنڌيا جي وس وارن دوستن جو ٿورائتو آهيان.

هن ناول جا سمورا نالا، ڪردار ۽ واقعا فرضي آهن. ڪنهن بہ قسم جي هڪجهڙائيءَ کي اتفاق سمجهڻ گهرجي.

**ناشاد رحم علي**
اسلامڪوٽ ٿرپارڪر
21 مئی 2016ع
Cell:03213429032_03468922422
Email:nashadrahimali@gmail.com

# دلچسپ ۽ منفرد ترين ناول!

اديبن جي دنيا اديبن کي نيبهہ هجي. نقادن جي دنيا نقادن کي مبارڪ هجي-پاڻ آهيون باذوق پڙهندڙ! ۽ هن ناول کي هڪ پڙهندڙ جي نظر سان ئي ڏسي رهيا آهيون.

شروعاتي صفحن وارا خط، ٿي سگهي ٿو مطالعي جي ٻاڙ تي نہ هِريل ۽ اڻ شاعراڻي مزاج جي مالڪ پڙهندڙن کي گهٽ involve رکن، پر شروعاتي ڪجه صفحا لتاڙڻ بعد آخر تائين حيرت ۽ تجسس کي ڦُلوريندڙ هي ناول پڙهندڙ کي هڪ ئي ويهڪ ۾ پنا پورا ڪرڻ تي مجبور ڪري ٿو(پساه پورا نہ !)

ٿر، لاڙ ۽ ناري جي پس منظر ۾ رچيل سمورا ڪردار ۽ واقعا انوکا پر حقيقتن سان همڪنار لڳن ٿا. ناشاد جي مخصوص رومانوي اسلوب ۽ سهڻي نثر، انهن کي چار چنڊ لڳايا آهن. ٿر جي فطري ماحول جا رنگ جڏهن بہ ناشاد جي قلم مان نڪرن ٿا تہ ٿري ڏڪار، بک ۽ بدحالي پڙهندڙ کان وقتي طور وسريو وڃن ۽ ليڪ وارو گليمرائيزڊ ٿر، پنهنجي فطري ۽ تهذيبي حسن سميت سامهون اچي بيهي ٿو!

هن ناول وارو دلڪش، ڪٿي عاشق، ڪٿي فلسفي، ڪٿي مظلوم تہ ڪٿي وري قابل رشڪ لڳي ٿو. عورتاڻي ڪيفيت جي رنگينين کان ويندي گهريلو مسئلن جي تلخين تائين، خود غرض طبيعتن جي قباحتن کان ويندي دل جهوريندڙ حسن جي ادائن تائين، هن ناول جا ڪردار اسانجا پنهنجا ۽ اسانجي آسپاس جا لڳن ٿا، پر قيمتي قلمي پوشاڪ ان کي نئون رنگ ۽ ڍنگ ڏيئي ڇڏيو آهي. راول، گلاب، حڪيمہ، سلمہ، ماهپاره دلڪش، ڏونئر، قاسم ۽ نازيہ ۽ نصرت تائين پلوڙ ڪردارن جي ڪهڪشان ۾، ”وڏيڪ سنو ڪهڙو“ وارو سوال لاجواب ٿي پوي ٿو!

هن ناول ۾ ڪٿي بہ نعريبازي، وڏاءُ يا وري خيالي وهڪرا ناهن بلڪہ هر هنڌ حقيقت نگاريءَ جا رنگ نظر اچن ٿا، البتہ ناشاد جي آرٽسٽڪ ۽ دلڇُهندڙ نثر ان کي قلم جا سورنهن سينگار ضرور ڪرايا آهن.

پاڻ دعوائن ۽ رد دعوائن واري ڪتراڳ کان هيستائين بچيل رهيا آهيون. ڪنهن تخليق کي شاهڪار يا ردي چوڻ جو حق بہ پاڻ کي ناهي. پر بحيثيت پڙهندڙ هي ناول مونکي سنڌي ادب جو دلچسپ ترين ۽ منفرد ترين ناول ضرور لڳو. آئون يونيورسٽي لائيف ۾ ”رهجي ويل منظر“ ۽ ”نيٺ گونگي ڳالهايو“ کي وري وري پڙهندو هئس، پر هن ناول بہ مونکي اڄڪلهہ جي ذميوار مصروف زندگيءَ باوجود وري وري پڙهڻ تي مجبور ڪيو!

مغرب ۾ ناول پاپولر ۽ اهم صنف ليکيو وڃي ٿو. نوبل پرائيز جي هسٽري ﺑﮧ هن صنف جي اهميت ڏانهن ڌيان ڇڪائي ٿي، پر اسان وٽ شارٽ ڪٽ، سڪٽي جذباتيت ۽ ابهام پسنديءَ سبب ميڊيا، سوشل ميڊيا، ادبي ميڙاڪن، ۽ فيسٽيولس ۾ شاعريءَ کي ايترو تہ اڇاليو ويو آهي، جو ايئن لڳندو آهي ڄڻ رڳو شاعري ئي ادب آهي، بلڪ ڪڏهن لڳندو آهي ڄڻ اسانجي سڀني مسئلن جو حل ﺑﮧ شاعريءَ ۾ لڪيو پيو آهي! اهڙي ادبي ماحول ۾ ناشاد ناول جهڙي محنت طلب ۽ صبر آزما صنف سان دوستي رکي، ان سان ڀرپور انصاف ڪيو آهي-اهو قابل تحسين ڪم آهي! ناول جي ڪن جملن مونکي گهڻو ڪجهہ سوچڻ تي مجبور ڪيو. ڪيترن ئي جملن جي ڪراڙمان ﺑﮧ تي ڪٽا حاضر آهن:

”ٻن ڪيفيتن ۾ انسان ڪوڙ ڳالهائي نہ سگهندو آهي، هڪ موت جو خوف ۽ ٻيو جنسي انتهائن جي آسپاس“

”سامهون نظر ايندڙ روشنيون ڏسي لڳي ٿو، ڄڻ ڪاري ڪري ماريل عورتن جي ڪنن جا سونا جهومڪ، هوائن جي دوش تي لٽڪيل آهن“!

”درد جو درياءُ پيو وهڻ ۽ لڙڪن جا ڪيئي مينهن وسائڻ ڪانپوءِ، هڪ سطح اهڙي ﺑﮧ ايندي آهي، جڏهن انسان چاهڻ جي باوجود روئي ناهي سگهندو“ !

**مصطفيٰ هنگورجو ايڊووڪيٽ**

**مٺي ٿرپارڪر 2016/5/16**

(ليڪ جو خاڪو)

# لالچن ۽ شهرتن کان بينياز شخص!

هُو جيڪو نہ پاڻ کي بخش ڪندو آهي، نہ ٻي ٻين سان رعايت ڪندو آهي، پر سنگتين ساٿين سان ڪڏهن ڪڏهن وهي ويندو آهي. "وهڻ" مان اهو مطلب نہ ورتو وڃي تہ انهن سان اهي خوبيون منسوب ڪري ڇڏيندو آهي، جيڪي مَنجهن نہ هونديون آهن. پر وهڻ مان منهنجي مراد اها آهي تہ انهن جي حقيقي خوبين کي نرالي نموني اظهاري ڇڏيندو آهي، جنهن ڪري اهي ڪردار انوکي اهميت جا حامل ٿي پوندا آهن. آئون اڪثر هن سان شڪايت ڪندو آهيان"خامين تي بہ کُليو ڇو ڪون لکئي ؟" تہ چوندو آهي "آئون انهن تي لکندو آهيان جن جي خوبين کي خاميون بنائي گهڻو لکيو يا گهڻو ڳالهايو ويو آهي، يا مرڳو نہ لکيو ويو آهي"!

نرالي نثر نويس، تشبيهہ جي بادشاهہ ۽ جملن جوڙڻ جي جادوگر هن دوست، پنهنجو پاڻ کي هن ناول ۾ گهڻو اظهاريو آهي پر هن جا رهجي ويل پار هينيان آهن.

(1) هو لالچن ۽ شهرتن کان بينياز شخص آهي. پاڻ ٻڌائي هن جي پير مان بہ ناهي گذري. پاڻ کي شاعر ليڪ وغيره بدران سادو ڳوناٺو ۽ بيذرر شخص سڏائڻ ۾ ڪڏهن بہ قباحت محسوس ناهي ڪندو.

(2) هن جون دوستيون اشتهار ۽ دشمنيون اگهاڙي تلوار آهن!

(3) هو وفاداري ۽ خاموشيءَ جي واٽن تي هلندو آهي تہ مخدوم امين فهيم جو مريد لڳندو آهي پر خاموشيءَ کي ٽوڙيائين تہ ذوالفقار مرزا جون سڪون لهي ويندون آهن!

(4) ٿر جي علمي ادبي لڏي کان هن کي "جيئري جون ايليا" واريون شڪايتون آهن، جڏهن تہ هُنهن کي وري هن مان خوشونت سنگهہ وارا خطرا آهن!

(5)نوجوان ٿري ادب پڙهندڙ ۽ ريڊيو ٻُڌندڙن ۾ هن کي جيتري مقبوليت ملي آهي، اوتري شايد ئي ڪنهن ٿري ليڪ کي ملي هجي. هن جا ليک/ڪتاب ۽ ريڊيو پروگرامن مقبوليت جا جيترا ريڪارڊ ٽوڙيا آهن، اوترو ئي قلمڪارن جي تنظيمن/ادارن ۽ چوپارين هن کي بيدرديءَ سان رد/ نظرانداز ڪيو آهي، پر حيرت جي ڳالهہ اها آهي تہ غير ٿري تحقيقدانن جي لکڻين ۾ هن جا ريفرينسز موجود آهن. ڏسو ڪتاب رڻ ڪڇ (سومار شيخ) ۽ ٻيا رسالن اخبارن ۾ ڇپيل آرٽيڪل

(6) ٿر ۾ هن جي نثر جيترو اثر ڇڏيو آهي، ۽ ان کي جيترو ڪاپي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي، ان جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو تہ هو ريڊيو پروگرامن مان موڪلائڻ محل چوندو آهي "تہ پوءِ موڪلايون-بس اوهان کان پري ڪٿي آهيون" هن جي ان موڪلاٽي کي خطن، عام محفلن ۽

ريڊيو پروگرامن تائين. نوجوانن جيترو رڳڙيو آهي، اوترو مشڪل سان ئي ڪنهن جملي سان حشر ٿيو هوندو! هن جو تخلص 1994 کان هن سان گڏ آهي پر گذريل رڳو ڏهن يارهن سالن ۾ هن وارو ساڳيو تخلص اپنائيندڙ ٽري نوجوانن تي نظر ڊوڙايو تہ هن جي اثرانگيزي جو اندازو ٿي ويندو!

(7) نوان ۽ نرالا موضوع هو الاءِ ڪٿان آڻيندو آهي؟ سارو سنگهار ۽ احسان راهمين جهڙا ڪردار ۽ ”ٿر ۾ موسمياتي اڳڪٿيون ۽ انهن جي سائنسي حقيقت“، ”ٿر ۾ گهوڙا ڊوڙا ۽ روڙا“ جهڙا ڪيئي ڇرڪائيندڙ عنوان اسانکي هن وٽان ئي پڙهڻ ۽ ڏسڻ لاءِ ملن ٿا. پوءِ ٻيا همراه انهن کي پراڻو ڪن تہ پلي ڪن!

(8) داداگيريءَ ۾ ڪيڙيا پيليا ڪندڙ هي همراه دوستي ۽ پنهنجائپ ۾ سُئيءَ جي پاڪي مان بہ گذري ويندو آهي!

(9) هن سندس مشهور سٽن ”سمنڊ جي ڇولين ۽ دل جي ٻولين جون ڪي بہ وضاحتون نہ هونديون آهن!“ وانگر اڪثر اڻوضاحتو رهڻ ئي پسند ڪيو آهي!

(10)هن جو هڪ طويل مقالو ”ٿر جي فطرتي ۽ معاشرتي زندگيءَ جا رنگ“ تحقيقي انداز ۾ ٿر ۽ ٿري زندگيءَ جي انهن باريڪين تان پردو هٽائي ٿو جيڪي اڳ ڪٿي بہ اسانکي ايئن لڪيل نظر نٿيون اچن!

(11) هن غير اقتداري ۽ مشڪل وقت ۾ هڪ سياسي شخصيت تي ڪتاب لکيو تہ قلمڪارن طرفان هن کي درباري ليکڪ جا مهڻا مليا. جڏهن تہ اقتداري ڏينهن ۾ ساڳي سياستڪارن تي مضمون/ شاعري لکندڙن ۽ مراعاتون/عهدا وٺندڙ تي ڪنهن بہ آڱر نہ کنئين! پر هن ڪتاب لکيو تہ پنهنجن توڙي پراون ”سياسي وڏيرن“ هن جو جيئڻ حرام ڪري ڇڏيو ۽ مونکي اقبال جون سٽون ياد ايندڙ رهيون. ”تيري آزاد بندون ڪي، نہ يي دنيا نہ وه دنيا“

(12) هڪڙي فوبيا هر ڪنهن کي هوندي آهي، پر هن کي ٽي فوبيائون آهن. 1وفاداري، 2 سچ ڳالهائڻ ۽ 3 عملي صفائي. انهن سان هن ڪيتري قدر نڀايو آهي اهو وقت تي ڇڏيون ٿا، پر هن جيڪي ذاتي نقصان ڪاڻا آهن، آئون ان جو اڪيلو شاهد نہ آهيان!

(13) هن ذاتي زندگي توڙي ريڊيو واري ادبي پروگرام ۾ جن جن نوجوانن جي ٽيلنٽ کي پالش ڪري اڳتي آندو ۽ پذيرائي ڏني، انهن واه واه ملڻ بعد هن کي ايئن وساري ڇڏيو جيئن هي پاڻ ڪنهن تي ٿورو ڪري وساري ڇڏيندو آهي!

(14) هن وٽ سستي ۽ آرام پسندي ايتري آهي جو ويٺي واري وريو وجي پر اُٿي پوي تہ گهٽن کي پوئتي ڇڏيو ڏي.

(16) هو جيترو تعريف ڪرڻ ۾ ڪنجوس ناهي اوترو ئي تنقيد ڪرڻ ۾ بہ ”سخي“ آهي. جيڪي ڳالهيون عمومن ٻيا لڪائيندا آهن، هو ٻيباڪيءَ سان اهي اظهاري ڇڏيندو آهي

(17) هو انقلابي آهي پر هن وٽ انقلاب جو تصور پهرين پاڻ کان شروع ٿئي ٿو ۽ عمل ۽ قول جي هڪجهڙائي هن وٽ انقلاب جو پهريون شرط آهي !

(18) هو نڳي ۽ منافقت کي جهٽ پٽ سمجهي وٺندو آهي ۽ ان خلاف مضبوط اسٽينڊ وٺندي دير ناهي ڪندو، ان ڪري هن جي دشمنن ۾ نڳن ۽ منافقن جو تعداد گهڻو آهي!

(19) هن وٽ سنڌ جي خوشحاليءَ جو تصور شاعري، ليڪن، ليڪچرن ۽ نعريبازيءَ بدران عملي سچاين تي مشتمل آهي!

(20) هن وٽ ڪا بہ دعوا ناهي پر هن وٽ ڪيترن ئي دعوائن جا دليلن سان رد قد موجود آهن! ۽ هن جو ڪم وري دعوا کان وڌيڪ دعوا طور خاموش گواهي ڏيندڙ نظر ايندو آهي!

(21) هن ملهي جو ٿڙ ۾ قائم موسيپوٽي جي گهر ۾، 1977ع ۾ جنم ورتو. سنڌ يونيورسٽي جي گريجوئيٽ هن دوست جا هن کان اڳ تي ڪتاب "هوا جا نيڻ"، "پٿن جي پُڙ پُڙ " ۽ "اڄ گهرجين هٿ" ڇپجي چڪا آهن. هن جا ڪيترائي ليک مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپيا آهن. پاڻ ڪجھ وقت هڪ اخبار جو ايڊيٽر بہ رهيو آهي.

اهو ڪير. . . ؟جي ها اهو منهنجو پيارو يار ناشاد رحم علي آهي!!

**فقير منور ساگر**

**خميساڻي هائوس**

**اسلامڪوٽ ٿر 2016/4/12**

# ناشاد جي شاهڪار نثر آڌار ڏنل راءِ

سڀ ڪان وڏو نقاد تہ ماڻهو جي مٽي ۾ ويٺل هوندو آهي. ڪن ماڻهن جي اها اهليت ئي ناهي هوندي تہ انهن تي تنقيد ڪئي وڃي. اهي پنهنجن عيبن کي تعريف جي ڪڇ ۾ ستل ڏسڻ جا عادي ٿي ويندا آهن.

تنقيد جي تہ لفظي توڙي عملي معنيٰ ئي غلط رائج ٿي وئي آهي. ياري باشي، سفارشي ۽ دشمني واري ڪلچر ۾ مون کي تہ نٿو نظر اچي تہ ڪو سنو نقاد پيدا ٿيندو يا ٿي بہ ويو تہ اسين ان جي آجيان ڪنداسين. ان لئي بهتر آهي تہ لکڻ وقت مٽي ۾ ويٺل نقاد کي ”جاڳتي رهنا“ جو آواز ڏيئي پوءِ لکڻ گهرجي ۽ اها ڳالهہ اسان جي هن هاڻوڪي ٿهي پاڻ لئي طئہ بہ ڪري ورتي آهي. ڪنهن بہ نقاد جي رحم ڪرم ڪان سواءِ جيئندڙهي پورو نسل، جنهن ۾ آئون پاڻ بہ شامل آهيان تہ منهنجو پياءُ ناشاد رحم علي موسيپوٽو بہ شامل آهي.

ناشاد جي هن ناول جو توڙي جو مون مسودو تہ بنهہ پڙهيو بہ ناهي، ڪن ٻين سببن ۽ انيڪ مصروفيتن ايتري مهلت ئي نہ ڏني، جو هن ناول کي سندس پهرين ارتقائي صورت ۾ پڙهجي ها، پر پوءِ بہ آئون پاڻ سان ناشاد جي پراڻن واسطن ۽ سندس پڙهيل اڳوٽي شاهڪار نثر جي آڌار تي اهو لکڻ ۾ ڪو بہ عار نٿو محسوس ڪريان. مون کي چوماسي جي مينهَن جهڙي پَڪ آهي تہ ناشاد جي قلم ايئن اجايو ڪيڙي ۾ پنڌ نہ ڪيو هوندو. هن ناول ۾ ناول ضرور شامل هوندو، موضوع سان نياپل هوندو. تيلي مان ٽنب ناهڻ جهڙي ڪا بہ ڳالهہ نہ هوندي. آئون ناشاد ۽ ناشاد جي هن ناول لئي هڪ جيترو دعاڳو آهيان.

**روحل ڪالرو**

**لاهور** 2016/5/23

# هينئڙو بہ اڌ

## (ناول)

# گمنام خط ۽ مونجهارا

ياسمين تازو ئي هن ننڍڙي شهر جي سرڪاري اسپتال ۾ بدلي ٿي آئي هئي. نئين شهر جي اوپري ماحول ۾ هوءَ پاڻ کي ايڊجسٽ ڪري نہ پئي سگهي. ٻن ٻارن ۽ پوڙهي پيءُ سان گڏ مسواڙي جاءِ ۾ رهندي هئي. هڪ سال اڳ سندس طلاق ٿي هئي ۽ طلاق کان سگهو ئي پوءِ هن کي پنهنجي ضلعي مان بدلي ڪري ٽہ ضلعي ۾ مقرر ڪيو ويو هو. ٽہ جي هن ننڍڙي شهر جي زندگي هن کي عجيب محسوس ٿي هئي. هن شهر جو هر ماڻهو هڪٻئي سان ڪنهن نہ ڪنهن رشتي ۾ پوئل هو وڪ تي چاڻ سڃاڻ جو احساس وکريل هو. ننڍي کان ننڍي خبر بہ چند ڪلاڪن ۾ نہ رڳو سڄي شهر ۾ پکڙجي پوندي هئي, پر آسپاس جي علائقي ۾ بہ ڳالهين جو موضوع بڻبي هئي. ياسمين سان اسپتال ۾ ملندڙ هر عورت هن سان جهٽ پٽ هجتي ٿيڻ چاهيندي هئي ۽ هن کان هن جي ذاتي زندگيءَ متعلق سوال پڇندي هئي. ياسمين کي انهن سوالن کان الرجي ٿيڻ لڳندي ۽ موٽ ۾ هوءَ پڇڻ وارن کي چڙٻ ڏيئي موضوع بدلائي ڇڏيندي هئي. سادڙيون عورتون هن جي تمام گهڻي عزت ڪنديون ۽ هن جي هر سختيءَ کي سادگي سان سهنديون هيون, ڇو تہ هوءَ هن علائقي ۾ اڪيلي ليڊي هيلٿ وزيٽر هئي. جنهن کي سيئي ڊاڪٽرياڻي چوندا هئا. سرڪاري اسپتال ۾ ڊيوٽي ڪرڻ سان گڏ, هوءَ پارٽ ٽائيم ۾ پرائيوٽ ڪلنڪ تي بہ ڪم ڪندي هئي. بوريت ۽ پريشانيون هن جي زندگيءَ ۾ ترسيل هيون. هن جي عمر 28 سال هئي, هڪ گهر جي اجڙڻ ڪانپوءِ بيو گهر آباد ڪرڻ جا سپنا هن جي اکين ۾ روهيڙي گل جيان ڳيجي رهيا هئا, جن کي ناهموار حالتن جون هوائون مرجهائي رهيون هيون! هن جي احساس جي وٽن کي اٽپورٽتا جي اڏوهي کائي رهي هئي ۽ جڙن وچيرن جهڙا هن جا بيقابو جذبا, اڪيلائي جي انڌار پونئري ۾ پلجي رهيا هئا. آئيني اڳيان اچڻ هن کان وسري ويو هو. سينگار جي سامان ۾ بہ هن جي دل نہ لڳندي هئي.

بهار جي هڪ خوشگوار صبح ٿاٽي, هوءَ جيئن ئي اسپتال پهتي تہ اڳ موجود دائيءَ سليمت هن کي لفافو ڏيندي چيو "هينئر هينئر ٽپالي ڏئي ويو آهي" هن حيرت مان لفافو کڻي ڏٺو جنهن تي سندس نالو ۽ ايڊريس سهڻن اکرن ۾ لکيل هئا. "خط لکڻ وارو ڪير ٿي سگهي ٿو" هن سوچيو. طلاق ڪانپوءِ ساهرن تہ هن سان قطع تعلق ڪري ڇڏيو هو والد سان گڏ رهندي هئي. هن کي ڪو بہ ياءَ نہ هو. البتہ هڪ پيڻ ڏورانهين شهر ۾ رهندي هئي. ان جو اولاد ڪڏهن هن سان ملڻ ايندو هو. انهن مان ڪنهن بہ ڪڏهن هن کي خط نہ لکيو هو. "آخر خط ڪنهن لکيو آهي. . . . . ؟"هن اتاولي ٿيندي لفافو کوليو. لفافي مان هڪ ڊگهو خط هن جي اکين اڳيان پکڙي پيو.

مٺي جانان

شال سدائين چانڊوڪيءَ جيان جرڪندي ۽ مرڪندي رهين !

جانان بهار جون راتيون ڏاڍو بيقرار ٿي پيون آهن. خاص طور هتي لاڙ ۾ رات جي پوئين پهر، جڏهن سامونڊي گهميل هوائون گهلن ٿيون تہ جذبن جي دلبري اکين ۾ ڪيئي خواب ٽانڪي وڃي ٿي. چانڊوڪين جا ٽهڪ، پيار جي قيدي دلين کي ڇهڪ هڻندا رهن ٿا ۽ شام ويلا لوسڻ جي ساون ڪيتن مٿان ٻگهہ پکين جون اڏارون، يادن جا ڪيئي شهر قلورين ٿيون. بهار جي انهن ئي رنگن مونکي هي ڪنوارو خط لکڻ تي مجبور ڪيو آهي. تنهنجو پيار منهنجي وجود مان ڦوٽهڙي جيئن ڦٽي پيو آهي. مون بي انتها ڪوشش ڪئي تہ اظهار کي دل ۾ دفن ڪري ڇڏيان، پر لاڙ جي ڌرتيءَ تي هاريل بهار جي رنگن ۾ بيقابو ٻڻجي پيل احساس، لفظن جو روپ ڌاري تو تائين پهچي چڪا آهن. پر الميو اهو آهي جو منهنجي محبت هڪ طرفي آهي. مجان تو تہ پيار ڪرڻ جي حماقت مون ڪئي آهي، تو نہ ڪئي آهي. اجنبي رشتن جي سوداگري مون ڪئي آهي، تو تہ نہ ڪئي آهي! منهنجا هي بي ترتيب لفظ پڙهي توکي يقينن حيرت ٿيندي تہ آئون ڪير آهيان جو توسان روبرو ملڻ بنا ئي محبت جي دعوي ڪري رهيو آهيان، پر جانان محبتون ملڻ جون محتاج ڪٿي هونديون آهن ؟ وڇوڙن ۾ پروان چڙهيل پيار، وصل جون واٽون ڳولڻ بنا ئي پنهنجا رستا پاڻ ناهيندو آهي. تنهنجن دلرُبا ڪاڪلن ۾ ايتري تہ سونهن آهي، جو ان کي ڇُهندڙ آڱريون بہ ڪيتريون نہ پاڳن واريون هونديون! تنهنجي اکڙين جون ادائون، هزارين حياتين جي حسن کان مٽيريون آهن. تنهنجي چپن تي پلجي ويهندڙ پوپٽن کي، گلابن جو گُمان ٿيندو آهي! تنهنجي ڇقمقي ٻانهن ۽ بخملي پاڪرن ۾، صدين جا ٿڪ لاهي سگهجن ٿا!

عشق کان يرغمال ٻڌيل منهنجيءَ دل، زوري مونکان هي خط لکرايو آهي. توسان ڪڏهن بہ روبرو نہ مليو آهيان. سپنا ڪلينڪ اڳيان تنهنجي رڳو هڪڙي جهلڪ ڏٺي هئم. تنهنجين ڪجلين اکين ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ تہ هو جانم، جو پنهنجي دل تنهنجن ڊگهن وارن ۾ وڃائي ويٺس. تون يقينن سوچيندئين تہ هڪ نظر ۾ عشق ٿي وڃڻ جي دعوي يا تہ مذاق آهي يا وري چريائي! پر جن سان روحن جا رشتا هوندا آهن، تن سان دنياداريءَ جا دستور لاڳو ڪري نٿا سگهجن. تون مونکي ڏٺي بہ ڪونہ سڃاڻندئين، پر مون توکي پهرين نظر ۾ سڃاڻي ورتو هو. تون منهنجي هُيئين، منهنجي آهين، ۽ منهنجي رهندئين! توسان جنم جنم جو رشتو آهي، ۽ اهڙا رشتا تعارف جا محتاج هونداتي ناهن!

منهنجو هي خط پڙهي، منهنجي بيوقوفيءَ تي کلي پوندئين يا وري ڪاوڙ مان معصوم لفظن جو هي پنو ڦاڙي ڇڏيندئين. ڪاڳر ڦاڙين تہ تنهنجي مرضي، پر هنن مسافر محبتن کي ٻسترين ۾ مٿان اڇلائين، ڇو تہ لڙڪن سان وضو ڪندڙ لفظن سان اها بيحرمتي نہ ٿي جڳائي!

معصوم لفظن جي پارت هجنئي!

وري ملبو

تنهنجو نہ ٿي سگهيل، تنهنجو بيچين ساگر
ياسمين خط پڙهي ڇرڪي آسپاس نهاريو. ايئن ڄڻ ڪو ڏسي تہ نہ رهيو هو. سندس آفيس جي ڪمري ۾ دائي سليمت کان سواءِ ڪو بہ موجود نہ هو. جيڪا پاڻ ڏياني ڪنهن مريضہ سان ڳالهائي رهي هئي. ياسمين دلجاءِ ڪندي وري خط پڙهيو. خط جو لفظ لفظ هن کي حيرت جو جزيرو محسوس ٿيو. خط ۾ لاڙ جو پسمنظر رچيل هو. هن لاڙ ڪڏهن ڏٺو بہ نہ هو. لکڻ واري پاڻ کي اڻ ڏٺل ڄاڻايو هو. سندس نالو بيچين ساگر يا تہ شاعراڻو تخلص هو يا وري فرضي اسم! مجموعي طور سڄو خط هن لاءِ ڳجهارت بڻجي پيو. هن کي خط لکڻ واري شخص تي شديد ڪاوڙ آئي. خط ڦاڙي ڊسٽربن ۾ اڇلائڻ لاءِ هٿ اڳتي وڌايائين، پر هٿ رڪجي پيئس. لڙڪن سان وضو ڪندڙ لفظ وارو جملو ياد آيس. هن ڦاٽل خط جا ٽڪرا ڪمري جي دري کان ٻاهر اڇلي ڇڏيا. واهوندي واءُ جو جهونڪو ڦاٽل ڪاڳرن کي وکيري ويو.
اڄ الاءِ ڇو؟ هن کان اسپتال جو ڪم ڪار نہ پئي ٿيو. واپس گهر آئي تہ گهر جون ڀتيون بہ اجنبي شخص جي اوپري خط جيان اوپريون اوپريون محسوس ٿيئس. اجنبي شخص هن جي اعصابن تي تجسس جو ٿوهر بڻجي وڃڙي پيو. هن کي پنهنجو پاڻ تي چڙ آئي. ”ڪنهن واندي مذاق ڪيو هوندو، آئون هرويرو پريشان ٿي رهي آهيان، روبرو مليو تہ جوتي جي ڪڙيءَ جي ماپ معلوم ٿي ويندیئس “.
هن ڄڻ تہ پنهنجو پاڻ کي تسلي ڏني. ڪمري جو در بند ڪري سمهڻ جي ڪوشش ڪيائين تہ خط ۾ لکيل سندس ڪجلين اکين ۽ ڊگهن وارن وارو ذڪر ياد آيس جهٽپٽ اٿي ديوار تي ٽنگيل آئيني اڳيان اچي بيٺي. اکين ۽ وارن کي مختلف زاوين سان ڏسڻ لڳي. اجنبي شخص جو مبهم عڪس آئيني ۾ ترندي محسوس ٿيئس. شرمائي آسپاس ڏسڻ لڳي. پنهنجو پاڻ تي کل آيس. واپس اچي پلنگ تي ليٽي پيئي.
ٽن ڏينهن تائين هن جي سوچ تي گمنام خط لکندڙ شخص جو تصور گنگهور گهٽا جيئن ڇانئيل رهيو. اسپتال ۾ هوندي هئي تہ ڪمري جي دريءَ مان ڦاڙيل خط جا ٽڪرا ڏسڻ لاءِ جهاتي پائيندي هئي. پر پوءِ آهستي آهستي اهو خيال هن کان ڏُور ٿيڻ لڳو. هن جي زندگي وري معلوم تي اچڻ لڳي.

***

وري هڪ صبح هوءَ اسپتال جي گائينگ روم ۾ هڪ عورت جي ڊي اين سي ڪرائڻ کانپوءِ دوائن جي پرچي لکي واپس اچي پنهنجي ڪمري ۾ ڪرسي تي ويٺي. ”گڊ مارننگ“ چئي اندر ايندڙ پوسٽ مين هن کي بہ لفافا ڏيئي واپس هليو ويو. هن لفافن کي ڇنڊائي ڏٺو ٻنهي لفافن تي ساڳي لکت هئي. گمنام خط لکندڙ اجنبي شخص جو تصور، هن جي سوچ ۾ اٽڪي پيو. خيال آيس تہ ٻنهين لفافن کي خطن سميت ڦاڙي دريءَ کان ٻاهر اڇلي ڇڏجي. هوءَ اٿي اچي دريءَ وٽ بيٺي. اڳ ڦاڙيل خط ياد آيس،

ان ۾ لکيل جملا ياد آيس، اهو خط وري پڙهڻ لاءِ دل انگل ڪيئس. هن دريءَ مان جهاتي پاتي، ڦاٽل خط جا ٽڪرا، هوائون الاءِ ڪيڏانهن کڻي ويون هيون. واپس اچي ڪرسيءَ تي ويٺي. هڪڙو لفافو کوليائين تہ منجهان ڏگهو خط نڪري آيو.

مني جانان

شال بهارن پاڪر توکان پل بہ پري نہ ٿين !

جانان ! اڄ تو کي بهار تي ڏگهو خط لکڻ چاهيان ٿو ڇو تہ چنڊ جي مٽيءَ مان ڇورايل تنهنجو بدن بهار جو دلنشين سڏ آهي ۽ بهار جي موسم پيار جي محبوب علامت آهي، سوچيان پيو بهار جي نظارن ۾ تنهنجي تصور ۾ ڪهڙي عجيب هڪجهڙائي آهي. ڪجهہ دير پهرين سرنهن تي ويٺل ڪوئل ڪوڪيو پئي تہ مونکي بي اختيار تنهنجي ياد تڙپائڻ لڳي هئي. جهٽ پٽ پين پنو کڻي توکي خط لکن ويٺو آهيان. سوچيان پيو هيءَ بهار جي بيچيئي موسم ڪيتري نہ ڪينچلي آهي. تارين تي گل ٽڙيا آهن، ڪچڙا گونچ لامن تي لڏيا آهن ۽ پوپٽن جا رنگ برنگي پر، ڪومل ڪلين سان لائون بہ لهن پيا. هي بهار جا رنگ، ڪن وچڙيل دلين جو ڏوراپو بہ بڻيا آهن. تہ ڪٿي وري ڪنهن ٿتل ٿاريءَ تي اٽڪيل جدائيءَ جو ذرد رنگ، پيار جي قيدي نماڻين اکين کي، ويل وقت جون بي رحم خزائون بہ ياد ڏيارڻ لڳو آهي. پٿر جي شهر جي ديوارن تي نڪريل رتا پيلا گل، انهن معصوم چاهتن جو هار لڳن ٿا، جن چاهتن ڪنهن جي ڳچيءَ ۾ ٻانهون هار پائڻ جا خواب لڏا آهن! باغن ۾ ويٺل بلبل جا ٻول، انبن جي ٻور سان سرگوشيون جڏهن بہ ڪندا آهن. تہ انهن پنن جي بيوسي جا نوحا بہ ڪٿي نہ ڪٿي پڙڪو ضرور ڪندا آهن. جن کي پنچڻ جون هوائون هرسال ڇاڻينديون رهن ٿيون. انهن اداس دلين جي درد جا گيت بہ اهي ئي هوائون ڳائينديون آهن. جيڪي ڪنهن برباد ڳوٺ جي ديوارن تان گذرنديون آهن، جتي جون ٻليون حسرت مان ڏٺل باورچي خانن کي ڏسنديون آهن !

ٿر جي پٽن تي ڪنڊين جي نفيس ٻُور ۽ ماڇڪ پيروئن سان ڪينچل ڪنڊڙا هي چلولا پکي، انهن وڻن جي آکيرن کي ڪيئن وساري سگهندا. جن وڻن تي وچون ڪريون آهن. جن جي تارين تي ڪهاڙين جا ڳن اُڀا ٿيا آهن ۽ اهي البيلا پيار بہ ڪيئن وسري سگهندا، جن تي جدايون اويليون ايندريون آهن.

هن ممنوع موسم جون راتيون وري ٽڏيريون هجن ٿيون- پوئين پهر جون وياڪل چانڊوڪيون ۽ واهوندي واءُ مان ڇڻندڙ رات راڻيءَ جو هڳاءُ - جهڙو پرين جي وڳي جو ساءُ ! رات جو اجري آڪاش جي ستارن هينان سمهيءَ پرينءَ کي ياد ڪرڻ جا هي پهر بہ ڪيڏا نہ پيارا ۽ نيارا آهن ! پر جانان شهر جي بي روح مشيني زندگي جيئندڙ ماڻهن کي ڪهڙي خبر تہ بهار جا اجرا صبح، چنچل شامون ۽ پنل پنل راتڙيون، زندگيءَ جو ڪهڙو انمول سرمايو آهن. اهي آڱريون جن سدائين فائيل ڦلوريا آهن، انهن کي ڪهڙي خبر تہ ريشمي زلفن جهڙيون گل جون پنکڙيون ڪيترو حساس آهن. جن اکين سدائين جهڳڙا ٽائيپ فلمون ڏٺيون آهن. انهن کي نيرين اڪ ڦلڙين سان چلولائي ڪنڊڙ مور پکيءَ جو منظر

ناهي موهيندو. بکواس ٻڌڻ جون هيراڪ ۽ خوشبوءِ کان خالي سماعتون بہ بلبل جا گيت سمجهي نٿيون سگهن. اتي ۽ لتي کان اڳتي ڪجهہ نہ سوچيندڙ ۽ سدائين ملڪيت ميڙڻ لاءِ سرگرم ماڻهن جون بي احساس اکيون پڻ موسم جا مزاج پرکي ۽ پروڙي ناهن سگهنديون! جوڳين جا ڪستا، ڪدڙن جون تاڙيون ۽ بنگلن جا ماڻهو بہ بهارن جون ٻوليون ۽ لوليون سمجهي ناهن سگهندا.

جانان ! مون هي خط توکي لاڙ جي ٻهراڙي مان بيدمشڪ جي وڻ هيٺان ويهي لکيو آهي. تنهنجي يادن جا رستا لتاڙيندي، بهارن جي رنگن ۾ ايترو تہ وڃائجي ويس، جو الاءِ ڪهڙن ڪهڙن احساسن جا گونگهٽ لهرايا اٿم. تون بور تہ نہ ٿي آهين نہ! تنهنجي بوريت سڄي ڪائنات کي بور بنائي ڇڏيندي. تنهنجيون مرڪون ستارن کي ڪلائيندون آهن ۽ تنهنجا ٽهڪ هوائن کي رقص ڪرائيندا آهن. تون سدائين مهڪندي رهو، گلن جيان! فطرت توکي ايئن ئي ٽڙندئي ڏسڻ چاهي ٿي.

تنهنجي ريشمي وارن جي ڇانءَ ۾ ٽڪ پيچڻ جو آرزومند

بي چين ساگر

ياسمين خط پڙهي ڪجهہ سوچيو ۽ پوءِ ٻيو خط کولي پڙهڻ لڳي.

مٺي جانان !

شال تنهنجا ڪجل ڀنا نيڻ ڳوڙهن جي دوستي کان ڏُور رهن !

جانان! هڪ خط توکي ڪالهہ لکيو هئم ۽ اڄ وري هي ٻيو خط لکي رهيو آهيان. سوچيان ٿو هي ڪهڙو پيار آهي، جنهن ۾ٻڳو آئون تڙپي رهيون آهيان. هڪ طرفي محبت ۾ ٻڳو خط لکي رهيو آهيان. تنهنجي رد عمل جي بہ خبر نہ اٿم، تون منهنجي خطن جي باري ۾ بہ الاءِ ڇا سوچيندي هوندئين؟! خوف ٿو ٿيئيم تہ متان منهنجي هيءَ محبت صحرا جو سڏ بڻجي رهجي نہ وڃي. ڇو تہ موسمون بہ مٽجي وينديون آهن، چاهتون بہ گهٽجي پونديون آهن، دلبرين جا بہ ڪي دنگ هوندا آهن، پيار جي بہ ڪا پڄاڻي هوندي آهي، نيٺ تہ خوابن جو بہ انت اچي ويندو آهي ۽ واسطن جي واٽ بہ آخرڪار ڪٽي پوندي آهي. جتي زندگيءَ جو بہ ڪو اعتبار ڪونهي، اتي مسافر محبتون ڪيئن سدائين ساڳي رهي سگهنديون!

مون توسان پيار ڪيو آهي، اها ڪا وڏي ڳالهہ ناهي، دنيا ۾ لکين ڪروڙين ماڻهو هوندا، جيڪي ڪنهن نہ ڪنهن سان پيار ڪندا هوندا، پر عجيب ڳالهہ اها آهي جو آئون توسان اهڙو پيار ڪريان ٿو جنهن جي ڪا بہ تشريح ممڪن ناهي. نہ توسان ڪڏهن مليو آهيان ۽ نہ ئي تو مون کي ڏٺو آهي ۽ نہ ئي پنهنجو نالو توکي ٻڌايو اٿم، ڇا اها انوکي ڳالهہ ناهي !؟ منهنجي خيال ۾ هجڻ اهم ناهي هوندو، پر ٿيڻ جي نوعيت ئي هجڻ کي اهم يا انوکو بڻائي ٿي. جيئن ڪنهن باغ مان هنيليون هوائون انب ڇاڻينديون آهن، تہ اها بس عام ڳالهہ هوندي آهي، پر جڏهن ڪوئي بنا اجازت جي انهن لامن کي لوڏي، انب پٽي فرار ٿي ويندو آهي تہ اها ڳالهہ اهم واقعو ٿي پوندي آهي. رات جي خاموشيءَ ۾ سڄي

رات ڪتا پونڪندا رهندا آهن. ڪو بہ خاص ڌيان ناهي ڏيندو پرساڳي ڪتا ڇتا ٿي ڪنهن کي ڏاڙهيندا آهن تہ اها ڳالهہ اهم ٿي پوندي آهي. هفتن، مهينن ۽ سالن جو ليکو ڪرڻ ويهي رهجي تہ الاءِ ڪيترا ڪتا منا گرهہ اسين کائي ويندا آهيون. انهن جو تعداد ڳاٽيتي کان متاهون هوندو آهي. پر هڪ گرهہ اونارن جو يا اٽڪيل هڪ داڻو بہ ڏاڍو ڏکيو لڳندو آهي!ساڳي طرح ڪير ڪنهن کان وڇڙي وڃي ٿو اها ڪا وڏي ڳالهہ ناهي، پر وڇڙي وڃڻ کانپوءِ ڪو ڪنهن کي وساري ڇڏي ٿو اها بنهہ وڏي وارتا بڻجو پوي! پل بہ پري نہ ٿيندڙ ماڻهو ڪڏهن پلجي بہ ياد نہ ڪن. سالن جا ساٿ مجبورين جا محتاج بڻجيو پون. سالن جو صحبتون وقت وسارائي ڇڏي، ڇا اها وڏي ڳالهہ ناهي! ڪنهن کي زخم ڏئي وري پڇجي تہ ڪهڙاحال آهن؟ پرپٺ گلائون ڪجن. منهن تي مٺ مٺ سان دوستيءَ جي دعوا ڪجي- ڇا اها وڏي ڳالهہ ناهي!؟

وعدا وسري ويندا آهن. پيار وسري ويندا آهن. احسان وسري ويندا آهن. اهي اکيون وسري ويندیون آهن. جن جا لڙڪ ڪڏهن ڪڏهن هٿن سان اگهيا آهن!اهي چپ وسري ويندا آهن. جن مان ڇڻندڙ ڳالهيون ڪڏهن گلن جون موسمون لڳنديون آهن. اهي آڱريون بہ وسري وينديون آهن. جن مان لاهي ڏنل ٽڪي جا چلڙا، ڪڏهن لکن جي سوکڙي سمجهيا آهن- بس انسان آهي ئي بيوفا - پنهنجي مالڪ کي بہ وساري ويهي ٿو رهي. سُرهن ناتن ۽ بي عنوان رشتن کي وسارڻ پلا ڪهڙي وڏي ڳالهہ آهي!؟

جانان !؟ الاءِ ڇو تنهنجو پيار منهنجي وجود کي خوشبو جيئن واسي رهيو آهي ۽ آئون احساسن جي انهن رستن تي رلان ٿو جتي پنهنجو پاڻ وسري ويندو آهيان. ڪڏهن پنهنجو پاڻ سان ڳلهايان ٿو ۽ ڪڏهن وري پوڳنا جي عجائب گهر ۾، درد آشنائيءَ جا انوکا تجربا ڪريان ٿو.

جڏهن درد دل مٿان اڇي ويندا آهن ۽ خوابن جا شهر اجڙڻ لڳندا آهن، تہ حسرتون ميلي ۾ وڃائجي ويل ٻهراڙيءَ جي ٻار جيان روئڻهارڪيون ٿي پونديون آهن. پاڻ وندارائڻ لاءِ سپنا ڪلينڪ اڳيان تنهجي ڏنل وجود جو تصور دلآويز ڪندو آهيان ۽ اهي ئي لمحا يادن جي اجرڪ اوڍي من جي هندوري ۾ سمهي پوندا آهن. بس ڪڏهن ڪي سارون انهن کي جاڳائي وجهنديون آهن. يادن جي برسات ۾ اهي لڙڪ لڙڪ تي ڇٽي پوندا آهن ۽ خطن ۾ پوئجي تو تائين پهچندا آهن.

**لکيم تو ڏي لفافي ۾ ڳجهيون ڳالهيون هيون ڪي ڪي**

**لکيم ساري سموريون پر، اڃا روئندي رهيون ڪي ڪي.**

چانڊوڪي رات ۾ ٿر جي پٽن تي بيٺل ڦوڳ جهڙا ڪن لمحن جا پوڳ، الاءِ ڇو جيون جوڳ بڻيا آهن. تہ يادن جون آرسيون ويل وقت جا چهرا ڏيکاري ڪڏهن، اٽپورا سوال پڇنديون آهن ۽ ڪڏهن روئاري، تہ ڪڏهن کلائي وجهنديون آهن. ستارن هينان سمهي جڏهن اڌ رات جي امبر تي نهار وجهندو آهيان

تہ سمورو آسمان يادن جي آرسي ڀاسندو آهي، هر ستارو ڪا سار لڳندو آهي. تون ئي ٻڌائي جانان! اڌ رات جي ڪليل دروازن ۾ ڪتل اکين جا اٽڪيل ۽ سيئڙا ڪتي رکجن ۽ ڪيڏانهن ڪجن !؟

جانان! توسان ملڻ لاءِ دل تہ گهڻي ماندي آهي، پر ڇا ڪجي، ڪي الڪا، ڪي انديشا، ڪي مجبوريون آهن، جن توڪان پري ڪري ڇڏيو آهي.

توکان ڏور هوندي بہ توکي ويجهو

تنهجو بي چين ساگر

***

ٻئي خط ياسمين جي پرس ۾ موجود هئا. هن ڪيستي شاعري ٻڌي هئي. جاسوسي ۽ تفريحي ڊائجسٽ پڙهيا هئا، رشتيدارن ۽ سهلين جا روايتي خط ڏٺا هئا. پر هي خط هن کي بنهہ نرالا محسوس ٿيا، ڪن جملن هن جي سوچ کي جنجهوڙيو هو. ڪن سٽن جا منظر ۽ تاثر، هرهر هن جي اکين اڳيان ڦري رهيا هئا. ياسمين هنن خطن کي منفرد محسوس ڪيو. خط لکڻ وارو گمنام شخص، هن کي الڳ ماڻهو محسوس ٿيو. ياسمين جاڙُوسُجاڻو ۽ لهہ وچڙ ۾ رهندڙ ماڻهن جي متعلق سوچڻ شروع ڪيو هن سوچيو: ”تي سگهي ٿو ڪو چاتل سچاتل ماڻهو اظهار جي سگهہ نہ ساري پري کان تير نشاني تي هڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. “ سڄو هفتو هوءَ مختلف نالن تي سوچيندي رهي ۽ گمنام خط وري وري پڙهندي رهي. گمنام ۽ غيريقينيءَ جي رڻ ۾ رلندي بہ نالا هرهر هن جو ڌيان ڇڪائيندا رهيا، هڪ هن جي سهيلي شگفتہ ۽ ٻيو ڊاڪٽر لونگ. . . !

شگفتہ ڏانهن شڪ وڃڻ جو سبب اهو هو جو شگفتہ هن جي ڇيڳري سهيلي هئي. ڪڏهن ڪڏهن هن سان عجيب ۽ چيڙائيندڙ مذاق ڪندي هئي. هن کي تنگ ڪرڻ ۽ سرپرائيز ڏيڻ شگفتہ جو دلچسپ مشغلو هو. پر ياسمين جي تر ۾ پوسٽنگ ٿيڻ کانپوءِ شگفتہ جو هن سان رابطو ڪٽيل هو. ياسمين سوچيو:”تي سگهي ٿو شگفتہ کي ڪٿان نئون پتو معلوم ٿيو هجي ۽ شگفتہ مذاق طور خط لکيا هجن. شگفتہ جي رائيٽنگ هن لاءِ چاتل سچاتل هئي. پر تي سگهي ٿو هن اهي خط ڪنهن ٻئي کان لکرايا هجن“. گهر جي ڪمري جي بيڊ تي ستل ياسمين سوچيندي رهي. ”شگفتہ خط ڪنهن ٻئي کان لکرايا آهن تہ اهو پڪ سان ڪو وڏو شاعر هوندو. پر اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي تہ اهو هڪ ئي وقت لاڙ ۽ ٿر جون تشبيهون استعمال ڪندو رهي ۽ سپنا ڪلنڪ جو حوالو بہ ڪٿان آيو؟ ۽ وڏي ڳالهہ تہ خطن جي ڪيفيت ۾ شامل هجڻ کانسواءِ رڳو ٻئي جي چوڻ تي اهڙا خط ڪيئن ٿا لکي سگهجن!؟“ ياسمين دل ئي دل ۾ انڪار ڪيو. شگفتہ کي رد ڪرڻ کانپوءِ هن ڊاڪٽر لونگ تي سوچڻ شروع ڪيو. ڊاڪٽر لونگ هن سا گڏ سرڪاري اسپتال ۾ ڪم ڪندو هو. هن سان سدائين

عزت سان ملندو هو. پر هن ڏانهن شڪ وچڻ جو سبب اهو هو جو هو اسپتال ۾ منعقد ٿيندڙ هر تقريب ۾ ڪمپيئرنگ ڪرڻ لاءِ سدائين اڳيان اڳيان هوندو هو. مائيڪ تي روايتي شعر پڙهي ٻڌندڙن کان داد وصول ڪرڻ لاءِ ڪمپئرنگ بابت رايو پڇندو ۽ اڪثر فخر سان اهو ٻڌائيندو هو تہ يونيورسٽي ۾ پاڻ شاعري بہ ڪندو هو ۽ ڇوڪريون هن کان شعر ٻڌڻ جي فرمائش ڪنديون هيون. ڊاڪٽر لونگ اڪثر اخبارن مان لطيفا پڙهي ٻين کي ٻڌائيندو هو ۽ پاڻ ڪلندو هو پاڻ کي وڏو شاعر سمجهندو هو ۽ ٻين مان بہ اها اميد رکندو هو تہ هن کي وڏو شاعر مڃيو وڃي. هن کي ماڻهن کان اها شڪايت هئي تہ سٺن ماڻهن جو قدر ناهي رهيو.

ياسمين سوچيو: "تي سگهي ٿو ڊاڪٽر لونگ سچ پچ وڏو شاعر هجي ۽ هن جي اها شڪايت بجا هجي تہ قدردان مري ويا آهن. بيقدريءَ جي ان خوف کان هن گمنام ٿي خط لکيا هجن. "

ڊاڪٽر لونگ جو وجود، هن اڳيان ڳجهارت بڻجي پيو. هن کي لونگ جي رائيٽنگ ڏسڻ جو ڪڏهن موقعو نہ مليو هو. هن فيصلو ڪيو تہ هو سياڻي ڊاڪٽر لونگ جي اصليت معلوم ڪندي. ٻئي ڏينهن اسپتال ۾ هوءَ جيئن ئي ڊاڪٽر لونگ جي ڪمري ۾ داخل ٿي تہ ڊاڪٽر لونگ ڪو رسالو پڙهي رهيو هو. ياسمين کي ايندي ڏسي هن وڏو ٽهڪ ڏنو. چيائين

"مونکي خبر هئي تہ اوهان ضرور ايندا " ياسمين جو شڪ، پڪ ۾ بدلجي پيو. شرمندگي ۽ ڪاوڙ جي مليل جليل احساسن ۾، هوءَ ڪرسي تي ويهي رهي. ڊاڪٽر لونگ رسالي مان ڪنهنجو قول وڏي آواز سان هن کي پڙهي ٻڌايو "جتي دنيا جي هر طاقت ختم ٿي وڃي ٿي، اتي اهو ڪم لفظ ڪن ٿا".

ياسمين کي پڪ ٿي ويئي تہ ڊاڪٽر لونگ کي پنهنجن لکيل لفظن تي پڪو پروسو هو ۽ هن کي اڳوات خبر هئي تہ مان هن سان ملڻ ضرور اينديس. ياسمين کي ڊاڪٽر لونگ جي تڪبر کان چڙ محسوس ٿي. هوءَ ڪرسيءَ تان اٿي ٻاهر وڃڻ لڳي. ڊاڪٽر لونگ سڏ ڪندي چيو "اوهان جنهن ڪم لاءِ آيا، ان جو پڇڻ بدران جلدي واپس وڃي رهيا آهيو_ ڇو؟". ياسمين کي ڊاڪٽر جو هر جملو طنز جو تير محسوس ٿي رهيو هو. ياسمين ويهہ رهي. ڊاڪٽرلونگ ٽيبل جي خاني مان بہ لفافا ڪڍي ياسمين کي ڏيندي چيو "لفافا ڏايا وزني آهن".

لفافن تي رائيٽنگ بہ گمنام خطن واري ساڳي موجود هئي. ڊاڪٽر لونگ ڪلندي چيو:"هي خط اوهانکي هيڏانهن ڇڪي آيا آهن، نہ تہ اوهان ڪٿي ٿا اچو!"

ياسمين جي صبر جو پئمانو لبريز ٿيڻ لڳو. هن ڪاوڙ ۽ ڪروڌ مان ڊاڪٽر لونگ کي گهوري ڏٺو. ڊاڪٽر لونگ چيو:"ڪالهہ اوهان اسپتال نہ آيا، تپالي اوهان جا خط ڏئي ويو. دائي سليمت اوهانکي ٻڌايو هوندو. مونکي خبر هئي تہ اوهان خط ڪڻڻ ضرور ايندا".

ياسمين جي سڄي ڪاوڙ لهي ويئي. چيائين :"دائي سليمت اڄ موڪل تي آهي. آئون ايئن ئي هلي آيس. سنو ٿيو سهيليءَ جا خط ملي ويا". ڊاڪٽر لونگ چيو:"اوهان جي سهيلي ڊگها ڊگها خط لکندي

آهي. لفافا ڏاڍا ڳرا آهن“. ياسمين ڪلندي چيس:”سهيلي شاعره آهي، ابتيون سبتيون ڳالهيون لکي، ڪيئي صفحا ڪارا ڪندي آهي “.

ڊاڪٽر لونگ سنجيده ٿيندي چيس ”سٺي ڳالهه آهي، آئون به دوستن کي ڊگها خط لکندو آهيان. هي ڏس هڪ دوست کي خط لکيو اٿم. سپاٽي پوسٽ ڪندس“ ياسمين ڊاڪٽر لونگ جو دوست کي لکيل خط ڏسڻ لڳي. جنهن جي نه رڳو رائيٽنگ گمنام خطن کان مختلف هئي. پر پنهي جي انداز بيان، نفاست ۽ اسٽائيل ۾ پڻ زمين آسمان جو فرق هو. ڊاڪٽر لونگ جي لکيل خط ۾عام ٻڌل لطيفا، بي ربط عام ڳالهيون، رسمي دعا سلام، بي سواد شعرن ۽ سڪٽين ميارن کانسواءِ ڪجهه به ڪو نه هو. ياسمين کي پنهنجو پاڻ تي ڪاوڙ آئي ته هن ڊاڪٽر لونگ تي شڪ ڇو ڪيو؟ گمنام خطن کي هن خط سان ڀيٽڻ، لفظن جي توهين محسوس ٿيئس. ان وقت هن کي ڊاڪٽر لونگ ڪجهه نيچ ۽ گمنام خط لکندڙ اجنبي شخص بنهه معتبر محسوس ٿيو.

واپس ايم سي ايچ ۾ سندس ڪمري ۾ اچڻ ڪانپوءِ هن هڪ لفافو کوليو ۽ منجهان ظاهر ٿيندڙ خط کولي پڙهڻ لڳي.

منڙي جانان.........

شال تنهنجي دل دولابن کان بچيل رهي ۽ اکيون پرک جي پيچرن تي هلنديون رهن.

جانان! تنهنجي محبت ۾ مون آئينا پڃي چڏيا آهن ۽ ڪيلينڊر ڦاڙي ڇڏيا آهن. وقت جو احساس به رڳو رات جي پاڇن ۽ سج جي ڪرڻن مان ٿئي ٿو. خبر ناهي اجڪلهه ڪئي آهيان، پر لڳي ٿو اتي ئي اٽڪيو پيو آهيان، جتي سپنا ڪلينڪ اڳيان تنهنجو پهريون ۽ آخري ديدار ڇڏي ويو هئم. وقت جي تبديلي به مون لاءِ رات ڏينهن ۽ موسم جي متا ستا سان مشروط بڻجي پيئي آهي. پر منهنجي پانئڻ نه پانئڻ سان ڪهڙو ٿو فرق پوي، وقت بدلجي رهيو آهي ۽ اها به حقيقت آهي ته بدلجي ويل وقت گهڻو ڪجهه بدلائي ويو آهي. انساني زندگيءَ جا طور طريقا ته بدليا ئي آهن، پر انساني سوچ جا انداز به بدليا آهن. رشتن جون ريتون ۽ واسطن جا رنگ به هاڻي ساڳيا ناهن رهيا. ڏيڻ وٺڻ، ملڻ وڇڙڻ، اچڻ وڃڻ، رُسڻ پرچڻ، چاهڻ ڌڪارڻ ۽ روئڻ کلڻ جا پئمانا به ته ساڳيا ناهن رهيا. بس وقت بدليو آهي! هاڻ ته چنڊ جي چاهه ۾ چاندوڪين سان ياريون رکندڙ نيڻ به بلبن جي مصنوعي روشنيءَ ۾ اهڙا ته گم ٿيا آهن جو، ووڻن جي ڪيترن مٿان لٽل چلولي چاندوڪيءَ جا منظر به ڪين ياد ناهن رهيا! سون روپي جي سوداگر وڻجهارن جي مهانتا جا مثال، اڪائونٽ هولڊرن جي حصي ۾ آيا آهن. پرهه ڦُٽيءَ مهل وڻاٽن ۾ وجندڙ چڙن ۽ چنگن جا سدا سرها آواز ٻڌي جاڳندڙ سماعتون، هاڻ گهنٽين ۽ الارم جي آواز جون هيراڪ بڻجي پيون آهن. ڪير جي ماٽيءَ ۾ گهاٽي لسيءَ مٿان ترندڙ تازي مکڻ جا چس چکندڙ چپن به هاڻ آئسڪريم جي چمچن ۾، ماضيءَ کي وساري ڇڏيو آهي، بس وقت بدلجي پيو آهي! سچائيءَ جي سرهاڻ ۽ خلوص جا خزانا به اهڙا ڪٿا آهن، جو سازشي ذهن ۽ موقعي پرست ماڻهو مهندار

ٻڌجي اڳيان آيا آهن. جن گنديءَ ۾ گرهہ جي هيچ ۾، نہ ڪڏهن رشتن جو احترام رکيو آهي ۽ نہ ئي وري دوستين جا پرم سنپاليا آهن. بيساختگين کي انائن اچي پيليو آهي. رشتن ۾ ملاوٽون رهجي پيون آهن ۽ ايئن دلين جي آرسيءَ ۾ زماني جون سموريون تصويرون ابتيون آهن. پيار جي خوشبو بہ پراڻي ٿي پئي آهي. حرمچ ڪنجرن جي ٽونئرن ۾ ٽانڪيل نگهائون، هاڻ ميڪ اپ جي رنگن ۾ اٽڪيون آهن! رومالن ۾ ويڙهيل ڦوٽن ۽ مصري ٽڙن جا سرها سنيها، هاڻ مارڪيٽ ۾ موجود پاروٽن sms هٿان هارائي گم ٿي ويا آهن. ٽيليفون جي گهنٽين تي منتظر سماعتن، قاصد ڪانگن جي ٻولين تي اعتبار ڪرڻ ڇڏي ڏنو آهي. لازوال محبتن جا شهر، اڌوهي ڪاڏل نقشن جا ڏيک ڏيڻ لڳا آهن. چنچل چاهتون، رنگين جذبا ۽ ستارن جهڙا سندر احساس، بيحسين جي خزان ۾ رلي ويا آهن. اکين جي ٻوليءَ مان جهاتي پائيندڙ صدائون، صحرا جو سڏ بڻيون آهن، اڳي تہ ايئن ڪون هو- بس وقت بدليو آهي!

اُس ۾ ڏوئي سڪايل هلواڻ جي ڪپڙي جيان زماني تہ رنگ متايا آهن، پر پرينءَ جي طلسمي وجود سان ڳنڍيل ول جيان وروڪيل هينئڙي جا اتاولا احساس ۽ انوکيون آسون سدائين ساڳي رهنديون اچن. ميون تا سهڻي ۽ سسئيءَ جهڙين چاهتن جي تجديد ناهي ٿي، پر اڄ بہ الائي تہ ڪيترين لٽايل جوانين جي، جلايل اکين جون ڦٽايل ننڊون، جدائيءَ ۾ جلن ٿيون ۽ پرينءَ جو پچن ٿيون. ساوڻي رُت ۾ پوڏيسر جي پونءُ تي مورن جي درديلي پڪار ۾ پرين جي پچار اڄا بہ ٻڌجي ٿي. اجان بہ چانڊوڪين ۾ وهنتل لاڙي راتين ۾، چنڊ ۽ چڪور جون رهاڻيون رچن ٿيون ۽ محبتون مچن ٿيون. سپنن جي وستين ۾، پرين جي پوڄاري هستين جون سونهن شناس اکڙيون، ستارا ڳڻين ٿيون ۽ سارين جهڙا انتظار چڙين ٿيون. اڄ بہ پرديسي پرينءَ جي سڪ ۽ ملڻ جي چڪ ۾ چانڊوڪين جا ٿهڪ ۽ ڇهڪ، سوجهاڪن تائين اوجاڳن ۾، ڪنڍن جي سيج سجائين ٿا. ممنوع محبت ۾ پروان چڙهيل بيچين جذبا، چوٽيءَ جي ڳجرن ۾ قابو ٿيل زلفن جيان بيوس بڻيل آهن! چلن تي وڪاميل دليون ئي ٻڌائي سگهن ٿيون تہ سازِ ۽ آواز جي سرهاڻ ڇا ٿيندي آهي!؟ حساس سماعتون ئي سمجهن ٿيون تہ ڪنهن وڇڙيل ڪونج جي ڪرڪ ۽ ساوڻي رت ۾ تر جي ڪنهن اڪيلي پٽ تان هوائن ۾ وکريل بانسريءَ جو درد فطرت جي ڪهڙي چغلي آهي!؟ رات جي پوئين پهر، ڪومل پيير جي ڇير جو چمڪو ۽ ڪٽڪ رنگين ٻانهنُ جي ڪنگڻ جو چمڪو، آخر ڪهڙو راز آهي؟ پنل پهرن ۾ پرينءَ جي وڳي جي هڳاءُ سان گڏ، بي ترتيب ساهن جو سرگم ڪهڙي ڪهاڻيءَ جو عنوان آهي!؟ ڪينجهر ڪنڌيءَ تي ڪوئل جي منڙي لات ۽ اڪ ڦلڙين مٿان پونئرن جي جهنڪار ڪهڙن سُرن جو ردهم آهي؟ پر اهو سڀ ڪجهہ اهي سماعتون وساري ويهنديون آهن، جيڪي ٻهروپي آواز کان دوکو کائي ويهنديون آهن. جن جي صدمن ساٽي دل ۾ وقت رڳو حسرتن جون تربتون ناهي ويندو آهي. بس اٽڪُت انتظار ۾

جاڳي گهاريل راتين جا اوجاڳا، ڪڏهن ڪڏهن پڇندا آهن. "ڇا پائي پراٺا ڪيل ڪپڙن جيان پيار ٻہ بدلائبا آهن. "

منڙي جانان! تون منهنجي روح ۾ رچي ويئي آهين. تنهنجو حسن منهنجي احساسن ۾ پيوند ٿي پيو آهي. تنهنجو جوڀن منهنجن جذبن کي جنجهوڙي رهيو آهي. سوچيان ٿو تہ تون منهنجي اڻٽانيڪي تصور جي دريافت آهين تہ پوءِ هي اڻ منزلي مهم ڇا لاءِ!؟

تنهنجي ياد ۾ پاڻ وساريندڙ_ تنهنجو بي چين ساگر

ياسمين خط جون آخري سٽون ٻيهر پڙهيون ۽ پوءِ ٻيو خط کولي پڙهڻ لڳي

منڙي جانان !

شل تنهنجن نيڻن منجهہ بهارن جا سپنا سلامت رهن

ڪالهہ توکي هڪ خط لکيو هئم، پر پوسٽ ٿي نہ سگهيو. اجوکي خط سان گڏ پوسٽ ڪندس، الاءِ ڇو جيستائين خط پوسٽ نہ ڪندو آهيان، تيستائين لفظ اُمازيون ڀڄي ڏنيپندا رهندا آهن. اڻ پوسٽ ٿيل ۽ اڻ اظهاريل لفظ مون لاءِ وڏو عذاب هوندا آهن! عذاب تہ بنهہ گهڻا آهن، آخر ڪهڙا ڪهڙا توسان شيئر ڪجن؟ هڪ اهڙي منافق دئور اسانجي حياتيءَ جي ڇيچ جهلي آهي، جڏهن رشتا، رشتا نہ رهيا آهن. دليون دماغ جون محتاج ٿيون آهن. دوستيءَ جا ڍنگ ۽ پيار جا رنگ ٻہ تہ ساڳيا نہ رهيا آهن. خلوص جي کوٽ ۽ سچائيءَ جي ڏڪار ۾ دل جي ڌرتيءَ مٿان احساسن جا کوهنڊير ۽ جذبن جون پپون ٻہ سُڪنديون رهيون. مصروفيتن جي نالي ۾ ماڻهن وٽ خط لکڻ جيترو وقت ٻہ ڪون بچيو! درن تي اٽڪيل جهاتين ۽ محبوب ملاقاتن جا لمحا، اوبلين انائن پيلي ڇڏيا. اهو سڄو تماشو امبر تي رُلندڙ چنڊ ڏسندو رهيو. پر نہ پيار جي باغيچي کي پاڻي مليو ۽ نہ ئي دل جي ڌرتي سيراب ٿي سگهي. ٻيو تہ ٺهيو ڇاتل سچاتل هجتي لبن وٽ سرخي سجائڻ لاءِ تہ وقت موجود رهيو پر ڪنهنجو حال پُڇڻ جيترو وقت ڪونہ بچيو! اسان تہ زندگي کان ڪجهہ ٻہ ڪونہ گهريو هو پر زندگيءَ اسان کان بنهہ گهڻا مطالبا ڪيا. هونئن ٻہ لڙڪن ڪانسواءِ زندگيءَ کي ڏيڻ لاءِ اسان وٽ ڪجهہ ٻہ ڪونہ هو! اهي لڙڪ جيڪي ڪڏهن ڏوراپو بڻجي ڳلن تي آيا، ڪڏهن اڌوري ڪهاڻي بڻجي مٽيءَ ۾ ڇڻندا رهيا ۽ ڪڏهن وري منو منو درد بڻجي دل جي درن تي دستڪ ڏيندا رهيا. اسين تہ ڪچڙي ننڊ جا اهي خواب ٻڌياسين، جن جي ڪابہ ياد ٻہ باقي ناهي رهندي. اسين انهن اُجڙيل تربتن جي مٽي ٻڌياسين، جن کي ڪوبہ مجاور ناهي ملندو. اسين روهيڙن جا اهي گل ٻڌياسين، جيڪي صحرا ۾ ڦُٽا ۽ رڳو ٻڪرين کاڌا. نہ ڪڏهن حالتن اسان سان رعايت ڪئي ۽ نہ وري اسين ڪڏهن حالتن سان نهي سگهياسين. ايئن ٻہ نہ هو تہ ڪو خوشين اسانجا اڱڻ ڪو نہ چميا پر اسانجون خوشيون ٻہ عارضي هيون، بلڪل ايئن جيئن ٽوهرن جي تارين تي پلجي ويهندڙ پکي، جلدي اڏامي ويندا آهن، جيئن وسندڙ بارش ۾ پاڻيءَ جا ڦوٽا تڪڙا ٽٽي پوندا آهن، جيئن آڪاش تان گذرندڙ جيٽ جهازجو ليڪو ڪن پل ۾ وکري

ويندو آهي ۽ جيئن طوفان ۾ ٻاريل ڏيئا جلد ئي وسامي ويندا آهن. ايئن اسانجون خوشيون به عارضي هيون. ايترو عارضي، جيترا اسانجا سهارا! ماضيءَ جو ليڪو چوڪو ڪرڻ ويهون ٿا ته، اڻ پورڻا جو پنڌ، اڌورا زخم آڇي ٿو. پر پوءِ به اسان انهن اکين کي سلام ڪرڻ وساريو ناهي، جن اکين ڳوڙهن سان ناتا نڀايا آهن. جن پرک جي پيچرن تي حسن جي چيچ جهلي، بي منزل نگاهن جا رولڙا ڪيا آهن! جيئن سونارو سون مان ٽڪبو ناهي، جيئن مور جو مينهن ڪٽين مان ڏئو ناهي ٿيندو. جيئن سخيءَ جي دل ڏيڻ مان ناهي ٽڪبي ۽ جيئن سيلاني پيرن جي آس، پرديس جي پنڌ مان ڪڏهن به پوري ناهي ٿيندي، بلڪل ايئن حسن جون هيراڪ اکيون، محبوب منظرن مان ڪڏهن به ٽڪبيون ناهن. چو ته جيئن موسيقي روح جي غذا هوندي آهي، ايئن سونهن پرست اکين جي غذا، دلڪش نظارا ئي هوندا آهن. جن جو ڪجل انهن البين اکين جي دنيا کي آباد رکندو آهي. نرمل نيڻن جا نياپا سمجهندڙ نيڻ، سونهن جي سنسار مان مسحور منظرن جا موتي، ايئن ڳوليندا آهن، جهڙوڪر ڪنپيون چُنديندڙ ڪولهي پارڙا !

هر ٻانهن ۾ چوڙيون ناهن سونهنديون. هر نڪ، ڦليءَ جي سينگار سان سهڻو به ناهي لڳندو! پيرن تي پٽوريون ناهن اوڏائيبيون ۽ نه ئي مَڪار سياستڪارن تي هاريل گل، ڪڏهن گلدستي جو ڏيک ڏيندا آهن. بس ايئن ئي ڪجل هرڪو پائيندو آهي، پر اک، اک جو قير ضرور آهي! هر دل درد آشنه ناهي هوندي ۽ هر اک حسن شناس به نه ٿي هجي. بس ڪي اکيون ئي هونديون آهن، جيڪي حجابي نگاهن مان ڦٽندڙ پيار ۽ پنهنجائپ جي ڪٽ ڪري سگهنديون آهن. حسن جي دلبريءَ جو وجود پارکو اکين سان ئي مشروط هوندو آهي. اهو حسن ڪهڙي ڪم جو جيڪو شاعرانه نظرن کان به روپوش رهجي وڃي! ٿري روهيڙن جا اهي گل، جن کي اُٺ ڪائيندا رهن، پر مالها ۾ پوئجي ڪنهن گلدستي جو سينگار نه بڻجڻ، اهي ته ان اٽجهل جوڀن جيان هوندا آهن، جيڪو سڃي ڄمار پرهيزگاريءَ جي چوديوارين جي اذيتناڪ خاموشي ءَ ۾، پنهنجو پاڻ کان لاجواب سوال پڇي پڇي نيٺ پوڙهو ٿي پوندو آهي!

ساونڻي رت جي جُهڙڦُڙ جهڙالي صبح ٽاڻي، ٻانورن بادلن جي چمڪيلين چوٽين تان اندلٺ جون چلولايون به، ڪي ڪي نيڻ تجسس مان ڏسندا آهن. ڪارونجهر جي ڪور تان اڌ رات جي اُيرندڙ نماني چنڊ جو اوسيڙو به، ڪي ڪي اکيون ڪنديون آهن. پن ڇڻ جي اداس شامن ۾ بيد مشڪ جي لامن تان لهندڙ سج جو پيلڙو چهرو به، ڪن ڪن نگاهن کي البيلايون ارپيندو آهي. گلابي چهرن تي جوانيءَ جي نشاني بنجندڙ مست موهيڙن مٽان به، ڪي ڪي اکيون اٽڪنديون آهن. بس ڪي ڪي نيڻ ئي هوندا آهن، جيڪي جيون جي راهن تي حسن جو هٿڙو جهلي دل جي دنيا سينگاريندا آهن.
تنهنجي چوٽيءَ جو گل ٿيڻ لاءِ بيقرار _ تنهنجو بيچين ساگر

ياسمين ٻنهين خطن کي پرس ۾ رکي ڇڏيو. ان وقت هن کي  پنهنجن ضديلن هٿن سان فاڙيل پهرئين خط تي ٻنهه گهڻي  پيشماني ٿي رهي هئي. هوءَ بي ساخته اُٿي وڃي دريءَ وٽ بيٺي. هن کي خبر هئي ته قاتل خط جا ٽڪرا، هوائون اڏاري ويون آهن. پر پوءِ به هن دريءَ کان ٻاهر حسرت آميز نگاهه وڌي ۽ واپس ڪرسيءَ تي اچي ويٺي. گمنام خط لکندڙ اجنبي شخص، سواليه نشان بڻجي هن جي سوچ ۾ اٽڪيل رهيو. هوءَ واپس گهر آئي تڏهن به اجنبي شخص متعلق سوچيندي رهي. ان سوچ ۾ انيڪ سوال، وسوسا ۽ مٺا مٺا درد چنبڙيل هئا. پر نه ڄاڻ ڇو؟ ياسمين جي اها سوچ ڪيس اُٺجاتي  خوشي اربي رهي هئي. نه رڳو اجنبي شخص جو اڻ ڄاتو تصور، هن جي مٿان ماڪ جيئن ڇانئجي رهيو هو. پر گمنام خطن جون ڪي سٽون، ڪي جملا ۽ ڪجهه لفظ، هن کي هر هر خيال ۾ تاثر جي انوکي بارش ۾ ڀڄائي رهيا هئا!

آڌيءَ رات جو جڏهن بجلي هلي ويئي ته، هوءَ اڱڻ تي کٽ رکي ليٽي پيئي "هن جا به ننڍڙا ڇوڪرا پوڙهي پيءَ جي پاسي ۾ وراندي منجهه ستل هئا. چانڊوڪيءَ جي نرم ۽ ٿڌي چني ڌرتيءَ مٿان اوڇيل هئي. ياسمين چتائي چنڊ کي ڏسڻ لڳي، جيڪو آڪاش جي رڻ ۾ اڪيلو بيٺل هو. هيستائين پهتل گمنام خطن ۾چنڊ، چانڊوڪي ۽ ان مناسبت سان موجود تشبيهون، هن جي هانءُ ۾ هر هر ڪتڪائي ڪرڻ لڳيون. چنڊ ۽ چڪور جي نرالي ناتي متعلق هن اڳي به ٻڌو هو پر اڄ هن کي ٻنهي وچان موجود دوري ۽ چنڊ جي لاحاصل وجود جو احساس شدت سان محسوس ٿيڻ  لڳو! چنڊ کي هن اڳي به ڏٺو هو پر گمنام خط پڙهڻ پڄاڻا  هن جي تصور جنهن رنگ ۾ رڱيل هو ان ۾ اڄ چنڊ جو وجود، هن لاءِ بلڪل ڌار محسوسات ۽ محظوظات کڻي، اندر ۾ اڻ تڻ مچائڻ لڳو هو. ننڊ  هن جي اکين کان ڏور هلي ويئي هئي. آڌي رات جو شبنمي ڇهاءُ ۽ پنل بستري جا چلولا احساس، هن جي بدن مان سسڪارا سوريندا رهيا. لُونءُ لُونءُ ڪاندارجڻ واري ڪيفيت ۾، گمنام خطن جي لکاري اجنبي شخص جي اڻ موجودگيءَ جو احساس، هن کي تڙپائيندو رهيو. پاسا ورائيندي چنڊ کي ڏسي هوءَ سوچيندي رهي:

"هن وقت تي سگهي ٿو هو به ڪٿان چنڊ کي ڏسندو هجي. جيئن مونکي هن جي  مبهم ياد تڙپائي رهي آهي، ايئن ٿي سگهي ٿو ته هو به مونکي ياد ڪندو هجي!".

ياسمين کٽ تان اٿي اڱڻ تي هلڻ لڳي. وراندي ۾ ستل پوڙهو پڪيو: "اندر مڇر لڳن پيا، مونکي به ننڊ ڪو نه ٿي اچي ". ياسمين سندس ها ۾ ها ملائيندي، ٻاهر رکيل دلي  پرسان وڃي بيٺي. دلي مان لڳا تار به گلاس پاڻي جا ڀري پيئڻ کانپوءَ، واپس اچي ليٽي پيئي. پر سندس اکين ۾ ننڊ  وچان وڇوٽي موجود رهي. اجنبي شخص کي هن ڪڏهن به نه ڏٺو هو پر پوءِ به خطن وسيلي هن جي چاهت خوشبو جيان هن جي اندر ۾ اوتجي رهي هئي. هن کي سمجهه ۾ نه پئي آيو ته هن جو پيار ڪهڙي ڏاڪي تي پهتو آهي. پر لاشعوري طور هوءَ اجنبي شخص کي چاهڻ لڳي هئي. هن جا خط وري وري پڙهندي، سڄو ڏينهن هن جي باري ۾ ئي سوچيندي هئي. سندس اها ڪيفيت هن پاڻ لاءِ به واضح نه هئي، هڪ پاسي

هن کي، نالو لکائي گمنام خط لکي، ايترو ديده دليري سان پيار جون گستاخيون ڪندڙ شخص تي ڪاوڙ هئي، جو هوءَ پنهنجي ظاهري انا جي تسڪين خاطر، هن کان انتقام وٺڻ جا پوهه پچائيندي هئي، تہ ٻئي طرف اجنبي شخص جا خط هن کي وڻندا هئا. لفظن مان ظاهر ٿيندڙ هن جي شخصيت جا ڪجهه پاسا کيس متاثر ڪري رهيا هئا. ٻنهين متضاد ڪيفيتن مان پوئين ڪيفيت، گذريل ڪجهه ڏينهن کان هن مٿان حاوي ٿي رهي هي. طلاق ڪانپوءِ هن اڳيان بي معنيٰ بڻجي پيل پنهنجو وجود، وري نئين اتساهه سان اڳيان اچي رهيو هو. هوءَ سوچيندي هئي:"ڪو تہ آهي، جيڪو پرپٺ مونکي چاهي ٿو. مون لاءِ لکي ٿو. مون لاءِ تڙپي ٿو ۽ مون لاءِ سوچي ٿو". اڻ ڏٺل شخص، هن وٽ پنهنجي بي پناهه محبت جو يقين ڏيارڻ ۾ تہ ڪامياب ويو ئي هو. پر گڏوگڏ عورتاڻي نفسيات جي انهن ڪمزورين کي فوڪس ڪندي، هنجي بدن جي حقيقي خوبين جي تعريف، دلچهندڙ لفظن ۽ تشبيهن سان ڪئي هئائين، تہ هو اڏ ڪلاڪ آئيني کان پري ٿي نہ سگهي هئي. اڻ ڏٺل شخص جا خط هن کي احساسن جي انهن محبوب وادين ۾ آڻي بيهاريندا هئا، جتان ڪيئي مسرور منظر هنجي اندر ۾ انوکي هلچل مچائيندا هئا. ۽ هن جي انهن ڪيفيتن سان آشنائي ٿيندي هئي، جيڪي هيستائين هن جي اندر ۾ هوندي بہ هن کان لڪيل هيون. اڄ هوا هن لاءِ رڳو گرمي گهٽ ڪرڻ جو نالو هو پر هاڻي صبح جي هوا ۾ هن لاءِ عجيب احساس اوتيل هئا. اڳي اونداهي رات، هن کي بي معنيٰ پاسيندي هئي، پر هاڻ امبر تي ستارن جي سيج، هن لاءِ بامعنيٰ بڻجي پيئي. اڳي بهار جو تصور، هن وٽ گرمي، سرديءَ جي گهٽتائي ۽ وڻ ڦوٽ کان اڳتي ڪجهه بہ ڪو نہ هو. پر هاڻ بهار جا ڪيئي رنگ، هن جي ڪيفيت ۾ اتڪي پيا هئا! هن جي 28 سالن جي زندگيءَ ۾ پهريون دفعو پيار جي انوکي ڪيفيت، گونگهٽ لاهي پنهنجو چهرو ڏيکاري رهي هئي ۽ گمنام خطن جا البيلا لفظ، هن جي دل _دڙي ۾ ڪجهه نہ ڪجهه کوٽي رهيا هئا، جتان دريافت ٿيندڙ احساسن جا آثار، هن پاڻ لاءِ بہ حيرت انگيز هئا. !

***

# اداس ڇوڪريءَ ۾ پُرفريب ڪيفيتون

هوءَ پنهنجي آفيس ۾ موجود هئي. دائي سليمت هنکي پاڻيءَ جو گلاس آڻي ڏنو. هن يڪ ساهيءَ ۾ گلاس خالي ڪيو. گمنام خطن متعلق سوچڻ لڳي. ٻه هفتا گذري چڪا هئا, ڪو ٻه خط نہ آيو هو. هن کي گمنام خطن جو بي چينيءَ سان انتظار هو. هن سوچيو:"هر هفتي هن جا ٻه خط پهچندا آهن پر پويون هفتو ٻہ ڪورو گذري ويو. هي هفتو ٻہ پڇاڙيءَ تي پهچي پيو پر هن جو ڪو ٻہ خط ناهي آيو. ياسمين جي بيچيني وڌندي رهي. هن سوچيو: "تي سگهي ٿو اجنبي شخص خط لکڻ بند ڪري ڇڏي !" خطن جي بند ٿيڻ جو تصور, هن لاءِ عذيتناڪ هو هن ٻئي هٿ متي تي رکي ڇڏيا. دائي سليمت هن جي پرسان اچي بيٺي, پريشانيءَ مان پڇيائين: "باجي اوهان ڪجهہ پريشان لڳي رهيا آهيو۔ ڇا ٿو ٿئي ؟" ياسمين متي تان هٿ لاهيندي, وراڻيو: "ڪجهہ ناهي, متي ۾ هلڪو سور اٿم" هن اصل ڳالهہ لڪائڻ لاءِ پرس مان زينيڪس گوري ڪڍي, پاڻيءَ سان ڳڙڪائي ڇڏي. خيال آيس :"تي سگهي ٿو ٽپالي ايم ايس آفيس ۾ ڊاڪٽر لونگ يا ڪنهن ٻئي کي خط ڏيئي ويو هجي". خيال آيس: "دائي سليمت کي مردانہ وارڊ ڏانهن موڪلجي, خطن جي پڇا ڪرائجي". پر جلد احساس ٿيئس تہ ايئن هوءَ اجايو بين جي نظر ۾اچي ويندي ۽ ڪنهن نہ ڪنهن جو ڌيان لاڳيتو ايندڙ خطن ڏانهن ڇڪجي سگهي ٿو. هن بيزاريءَ مان ڪرسيءَ تي پاسو ڦيرايو. ڪيس خبر هئي تہ هن شهر جي ماڻهن ۾ ڳالهين جا ڏڙا اڇلائڻ جي عادت هئي ۽ ننڍڙيون ننڍڙيون ڳالهيون وڏا اسڪينڊل ٺهندي دير نہ ڪنديون هيون. ان ڪري هن احتياط ۽ هوشياريءَ سان خطن وارو معاملو هيستائين لڪائي رکيو هو پر اڄ هوءَ خطن جي انتظار ۾ بي چين ٿي رهي هئي, ۽ اهڙيون ئي ڪيفيتون, عشق کي مشق جيان ڊسڪور ڪري وجهنديون آهن. ڪيس ڊپ هو تہ متان وچان ڪٿان, خط اغوا نہ ٿي وڃن. هن مرداني وارڊ ۽ ايم ايس جي آفيس مان چڪر لڳائڻ جو فيصلو ڪيو. "ڪنهن کي خط مليا هوندا تہ مونکي ڏسي ڏيئي ڇڏيندو". هن دل ئي دل ۾ سوچيو ۽ ڪرسيءَ تان اٿي ڪمري کان ٻاهر نڪرڻ لڳي. سامهون ايندڙ ٽپالي تي نظر پيئس تہ اڇهل خوشي جي لهر, هن جي جسم ۾ برقي ڪرنٽ جيئن ڊوڙڻ لڳي. پر هن پاڻ تي ضابطو رکي, ٽپالي کي نظر انداز ڪري ڇڏيو. ٽپالي هن کي سڏ ڪندي چيو:"ميڊم اوهان جا خط آهن" هوءَ بيهہ رهي. ٽپالي ٻہ لفافا ڏيئي هليو ويو. هوءَ واپس ڪرسي تي ويهي, لفافا کولي خط پڙهڻ لڳي

منڙي جانان

شال تنهنجي دل جي بدن ۾ زماني جو ڪو ڪنڊو نہ لڳي !

جانان! هونئن تہ توکي هر هفتي ہِ خط لکندو آهيان. پر پوئين هفتي توکي خط لکي نہ سگهيس. ان جو سبب، بي رحم مصروفيتن جي ستم ظريفي هئي. بهرحال اڄ توکي وري خط لکان پيو. جنهن کي ڪالهہ لکيل خط سان گڏ اڄ پوسٽ ڪندس. جلد تو تائين پهچندا. هڪ هفتي جي غير حاضري معاف ڪجان. فقيرن تي مياروں ڪون ڪبيون آهن. حالتن هٿان مجبور ٿي پيل ماڻهو وڇڙي وڃڻ جا ويلا ۽ وري ملڻ جو تاريخون ياد رکي ناهن سگهندا. اکين سان اکيون ملڻ باوجود بہ هڪ ٻئي کي ڏوراپو ڏيئي ناهن سگهندا. سڪي ويل وڻن جون ڌاريون پکين سان شڪايتون ناهن ڪنديون. اجڙي ويل شهرن جون ديوارون، سيلانين کي مياروں نہ ڏينديون آهن. ساڳي طرح دل جي ڌرتي جڏهن برباد ٿي پوندي آهي تہ، سنگدل صنم کان بربادئَ جو ڪارڻ نہ پڇندي آهي. مري ويل مسرتن ۽ رهجي ويل حسرتن جا حساب ڪتاب تہ پيار ۽ پنهنجائپ ۾ ڪبا آهن. ٽٽي پيل ناتن ۾ تہ پيار جي ڪاتن جا پنا بہ ڦاٽي پوندا آهن. آئينا پٽ تي ڪري ٽٽندا آهن تہ ڇڻڪو ٿيندو آهي، ڌرتي گرم ٿيندي آهي تہ، زلزلا ايندا آهن ۽ دريا سڪي ويندا آهن تہ، مٽي اڏامندي آهي، پر جڏهن دل ٽٽندي آهي تہ ڪو بہ طوفان ناهي ايندو. بس رڳو درد جي راڪ بڇندي آهي، جيڪا نہ ڏيڻ جهڙي ۽ نہ ئي وٺڻ جهڙي!

جانان تنهنجي پيار ۾ عجيب ڪيفيتن کي ڦلورڻ لڳو آهيان، ڇا سوچيان ٿو؟ ڇا لکان ٿو؟ مون پاڻ کي خبر نہ ٿي پئي. تنهنجي اڌوري عشق جي اُڻ تُڻ ۾ تصور جي ريت مٿان ڪيئي چٽ چٽيندو آهيان ۽ وري ڊاهيندو بہ آهيان، تون تہ ناهين، تنهنجيون يادون آهن. هونئن بہ جڏهن وقت گذري ويندو آهي تہ پويان رڳو يادن جا کنڊر باقي رهجي ويندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن سنگسار خوابن جا مقبرا، ان اڌوري عشق جي ڪهاڻي ياد ڏياريندا آهن، جيڪو عشق، ڪڏهن ڪڏهن زماني جي خاردار راهن تان هلندو آهي، ڪڏهن ڪنهن بانوري بادل جو ٿهڪ بڻجي نيري امبر تي نچندو آهي. ڪڏهن اجڙيل بستين جي روح جو سڏڪو بڻجي، ويران رستن تي وڇائجي ويندو آهي. بس اڌوري عشق جي اڻ تڻ وسري بہ ناهي وسرندي. جيئن ڪن وڻن جون ڄمارون سالن نہ پر صدين تي مشتمل هونديون آهن. ساڳي طرح لازوال عشق بہ وقت جي قيد کان مٿاهون هوندو آهي. جيئن پريت جا پنڌ ڪنڌڙ پکين ۽ مسافر اکين جا ڪي بہ نڪاٽا نہ هوندا آهن، ايئن پيار جي ڪا بہ تشريح ناهي. بس اکيون اٽڪنديون آهن، تہ دليون پٽڪنديون آهن. پيار جي ٻولي اکيون سمجهنديون آهن ۽ اندر جا اٿجهل جذبا، درد جي دلبريءَ کان آشنہ ٿي، ڪيفيتن جا اهي ورق ڦلورڻ لڳندا آهن، جنهن ۾ ڪو ڪنهن کان پري هوندي بہ ويجهو هوندو آهي! سمونڊن ۾ لڙ ناهن ٿيندا، جبلن کي ڪلر نہ لڳندو آهي. ستارن کي سلهاڙ ڏيئي نہ سگهبا آهن ۽ چنڊ تي دز بہ ناهي چڙهندي، ساڳي طرح لازوال عشق جي گلشن کي وڇوڙن جون خزائون اجاڙي نہ سگهنديون آهن. ڪير ٿو چوي تہ پيار پوڙها ٿي پوندا آهن؟ ڪير ٿو چوي تہ جدائيءَ ۾ جاڳندڙ اکين کي ننڊ اچي ويندي آهي؟ ۽ ڪير ٿو چوي تہ وقت جو ٻهارو يادگيرين جون تصويرون بہ ٻهاري ويندو آهي !؟

جڏهن توکي ڏٺو هئم، ته توسان ڪنهن بي عنوان رشتي جو احساس اکيون مهٽي اٿي پيو هو. پر جڏهن کان باقاعدگيءَ سان توکي خط لکڻ لڳو آهيان، ته اهو رشتو وڌيڪ گهرو ٿيڻ لڳو آهي ۽ هاڻي ته هر جذبي ۾ ڪا ئي نرالي ڪشش ۽ اڻ ڇاتي خوشبوءِ ليٽڻ لڳي آهي. ايئن جيئن وڻ ڦوٽ رت جي هنن مهڪندڙن راتين ۾، ٽر جي نفيس واريءَ مٿان ڦوڳ جي ڪنهن اداس پاڇي ۾، ڪو بي جوڙ ڪاريهر ليٽڻ لڳندو آهي، يا وري لاڙ جي هڳاءُ هاڻي چاندوڪيءَ ۾ ڪوئي بانسري وڄائيندو آهي. ڇو ته ڪيس اهو الڪو هوندو آهي ته جيڪو چلڙو هن گلاب ٻوٽي مٿان رکيو هو اهو پرينءَ تائين پهتو به يا الاءِ نه؟ اهڙا ڪومل رشتا اڪثر فرش تي ڪريل شيشي جي گلاس جيان ٽٽي پوندا آهن. بلڪل ايئن جيئن پوئين پهر جا خواب اکين ۾ ٽٽي پوندا آهن. جيئن جهنگ جا ڪنڊا هاريءَ جي هٿن ۾ جهري پوندا آهن ۽ جيئن پهريون دفعو عشق جو اظهار ڪندڙ عاشق جا لفظ شرميلن چپن تي وکري پوندا آهن. پر ڪي نظارا ته اکيون ٻوٽي به پسي سگهجن ٿا. ڪي لفظ ته، خاموش رهي به ڳالهائي سگهجن ٿا. ڪي نياپا ته، نه ڏيئي به ڏيئي سگهجن ٿا ۽ ڪنهن کان دُور رهي به، ڪنهنجي بدن جي خوشبوءِ پري کان جهٽي سگهجي ٿي!

توسان ڳالهيون ڪندي پيار جا ٽڪ لهي پوندا آهن. تڏهن ئي ته ڍگها خط لکندو آهيان. ڪا خبر ناهي ته منهنجا خط پڙهي، تون ڇا سوچي رهي آهين؟ اها به خبر ناهي، ته منهنجي پيار جي متعلق تنهنجو رايو ڇا آهي؟ منهنجي خطن کي، تو دل ڪٻٽ جي ڪهڙي خاني ۾ رکيو آهي؟ منهنجي پيار جو اظهار غير روايتي آهي، منفرد آهي ۽ منفرد شيون ايترو جلد قابل قبول نه ٿيبيون آهن. اهي يا ته رد ٿينديون آهن يا وري انهن خلاف سازشون ۽ بغاوتون ٿينديون آهن! بهرحال آئون مطئمن آهيان ته، مون منهنجي پيار جا احساس تو تائين پهچائي ڇڏيا آهن. اها تنهنجي مرضي آهي ته تون انهن کي ديواني جو خواب سمجهي لتاڙي ڇڏين ٿي يا وري انوکي محبت جي منفرد اظهار کي مثبت موٽ ڏيئي، دل جي ان گلدستي ۾ سجائين ٿي، اها ئي آس، جنهن ۾ اهي ڍگهو پنڌ ڪري تو تائين پهتا آهن!

غير يقينيءَ جي صليب تي لٽڪيل _ تنهنجو بيچين ساگر

ياسمين خط پڙهي سوچيو: ”چريو اجنبي اجايو شڪ ڪري رهيو آهي، محبت ڪري ٿو ته سامهون ڇو نٿو اچي؟“ هن پنهنجي ساءِ سوچيو. پر هن کي احساس نه هو ته اجنبي جن حالتن مان خط لکي رهيو هو ۽ جن فاصلن هن کي روڪي رکيو هو. اتان بدگمانيون ڦُٽڻ ته فطري عمل هو. ياسمين ٻيو خط کولي پڙهڻ لڳي.

مٺي جانان.......

شال تنهنجن لبن جا سُرندا ٽهڪن جا سرگم ڇيڙيندا رهن!

جانان! آئون توکي اڄ ان سانوري ڇوڪريءَ جي متعلق ٻڌائڻ چاهيان ٿو. جنهن هڪ طرفي محبت جا زخم سنا آهن ۽ جنهن جو بارشن جهڙو پيار، پهاڙن تي وسي ضايع ته ٿيو آهي، پر صحرا جي سڪ

تائين پهچي ناهي سگهيو. هن به هڪ سال اڳ ان چريائيءَ جي شروعات ڪئي هئي. جيڪا شايد اڄڪلهه آئون توکي بيمقصد خط لکي ڪري رهيو آهيان. آئون لاڙ جي جنهن ڳوٺ ۾ رهان ٿو اتي جي اسڪول ۾ ڏيڍ سال اڳ سلمه نالي ماسترياڻي بدلي ٿي آئي هُئي. علمي ادبي شوق، هن کي منهنجي ويجهو ڪهيلي آيو هو. اسانجون اڪثر رهاڻيون ادبي نوعيت جون هونديون هيون. پر اڳتي هلي مون محسوس ڪيو ته هُوءَ مون ۾ دلچسپي وٺي رهي آهي ۽ وقت سان گڏ اسانجو تعلق گهرو ٿيندو رهيو. منهنجي زندگيءَ جا چند حسين پل به ساڻس گڏ گذريا آهن ۽ هن طرفان لکيل محبتي خطن جي موٽ ۾، مون به ڏگها خط کيس لکيا آهن. پر حقيقت اها آهي ته ان تعلق کي آئون اڄ تائين پيار جو نالو ڏيئي نه سگهيو آهيان. ڇو ته منهنجي ذهن ۾ جنهن محبوبه جو تصور آهي، ان تي سلمه پورو لهي نه سگهي آهي. هن جي سيرت صدا بهار آهي، پر هن جي صورت ۾ جيڪي نقش، آئون ڳوليان ٿو اهي منجهس ناهن. تڏهن سوچيان ٿو هر انسان جي اندر ۾ محبوب جو تصور اڳواٽ ئي لکيل هوندو آهي، پوءِ جڏهن اها ساڳي يا ٿورو گهڻو ملندڙ جلندڙ هستي ملندي آهي ته، انسان پنهنجو وڃايل پيار ڳولي وٺندو آهي!

سلمه خوشفهمي جي صحرا ۾، جڏهن گهڻو اڳتي نڪري آئي ته، هن پنهنجي خطن ۾ مون اڳيان شاديءَ جو پروپوزل آڏي رکيو ۽ تڏهن ئي مون کيس اڳتي وڌڻ کان روڪي ورتو هو. کيس خط ۾ لکيم ته:"آئون ياسمين نالي عورت سان پيار ڪريان ٿو جيڪا منهنجي مٽيءَ ۾ ڳوهيل آهي. هن جي موجودگيءَ جي احساس سان ئي منهنجي دل ڌڙڪي ٿي، هوءَ ئي سندم جيئڻ جو جواز آهي. توسان حياتي جا انمول لمحا گڏ گذريا آهن، دل جي اٿاهه گهراين سان تنهنجي عزت ڪندو آهيان، پر شادي ڪري نٿو سگهان. شادي ڪيم ته ياسمين سان ڪندس ڇو ته هوءَ ئي سندم هيئنڙي جو وڃايل پيو اڌ آهي! اها ئي حقيقت آهي ۽ حقيقت کان منهن موڙڻ بيوقوفي آهي. تون مناسب سمجهين ته آخري ڀيرو مونسان ضرور مل، جيئن تلخ سچائي جي ڪنڊن مٿان بيهي الوداع جي اذيت ۾ هڪ ٻئي کي خدا حافظ چئي سگهون!"

منهنجي خط جي جواب ۾، اداس ڇوڪريءَ جو اداس ڪري وجهندڙ آخري خط پهتو آهي، جنهن مونکي ڏاڍو روئاريو آهي. لکيو اٿس:

"تنهنجو خط پهتو. حقيقت بياني ۽ صاف گوئي ڏاڍي وڻي. گمراهي ۾ رکڻ بدران وقت سر معذرت لاءِ مهرباني!

تنهنجو ڪو به قصور ناهي، سچي ڳڙٻڙ منهنجي قسمت ۾ آهي، جڏهن به هٿ جي لڪيرن ۾ نصيبن جا پيرا کڻان ٿي ته، هر ليکو اڌ مان شروع ٿي، اڌ ۾ ختم ٿي وڃي ٿو. ايئن جيئن هر ڪهاڻي اڌ مان شروع ٿي، اڌ ۾ ئي ختم ٿي وڃي ٿي. جيئن جُهڙ ڦُڙ جهڙالين راتين ۾ آسمان جا ستارا ڇٽا نظر ناهن ايندا، ايئن جيون جو ڪو به ڪردار، يادن جي آرسي ۾ واضح نظر نٿو اچي. رڳو ايئن به ناهي ته هر

سپني بيمنزل مسافرين جا پنڌ جهاڳيا آهن. رڳو ايئن بہ ناهي تہ هر خوشي پارس پٿر جيان افسانو بڻجي، اڻ لڀ ٿي آهي ۽ رڳو ايئن بہ ناهي تہ هر خواهش حسرتن جي مزارن جي مجاوري ڪئي آهي. پر ٿيو ايئن آهي جو ڪڏهن ڪڏهن اکين مان دربدر ٿيل ڪو ننڍڙڪو ڳوڙهو خزان رسيده پن جيان ڳلن تان ڇڻيو آهي. ڪڏهن ڪي معصوم مُرڪون، چيٽي ڪنوڻ جي چمڪي جيان، آس نراس جي امبر تي وچائجي ويون آهن. بس ڪڏهن ڪڏهن مسافر دل جو ڪو ئي هيڪلو جذبو لاوارث بڻجي پيل مريض جيان اڪيلائي ۾ منهن ڍڪي رنو آهي ۽ ڪڏهن وري بيگار ڪئمپ تي ڪم ڪندڙ ٻار جهڙو ٻالا پولو احساس، سراب آسرن تي ڏتارجي ڪليو آهي ۽ محرومين سان مليو آهي. جڏهن بہ ساروڻين جي ديس ۾ سوچ جا پير پهچن ٿا تہ، توسان گڏ گهاريل دلفريب لمحن جا منظر، اکيون مهٽي اٿي پون ٿا. جن ۾ ڪي بانورا ٽهڪ لڪيل آهن، حُسن جون ڪي دلبريون ليٽيل آهن ۽ توسان رچيل املهہ ڳالهين جا صفحا کليل آهن. هاڻ تہ بس اهي ئي ساروڻيون زندگيءَ جو سرمايو رهنديون!

بهرحال اڄ مون محسوس ڪيو آهي تہ، جذباتي تعلق خودفريبيءَ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ناهي. هر رشتو مطلب جي چوڌاري چڪر لڳائي ٿو. هر سپنو سماجي روين جو محتاج بڻجي ٿو. هر ماڻهو ڪنهن نہ ڪنهن سطح تي خود غرضيءَ جي گپ ۾ ترڪيل آهي، ڇا چئجي ۽ ڇا نہ چئجي. . ؟! الميہ جي آئيني ۾ هاڃيڪار حقيقتون بہ نظر نہ ايندءيون آهن!

تنهنجو خط پڙهي ڪا بہ حيرت نہ ٿي، ڇو تہ ڪجهہ ڏينهن کان تنهنجي روئي مان، مون سڀ ڪجهہ سمجهي ورتو هو. بس توکان انڪار ٻڌڻ چاهيم ٿي، جيئن پنهنجي چري دل کي سمجهائي سگهان. پر تنهنجي بيدرد انڪار جي باوجود بہ بيچيئي دل مڃي ئي نہ ٿي! سوچيان ٿي، آئون اجڙيل خوابن جو شهر ڇو بڻي آهيان، محرومين جي پنج ڪٽي رڳو منهنجي حصي ۾ ڇو آئي آهي؟ اهو ئي سوچي انهن وٽن جيان ٿي پئي آهيان، جن وٽن تي وڄون ڪرنديون آهن ۽ جن تي پکي بہ رانديون ڪرڻ گواره نہ ڪندا آهن! مون سڀ شوق وساري ڇڏيا آهن يا وري وسري ويا آهن. هونئن بہ توکانسواءِ ياد رکڻ لاءِ مون وٽ رهيو بہ ڇا آهي. . . !؟. متان اهو سمجهين تہ وڌاءُ يا مبالغو پئي ڪريان. اٽين وارن جي بدتر شڪل جو ٻيو ڪهڙو پلا مبالغو ٿي سگهندو ؟ لڙڪن جي سنگت ۾ ڪجل کان منهن موڙي ويندڙ نيڻ، ٻيا ڪهڙا لفظ ڳولي سگهندا!؟ تون ئي ٻڌا ڊوليا. . . . . . ويران واٽن تي ڦٽي پيل ٿوهر، ڪتن جي گهيري ۾زخمي ٿيل مور پکي، رات جي پوئين پهر اکين مان هارجي وهاڻن ۾ جذب ٿيل لڙڪ، بدذوق ذهنن جي محفل ۾ ضايع بڻيل بانورا نظم ۽ صحرا ۾ ڦٽي پيل روهيڙن جهڙا بدنصيب مون پارا ماڻهو پنهنجي بدحالي لاءِ پلا ٻيا ڪهڙا لفظ اڌارا آڻي سگهندا!؟ تون ئي ٻڌائي ڊوليا. . ؟ چوندا آهن تہ وقت مرهم بڻبو آهي، پر جي وقت ئي زخم بڻجي پوي، تہ مرهم ڪٿان آڻجي؟!

هٿ جي لڪيرن ۾ زندگيءَ جي لڪير تہ ملي ويندي آهي، پر جيئري مري وڃڻ واري لڪير، ڪٿي ڳولجي!؟ مون فلسفو تہ نہ پڙهيو آهي، پر تنهنجا خط پڙهي، زندگيءَ سان لاڳاپيل سادا ۽ سلوڻا سوال

سمجهڻ لڳي آهيان. يا مرڳو ايئن نہ بہ هجي! جيئن اسين سمجهندا آهيون. ضروري ناهي تہ اهو ايئن ئي هجي. جيئن اسين ڀڏندا آهيون. اهو ايئن هجڻ بہ ضروري ناهي. توکي جڏهن پهرين نظر ۾ ڏٺو هئم تہ مونکي صفا پنهنجو ئي لڳو هئين. پر وقت جي هن موڙ تي، تون منهنجو هوندي بہ، ڪنهن ٻئي جو آهين!

توسان ملڻ کان اڳي، زماني وارن کان تنهنجون گلائون ٻڌيون هئم. پر ملڻ کانپوءِ تنهنجي ساراهہ جا سرڪ پرڻ مجبوري ٻڻجي پيئي. اهوئي شايد اصل ۾ ڪجهہ هجڻ ۽ محسوس ڪرڻ جو فرق آهي!

ڏکهي وڇوڙيءَ کانپوءِ تنهنجو خط پهتو آهي. اهي ئي ساڳي دلڪش لفظ، ساڳي پنل پنل ڳالهيون، ساڳي معصوم انداز، ساڳي ڪينچلو لهجو! تنهنجو خط پڙهي روئي ويٺي آهيان. جن آڱرين سان ڪڏهن تنهنجا وار سنواريا هئم، انهن آڱرين سان اڄ پنهنجا لڙڪ اگهڻا پيا اٿم. تو خط جي آخر ۾ لکيو آهي تہ تون مونسان آخري ڀيرو ملڻ چاهين ٿو. پر منهنجا ڍوليا. . . . آئون تنهنجي اها خواهش پوري ڪري نٿي سگهان. تنهنجي دل شاهد هوندي تہ اڄ تائين منهنجي گنهگار زبان مان ڪڏهن بہ تولاءِ انڪار ناهي نڪتو. پر اڄ منهجو هي پهريون انڪار، يقينن توکي ڏکوئيندو. آخر ڇا ڪجي، آئون بہ ڪير ڇڏي، پاڻي پيئڻ جي هيراڪ ناهيان. جڏهن تون ئي منهنجو ناهين رهيو تہ پوءِ ٻن لمحن لئہ تنهنجو چوري چوري ملڻ ڪهڙي ڪم جو!؟ جتي ڇانگون وڃائجي وڃن، اتي هڪڙو ڇيلڙو ڪير ڇيڪاريندو!؟ جتي ٻيلا ئي ٻري وڃن، اتي چند سلا سنڀالڻ مان ڪهڙو فائدو!؟ جتي مالهائون ئي هٿن مان هليون وڃن، اتي ٻن ٽن مڻڪن کي ڪير ميڙيندو!؟"

جانان! اداس ڇوڪريءَ جو خط هتي ان لاءِ لکيو اٿم، جيئن ڪابہ ڳالهہ توکان لڪيل نہ رهي. توکان ڪجهہ لڪائيندي پاڻ کي مجرم محسوس ڪريان ٿو. هيستائين نالي سميت چند پهلو توکان رڳو مجبوريءَ تحت لڪايا اٿم. ايندڙ خطن ۾ اهي لڪيل پهلو توسان شيئر ڪندو رهندس. ٿي سگهي ٿو ان کان اڳي پنهنجي ملاقات ٿي پوي! خبر ناهي منهنجن خطن جو ڪهڙو رد عمل نڪتو آهي؟ سنڌ ۽ رشتيدارن تائين ڳالهہ تہ ناهي پهتي نہ!؟ يا وري تنهنجي شهر ۾ ڪوئي فسانو تہ ناهي ٺهيو نہ؟ جيڪڏهن منهنجي خطن سان توکي ڪا تڪليف پهچي ٿي تہ منع ڪري ڇڏجان، وري خط نہ لکندس. ايندڙ خط ۾ پنهنجي ائڊرس لکندس ۽ ها ـ ظالم خط ضرور لکجان!

اڌوري عشق ۾ اڌورو رهجي ويل ـــ تنهنجو بي چين ساگر

ياسمين خط پڙهي ڪروڌ ۽ بيقراريءَ ۾ ويڙهجي ويئي. هن کي اداس ڇوڪريءَ کان شديد نفرت ٿيڻ لڳي. هن جي دل چاهيو تہ هوءَ هينئر جو هينئر، اداس ڇوڪريءَ وٽ پهچي وڃي ۽ ڪيس ڳلي مان جهلي، اهو ٻڌائي تہ : "رن دلي! تون منهنجي حق تي ڏاڙو هڻي رهي آهين. هو تہ منهنجو آهي. منهنجي پيار کان پري ٿي وڃ. ڪتي ڪتان جي!" هن ڪاوڙ ۽ ڪروڌ مان پويون خط ڦاڙي ڇڏيو. ايئن هن جي انا جي ٿورڙي تسڪين ٿي، تہ هن اداس ڇوڪريءَ جا لفظ ڦاڙي ڇڏيا! رقابت جي ڪروڌ ۾، هن کي

اجنبي شخص صفا پنهنجو پنهنجو ۽ اداس ڇوڪري دشمن محسوس ٿي رهي هئي. ان ڪيفيت ۾ هن ڪي پنهنجن حواسن تي ضابطو نہ رهيو. خط قاڙڻ ڪانپوءِ هن آفيس ۾ ايندڙ مريضہ عورت ڪي ٻہ ڪافي ڇڙٻون ڏنيون. پر هن جي ڪاوڙ نہ پئي لٿي! ماسي سليمت هن جي اوچتو بدليل ڪيفيت کان پريشان ٿيڻ لڳي. سندس پرسان اچي احترام مان پُڇيائين :"باجي اوهانجي طبيعت ٺيڪ تہ آهي نہ!". جواب مليو: "منهنجي نگاهن کان پري ٿي وڃ. آئون ڪنهن بہ عورت کي ڏسڻ نٿي چاهيان. سڀني مريضن کي دروازي کان ٻاهر روڪي ڇڏ. دروازو بند ڪري مونکي اڪيلي ڇڏي ڏي ".

دائي سليمت خوف ۽ حيرت مان دروازو ٻيڪڙي ٻاهر نڪري ويئي. اوندهہ گاڏڙ ڪمري جي اڪيلائيءَ ۾ ياسمين جو ذهن اذيتناڪ سوچن جي آماجگاهہ بڻجي پيو. ڪاوڙ, بيزاري, ساڙ ۽ وهمن جي ور چڙهيل وجود, پولو گرائونڊ جيان درد جي سنبن هيٺان لتاڙبو رهيو. ڏکوئيندڙ ڪيفيتن جا گهوڙا, هن جي وجود ۾ ڊوڙندا رهيا. اجنبي شخص مٿان هوءَ دل ئي دل ۾ پنهنجو ذاتي حق جتائي رهي هئي. ملڪيت پسندي واري ان پيار ۾, هن کي ڪابہ حصيداري قبول نہ هئي! اداس ڇوڪريءَ جي رقابت ۾, اجنبي شخص لاءِ هن جو اهو جبلي پيار جاڳي پيو, جنهن ۾ ڪجهہ ڦُرجي وڃڻ جي خوف کان بچا طور جاندار, مرڻ مارڻ لاءِ تيار ٿي پوندو آهي! هن کي پهريون دفعو اجنبي شخص جي ائڊريس جي اڻهوند, شدت سان محسوس ٿي. هن بہ اجنبيءَ کي طويل خط لکڻ ٿي چاهيو بلڪل ايئن جيئن اداس ڇوڪريءَ لکيو هو. پر هن محبت سان ڀرپور جملا لکڻ چاهيا ٿي, جنهن ۾ آئيندي جا ڪيئي محبوب سپنا سمايل هئا. ان وقت هن کي پهريون دفعو اها محرومي محسوس ٿي تہ هوءَ اداس ڇوڪري جهڙو خط لکي ڪونہ سگهندي. محرومي جي ان احساس ۾, هن کي پنهنجي هار ۽ اداس ڇوڪريءَ جي جيت محسوس ٿي. هن جهڙپ ڏيئي سامهون ٽيبل تان پئڊ ۽ پين کڻي ورتا. پنهنجي ساءِ اجنبي شخص ڏانهن خط لکڻ لڳي. ڪيس پيار جي پڪ ڏيارڻ سان گڏ, اداس ڇوڪريءَ کان خفا ڪرڻ خاطر ڪيئي ڇوڏا لاهيندڙ لفظ بہ لکندي رهي. جڏهن خط لکي ورتائين تہ پڙهڻ لڳي, تڏهن ڪيس محسوس ٿيو تہ هوءَ اداس ڇوڪريءَ جهڙا خيال لکي نہ سگهندي. هن کي پنهنجي خط, پنهنجن لفظن ۽ پنهنجو پاڻ کان نفرت ٿيڻ لڳي. اندر ئي اندر ۾ ڪيس وري پنهنجي شڪست جو احساسس ٿيو. هن پنهنجو لکيل خط ڦاڙي ڇڏيو. هن اڳيان وهمن جا ولر ورڻ لڳا. ڪيس محسوس ٿيو تہ ٿي سگهي ٿو: "مٿان اجنبي ۽ اداس ڇوڪريءَ جو ٽٽل رابطو وري بحال ٿي وڃي. ايئن بہ ٿي سگهي ٿو تہ مونسان ملڻ ڪانپوءِ اجنبي مون مان بہ خفا ٿي, وري اداس ڇوڪري ڏانهن ڇڪجي وڃي ۽ ايئن بہ ٿي سگهي ٿو تہ هوءَ نياڳي, چنبڙي, هن کي مون خلاف ڀڙڪائي!". ياسمين کي اداس ڇوڪريءَ جي موجودگيءَ جو احساس هانءُ ۾ هٿوڙا هڻندو رهيو.

اجنبي شخص ڪير هو؟! جنهن هن کي عشقيہ خط لکي, هن جي دل جي پڪيءَ کي پيار جي ڄار ۾ ڦاسائي ورتو هو. بنا ملڻ ۽ بنا ڏسڻ جي, هوءَ هن کي چاهڻ لڳي هئي. حيرت جوڳي ڳالهہ اها هئي جو,

هن جو نالو به ڪيس معلوم نه هو. پر پوءِ به هوءَ مٿس مالڪي جتائڻ لڳي هئي! اجنبي شخص هيستائين جوابي خط لکڻ لاءِ، پوسٽل ائڊريس به نه لکي هئي، چو ته ان جي مدد سان هن تائين پهچي سگهاڻو پئي. ٻئي ڳالهه اها هئي جو هن شايد تجسُس ۽ سسپنس ۾، لفظن جي خمارن سان، لاشعوري طور ياسمين جي مخصوص نفسيات تاهي ڇڏي هئي. جنهن ۾ هوءَ باقائده خطن جو انتظار ڪرڻ لڳي هئي. جن جي ٻاڙ ۾، هوءَ بيقرار ٿي پوندي هئي. هيستائين اجنبي پنهنجو مخصوص خاڪو جوڙي چڪو هو. ياسمين جي سوچ ۾ هن جا مبهم خدوخال چٽيل هئا ۽ هوءَ ايئن ئي هن متعلق سوچڻ لڳي هئي! اجنبي آهستي پر ترتيب سان هن جي نفسيات کي ڇهي، سندس سوچ کي گهربل رُخ ۾ موڙي رهيو هو. پر هن جي اظهار، انداز ۽ ڪردار تائين، هر رنگ افساني جهڙو هو. جنهن ۾ ياسمين پاڻ کي ڪنهن فلمي ڪهاڻيءَ جو حصو سمجهي رهي هئي. اجنبي پهرين خط ۾ ياسمين جو ڌيان ڇڪائڻ لاءِ، هن جي تعريف ڪئي هئي. پوءِ ڪيس پنهنجي انفراديت ۽ اٿاهه پيار جو يقين ڏياريو هئائين ۽ هاڻي اداس ڇوڪريءَ جي ڪهاڻي ٻڌائي، عورتاڻي رقابت کي جاڳائي ورتو هئائين. جيئن رقابت جي احساس ۾ جبلي پيار جي جذبي کي متحرڪ ڪجي! ان ڪيفيت ۾ عام طور ويچها پري ٿي پوندا آهن ۽ پري وارا ويجهو اچي ويندا آهن! اجنبي شايد ان نفسياتي حقيقت کان واقف هو!

ياسمين سڄو هفتو پريشاني ۽ چڙچڙاهٽ جو شڪار رهي. هن جي مزاج جي اها تبديلي سندس پوڙهي پيءُ ۽ گهر ۾ ڪم ڪندڙ بورچياڻي به محسوس ڪئي. جن سان هن مٿي ۾ لاڳيتو شديد سور جو ڏٽو ملايو. هن کي اجنبي جي ايندڙ خط جو بي چيني سان انتظار هو جنهن ۾ هن پوسٽل ائڊريس لکڻ جو واعدو ڪيو هو. هن کي اهو تجسس به اٿاري ويهاري رهيو هو ته اجنبي جو اصل نالو ڇا هو؟ ۽ سندس ائڊريس ڪهڙي هئي؟!

***

# تعارفي خط ۽ ڏونئر ڍڳي

هوءَ جيئن ئي اسپتال پهتي، دائي سليمت ڪيس ڳرو خاڪي لفافو ڏنو. جنهن تي پوسٽ جو ٽڪليون لڳل هيون. هن تڙتڪڙ ۾ لفافو کوليو ۽ منجهس تانچٽي لڳل فل سائيز ڪاڳرن تي لکيل مواد پڙهڻ لڳي.

شال تنهنجي ڳلن تي ٻاکن جي ڦٽڻ جون شاهديون هر وقت موجود رهن!

خط ڏسي تنهنجي ذهن ۾ پهريون سوال هيءَ گهوماٽيو هوندو ته اڳي هر هفتي ٻه خط لکندو آهيان، پر اڄ هڪڙو ڇو؟ ان لاءِ عرض ته هن خط ۾ ٻن خطن کان ٻه وڌيڪ مواد موجود آهي ۽ ايئن ٻن هفتن جي ڪوتا مڪمل!

جانان! تون يقينن منهنجي متعلق ڄاڻڻ چاهين ٿي. پر سڀ ڳالهيون توکي هينئر ٻڌائي نٿو سگهان. تنهنجو تجسس ڪجهه ٽڏو ڪرڻ لاءِ اهو ٻڌائڻ ضروري سمجهان ٿو ته اصل ۾ آئون ٿر جو آهيان. هتي لاڙ جي جنهن ڳوٺ ۾ رهان پيو، اتي سندم ماٽاٽي چاڻ سڄاڻ آهي. منهنجو چاچو سارنگ سانگي، ڏڪار جي ڏينهن ۾، هتي ئي ڍور ڪاهي ايندو هو ۽ وسڪاري جي ويل سڪار جي سانگ ۾ وري ٿر موٽي ويندو هو. چاچا سارنگ جو اصل واسطو اڄ ڏينهن تائين برقرار آهي. هن ڳوٺڙي جا ماڻهو مون کي گهرياتيءَ جيان پنهنجو سمجهندا آهن. ڪجهه وقت کان آئون هتي زمين جو مقاطعو ڪٽي ترسيل آهيان. هينئر جتان ويهي توکي خط لکي رهيوآهيان، اتان چاچوسارنگ، ڪيئي سال اڳ ڪُونٽن سان ٻڌل پنهنجن ڍورن کي ڏسندو هو. مونکي ٻه ٻالڪپڻ ۾، هنج تي ڪٽي چاچا سارنگ هتان جون ڪيئي ڪهاڻيون ٻڌايون هيون. گهڻيون ته وسري ويئم، پر هڪ ڪهاڻيءَ جو تاثر اڄان تائين تصور ۾ سمايل آهي. چاچا سارنگ سانگي جي ٻڌايل واقعي ۽ سندم سئوٽ راول جي ڪيل ڳالهه کي، آئون مختصر ڪهاڻيءَ جي رنگ ۾ لکي رهيو آهيان.

وسڪاري جي ويل وري هئي. ٽوليءَ مان ٽٽل ڪو هيڪلو مسافر بادل، منداٽتي مينهن جون ڪجهه ڪڻيون ڪٽي، لاڙپٽ جي ڪلرانئي پوڻ ۽ مٽان رمجهم لائڻ لڳو هو. برسات ته هلڪي وٺي هئي، پر لاڙ جي چيڪي مٽي، پلر جي ان پالوٽ کي ٻه اندر ۾ اوتڻ لئه تيار نه هئي. آسپاس گپ ۽ چڪ جي موجودگي، پيير ترڪڻ جو جوکم ٻٽيل هئي. سارنگ سانگي اڪيلي بڇيل ڏونئر ڳڻئون کي، ڪونتي سان ٻڌي واپس اچي ويٺو. ترڪي ڪرڻ سبب ساڄي ٽنگ ۾ لڳل ڏڪ مان سور جي هلڪي سٽ محسوس ٿيئس. سارنگ سانگيءَ اکيون ٻوٽي ڇڏيون. ٽڏو ساهه ڪٽي، سامهون ڏونئر ڳئون تي نظر وڌائين، جيڪا رسي جا ٻنڌڻ ٽوڙڻ لئه آتي هئي. ڏور ٿر واري پاسي ڪنوڻ جا اهاءُ، ڍڳيءَ جي بيچينيءَ ۾ اضافو ڪندا رهيا. سارنگ جي اندر ۾ ٻه آنڌمانڌ مچڻ لڳي. ٿر پهچڻ جي آس، پڃري ۾ تازو قيدي

ڪيل پکي جيان اتاولي ٿيڻ لڳي. حسرت مان ڪنوڻ جا ڪيل ڏسڻ لڳو. پنهنجي ڳوٺ ۾ ڪنون جي رخ ۾ هڪجهڙائي ڳولڻ لڳو. محرومي، غيريقيني ۽ آس نراس جا گڏ وچڙا احساس، سندس دل کي مهٽيندا رهيا. هيل ﮀ ٿر وسندو يا الاءِ نہ ؟! ملهاري مند جي شامن ۾، ولر واريندڙ ڌنارن جي بانسري، ٻنين تان موٽندڙ هارين سان سرگوشيون ڪندي يا الاءِ نہ! جاٽولين ۾ وچڻ ويل، پنل واريءَ گهرڙا ٺاهيندڙ سندس ٻارڙا، جهنگ مان پيون ۽ ڳاڱيان آڻڻ جي فرمائش ڪري سگهندا يا الاءِ نہ!؟ ۽ سانوڻ جي صبحن ۾، مکڻ رکيل ٻاجهر جي ماني، لسيءَ سان کائيندي، سندس سهاڳڻ جي اها شرميلي مرڪ، وري الاءِ ڪڏهن ڏسڻ نصيب ٿيندي، جيڪا هن آخري دفعو 10 مهينا اڳ تڏهن ڏٺي هئي، جڏهن هو ڏڳيون ڪاهي ٻئراج ڏانهن پنڌ پيو پيو هو. موڪلائڻ مهل سندس پرپور نظرون، سڪينہ جي چهري تي اٽڪي پيون هيون ۽ سڪينہ جي شرميلي مرڪ، وچوڙي جي واريءَ ۾، لوٽيءَ مان هاريل ڪير جيان وڃائي ويئي هئي. سارنگ جي هٽن مان پٽا لڳيل وانجهيل لٺ، سرڪي زمين تي اچي ڪري هئي ۽ پوءِ ستن ڏڳين جو ولر ڪاهي لاڙ جي ڪلراٺن پوٺن تي اچي پهتو هو. جتي ستن ڏڳين جو پيٽ پرڻ لاءِ سخت محنت ڪرڻي پوندي هيئس. سنڌوءَ ۾ پاٽيءَ جي اٽاٽ هئي. ڍنڍون ۽ واهہ ڪڏهن سکل، تہ ڪڏهن ساوا هوندا هئا. مائٽاٽي چاڻ سڃاڻ جي سهاري، جن واسطيدارن وٽ ترسيل هو، تن سندس سني مدد ڪئي هئي. گاهہ چاري کان ويندي، ماني ڳپي تائين، سپ ڪجهہ ڪيس ميزبانن کان ملندو رهيو. سندس سڄو ڏينهن پوٺن تي ڏڳيون چاريندي گذرندو هو. ڪڏهن ڪڏهن گهر ۽ ڳوٺ جي ڪا ياد روئاري وجهندي هئس ۽ هو ڪو ٿري گيت جهونگاري وجهندو هو! جڏهن ﮀ لوسڻ جي ساون ڪيتن مٿان، ڪنهن سفيد ٻگهلي کي، ڏکڻ اوير ڏانهن اڏندي ڏسندو هو تہ، بيساختہ سندس دل ﮀ هٿن سان نڪرڻ لئہ سنبرينڊي هئي. سارين جي سرهاڻ، هن جي اندر جي انهن احساسن جا ڪاٺ هٽندي هئي، جن احساسن ۾ ٿري ڌرتيءَ جي پنل پنل خوشبوءِ اوتيل هئي ۽ اتي ئي هن جو ڳوٺڙو هو، اتي ئي زال سڪينہ ۽ ﮀ ٻارڙا، ڏڪار جي ڏينهن ۾ سندس واپسيءَ جي اوسيئڙي ۾، آڱرين تي مهينا ڳڻي رهيا هئا، هن جي دل تہ گهڻو ئي ٿي چاهيو تہ هو جهٽ پٽ ٿر هليو وڃي، پر آسمان جي ڪتين جيان سندس ستن ڏڳين جو جُهڳتو هن لاءِ هڪ وڏو سوال بڻجي پيو هو. اهوئي ڏڳين جو ولر پاڻ ۽ سندس گهر وارن لاءِ ڪل ڪائنات هو. اهوئي ولر هنن لاءِ نہ رڳو گذر سفر جو اڪيلو ذريعو هو. پر گڏو گڏ انهن ڏڳين جا مخصوص نالا، نزاڪتون ۽ روين ۾ ﮀ، هنن لاءِ عجيب ڪشش هئي. اهوئي سبب هو جو انهن پٿارين جي جياپي خاطر، هتي هن پنهنجي دل تي پٿر ٻڌو هو ۽ هُتي ٻن ٻارن سان گڏ سڪينہ پڻ اٽڪٽ انتظار جي ٿوهر کي ياڪر ۾ پريو هو! پر هڪ ڏُنڌلي آس هئي تہ ايندڙ سال وسڪارو ورندو، مينهن وسندا، گاهہ ڦٽندا ۽ وري ماروئڙن جا ميلا مچندا ۽ مور نچندا. اهائي سڪار جي سنڌ هئي، جنهن هر محروميءَ تي مرهم رکيو ٿي!

سيارو گذري ويو لاڙ جي وٽن. بهارن جا ويس وڳا پائڻ شروع ڪيا. پر سارنگ سانگيءَ جي اندر ۾ ڏکي خزان ترسيل هئي. هن پنهنجا جذبا جڻ تہ ڏورن جي ڳچيءَ ۾ ٻڌل ڳانين. چنگن ۾ چڙن ۾ پوئي چڙيا هئا. جيڪي ڪيس هر ويل بيچين ٻڌائيندا هئا. هن جا سمورا سپنا، جڻ تہ ايندڙ سال جي بيوفا بادلن وٽ گروي هئا! ڪٽڪن جا لابارا لٿا تہ. هن جي ڏورن بہ ڏئو ڪيا ۽ مينهوڳي مند، جيئن جيئن ويجهو اچڻ لڳي، هن جي جذبن ۾ بہ جڙن وچيرن جيئن آوارگي اچڻ لڳي. پر اهي عارضي خوشيون، ٽري ڪنپين جيئن ڏکي عمر ماٺي ڪون سگهيون. هڪ رات هن جا پنج ڏور چوري ٿي ويا. صبح سوير ڳوٺاڻن واهراڙو تہ ڪيو پر پرواري وڏيري جي ڳوٺ پيرا وڃائجي ويا. ڪجھ ڏينهن پچا هلندي رهي، پنگ تي ڏور واپس ملڻ جا دلاسا بہ ملندا رهيا. باقي بچيل ٻن ڏورن مان هڪ ڏڳي، ان خرچ ۾ کپي ويئي، پر مليو ڪجھ بہ ڪون. آسرن جا پيرُون، نااميديءَ جي لُڪ ۾ هڪ هڪ ٿي ڇٽندا رهيا ۽ نيٺ اها رات بہ اچي پهتي، جڏهن وسڪاري جو پهريون ڪڪر بارش جون ڪي ڪٽيون ڪٽي لاڙ تي اچي برسيو. مند جي پهرئين ڪنوڻ جون مرڪون، ٽري پٽن جا سڏڙا، اشارن ۾ ارپڻ لڳيون. ڏونئر ڏڳي پيرن ۾ ٻڌل رسو ڇنائڻ لاءِ زور لڳائڻ لڳي. ڏڳيءَ جي بيچپيءَ ۾، ٽر وڃڻ جي شديد خواهش تڙپي ٿي. سارنگ سانگي ست پيڙهياتو پاڳيو ۽ ڏورن جي روين جو پارکو هو. کيس خبر هئي تہ ٽري ڏڳين ۾ وسڪاري جي ويل، قدرتي سوجهيون سجاڳ ٿي پونديون آهن ۽ اهي ٽر ڪان ٻاهر جتي بہ هونديون، رات پيٽ ۾ ان هوري ۾، ٽر پجي وينديون. سارنگ جي اندر ۾ بہ اٽڻ هئي. دل چاهيس: هينئر ئي ٽر هليو وڃي ۽ انٔي جي هوا ۾ پنهنجي ڳڳاتيل ڳوٺ کي ڏسي. پر هڪ بيييقيني هئي، جيڪا هرهر دل ۾ وڍ وجهندي رهي. ”هي ڪنوڻ بہ الاءِ ڪٿي پيئي وسي! اسانجي ڳوٺ تي مينهن وسي پيو يا الاءِ نہ!؟ آئون صبح سوير ڏڳي ڪاهي هليو ويندس. پرجي ڳوٺ مينهن نہ وٺو هوندو تہ ڏڳي بک مرندي. ماٺهون کلندا، چوندا ”کنوڻ تي مال مورک ڪاهيندا آهن“.

اوچتو ڏڳيءَ جي رنڀ هن کي خيالن مان جاڳائي وڌو. بيقرار ڏڳي رسيءَ ۾ وچڙي ڪري پيئي، سارنگ ڊوڙ پائي ڏڳيءَ وٽ پهتو. تڪڙو تڪڙو رسيءَ جا ٻنڌڻ کولي ڇڏيائين. ڏڳي آجي ٿيڻ ڪانپوءِ اٿي بيٺي. سارنگ چتائي ڏٺو. ڪجھ سوچيندي ڏڳيءَ کي وري رسيءَ سان ٻڌائين ۽ واپس بستري تي اچي ليٽيو. دل ئي دل ۾ فيصلو ڪيائين تہ، صبح سوير ڏڳي ڪاهي ڳوٺ هليو ويندس. بستر تي پاسا ورائيندي الاءِ ڪيڏي مهل سندس اک لڳي ويئي. صبح سوير ننڊ مان جاڳندي ئي، سندس نگاھ خالي کُونتي وٽ ٽٽل رسيءَ تي اٽڪي پيئي. ڏڳي رسو توڙائي، ٽر رواني ٿي ويئي هئي. سارنگ سانگي پيرا کٽي ڏڳيءَ جي پنيان هلڻ لڳو. سڄو ڏينهن پچائون ڪندو پيرا کڻندو رهيو پر ڏڳي تہ هن کان بہ تڪڙي هئي ۽ ٽر ڏانهن رخ رکي وڃي رهي هئي. سارنگ کي خوف هو تہ متان هيءَ ڏڳي بہ ڪن شاهينگ چورن جي ور چڙهي نہ وڃي. اڳئين ڳوٺ ۾ رات پئجي ويئس. صبح سوير وري ڏڳيءَ جو پيرو کنيائين،

پر ٿورڙو اڳيان پيرو وڃائجي ويو۽ سارنگ هٿ مليندو رهجي ويو! آسپاس گهٽوئي وڙولُون وڌائين. پر ڏڳيءَ جو پتو پئجي نہ سگهيو. نيٺ سمورا آسرا پلي، تر ويندڙ بس ۾ چڙهي وينو.

بس ڳوٺ کان ڪجهہ پرپرو گذري ٿي. بس مان لهڻ ڪانپوءِ سڌو ڳوٺ جو رخ رکيائين. ٻتي ڏينهن اڳ برسات وني هئي، تر جي واريءَ مان ڪنوار جي وڳي جهڙو هڳاءُ وکري رهيو هو. آسمان چوڏهينءَ جي چانڊوڪيءَ ۾ ڪنجري جي ٽڪن جيئن چٽو چمڪي رهيو هو. هڪ پٽ پوئتي چڏي، اڳيئن پٽ جي چڙهائي چڙهيو تہ، پٽ جي هنج ۾، سندس ڳوٺ جا چونئرا نظر اچڻ لڳا. پرسان ڳوناٽي ترائي، چنڊ جي روشنيءَ ۾ آرسيءَ جو اولڙو پاسڻ لڳي، واهوندي واءُ ۾ پرسان بيٺل ڦوڳ جي لڏندڙ تارين جا پاچا، چانڊوڪيءَ ۾ عجيب منظر آچن لڳا. رات جي سانت ۾، ڏور ڪتي ڪو مور پڪاري رهيو هو. سارنگ سانگي پٽ جي چوٽيءَ متي صاف ستري ريٽ تي ويهي رهيو. هن 10 مهينا اڳ، جڏهن هن ڳوٺ کي ڇڏيو هو تہ هر پاسي ڏڪار جي ويرانيءَ جو واسو هو. وني سڪينہ ۽ ٻارن کان سڄي سال جي جدائيءَ جو صدمو ٻہ سندس سامهون هو پر هڪ آس هئي، هڪ سپنو هو جنهن سان هن جي دل آباد هئي، هن وٽ ستن ڏڳين جو ولر هو. جنهن کي ڏڪار کان بچائڻ لاءِ هن بئراج علائقي جا پنڌ ڪيا هئا. پر هن جا ڏک ۽ ڏاڪڙا ڪنهن ڪم جا ڪون ٿيا. اڄ هن وٽ هڪڙي ڏڳي ٻہ موجود نہ هئي، هن جو اندر، مند متي ويل چانهين جيئان خالي خالي ٿي پيو هو. وني ۽ ٻارن سان ملڻ جي تانگهہ ۽ تڙپ هڪ پاسي هئي تہ، ولر وڃائڻ جي محرومي ٻئي پاسي هئي. سارنگ سوچيو: ”گهر وڃي سڪينہ کي ڪهڙو جواب ڏيندس، تہ ڍور ڪيڏانهن ويا!؟ پاڙي وارا ولر ورائيندا تہ اسان جي اندر جا احساس ڪهڙا هوندا. سڪينہ کي رُکي سُکي ماني چٻاڙڻ لئہ پاڙي وارن کان لسي پنڻي پوندي! گزر سفر لاءِ ڪنهن ٻاڳئي وٽ پگهاردار ڏنار بيهڻو پوندم. ٻارڙا جڏهن ننيڙن گابڙن سان ٻين ٻارن کي کيڏندي ڏسندا تہ، سندن حسرتن ڀريل نگهائن کي ڪيئن ڏسي سگهندس !؟“ سارنگ جي سوچ ۾ آئيندي جا انديشہ ڪنڊن جيئن اٽڪي پيا. سندس دماغ چڪرائجڻ لڳو. اکين اڳيان اوندهہ ٽڙڻ لڳي. اٿڻ جي ڪوشش ڪيائين تہ پير ٿاٻڙجڻ لڳس. ٿاٻڙجي پٽ جي چوٽيءَ تان هيٺ ترڪڻ لڳو. بدن ساٽو تي پيئس، توازن وڃائي وينو. پٽ جي هينيائين ڏانهن بولاٽيون کائيندو رهيو. نرم واري کيس رهنڊڻ ۽ رهڙن کان تہ محفوظ رکيو پر هموار زمين تي پهچي، اٿڻ جي ڪوشش ڪيائين تہ اٿي نہ سگهيو. ڪجهہ دير ساهي پٽي سامت ۾ آيو تہ اٿي بينو. هليو تہ قدم ڏانوڻ ڏنل اٺ جيئن ڳرا ٿي پيئس. گهر جي گهٽيءَ وٽ سندس پاليل ڪتو پونڪندو سامهون آيس. پر جلدي مالڪ کي سڃاڻي ورتائين ۽ پڇ لوڏي آجيان ڪرڻ لڳو. ڪتي جي پونڪ ۽ سارنگ جي پير جو ڪڙڪو ٻڌي سڪينہ سجاڳ ٿي پيئي، ڊوڙ پائي سامهون آئي. ٻنهين جي دل چاهيو تہ ڊگهيءَ دوريءَ دوران کين مليل زخمن کي ڳٽي، هڪٻئي جي ڪلهي تي ڪنڌ لاڙي روئي پئجي. ڪنهن ڏوراپي، ڪنهن چلولائي، ڪنهن چاهت ۽ ڪنهن ڪتي متي ڪينچل جي، وري تجديد ڪجي! پر ٿري زندگيءَ جي حيا جي هُرڪر، ٻنهين وچان

ديوار ٻڌجي پيئي. سارنگ خالي خالي نظرن سان سڪينہ ڏانهن ڏسڻ لڳو. سڪينہ جي شرميلي مرڪ، احساسن ۾ ٻوڙڻ لڳي، پر چپن تي اچي نہ سگهي. سارنگ جي خاموشي، سڪينہ کي بيقرار ڪرڻ لڳي. پنهنجائپ جي احساس ۾، اوپرائپ جو واسو وچڙي پيو. ماحول جي پراسراريت ٽوڙن لئہ سڪينہ ڳالهايو:”تو مونکي وساري ڇڏيو!“. سارنگ ڳالهائڻ چاهيو پر ڳالهائي نہ سگهيو. سڪينہ جي بيچينيءَ ۾ واڌارو ٿيندو رهيو ماٺ جو هر لمحو ڪاوو بنجي پيو. سڪينہ کي ڳالهائڻ لاءِ لفظ نہ پئي سجهيا. ايئن ئي پڇيائين :”مونکان وڌ توکي تنهنجا ڍور مٺا آهن!؟

سارنگ جي سوچ جو آنچل، درد جي ٿوهرن ۾ اٽڪي پيو. واڻڙو ٿيندي، چيائين: ”سڀ ڪجھ لٽائي موٽيو آهيان سڪينہ!“. سڪينہ ڪجھ نہ سمجهندي، ٻئي هٿ مٿي تي رکي روئڻ لڳي. سارنگ پاڻ سنڀالي ورتو. ننڍڙن ٻارن جيئن سڪينہ کي ماٺ ڪرائڻ لڳو. ۽ پوءِ پنج ڍور چوري ٿيڻ، هڪ وهڙي پڙيءَ تي وڪامڻ ۽ ڏونئر ڍڳيءَ جي گم ٿيڻ واري وارتا سڪينہ کي سڻائڻ لڳو. سڪينہ جو اندر آلي بنڌ جيئن ٻرندو رهيو. سارنگ جي اکين مان ٻٽا ٻٽا لڙڪ، پنڇڻ جي پنن جيئن ڇڻندا رهيا. سڪينہ ضبط ڪندي سارنگ کي آٿت ڏني: ”ڇال تون چڱو ڀلو هجين، سُڃي جو سر وڃي، ياڳيئي جو مال. رب روزي ڏيندو. ٻين ڪان پيرائتيون، آڌياريون وٺي، وري ڇانگون ڇيڪاريندا سين. ڪي ڪونهين، ڇال تون چڱو ڀلو هجين!“ سڪينہ جي آٿت سارنگ کي وري جيون ۾ دلچسپي ۽ آئيندي ۾ آسرو آٽي ڏنو. ماءُ، پيءَ جي پُڻ پُڻ ٻڌي ٻئي ٻارڙا، راول ۽ سونا جاڳي پيا. ٻوڙ ٻائي سارنگ کي چنبڙي پيا. ڪنڌ ۾ ٻاڪر وجهي پيار ڪرڻ لڳا. راول چيو: ”بابا مون پٽ تي راند ڪندي چنگ لڌو آهي، ڏونئر ڍڳيءَ جي ڪنڌ ۾ ٻڌندس“. ننڍڙي سونا چيو: ”آئون اڪ جي ڦلڙين جي مالها ٺاهي، ماروڙي ڳئون جي سڱن ۾ ٻڌنديس ابا“. ٻارن جون اهي معصوم ڳالهيون ٻڌي سڪينہ ۽ سارنگ جي دل گدري جي ڦارن جيئن ڦٽي پيئي. اوچتو گهر جي گهٽيءَ تي ڍڳي رنڀڻ لڳي. ڪتو هڪ ڀونڪ ڪري خاموش ٿي ويو. سڪينہ لوٽا هٽندي، چيو : ”گهٽيءَ تي رنڀندڙ ڍور جي رنڀ، هُوبهو پنهنجي ڏونئر ڍڳيءَ جهڙي آهي!“ سارنگ چيس: ”ڳوٺ جو ڪو ڍور هوندو!“ وري ٻي رنڀ ٿي. سڪينہ گدگد ٿيندي چيو: ”هيءَ تہ منهنجي ماروئڙيءَ جي رنڀ آهي!“ سارنگ چڙٻيندي چيس: ”چري آهين ڇا؟ ماروڙي تہ چورن جي ڪونتي چڙهي ويئي، واپس ڪٿي ٿي اچي!؟“ ننڍڙي سونا وچ ۾ ڳالهايو : ”بابا جڏهن بہ ڌاريون جانور پنهنجي گهٽيءَ تي ايندو آهي تہ پنهنجو ڪتو ڀونڪي ڀڄائي ايندو آهي، هينئر ڪتو ماٺڪو ڇو بيٺو آهي؟!“ سارنگ سوچ ۾ پئجي ويو. اوچتو هڪ خيال کيس ڇرڪائي وڌو : ”جانورن جون سُوجهيون ڏاڍيو تيز آهن. ٽري ڍور ميهوڳي منڊ ۾ ٻئراج علائقي ۾ ترسي نہ سگهندا آهن ۽ وجھ وٺي ٽر ۾ اباڻي واڙي تي پهچي ويندا آهن. “ سارنگ ٽپ ڏيئي اٿي بيٺو. سامهون سندس چوري ٿيل پنجن ئي ڍورن سميت ڇهين ڏونئر ڍڳي بہ موجود هئي، جنهنکي سڪينہ ڪنڪاريو پئي.

سارنگ سانگي اسي سالن جي ڄمار ۾ گذاري ويو. زال سڪينہ جي موت ڪانپوءِ سارنگ پاڻ قاسم سان گڏ ئي رهندو هو. هن پنهنجي ڌيءَ سونا جو بدو ڏيئي قاسم کي پرڻايو هو. پر مڙس مري وڃن ڪانپوءِ سونا طرفان پيار جو پرڙو ڪرڻ سبب، قاسم پنهنجي ساهرن توڙي، سونا سان قطع تعلق ڪري ڇڏيو هو. قاسم سيني پائرن مان ننڍو هجڻ باوجود پڳدار هو. ان ڪري سندس ٻنهين پائرن سارنگ ۽ ماستر گلاب، هن جي فيصلي کي قبول ڪري ورتو هو. اهو ئي سبب آهي جو سارنگ سانگي جي مرڻ وقت، سندس اڪيلي ڌيءَ سونا، پنهنجي پيءُ جو منهن ڏسي نہ سگهي هئي. مرڻ کان هڪ ڏينهن اڳ سارنگ سانگي، قاسم کان انتهائي بيوسيءَ مان پڇيو هو "راول ڪڏهن ايندو؟ "قاسم ڪيس ورندي ڏيئي نہ سگهيو هو اڪين منجهہ پاڻي پرجي آيو هئس. ڪيس آٿت ڏيندي چيو هئائين: "ڪو چوڪرو موڪليون ٿا. سياڻي اچي ويندو". سارنگ خاموش ٿي ويو هو. سندس پٽ راول ان وقت ڪاليج جو پرينسيپال هو. جنهن وقت سارنگ سانگي، هن کان ڏور ٿر جي ڏورانهين ڳوٺ ۾ مري رهيو هو ان وقت پروفيسر راول، پنهنجي آفيس ۾ ڪرسيءَ تي ويٺل هو. هن جي اڳيان ٽيبل تي ڪاغذن جي ٿهي موجود هئي. انهن ڪاغذن تي ڪيس اڄ ئي صحيحون ڪرڻيون هيون. سياڻيءَ کان موڪلون شروع ٿيڻيون هيون. هن وٽ وقت ٿورو هو ۽ ڪم گهڻو. ڪال بيل تي هٿ رکيائين، پٽيوالو ڊوڙندو سامهون اچي بيٺس، پٽيوالي کي چانهہ آڻڻ جو چئي پاڻ ڪم ۾ جنبي ويو. ٿوري دير پڄاڻا پٽيوالي چانهہ جو ڪوپ ٽيبل تي رکندي احترام سان چيو: "سائين ٻاهر برڪت نالي شخص توهان سان ملڻ گهري ٿو" راول چانهہ جو ڪوپ کڻندي وراڻيو: "پندرهن منٽن ڪانپوءِ اندر اماڻينس".

پٽيوالو در ڀيڪڙي ٻاهر هليو ويو. پروفيسر راول چانهہ جوسرڪ ڀري، اوپري شخص تي سوچڻ لڳو. جيڪو پندرهن منٽن ڪانپوءِ هن سان ملڻ وارو هو. برڪت ڪير ٿي سگهيو ٿي؟. ڪنهن وقت جو هن جو پيارو دوست، جنهن پرائمري کان مئٽرڪ تائين هن سان گڏ تعليم حاصل ڪئي هئي. ٻنهين جا ڳوٺ بہ هڪٻئي کي ويجهو هئا. شهر جي هاءِ اسڪول ۾ پڙهڻ وقت ڪين چارميل ڊگهو پنڌ ڪري اسڪول پهچڻو پوندو هو. سياري جي صبحن ۾ سڪل ٻُوهن ۽ ڪپن کي باهہ ڏيئي سيءُ لاهيندا هئا. اونهاري ۾ اسڪول کان موٽندي، چارين جا رتا پيلا پيرُون ڪائي پيٽ ڀريندا هئا. وسڪاري جي آڙنگائي تتل ڏينهن ۾، شهر کان واپس ورندي چاچا ڏني جي ٻنيءَ مان گلاليا چانهيان چني کائيندا هئا. برڪت ۽ راول جي رفافت، سالن جي سنگت ۾ بدلجي ويئي. راول ۽ برڪت سدائين گڏگڏ هوندا هئا. راول درياءُ دل ۽ ڪڏهن بہ ليکو نہ ڪندڙ هو. هن جو ڪوبہ سڳو پاءُ نہ هو. پاءُ جي محروميءَ مان ڦٽندڙسمورو پيار، برڪت تي نڇاور ڪيو هئائين. راول اسڪول ٻاهران جڏهن بہ ڇولا، ڇٽا ۽ پڪوان وٺندو هو تہ، برڪت کي گڏ کارائيندو هو. پر برڪت جڏهن بہ ڪجهہ وٺندو هو تہ، ڪنهن ڪم جو بهانو گهڙي، ٻاهر وڃي کائيندو هو. جيئن راول حصيدار نہ ٿجي. ڪڏهن چنڊ چانڊوڻي راول کي ڪجهہ کارائيندو هو تہ، ٻين ساٿين اڳيان هرهر احسان جتائيندو وتندو هو. برڪت فطرتن مفت

خوريو ۽ موقعا تاڙيندڙ هو. سدائين ونڻ جي پويان پويان، ڪڏهن ڪجھ ڏيڻ هن سکيو ئي نہ هو. ننڍڙي ۽ غير اهم ڳالھ کي وڏي ڪري پيش ڪرڻ، هن جو دلچسپ مشغلو هو. ٻي جي احسان کي يا تہ پنهنجي چالاڪي سمجهندو هو يا وري ٻي جي بيوقوفي! منهن تي مٺ مٺ ۽ پرپٺ گلائون، هن جي عادت جو حصو هيون! ڪنهن جي بہ تعريف ۽ سنائيءَ کي هن ڪڏهن بہ دل سان قبول نہ ڪيو. چڱائي ۽ برائيءَ جا تصور، هن وٽ چٽا هئا ئي ڪون. ان ڪري غلط بياني، هن جي زبان کي وڻ ويڙهي جيان ورو ڪيل هئي. خلوص ڪان خالي هن جي دل ۾، ڪنهن رشتي لاءِ ڪوبہ احترام نہ هو. هن جا هٿ دوستن جي پٺيءَ ۾ ڇرو هڻڻ لاءِ، هر ويل ڦڙت هوندا هئا. هن جي انهن سمورين بيسرائين کي سماجي نظام هٿي ڏني هئي. اهڙو سماجي نظام، جنهن ۾ چالاڪي ۽ ڏاهپ کي، ساڳي ڳالھ سمجهبو آهي. دولت ۽ طاقت کي ڪاميابيءَ جي نشاني سمجهيو آهي. لباس، ڪرسي، ڪار، بنگلو ۽ بينڪ بيلنس جا ماڻ ماپا، شخصيتن جي قد ڪاٺ جي ڪٿ ڪندا آهن. هيرو ازم، عملي ڪارنامن بدران نعريبازيءَ سان ملي پوندو آهي!. اهڙي سماج جي تاش ۾، برڪت جوڪر پتي جيان جت ڪٿ فٽ ٿي ويندڙ شخص هو. جڏهن تہ راول اهليت باوجود خودداري ۽ دل جو ڇيو ميڄڻ ڪري سدائين مس فٽ ئي رهيو!

ميٽرڪ ڪرڻ ڪانپوءِ پنهين وٽ واندڪائيءَ جو ويلو ترسي پيو. راول قلمي صلاحيتن سان مالامال هو. هن جا لکيل ليک اخبارن ۾ مقبوليت ماڻي رهيا هئا. هڪ نئين جاري ٿيندڙ ڏهاڙي اخبار ۾ کيس ڪالمن جي صفحي جو انچارج مقرر ڪيو ويو. دلچسپ استوريون، محبوب ڪالم ۽ غير روايتي انداز، اخبار جي سرڪيوليشن ۾ ريڪارڊ واڌارو آندو. ساڳي اخبار ۾ برڪت بہ جيئن تيئن پروف ريڊر مقرر ٿيو. برڪت جي پروف ريڊنگ بہ راول ڪرڻ لڳو جيئن اخبار جي ڪوالٽي تي ڪو فرق نہ اچي. راول سان ساڙ کائيندڙ ڪيترائي ملازم، برڪت جي نااهليت کي بهانو بڻائي ايڊيٽر تائين راول جو شڪايتون پهچائڻ لڳا. برڪت جون دشمنيون ۽ ڪوتاهيون بہ اڪثر راول کي پوڳڻيون پونديون هيون. برڪت هن جو دوست هو ۽ دوستن لاءِ سڀ ڪجھ سر تي سهڻ، راول جو ئي شيوو هو. اداري ۾ گڏ ڪم ڪندڙ ملازمن جي لابيءَ سازشون، بهتان، سفيدن وٽن جيان وڏائي ڇڏيا، تڏهن راول، برڪت کي دفتري ڪم مان هٽارائي، اسٽاف رپورٽر مقرر ڪرايو ۽ اهو ئي ڪم برڪت جي مزاج سان ٺهڪندڙ ثابت ٿيو. دفتر ڪان ٻاهر ماڻهن جي سمونڊ ۾، برڪت لاءِ خبرن جي ڪوٽ نہ هئي. هن جي لکيل خبرن ۾ شروع شروع ۾ ڪيئي غلطيون هونديون هيون. جيئن ٻهراڙيءَ ۾ مقرر نمائندن جي رپورٽنگ ۾ هونديون آهن، ۽ سڀ ايڊيٽر پنهنجو فرض سمجهي درستگيون ڪندو آهي. پراڳتي هلي برڪت ان ڪم جو بنيادي ڳالهيون سکي ورتيون. گڏوگڏ اداري جي آڙوني، شخصي مفاد ماڻڻ ۾ لڳي ويو. جتي لوپي هوندا آهن، اتي نوڳي ٻک ناهن مرندا. ناجائز ذريعن سان ملڪيت ميڙيندڙ ۽ ٻيا ڪيئي قانون شڪن ماڻهو پنهنجا ڪڏا ڪرتوت لڪائڻ لاءِ، هن جي مٺ گرم ڪرڻ لڳا. برڪت

عزتدار ماڻهن جي پٺڪي ۾ بہ هٿ وجهڻ شروع ڪيو. هر روز ايڊيٽر جي آفيس ۾، ماڻهن جا ميلا متل هوندا هئا. جيڪي پنهنجو موقف يا اڳ ڇپيل خبر جي ترديد ڇاپڻ لاءِ ڳري قيمت ڏيڻ سان گڏ منٿ ميڙ بہ ڪندا هئا. خبرن جو مهاندو ڦيرائڻ تہ، صفا سولو آهي. مظلوم تي حملي ڪي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو لکي سگهجي ٿو، پريمي شادي لاءَ وقتي روپوشيءَ کي، مُبينہ اغوا ۾ بہ بدلائي سگهجي ٿو. برڪت سان گڏ ايڊيٽر جا بہ نت ٿيڻ لڳا. هن جي انا جي تسڪين سان گڏ، دولت جي بہ ريل ڇيل ٿيڻ لڳي. برڪت ايڊيٽر لاءِ ڪاڪائو پٽ ثابت ٿيو ۽ ايئن هن ڪي سيني ڪان ويجهو ماڻهو بہ! اهي ٿي ملازم جيڪي اڳي برڪت جي خلاف سازشن ۾ گلائن مان نہ ورچندا هئا، سي هن جي ساراهہ جا ڍڪ پيرڻ لڳا. هر ڪو هن کي ويجهو ٿيڻ لڳو. جڏهن ساڳي اخبار جي مالڪ طرفان هڪ پرائيويٽ ٽي- وي چينل شروع ٿيو تہ، اخبار جي ايڊيٽر کي ٽي- وي چينل تي ذميواريون سونپيون ويون. اڳوڻي انچارج ايڊيٽر ويندي ويندي برڪت کي پنهنجي جاءِ تي انچارج ايڊيٽر مقرر ڪرائي ڇڏيو. هاڻي برڪت جا ٻئي هٿ گيهہ ۾ هئا. هن جي پويان چاپلوسين ماڻهن جا هجوم هئا. جن ۾ اهي ماڻهو بہ شامل هئا. جن ڪنهن دور ۾ هن جا پير ڪيڏڻ لاءِ ننهن چوٽيءَ جا زور لڳايا هئا. خوشامدي ماڻهن جي ان هجوم ۾، راول جي جڳہ نهي نہ پئي سگهي. ڪنهن وقت، راول جي شاگرد ۽ دوست واري سڃاڻپ رکندڙ برڪت جي رويي ۾ هاڻ، باس واري بيرخي اچڻ لڳي هئي. هن راول جا فون اٽينڊ ڪرڻ بہ گهٽائي ڇڏيا هئا. راول ان مزاج تي پورو لهي نہ پئي سگهيو. هڪ ڏينهن جڏهن راول کي ڳوڻاٽي دوست جي شادي ڪاج جو دعوتنامو مليو تہ، راول پير پير ۾ ڏيئي برڪت جي آفيس ۾ پهتو. برڪت ملاوتي مرڪ سان آجيان ڪندي، هن کان پڇيو: "مون لاءِ ڪهڙو حڪم آهي؟". راول وراڻيو

: "ڳوڻاٽي دوست ڪمون جي شادي آهي. ٻن ڏينهن لاءِ ڳوٺ پيو وڃان موڪل کپي". برڪت ڪجهہ سوچيندي وراڻيو : "اڄڪلهہ سياسي موسم گرم آهي. اوهانجو اخباري ڪم سنڀالڻ لاءِ، هتي ترسڻ ضروري آهي. " راول چيو: "ها پر سياست کان ڪان وڌيڪ مونکي دوستيءَ ۾ دلچسپي آهي. " برڪت سنجيدهہ ٿيندي، چيس : "توکي ملازمت ۾ دلچسپي رکڻ گهرجي. ادارو اوهانکي پنج هزار پگهار ڪم لاءِ ڏي ٿو ان لاءِ نہ جو اوهان شادين جي ڪاڄن ۾ گهمندا رهو" راول ورندي ڏنس :

"هن اداري جي بهتري لاءِ اسان راتين جون ننڊون ڦٽايون آهن. پنج هزار پگهار اسانجي ڪم کان گهٽي گهٽ آهي. ٽن چئن مهينن ڪانپوءِ بہ ٽي ڏينهن موڪل تہ اسانجو بہ حق آهي نہ!" برڪت بيرخيءَ مان چيو : "هتي اسانجو موضوع حق ۽ ناحق ناهي. پلا اهو ٻڌائي تہ ڪمون، اهوئي ساڳي آهي نہ، جيڪو ائين ڪلاس تائين پاڻ سان گڏ پڙهندو هو. ڏاڍو هوشيار شاگرد هو. هڪ ڏينهن دير ڪري اسڪول آيو ماستر مرغو ناهي، ساٿي شاگردن کان ٽڏا هٽاياس، ان بيعزتيءَ ڪانپوءِ ڪڏهن بہ اسڪول ڪون آيو. وڃي مائٽن جو ٻڪريون چاريائين" برڪت وڏو ٽهڪ ڏيئي پڇيو": "اهوئي ڪمون نہ؟" راول هائوڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو. برڪت ڳالهہ جاري رکندي چيو: "ان ڌراڙ ٻڪراڙ جي شاديءَ ۾ رڍن ٻڪرين

۽ ڍورن جا ولر هوندا. ڇا ڏسندين؟“ راول بيزاريءَ مان وراڻيو:”توهان وٽ جيڪي ترجيحون ۽ اوليتون آهن، ضروري ناهي تہ آئون بہ ايئن سوچيان. منهنجي نظر ۾، دعوتون سک جا سڏڙا آهن. جن منجهان خلوص جي خوشبوءِ ايندي آهي!“

برڪت ڇهري تي بيسرو گهنڊ وجهي، سختيءَ مان چيو: ”گهٽا هر زمين ڪي ڏبا. آئون توکي واضح ٻڌايان، موڪل نہ ملندي، ملازمت مٿي اٿئي تہ مانڙي ڪري ويهي رهيو!“ راول ڪرسيءَ تان اٿي بيٺو. چيائين : ”نوڪري ويئي تہ آئي آڱوني تان، دوست جي شاديءَ ۾ شريڪ ٿيندس“. برڪت حيرت مان چيو: ”عجيب ڳالهہ آهي، ڏراڙ ٻڪراڙ ڪمونءَ جي شاديءَ ۾ ڇا رکيو آهي!؟“ راول واپس ويندي چيو : ”تون دولت جي دنيا جو رهندڙ آهين برڪت، توکي ڪهڙي خبر تہ ڪنهن مسڪين مگر مخلص دوست هٿان، پيار مان پياريل رڀ، آب حيات ڪان وڌيڪ اهم آهي!؟“

برڪت ڪاوڙ مان چيو: ”آئون تنهنجو باس آهيان. منهنجو حڪم نٿو مڃين“.

راول وراڻيو: ”اڄ پنهنجي نوڪري ڇڏڻ جو فيصلو ڪري چڪو آهيان. جيستائين تو دوستيءَ جي ٻولي ۾ حڪم پئي ڏنا، تيستائين اکين تي هئا. پر هاڻي تنهنجي ٻولڪي بدليل آهي. خير. . . . آئون توکي ۽ تنهنجي نوڪريءَ کي نيڪ تمنائن سان خدا حافظ ٿو چوان. اوهانکي اوهانجو هي ادارو مبارڪ هجي- آئون هلان ٿو“

برڪت مصنوعي کل کلندي چيو: ”ڪو فرق نہ پوندو راول- تون پنهنجي پير تي ڪهاڙي هڻي رهيو آهين. “

راول ويندي ويندي بيهہ رهيو. ڪنڌ پوئتي ورائي برڪت سان مخاطب ٿيو: ”برڪت توکي دولت، ڪرسي ۽ رتبي جي چڪر منجهائي ڇڏيو آهي. پر پوءِ بہ تون منهنجو دوست آهين ۽ دوست رهندين. اسين اهي البيلا ماڻهو آهيون، جيڪي نقصان تہ ڪائي ويندا آهيون، پر ڪنهن سان ويساهہ گهاتي ڪري ناهيون سگهندا. دماغ جا دليل نہ مڃي، دل ڪان دوکو تہ ڪائي ويهندا آهيون، پر آزمائش ۾ پير پوئتي ناهيون ڏيندا. رهزن هٿن سدائين اسان جي ڪلهن تان بندوقون ڇوڙيون آهن. پر هر دفعي، اسان سڀ ڪجهہ سمجهندي بہ فريب ڪاڌا آهن، ۽ ڪڏهن بہ ڪو ڏوراپو ناهي ڏنو! اسين سچ جي راهن تي هرهر ڪٽا آهيون، پر اسان شهيدن جي لسٽ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ آڱوٺن کي ڏاڻن جا وڍ ناهن ڏنا ۽ اسانجي دل بہ ان ارڏي گهوڙي جيان آهي. جنهن جي رڪيب ۾ دوستن ڪانسواءِ ٻيو ڪو بہ پير پائي ئي نہ سگهندوءَ“ راول آفيس مان ٻاهر هليو ويو.

اخباري ملازمت ڇڏڻ ڪانپوءِ، ڪجهہ وقت هن وٽ مالي هٿ منجهہ ۽ ڪيسا خالي هجڻ وارو دؤر ترسي پيو. پر هن ليڪچرشپ لاءِ ڪميشن جو امتحان پاس ڪري ورتو. جلدي ڪيس ليڪچرار طور سرڪاري ملازمت ملي ويئي. اها اخبار، جنهن جي آبياري هن پنهنجي پگهر سان ڪئي هئي، هن جي ڇڏڻ ڪانپوءِ ان جو معيار ڏينهون ڏينهن ڪرڻ لڳو ڪڏهن ڪڏهن ساڳي اخبار پڙهڻ لاءِ ملندي

هئس ته، غير دلچسپ سرخيون، بي سواد ڪالم، ناڪام عاشقن جون ڊائريون ۽ رڏپچاءُ جون ترڪيبون پڙهي، هن جون اکيون رت جا لڙڪ هارڻ لڳنديون هيون. اخبار ڇڏڻ ڪانپوءِ راول ڪڏهن ڪنهن اخبار لاءِ ڪو ڪالم نه لکيو. هن جي دل ٻه ان پڪي جيان هئي، جيڪو هڪ آڪيرو اجڙڻ ڪانپوءِ، جلدي ٻيو ٽڪاٽو ڳولي ناهي سگهندو ۽ انهن لامن تي لڏڻ لاءِ وري وري تانگهائيندو آهن، جتي هن ڪي لاتيون، ڪي ٻاتيون ڪيون هونديون آهن!

ليڪچرار ٿيڻ ڪانپوءِ راول جي ساٿين ۾ اضافو ٿيڻ لڳو. ڪاٽن ڪپڙا ۽ چشما پاتل ڪيئي پڙهيا لکيا، هن جا ساٿي، جڏهن ايوننگ واڪ تي هن سان گڏ هلندا هئا، ته راول اڪثر پنهنجي غريب دوستن وٽ ٻيهي ڳالهيون ڪرڻ لڳندو هو جن مان ڪو موچي، ته ڪو هوٽل جو بيرو ۽ ڪو وري پٽيوالو ٻه هوندو هو. انهن مان ڪو ويهڻ جي صلاح ڪندو هئس، ته ويهي رهندو هو. نه ڏسندو ڪٽ، نه ڏسندو پٽ، بس انهن سان انهن جهڙو ٿي ويهي ڳالهيون ڪندو. ڪپڙا ڇنڊيندڙ ۽ ٽشو پيپر سان پگهر اگهندڙ هن جي ساٿين جي نڪ ۾ وٽ پئجي ويندا! اهي انهن سان گڏ ويهڻ، پنهنجي رتبي جي تذليل سمجهندا. هڪٻئي سان راول جي ذهني حالت تي پڻ پڻ ڪندا ۽ نيٺ هڪ هڪ ٿي، هن ڪان پري ٿي ويا، پر راول پنهنجي دل ڪان پري ٿي نه سگهيو. پرنسپل جون ذميواريون ملڻ ڪانپوءِ ٻه، هن جي رويي ۾ ڪا تبديلي ڪون آئي. ساڳيو فقير منش ماڻهو مرضيءَ جو مولي، رڪشن ۾ رلندڙ پيرين پنڌ ڪندڙ نه ڪالهه تي پڇتاءُ، نه سڀاڻي لاءِ پريشان. بس جهڙو اندران تهڙو ٻاهران، زندگيءَ جي راهن تي راضي رهندڙ۔ هڪ دلبر شخص!!

پروفيسر راول جنهن وقت، پنهنجي آفيس ۾، چانهه پيئندي برڪت نالي شخص تي سوچي رهيو هو. ان وقت ويهه سال اڳ جو زمانو هن جي اکين اڳيان ڦرندو رهيو.

ويهن سالن ڪان برڪت ڪي نه ڏٺو هئائين، هن جو تجسس وڌندو رهيو. پندرهن منٽن ڪانپوءِ هن سال ملڻ وارو شخص ڪير ٿي سگهيو ٿي. برڪت هجي يا وري ڪو ٻيو؟!

"هن چانهه جو خالي ڪوپ رکيو. واچ ۾ وقت ڏٺائين، "پندرهن منٽن مان ڏهه منٽ گذريا هئا، پنج منٽ باقي هئا. الاءِ ڇو؟ هن جي اڳيان برڪت جي ٻالڪ پڻ واري تصوير ڦري رهي هئي. هو اتاولو ٿيڻ لڳو. پندرهن منٽن جو وقت، هن لاءِ پندرهن صديون ٿي پيو. راول پنهنجو هٿ ڪال بيل تي رکڻ ڪان روڪي نه سگهيو. پٽيوالو اڳيان اچي بيٺس. پٽيوالي کي چيائين : "برڪت نالي شخص ڪي اندر موڪل". ٻئي لمحي برڪت هن جي سامهون موجود هو. هن جو ننڍپڻ جو دوست، اهوئي ساڳي ڀروپي انداز، اهائي مصنوئي مرڪ ۽ اهوئي ساڳي خوشامدي لهجو. راول برڪت کي ڀاڪر پائي مليو. عزت سان ڪرسي تي ويهاريائين. پٽيوالي کي چانهه آڻن جو چئي، برڪت ڪان حال احوال وٺڻ لڳو. برڪت ٻڌايس : "يار اجڪلهه قاسم آباد ۾ رهان ٿو. اخبار بند ٿي ويئي. هڪ مل ۾ مينيجر آهيان!"

راول جي اندر ۾ آيو تہ کيس چوي ”اجا مل بند ناهي ٿي!“ پر خاموش رهيو. برڪت چيس : ”تنهنجو پٽ ضرياب، قاسم آباد ڪاليج ۾ پڙهي ٿو نہ؟“ راول هائوڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو. برڪت ڳالهہ جاري رکي: ”ساڳي ڪاليج ۾ منهنجو ڇوڪرو رجب، تنهنجي پٽ جو هم ڪلاس آهي. اتان ئي مونکي اوهاجي هتي هجڻ جي خبر پيئي. هڪ ڪم وجهي هليو آيو آهيان. “.

راول ڪان ڇرڪ نڪري ويو: ”مون ۾ ڪهڙو ڪم ٿي سگهي ٿو“. ”بس مڙئي معمولي آهي، تنهنجي ڏائي هٿ جو ڪيل!“

راول سواليہ نظرن سان برڪت کي ڏسڻ لڳو. برڪت وراڻيو ”قاسم آباد ڪاليج جا امتحاني پرچا هتي، اوهان جي ڪاليج ۾ چڪاس لاءِ آيل آهن“.

”تہ پوءِ ان ۾ ڪم جي ڪهڙي ڳالهہ آهي؟“

برڪت ڪياڙي کهڻ لڳو. راول جي بيقراري وڌندي رهي. نيٺ برڪت چيو : ”اصل ۾ منهنجي ڇوڪري جي ميڊيڪل ۾ سليڪشن ڪرائڻي آهي. گذريل سال اهو ڪم مون ڏي وٺ سان بورڊ مان ڪرايو هو. پر هن سال پڪي پاڻهي اچي ڳوڙهي سان لڳو آهي. تون هن سال جون مارڪون وڌائي سگهين ٿو. گهربل مارڪون ملڻ کان پوءِ رجب ڊاڪٽري ۾ سليڪٽ ٿي ويندو “ راول حيرت مان برڪت کي ڏسڻ لڳو. برڪت وري چيو: ”پرچا چيڪ ڪرڻ وارا بہ تنهنجا ماتحت ليڪچرار هوندا. “ راول مايوسي مان وراڻيو: ”افسوس، اهڙو ڪم ڪرڻ جو آئون سوچي بہ نٿو سگهان، پرچا چيڪ ٿي چڪا آهن. اڄ ئي واپس موڪليون پيا“، برڪت تڪڙ مان وراڻيو : ”چيڪ ٿي چڪا آهن تہ مڙئي خير آهي. انگن کي بدلائي سگهجي ٿو“راول معذرت واري لهجي ۾ ورندي ڏيندي چيو : ”دوستيءَ ۾ سر گهرين تہ حاضر آهي، پر ڪم اهڙو رک، جنهن ۾ ضمير ملامت نہ ڪري!“

برڪت اصليت تي لهي آيو. چيائين:”تون منهنجو ننڍپڻ جو يار آهين، اهو خسيس ڪم توکان نٿو پڇي! ياد اٿئي اهي ڏينهن، آئون توکي اسڪول ۾ ڇٽا ڇولا ۽ پڪوان کارائيندو هئس. هڪ دفعي صبح سويل مون واٽ تي سٽل بلا کان توکي بچايو هو“. راول جي لبن تي بيساختہ مرڪ تري آئي. هن کي اهو صبح ياد آيو جڏهن ٻئي اسڪول اچي رهيا هئا. پرسان بيٺل وڻ وٽان هڪ خونخوار ڪتي، برڪت تي حملو ڪيو. برڪت جي قميص جي چال ۾، ڪتي جو چڪ پئجي ويو. برڪت زور زور سان رڙيون ڪرڻ لڳو. پرسان بيٺل راول نہ ڪٽي هم، نہ تم، سڌو ڪتي جي ڪنن ۾ هٿ وڌائين. ڪنهن ماهر ملهہ پهلوان جي واري جيان ڪتي کي چوڦير ڦيراڻ لڳو. گهمائي گهمائي جڏهن ڪتي مان هٿ ڪڍيائين تہ، ڪتو پري وڃي ڪريو. ڪتي کي ڦيري اچي ويئي، پير ڻاهہ تي نہ پئي آيس، ٿڙندو ٿاٻڙجندو، هڪ طرف وڃڻ لڳو. راول پوئتي لوٽو ڦيريو تہ پاسي واري چار تي چڙهيل برڪت، حيرت ۽ خوف مان پري ويندڙ ڪتي کي ڏسي رهيو هو. چار تان لهي جڏهن زمين تي آيو تہ، هن جي قميص قاتل هئي ۽ شلوار بہ آلي هئس! ان حالت ۾ اسڪول وڃڻ مناسب نہ هو. ٻئي ڄڻا واپس گهر

وچڻ لڳا. واپسيءَ ۾ اڳيان ويندڙ برڪت، گس تي ويٺل لنڊي بلا ڏٺي. جهٽ پٽ پير جي جوتي سان ماري وڌائين. داد طلب نظرن سان گدگد ٿيندي، راول کي چيائين:
”ڏس توکي مون بلا کان بچائي ورتو. مون کيئن نه ڦڙتيءَ سان بلا ماري، منهنجي دل ته ڏس!“.
برڪت هن ڳالهه جو هر ملندڙ سان ذڪر ڪيو. ٻئي ڏينهن اسڪول ۾ هر ساٿي اڳيان بلا مارڻ واري ڳالهه جو ذڪر ڪندو رهيو ۽ ان ننڍڙي ڳالهه کي به پنهنجي ڪارنامي طور ڳڻائيندو رهيو. جڏهن ته راول ۽ ڪتي جي مقابلي جو ذڪر ڪنهن اڳيان به نه ڪيائين. نه ئي راول ان ڳالهه جو احوال، ڪنهن سان اورڻ ضروري سمجهيو. راول انهن ماڻهن مان هو، جيڪي ڪندا ته گهڻو ڪجهه آهن، پر ظاهر ڪجهه به ناهن ڪندا. جڏهن ته برڪت جهڙا ماڻهو ڪندا گهٽ آهن، ۽ ظاهر گهڻو ڪجهه ڪندا آهن! ۽ ٻنهين جي وچان، اهوئي بنيادي فرق هو.
راول کي گم ڏسي، برڪت چيو: ”واڻڙو چو ٿيو آهين، منهنجا احسان توتي اجان به گهڻا آهن. آخر منهنجو ننڍڙو ڪم چو نه ٿو ڪرين“
راول عذيت جي سمونڊ ۾ ٻڏڻ لڳو. بيوسيءَ مان چيائين: ”دوستيءَ ۾ آئون پنهنجو پاڻ کي ته نقصان ڏيئي سگهان ٿو پر اهڙو ڪو به ڪم نه ڪندس، جيڪو سچي ڇمار مون کي پڇتاءُ جو ڪاريهر بڻجي ڏنگيندو رهي“.
برڪت زور ڏيندي چيو :”جڏهن آئون اخبار جو ايڊيٽر هئس، تو نوڪري ڇڏڻ وقت چيو هو ته آئون تنهنجو دوست هئس ۽ رهندس ۽ تون ڪنهن آزمائش ۾ پير پوئتي نه ڏيندين ! اڄ تولاءِ آزمائش آهي، هڪ طرف منهنجو پٽ، ٻئي طرف تنهنجو پٽ!. “
راول حيرت مان پڇيو:”تنهنجو پٽ، منهنجو پٽ، ڇا مطلب ؟“
برڪت مصنوعي مرڪ مرڪندي چيو: ”تنهنجو پٽ رجب گذريل سال جي امتحان ۾ پهريون نمبر رهيو هو. هن سال به سندس مارڪون گهٽ ڪون هونديون. هن جو سيٽ نمبر 22848 آهي. جڏهن ته منهنجي پٽ رجب جو سيٽ نمبر 22846 آهي. صرف ڇڪي کي اٺي ۾ بدلائڻو پوندو. ڪو فرق نه رهندو. باقي اٺ کي ڇهه ۾ آڻڻ لاءِ معمولي ڏاٽ ٿيندي. “ راول جي دل آزمائش جي ڪنڍن ۾ وچڙي پيئي. دوستيءَ جي آزمائش ۾ هو سدائين سرخرو رهيو هو. پر اڄ هن جي اڳيان وڏي آزمائش آيل هئي. هن کي برڪت جي ڪابه مجبوري نه هئي، پر هن کي مجبور ان دل ڪيو، جنهن دل، سدائين قرباني ڏيئي دوستيءَ جا ڀرم رکيا هئا.
ڏهن منٽن ڪانپوءِ ضرياب ۽ رجب جا امتحاني پيپر، راول جي ٽيبل تي موجود هئا. برڪت انگن کي بدلائي دادطلب نظرن سان راول ڏانهن ڏٺو چيائين: ”بورڊ ۾ ان ڪم جا لک سوا لڳي وڃن ها، “
پروفيسر راول خاموش رهيو. برڪت ڪرسيءَ تان اٿي وڃڻ لڳو. راول ڏکوئيندڙ آواز ۾ چيو: ”اسين انهن عجيب رشتن جا اسير آهيون، جن رشتن کي دولت جي هن دنيا ۾ سمجهي نٿو سگهجي. اسين

انهن املھ وفائن جا سوداگر آهيون، جن جي قيمت موجوده مارڪيٽ ۾ ڪريل آهي. اسانجي سچائي، انهن ماڻهن اڳيان تماشو بڻي آهي، جن بي پتن ائن جيان، انهن ئي وڻن کي ڪاڏو آهي، جن وڻن سان اهي ٻڌبا آهن ۽ اسان دوستيءَ جي ديويءَ کي راضي رکڻ لاءِ، پنهنجن ئي هٿن سان، پنهنجي دل ۾ ڇرا هنيا آهن!“ برڪت لاپرواهيءَ سان ڪمري مان ٻاهر نڪري ويو.

برڪت جي ٻاهر نڪري وڃڻ ڪانپوءِ، برڪت کي ضمير ڇُهنڊڙي هنئي: ”تو پنهنجو نقصان ڪيو يا پوري معاشري جو؟!“ هو زندگيءَ ۾ پهريون دفعو پڇتاءُ جي پاڻيءَ ۾ ٻڏڻ لڳو. سگهوئي پوءِ پٽيوالو ڪمري ۾ داخل ٿيو. احترام سان چيائين : ”سر اوهانجو ڳوناٽو آيل آهي، اندر موڪليانس“. ”ها ها منهنجو ڳوناٽو هينئر ۽ هتي. . . . ؟!“

ٻئي لمحي هن جي اڳيان سندس ڳوٺائي مکڻ موجود هو. جنهن ڪيس پاڪر ۾ پريندي چيو: ”يار وقت تمام ٿورو آهي. سارنگ جي طبعيت صحيح ناهي. اوهان جلد هلو!“ راول ڪجھ سالن کان شهر ۾ ئي رهندو هو. هن پيءُ کي شهر هلڻ لاءِ تمام گهڻو زور پريو. پر سارنگ شهر ۾ رهڻ کان ٽپ انڪار ڪري ڇڏيو. سارنگ پاءُ قاسم سان گڏ ئي رهندو هو. شهر ۾ هن جو ساهہ منجهندو هو. ان ڪري پٽ راول سان گڏ شهر ۾ رهڻ بدران هن ڳوٺ ۾ رهڻ کي ئي ترجيح ڏني.

پر جنهن وقت پروفيسر راول پٽ ضرياب ۽ گهر واريءَ سان گڏ ڳوٺ پهتو ان وقت سندس والد سارنگ جو لاش دفنائڻ لاءِ قبرستان ڏانهن کٽي وڃي رهيا هئا. جنهن وقت پروفيسر راول، پنهنجي پيءُ جي جنازي کي ڪلهو ڏنو ان وقت هن کي سارنگ جو اهو ڪلهو ياد آيو. جنهن تي چڙهي ننڍپڻ ۾، هن ڪيئي منظر جهٽيا هئا. ڇيڳرايون ڪيون هيون ۽ پيڻ سونا سان گڏ ڪيئي معصوم ڪيتا ڪيا هئا. ان وقت هن سچ پچ خيالن ئي خيالن ۾ پاڻ کي پيءُ جي ڪلهي تي چڙهيل محسوس ڪيو. پر پيو ڪلهو خالي هو اتي ننڍڙي سونا موجود نہ هئي!

***

مني جانان! چاچا سارنگ جي زندگيءَ جو احوال، ان ڪري لکيو اٿم، جيئن مون طرفان لاڙ ۾ رهڻ ۽ ٿر ۾ منهنجي خانداني پس منظر متعلق ڄاڻي سگهين. اهي ڳالهيون افسانوي رنگ ۾ ان ڪري لکيو اٿم، جو انهن جا سمورا ڪردار ۽ واقعا، حيرت انگيز طور انوکا، دلچسپ ۽ افسانوي آهن. اميد تہ توکي پڙهي گهڻي بوريت نہ ٿي هوندي. بابا قاسم، امان حڪيمہ ۽ چاچا گلاب جي زندگيءَ جا احوال بہ ڏاڍا عجيب آهن. وقت مهلت ڏني تہ ايندڙ خطن ۾، اماڻڻ جي ڪوشش ڪندس. جيئن تون نہ رڳو مونکي سمجهي سگهين، پر منهنجي خانداني پس منظر ۽ ٿري رهڻي ڪهڻيءَ جي چند پاسن کان بہ واقف رهين.

حجابن ۾ وڃائي ويل اڌوريءَ چميءَ جي هرڪر

جهڙو— تنهنجو بيچين ساگر.
ڏس پتو
بيچين ساگر
صفوان ڪلينڪ، ٽنڊو باگو
ضلع بدين.
ياسمين جي لبن تي، ڪينجهر جي ڇولين جيان مرڪون ترڻ لڳيون. اجنبيءَ جي اڌوري ئي سهي، پر ڪجهه سڃاڻپ تہ سامهون آئي هئي. ياسمين کي اهو ڄاڻي خوشي ٿي تہ اجنبي، آسپاس رهندڙ ڪو ڀهروپيو هجڻ بدران ٽنڊي باگي پرسان ڪنهن ڳوٺ ۾ رهندڙ شخص آهي. جنهن جو اصل ڳوٺ ٿر ۾ ڪٿي آهي. آخر ۾ سندس پوسٽل ائڊريس بہ موجود آهي. ياسمين جي خوشيءَ جي ڪا حد نہ رهي. ڪيس پنهنجي پيار ڏانهن ويندڙ ڏنڊلو پيچرو معلوم ٿي چڪو هو. بلڪل ائين جيئن ڪنهن ٿري اوٺار کي گهٽي وقت ڪان وڃايل پنهنجي ڏاچيءَ جي پير جو نشان، ڪنهن پٽ تي نظر ايندو آهي! ياسمين بہ پنهنجي پيار جو طرف معلوم ٿيڻ پڄاڻا، اوندهہ ۾ جهوتون پائڻ بدران واضح رخ ۾ ڏسي رهي هئي.
رات جو جڏهن بستري مٿان ليٽي تہ، دير تائين سمهي نہ سگهي. ڪجهہ ملي پوڻ جي اڻ لکيءَ خوشي جي احساس ۾ آئيندي جو ڪو محبوب سپنو سمائجي ويو. هن جي ذهن ۾ ٽنڊي باگي شهر جو نالو هرهر دهرائجي رهيو هو. اهو شهر ڏٺل تہ نہ هئس، پر ٻڌل ضرور هئس. هوءَ دير تائين ان شهر جي آسپاس رهندڙ اجنبي شخص ۽ سندس چاچي سارنگ سانگيءَ جي متعلق سوچيندي رهي، اجنبي شخص طرفان چاچس سارنگ ۽ سئوٽ راول جي متعلق ڪهاڻي نما لکيل ڳالهين، بنهہ گهڻو متاثر ڪيس. فلمو ڏسڻ ۽ جاسوسي ناول پڙهڻ جي هيراڪيءَ سبب هوءَ انهن ڳالهين ۾ تمام گهڻي دلچسپي وٺي رهي هئي. هن کي ايندڙ خط جو انتظار هو جنهن ۾، اجنبيءَ جي والد قاسم، ماءُ حڪيمہ ۽ چاچي گلاب جو ذڪر ٿيڻو هو. اجنبيءَ پوئين خط ۾ ساڻس اهڙو واعدو ڪيو هو. اجنبيءَ جي خاندان جي ڪهاڻيءَ جي شروعات ڪيس انوکي ۽ دلچسپ لڳي هئي. هن پاڻ بہ اجنبيءَ سان جيون ساٿياڻي بڻجڻ جا خواب سڃائي رکيا هئا. ان ڪري پاڻ کي بہ ان عجيب ناول جي ڪنهن ڪردار طور ڏسي رهي هئي! سندس اکين جي آکيري مان ننڊ جو پکي اڏامي چڪو هو ۽ هوءَ اجنبي سڄڻ جي خيالن ۾، ڪتڪائي ڪندڙ جذبن سان ڪينچيل ڪري رهي هئي. دير تائين سوچن جي سفر ۾، ننڊ ۽ جاڳ جي سنگم تان، هن فيصلو ڪيو تہ هوءَ صبح سويل اجنبي سڄڻ کي خط لکندي. جيئن هن کي بہ احساس ٿئي تہ ڪيس بہ ڪو ياد ڪري، ننڊون ڦٽائي ٿو.

***

هن سرڪاري اسپتال مان پنجن ڏينهن جي موڪل وٺي ڇڏي ۽ پوڙهي پيءُ سان سهيلي ڪي خط لکڻ جو بهانو ڪري، پوسٽ جا لفافا گهرايائين. الڳ ڪمري ۾ ويهي، هن اجنبيءَ جي پوئين خط ڪي وري پڙهيو. آخر ۾ لکيل ڏس پتي تي، هن جون نظرون اٽڪي پيون. ٻيو ته سڀ ڪجهه ٺيڪ لڳس، پر اجنبيءَ جي نالي بيچين ساگر ڪيس وري شڪ جي صليب تي لٽڪائي ڇڏيو. هن سوچيو: ”جڏهن اجنبي پاڻ به پوئين خطن ۾، هڪ هنڌ بيچين ساگر کي پنهنجي فرضي نالي طور مڃي چڪو آهي. ته پوءِ هن ائڊريس ۾ اهو فرضي نالو ڇو ڏنل آهي؟ فرضي نالي واري ائڊريس تي خط ڪيئن پهچندو؟ ڇا سمورو ڏس پتو فرضي ته ناهي؟ هن کي سمورو کيل، مومل جو ٺڪسات محسوس ٿيو. جنهن ۾ ناٽر جهڙو ڪو ڪردار ڪيس اجايو ڏتلائي، گهوبون ڏيئي رهيو هو. هن جهٽ ڏيئي خط ڦاڙي ڇڏيو. هٿ ۾ جهليل پين کي مروڙي ٽوڙي ڇڏيائين. ٽٽل پين جا ٻه اڌ ديوار ڏانهن اڇلائي، اٿي بيٺي. هن کي اجنبي شخص تي شديد ڪاوڙ آئي ۽ هوءَ تيزيءَ سان ڪمري مان ٻاهر نڪري ويئي.

هن ارادو ڪيو ته. هوءَ هاڻ ڪڏهن به اجنبي شخص جو خيال، دل ۾ ڪون آڻيندي. ان ڪوشش ۾ هوءَ اجنبيءَ کي وسارڻ جي ريهرسل ڪندي رهي. پنهنجي ساءِ هن ارادو ڪيو ته اجنبي شخص جو ايندڙ ڪنهن به خط کي هاڻ هوءَ نه پڙهندي ۽ لفافو کولڻ بنائي ڦاڙي ڊسٽربن ۾ اڇلائي ڇڏيندي. جيئن لفظن جي خوشبوءِ مان ڦٽندڙ پيار جي پيڙا کان بچي سگهجي!

ٻئي ڏينهن شام جو هوءَ سپنا ڪلينڪ جي ڊليوري روم ۾ گائينڪ ٽيبل مٿان سٽل حامله عورت کي، سينٽو جي ڊرپ لڳائي، پاڻ پرسان چيئر تي ويهي رهي. ڪمري کان ٻاهر مريضائن جا اٽينڊنٽ ويٺل هئا. جن مان هڪ ملوڪڙي مهانڊي وارو نوجوان لاڳيتو هن ڏانهن ڏسي رهيو هو. ياسمين انهن نگاهن کان نظرون بچائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندي رهي. هن طرفان دل اندر دٻايل اجنبي پيار جو سيلاب، ٻاهر نڪرڻ لاءِ پنهنجا رستا پاڻ ناهڻ لڳو. هن جي ذهن ۾ اجنبي شخص جا خود ساخته خدوخال ابرڻ لڳا. هن ڀانيو: اهوئي اجنبي سڄڻ آهي. جنهن جلد هن سان ملڻ جو واعدو ڪيو هو. اڄ مريضه جي وارث طور سندس سامهون موجود آهي. هن کي ڪرسيءَ تي بيچيني محسوس ٿي. اٿي وڃي ڊرپ لڳيل عورت جي پاسي ۾ بيٺي. اتي هن پاڻ کي ڪنهن حد تائين رليڪس محسوس ڪيو ڇو ته هاڻ هوءَ ٻاهر ويٺل نوجوان جي نظرن جي نشاني کان بچيل هئي. هن اجايو ڊرپ جي رفتار گهٽ وڌ ڪئي ۽ واپس اچي ڪرسيءَ تي ويٺي. بيساخط هن جون نظرون سامهون بينچ تي ويٺل نوجوان ڏانهن کڃي ويون. نوجوان جي چپن تي مرڪ پکڙي پيئي، شايد ڪيس احساس ٿي پيو هو ته. ياسمين هن ۾ دلچسپي وٺي رهي هئي. ياسمين لاءِ سامهون ويٺل نوجوان جي موجودگيءَ ۾، اجنبي سڄڻ جو گمان، دلڪش هرکر جو باعث بڻجي پيو. اوچتو بجلي هلي ويئي. ڊسپينسر ميڻ بتي ٻارڻ جي تياري ڪرڻ لڳو. ياسمين اسپتال جي اڱڻ ۾ اچي بيٺي. پرسان ئي بينچن تي اٽينڊنٽس ويٺل هئا. جن ۾

مشڪوڪ نوجوان بہ موجود هو. ياسمين آسمان تي چمڪندڙ چوڏهينءَ جي چنڊ تي نظر وڌي، جنهن سان ڪائي پٽڪي وينل اڪيلي ڪڪري ڪينچل ڪري جدا ٿي رهي هئي. نوجوان پرسان وينل شخص سان ڳالهائي رهيو هو. هيلوڪي ڏڪار بہ ٽرين کي توتا چباڻي ڇڏيا آهن. ماڻهو بک تا مرن“ نوجوان ياسمين ڏانهن ڏسندي ڳالهايو. پرسان وينل همراهہ وراڻيو ”هائو ٻيلي، ڪالهہ آئون پٽ چڙهيس تہ، چار هينيان بہ مور مئل ڏٺم“. نوجوان خود نمائي خاطر ڪيس چڙٻيندي چيو : ”مور مئا تہ آيا ٽُنيئي تان، بک ۽ بيماريءَ ۾ ريڊون مري چٽ پيون ٿين“. ياسمين چرڪي پيئي. نوجوان طرفان مورن لاءِ ڳالهايل جملي ڪيس مايوس ڪيو!

هن سوچيو: ”اجنبي تہ مورن لاءِ اهڙي لاپرواهي ۽ بيزاري رکي نٿو سگهي“. ڳالهيار قسم جو نوجوان پهريون پيرو ياسمين سان مخاطب ٿيو : ”بجلي جي وڃڻ، اوهان کي ڏاڍو پريشان ڪيو. واقعي بجلي ڪانسواءِ زندگي اڌوري آهي“. ياسمين سوچيو: ”بجلي جي اهميت تي ڳالهائيندڙ نوجوان چنڊ ۽ چانڊوڪيءَ تي تہ اجان هڪ لفظ بہ ناهي ڳالهايو. هن کي پڪ ٿيڻ لڳي تہ اهو نوجوان اجنبي خط لکاري سڄڻ ٿي نہ ٿو سگهي. ان وقت بجلي موٽي آئي ۽ هوءِ واپس وڃي، ڪرسيءَ تي ويٺي. اڱڻ تي لڳل بلب جي روشنيءَ ۾ نوجوان ساڳي جاءِ تي موجود هو. ڪيسي مان هزار هزار جا نوٽ ڪڍي ڳڻي رهيو هو. رکي رکي ياسمين ڏانهن ڏسي رهيو هو پر هاڻي ياسمين جي چهري تي نہ رڳو خود اعتمادي موٽي آئي هئي، پر سندس نظرن مان نفرت جا اُلا بہ نڪري رهيا هئا. هن سوچيو: ”نوجوان طرفان غير ضروري پئسن جو ڳاڻيٽو دراصل ياسمين کي ملڪيت ڪان مرعوب ڪري پاڻ پڏائڻ جي ترڙائي آهي. اجنبي خط لکاري ايترو گهٽيا ٿي نٿو سگهي“.

ياسمين ٽپ ڏيئي اٿي بيٺي ۽ تڪڙي ٻاهر بينچ تي وينل نوجوان ڏانهن وڌڻ لڳي. نوجوان خوشفهميءَ مان اکيون ڦاڙي ڪيس ڏسڻ لڳو. نوجوان جي سامهون پهچي، ياسمين زور سان ڳالهائيو: ”اڙي او ڪميٽا، واهيات، زندگيءَ ۾ ڪڏهن عورت نہ ڏٺي اٿئي. جو گابي وانگر ڏوڏا ڦاڙي مونکي ڏسين ٿو. تون ڇا ٿو سمجهين؟ آئون تنهنجن پئسن ڪان متاثر ٿيندس!“. نوجوان کي ڪنبٽي وني ويئي. واڙڙو ٿيندي چيائين :”ادي تون منهنجي ڀيڻ آهين!“. پرسان وينل اڌڙوٽ شخص، هٿ ٻڌندي ايلاز ڪيا. : ”امان ڊاڪٽرياڻي معاف ڪر. اسانجو ڇوڪرو ٻهراڙيءَ جو جهنگلي آهي. معاف ڪريو“.

ياسمين سختيءَ مان چيو: ”هن ترڙي کي هتان اٿار، آفيس جي ڪمري ۾ وڃي ويهہ!“

ڇوڪرو ۽ همراه بينچ تان اٿي ويا. ياسمين واپس اچي ويٺي. ٽشوپيپر سان پگهر اگهي ورتائين.

***

# ڊنڊلو فيملي پورٽريٽ

هوءَ سرڪاري اسپتال ۾ پنهنجي آفيس اندر موجود هئي. ٽپاليءَ ٻه ٽي ڳرا لفافا ٽيبل تي رکندي چيو: ”ميڊيم اوهانجي سهيليءَ لفافا مهانگا ڪري ڇڏيا آهن. ءَ هن منهن ورائي ٽپاليءَ ڏانهن نهاريو. ٽپالي آفيس جي در منجهان ٻاهر نڪري رهيو هو. هن لفافن تي نگاهه وڌي، جيڪي ٽيبل تي موجود هئا. هن کي ياد آيو ته هوءَ اجنبيءَ جا خط، ڪڏهن به نه پڙهڻ جو واعدو پاڻ سان ڪري چڪي هئي. هوءَ تذبذب جي پاٽيءَ ۾ ترڻ لڳي. سندس ڪيفيت رڻ مان موٽندڙ ان اڃايل ماٺهوءَ جهڙي ٿي پيئي، جيڪو ويرانيءَ ۾ ڪوري دلي مٿي وينل نانگ مارڻ پڄاٽا پاٽيءَ ۾ زهر هجڻ جي ڪٽڪي سبب، پيئان نه پيئان واري ڪيفيت ۾ وچڙي پوندو آهي! هن هٿ وڌائي ٻئي لفافا کڻي ورتا. ٻئي لمحي سندس نظرون ڊسٽربن تي اٽڪي پيون. ڪيس آڳاتو اجنبيءَ جو لکيل جملو ياد آيو “ لڙڪن سان وضو ڪندڙ لفظن سان اها بيحرمتي نه ٿي جڳائي!بيساخته هن جون نظرون ڊسٽربن تان هٽي، لفافن تي اٽڪي پيون. هن پاڻ کي ڪوڙي آٿت ڏيندي سوچيو: “ٿي سگهي ٿو هنن خطن ۾ ڪٿي، اجنبيءَ جو نالو يا وڌيڪ معلومات لکيل هجي. پاڻمرادو سندس اڱريون خط کولڻ لڳيون.

پياري جانان

شال تنهنجي ڳلن کان موسم جون چميون منهن نه موڙين!

جانان! هي اونهاري جا تتل ڏينهن، ناري جي پٽن تي ڪٽڪ جي ختم ٿيل ڪرن مٿان اڏامندڙ ڏوڙ ۽ مرچن جي ٻيجي سان گڏ پنهنجا خواب پوکيندڙ محنت ڪش، هٿن جي حرڪت! لاڙيٽ جي ڪلراٺي پوٺ ۽ تي آڳاتي سارِيال جي وهر سان گڏ، ڪمند جي ساون کيتن مٿان محبوب نظم جي لفظن جهڙن اڇن پکين جون اڏامون!

هن موسم جو به پنهنجو حسن آهي جانان! هي گرم گرم موسم، واٽن تي واهوندي ۾ اڏامندڙ دز. گهاٽن وڻن جون ڇاهون ڳوليندڙ پگهريل وجود. ڪوسا ٿي ويل پهر ۽ ٿڌا ٿيندڙ جذبا. هن موسم جا ٽي پار آهن. باغن جا انب پچڻ واري هن گرم رت ۾، تتل ڏينهن جي منجهند ويل پچندڙ انبن سان ٽارين تي ٽلندڙ رنگبرنگي طوطن جون رهاڻيون رچنديون آهن، ته ياٺت ياٺت جي طوطن جون چلولايون ايئن لڳنديون آهن. ڄڻ پهرئين پيار جا نخريلا جذبا، ڪنهن ممنوع شرارت جو شغل ڪري رهيا هجن! پر ٻئي طرف هوڏانهن وري ٿري اواڙن جي آسپاس آلي واريءَ جي ٿڌاڻ ڳوليندڙ ٻاٻيهن جا بدن، ڪوسي لڪ ۾ لوساتيا آهن ۽ تتل واريءَ تي هلندڙ اگهاڙن پيرن جو الميو. لڦن ۽ ڇالن جو روپ وٺي، غربت جي مجبوري ٻڌيو آهي. پر ساڳي وقت ڇار جي لامن تي لڏندڙ رتن پيلن پيرُوئن جي رنگت مٿان،

جڏهن پيرون چڳندڙ مورن جي کنڀن جا خوبصورت رنگ نروار ٿيندا آهن تہ صحرا جي ان دل آويز منظر کي دل ٿي دل ۾ داد بہ ڏيڻو پوندو آهي!
جانان! تون ٿر ۾ آهين ۽ تنهنجي اوسي پاسي پٽن تي، جوين جي موهيڙن جهڙا پيرون بہ پڪا هوندا. ڇارين جي ٻيڙانگين مٿان عاج جا اڇا چوڙا پاتل ٻانهن، رنگبرنگي ٽارين کي بہ پڪ سان ٻکيو هوندو ۽ ايئن لوٽا پريندڙ آڱرين جي چلن کي، پيروئن جو رس بہ ضرور لڳو هوندو! ڪنهنجي ياد ۾ آيل هڏڪيءَ سان گڏ چونديل اهي پيرُون، تنهنجي شهر جي رستن تي بہ ضرور وڪاڻا هوندا. تنهنجي نرم گلابي چپن اگر هيستائين پيرُوئن جو رس چکيو آهي تہ ٻاراتڻ جي پريت جي جذبن جهڙا، هيلوڪا مٺا مٺا پيرون توکي مبارڪ هجن!
مٺي جانان! هيستائين توکي لکيل منهنجا لفظ، مونکي چغلي هڻي رهيا آهن تہ تون منهنجو نالو ٻڌڻ لاءِ تڙپي رهي آهين. مونسان ملڻ جي بہ توکي جلدي آهي! ٿي سگهي ٿو ايئن نہ بہ هجي، بهر حال آئون جيڪو آهيان، جيئن آهيان. هيستائين توکي لکيل خطن ۾ پاڻ کي ڊسڪور ڪندو رهيو آهيان. هونئن بہ اسان ماڻهن جا پروفائيل بہ، اسان جيئن وڪريل ٿي آهن. اسين ماڻهو تہ آهيون ئي ماهي ڪير جي گوگهن جهڙا حساس ۽ وڻ وڻ جي ڪانيءَ مان ناهيل آشياني جهڙن سپنن جا رکوالا! ٻن متضاد دؤرن جي سنگم تي اکيون اُپٽيندڙ اسين ماڻهو ڪميٽي وقت جون رهزنيون ڏسي رهيا آهيون. پڪل پيروئن جهڙيون اسانجيون نرم دليون بہ، غير فطري معاشري جي ٿوهر سان وچڙيل آهن. نئين نوبلي ڪنوار جيئن ايرندڙ سج جي ترورن جهڙا اسان جا خيال بہ هاڻ، جيئني هوائن ۾ اڏندڙ واريءَ جيان بيمنزل ۽ بيوس ٿي پيا آهن. پڪراج پٿر جي رنگن جيان ٻانڌڻا، اسانجا احساس ٻير جي ٻوٽارن تي سهارو وٺندڙ وڻ ويڙهي جيان، زخمن ئي زخمن ۾ پروان چڙهيا آهن. ڪارونجهر چوٽيءَ جهڙيون اڏول اسانجون اميدون، زماني جي آڪاش تي چيٽي ڪڪري جيان هاڻ بيمعنيٰ ۽ بيمقصد ٻڻجي پيون آهن. ٽترن جيان هلواڻ جي پڳُوئينءَ جو ڳاڙهو ڪپڙو ڏسي، پاڻ وساريندڙ اسين ماڻهو، تصور جي ساحل تي سپنن جي اڌ ڊٺل جهوپڙين ۾ خانہ بدوش ٿي، اسان رڳو هما پکي جهڙين اڻلڀ خوشين جا پيرا کنيا آهن. ڪچاٽ سٽ جي سڳن جيان، اسان جا سهارا هرهر ٽٽا آهن. درد دل، ٻرندڙ جبل جي لاون جيان ويراوير وڌيو آهي. سچ تہ سورن جي سنگت ۾ جيئڻ جا جتن ڪندڙ اسان ماڻهن جو ڪلڻ ۽ ملڻ بہ مهانگو ٿي پيو آهي!
جيون جي راهن تي، دل جي چيچ جهلي هلندڙ اسين حقير فقير ماڻهو تعبيرن جي تلاش ۾ خوابن سان ياريون رکندا رهون ٿا. پر سراب رستن جي رولاڪيءَ اسان کي اڪثر اهو سيکاريو آهي تہ ڪڏهن ڪڏهن منزلون اکين اڳيان اچي، پوءِ بہ پري ٿي پونديون آهن. نازڪ ناتن ۽ سرهن رشتن جي سوداگريءَ اسان کي اهوئي سمجهايو آهي تہ محبتن جي مالها جوڙڻ لئہ دليلن جا ڌاڳا ضروري ناهن هوندا. جيئن جبلن تان وهي ايندڙ نديءَ وهڪرا، سمونڊ تائين پاڻمرادو پهچي ويندا آهن. جيئن

سائيبيريا مان اڏامي، سنڌ ايندڙ مسافر پرديسي پکين کي ڪينجهر پهچڻ لاءِ ڪوبه گائيڊ درڪار ناهي هوندو ۽ جيئن ڪٽڪن جا ڪچڙا آپو پچڻ ويل، ڪچ ڪوهه جي ڪونجين کي سنڌ اچڻ لاءِ ويزا وٺڻي نه ٿي پوي، بلڪل ايئن. جڏهن اکيون اکين جا پيغام سمجهڻ لڳنديون آهن، ته پيار جو ڪوبه پيغام رائيگان ناهي ويندو. سُکن جي سڌ ۾، سورن جا سامان جهول ۾ جهلي، پنهنجا ڳوڙها پاڻ اگهڻ جو آرٽ به اسان کي عشق سمجهايو! دنيا وٺڻ جي واٽ ورتي ۽ اسان وڃائڻ جي واديءَ ۾، ڪٽت جون ڪاته بنديون ئي قاڙي ڇڏيون. هجومن ۾ هلڻ جي هيراڪي، اسان ته نه ڪئي هئي، پراڪيلائيءَ جي آشياني ۾ به، زماني جا امتحان رڳو اسانجي حصي ۾ آيا آهن!

دل جي دادلي دنيا، رشتن جي ڪچائي، ڦڪائيءَ کي به ڪڏهن ناهي ڏٺو. انڪري محبتن جي ٻن ٽن لفظن جا بکيا، اسين البيلا ماڻهو سدائين دوستيءَ جي نالي ۾، دولابن جو زهر پيئندا رهيا آهيون. ڇا ڏٺو؟ ڇا ورتو؟ ڪجهه مليو ڪجهه نه مليو! اسان ليکو ئي ناهي ڪيو. ڪنهن کي اسان ساريو آهي، ڪنهن اسان کي وساريو آهي! بس ايئن ئي زندگيءَ جو گاڏو به هلندو رهي ٿو. ڏک اهو ناهي ته، پراون کان پهتل زخم، ڳنڍڻ کان ڳپل آهن. پر افسوس، اهو آهي ته ڏک ڏيڻ جي معاملي ۾ پنهنجا به پوئتي ناهن رهيا.

بس جانان! اهوئي اسانجو سيلف پورٽريٽ آهي!

تنهنجي خط جي اوسيئڙي ۾ اتاولو۔ تنهنجو بيچين ساگر

ياسمين خط پڙهي ٺڏو شوڪارو هنيو ۽ پوءِ ٻيو لفافو کولي مواد پڙهڻ لڳي.

مٺي جانان

شال تنهنجو پيار، سازشن کان بچيل رهي!

جانان! توسان بابا قاسم، امان حڪيمه ۽ چاچا گلاب جي زندگين جا دلچسپ پهلو ٻڌائڻ جو واعدو ڪيو هئم. ان ئي ڪڙي طور، امان حڪيمه جي المناڪ حياتي ۽ بابا قاسم جي غير معمولي موت جي وارتا، ڪهاڻيءَ جي رنگ ۾ لکي رهيو آهيان. جيئن تون ان کي چاچا سارنگ سانگيءَ جي ڪهاڻيءَ واري تسلسل ۾ سمجهي سگهين.

*

حڪيمه جي عمر پنجاهه سال هئي. مٿي جي وارن تي چانديءَ جهڙو رنگ هارجي چڪو هئس. ٻه نياڻيون ۽ ٻه پٽ ٻه جوان جماڻ هئس. گهرداريءَ ۾ وس واري عورت هئي. ڳوٺ جون عورتون ڪيس عزت جي نگاهه سان ڏسنديون هيون. آخر ڳوٺ جي چڱي مڙس جي ئي ته زال هئي. وٽن رب جو ڏنو سڀ ڪجهه هو. هوءَ هردلعذيذ، رحمدل ۽ حساس طبعيت جي مالڪ هئي. هن جي دل، حادثن جي انيڪ گهوڙن جي سنبن هينيان، لاڳيتو لتاڙبي رهي هئي. هن حالتن جي جبر کي شدت سان محسوس ڪيو هو. هن پوڳنا ۽ درد جي دڳن تي زماني جي بيسرائين جا سواڳت ڪيا هئا. پر هن ڪڏهن به ڪا

شڪايت نہ ڪئي هئي. ٻاڦ ٻاهر ڪيڻ جو هنر، هن کي ايندو ئي نہ هو. هن بي زبان حسرتون ۽ گونگا سپنا تہ رڳو پرت پريندي ٽڪن پيڙا ٽانڪيا هئا. هن جي مڙس قاسم گهريلو معاملن ۾ تہ هن جو هر راز رکيو هو پر سماج يا برادريءَ جي ڪنهن بہ معاملي ۾، هن کي زبان کولڻ جو حق بلڪل ئي نہ هو. پيو تہ پيو پاڙي جي ڪابہ عورت قاسم اڳيان ڳالهائڻ کان لنوائيندي هئي. قاسم سٺ ورهن جي زندگي، مخصوص اصولن جي پاسداري ڪندي گزاري هئي. سخت مزاج ۽ ضديلي قاسم جي زندگي، بهادري، ۽ اڏولتا جي انيڪ واقعن سان عبارت هئي. مسڪينن جي حق رسائيءَ لاءِ ڪيترن ئي ظالمن سان ٽڪرون کاڌيون هئائين. آسپاس تر ۾، ايماندار ۽ انصاف پسند طور مشهور هو پر هن جا اصول، حڪيم جي برباد زندگيءَ سان انصاف ڪري نہ سگهيا هئا. حڪيم، جنهن سان ٻتيهہ سال اڳ هن جي شادي ٿي هئي. حڪيم جي بدي ۾ هن پنهنجي ڀاءُ جي ڌيءَ سونا جو سنگ حڪيم جي ڀاءُ لاءِ ڏنو هو. پنجن سالن پڄاڻا، پور جوپن ۾ حڪيم جي ڀاءُ جي حادثي موت ڪانپوءِ هڪ سال اندر سندس زال سونا پسند جي شادي ڪري ڇڏي. قاسم پنهنجي سالي جي موت کان پوءِ پنهنجي ڀائٽيءَ جي شادي ڪرائڻ لاءِ زور پريو پر سندس سهري اهو چئي انڪار ڪري ڇڏيو تہ "آئون پنهنجي اڪيلي مرحوم پٽ جي بيوهہ کي ڪنهن ٻئي سان پرڻائي نٿو سگهان" ۽ پوءِ قاسم سندس ڀائٽيءَ طرفان پسند جي شاديءَ جي باغي فيصلي جو ذميوار، پنهنجي سهري کي سمجهي ساهرن سان قطع تعلق ڪري ڇڏيو. حڪيم والدين کان ٽٽي ويئي. راڄن ڀاڳن ٺاهہ لاءِ ڪيئي منٿون ميڙون ڪيون، پر قاسم پنهنجي ضد تي اٽل رهيو. حڪيم جو اڪيلو ڀاءُ سندس مائٽاڻي خاندان ۾ واحد نوجوان هو. جنهنجو ڪمهلو ۽ پراسرار موت، هن خاندان لاءِ تباهيءَ جو طوفان کڻي آيو. سندس بيوهہ جي لوميريج کانپوءِ، حڪيم سان لاتعلقي، هن خاندان لا مصيبتن جو سامان ٿي پيئي. هن خاندان جون اپاهج آسون ۽ حڪيم جا زخمي خواب، هڪبئي سان ملڻ کان بہ محروم ٻڌيل هئا!حڪيم لاءِ پنهنجو اهو اباڻو ڳوٺڙو بہ ممنوع حسرت بڻجي پيو. جنهن ڳوٺ جي گهٽين ۾، هن ننڍڙي ڀاءُ سان گڏ، جهرڪين پويان ڊوڙي رانديون ڪيون هيون. ڳوٺ جا اهي وڻ، جن جي ڇانءُ ۾ ويهي، هن سهلين سان گڏ گڏيون پرڻايون هيون. انهن جون جيءُ جهوريندڙ يادون، هن جي رڳ رڳ ۾، ديويءَ جي ڪنڊن جيئن اٽڪي پيون. اهو پوڙهو پيءُ، جنهنجي هنج ۾ ويهي، هن کي چلولاليون ۽ کي چاڳ ڪيا هئا. ان سان ملڻ جي آرزو بہ، هن لاءِ موت جي سزا سٽايل قيديءَ جيان بيوس بڻجي پيئي هئي. وقت لنگهندو رهيو. سالون گذرنديون رهيون. هن جي اباڻي قبرستان ۾ بہ سندس اباڻن جا ڪتبا وڌندا رهيا. زمانو هن جو دشمن هو. هن صبر ۽ ماٺ ۾ وحشي وقت جا وار برداشت ڪيا هئا. هوءَ ساهراڻي ڳوٺ ۾ پرديسڻ هئي. هانءُ جا حال ۽ اندر جا سور، آخر ڪنهن کي سڻائي. هن جي اها جيجل ماءُ، جيڪا ننڍپڻ ۾ هن کي منڙي لولي ٻڌائيندي هئي تہ هن کي ننڊ ورائي ويندي هئي. هن جا سمورا ٿڪ لهي ويندا هئا. نرم وارن ۾ آڱريون ڦيرندي هئي تہ، هن کي ننڊ ورائي ويندي هئي. اهائي جيجل، بي سهارا پوڙهپڻ ۾، هن کان پري اڪيلي

ڏيءُ سان ملڻ جي سڪ ساهه ۾ سانڍي مري رهي هئي. حڪيمہ کي هن جي لاش جو ديدار بہ نصيب نہ ٿيو. ماءُ جي موت جي خبر ٻڌي حڪيمہ رسم موجود پار ڪيڏي روئي بہ نہ سگهي هئي. ڇو تہ قاسم جي ناگواريءَ جي خوف کان پاڙي جون عورتون، ان رسم جي پورائي ۾، سندس هٿ ونڊائڻ لاءِ تيار نہ هيون. دردن هن جي هانءُ کي ڏوبيءَ جي هٿن جيئن نپوڙيو هو تہ هن جي ماٺ بہ گونگن لڙڪن جو روپ ڌاري ڳلن تي تري آئي هئي! هن جون بہ نياڻيون ۽ بہ پٽ بہ جوان ٿي چڪا هئا. سندس مويي پٽ کي سرڪاري نوڪري بہ ملي هئي ۽ گڏوگڏ شعرو شاعري ۾ بہ، شاعر تبسم جي نالي سان سڃاڻپ ملي هئس. ڪيئي سال گذري چڪا هئا. حڪيمہ مائٽياڻي خاندان جي ڪنهن بہ فرد جو ڪڌهن منهن ڪون ڏٺوهو. ڪڏهن ڪي سانڙيليون مايون، حڪيمہ کي ڏکوئڻ لاءِ، هن جي خاندان جي بربادي ۽ سندس وڏڙن جي نڌڻڪائيءَ ۾ مرڻ جون خبرون بہ هڪبئي سان ونڊينديون هيون. پر حڪيمہ انهن کي ٻڌواڻيٻُڌو ڪري ٻئي پاسي هلي ويندي هئي. هن جي خاندان جا سمورا وڏڙا هڪ هڪ ٿي گذري ويا. پر هن جو والد سڄي تباهي اکين سان ڏسندڙ اڪيلو ياتي، اسي سالن جي ڄمار ۾ اڃان جيئرو هو. جنهن جي پالنا، سندس نوڪر ڪري رهيا هئا. جن جون نظرون هن جي خانداني زمين تي اٽڪيل هيون.

مينهوڳيءَ جي هڪڙي گهميل شام ۾، حڪيمہ پنهنجي گهر جي اڱڻ تي اداس ويٺي هئي. ڪا پراسرار بيقراري هن جي اندر ۾ اٽڪي پيئي هئي. آسمان تي ڊوڙندڙ ڪارا ڪڪر، هن جي وسريل خيالن کي ڦلوري رهيا هئا. وڻي جي هوا ۾ پرسان ويٺل نمر جون بہ ٽاريون هڪبئي سان ڪينچل ڪري جدا ٿي رهيون هيون. اک جي پنن تي وڪريل مينهن ڪٽيون، ڪنهن اڌوري نظم جا لفظ لڳيون پئي. حڪيمہ اباڻي پار ڏانهن حسرت سان ڏسي رهي هئي. سندس شاعر پٽ تبسم پرسان اچي ويٺو. ماءُ کي اداس ڏسي پاڻ بہ ملول ٿي پيو. ماءُ جو ڌيان ڇڪائڻ لاءِ اڌامندڙ مکڙن ڏانهن اشارو ڪندي چيائين:

"تر ۾ مکڙ رڳو وسڪاري ۾ ظاهر ٿيندا آهن!؟".

حڪيمہ لڙڪ اگهندي وراڻيو"پٽ ننڍپڻ ۾ هي مکڙ پينوريءَ ۾ جڏهن بہ تولا ناهي، اسانجي ڳوٺ وٽان لگهندا هئا، تہ آئون ننڍڙي پاءُ سان گڏ انهن کي جهليندي هئس، ۽ پوءِ انهن جون سيخون ٽانڊن تي پچائي کائيندا هئاسين. پنل پٽن تي ڪنيون چنڊبيندي، مورن جا ڇٽيل کنپ هٿ ايندا هئا تہ امان کي آڻي ڏيندا هئاسين. جيڪا انهن مان هوا هٽڻي ٺاهيندي هئي. سيجڙائيءَ جي موسم ۾، منهنجو پيءُ اسانکي پينوريءَ جي سيءَ کان بچائڻ لاءِ ڪونيٽ جي ڪاٺ جا مچ ٻاريندو هو. جنهن تي هٿ سيڪيندي، دودي سومري، اوڍي ڪيهر ۽ سڏونت سارنگها جون آکاڻيون، بابا کان ٻڌندا هئاسين. اڄ منهنجو اهو پوڙهو پيءُ نوڪرن جي آسري الاءِ ڪيئن هوندو؟! ڪيس ماني بہ ملي هوندي يا الاءِ نہ!؟ مون ڪيئي سال هن کان ڌار گذاريا آهن. پر اڄ الاءِ ڇو منهنجو ابا مونکي ڏاڍو ياد ٿو اچي. حڪيمہ جي اکين مان لڙڪ ٽمڻ لڳا. تبسم بہ لڙڪ روڪي نہ سگهيو. ان ئي لمحي، حڪيمہ جي پيءُ جو پراڻو

هاري، اڻ سميت گهر جي گهٽيءَ تي ظاهر ٿيو. پنجويهه سالن پڄاڻا، پنهنجي ڳوٺ جو ماڻهو ڏسي، حڪيم جي احساسن ۾ عجيب اٿل پٿل ٿيڻ لڳي. اباڻي ڳوٺ مان ايندڙ هاريءَ نه رڳو حڪيم جي والد جي طبيعت جي شديد خرابيءَ جي خبر ٻڌائي پر سندس اهو التجا آميز نياپو به قاسم کي ٻڌايو ته، مرڻ کان اڳ هو ڏيءَ حڪيم کي آخري ڀيرو ڏسڻ چاهي ٿو. پر سهري جي اها آخري التجا به، قاسم ٺڪرائي ڇڏي. هاريءَ کي چيائين: ”منهنجي سهري جي بيحالي جو مونکي ڏک ضرور آهي. پر آئون پنهنجا ڪيل فيصلا واپس وٺي ڪون ڄاڻان. منهنجي سهري کي چئجان ؛ ”منهنجي شاديءَ ۾ پري ڄڄ جي اڳيان تو اهو چيو هو ته ماڻهو ته مڙس ماڙهوءَ جي پاڙي ۾ ويهڻ به وڏائي سمجهندا آهن. مونکي فخر آهي ته آئون پنهنجي نياڻي ان مڙس ماڙهوءَ ناٺيءَ جي حوالي ڪريان پيو. جنهن جي زبان به هڪڙي ۽ ڳالهه به لوهه تي ليڪو “. قاسم منيون پڪوڙي ڇڏيون. پنهنجي جاءِ تان اٿي بيٺو. هاريءَ کي مخاطب ٿي چيائين: ”سهري کي چئجان ته تنهنجي ارڏي ناٺيءَ جي زبان، اڄ به اهائي ساڳي آهي. جنهن تان هٽي نه پنهنجي نظرن ۾ ڪرڻ پسند ڪندس ۽ نه ئي تنهنجي پراڻي فخر کي ميرو ٿيڻ ڏيندس“. قاسم ٽڪڙيون ٽڪڙيون ٿي وڪون کڻي وڃڻ لڳو. حڪيم پنهنجي جاءِ تي پٿر جيئن خاموش رهي. تبسم ٻوڙندو قاسم جي اڳ ڦري بيهي رهيو. چيائين:”تنهنجي ڪوڪلي انا، منهنجي ماءُ تي هيترا سال ظلم ڪيا آهن. اڄ تنهنجي اصولن ۽ منهنجي حياتيءَ وچان آخري معرڪو ٿيندو! امان کي موڪل ڏي نه ته آئون پنهنجي حياتيءَ جو ڏيئو وسايان ٿو. هڪ پاسي تنهنجا خودساخته اصول آهن. ٻئي پاسي منهنجي حياتي، فيصلو تو وٽ آهي!“. تبسم تيز وکون کڻي، کوهه ڏانهن وڃڻ لڳو. قاسم سوچ ۾ پئجي ويو. تبسم جي شخصيت ۾ ڪيس پنهنجي جوانيءَ واري ضد جا عڪس نظر آيا. ڪيس خبر هئي سڄي اولاد مان تبسم جي شخصيت سندس جهڙي هئي. هن محسوس ڪيو ته تبسم پنهنجي ضد تان ڪڏهن به ڪون مڙندو. کوهه ڏانهن ويندڙ تبسم کي سڏ ڪيائين. تبسم بيهه رهيو قاسم چيس: ”پنهنجي اڻ تي پاڪڙو رکي، تنهنجي ماءُ کي، پيءُ سان ملائي اچ. پر واپس جلد اچجو. قاسم اوطاق ڏانهن هليو ويو تبسم اڻ تي پاڪڙو رکي، ماءُ سان گڏ، ناناڻن جي ڳوٺ وڃڻ لڳو. حڪيم جي اندر، عجب جهڙي آنڌمانڌ هئي. هڪ طرف پنهنجويهن سالن کانپوءِ اباڻي ڳوٺ، پيءُ کي ڏسڻ پئي وڃي، ته ٻي طرف قاسم جي ناراضگي به ڪيس جهوري رهي هئي. هن زندگيءَ ۾، قاسم جي مرضيءَ جي ابتڙ ڪوبه ڪم نه ڪيو هو. اڄ پهريون ڀيرو، وقت ڪيس اهو ڏينهن به ڏيکاري ڇڏيو. هن کي خبر هئي ته قاسم طرفان مجبوريءَ ۾ ڏنل موڪل ۾، سندس ذري برابر به راضپو ناهي. مڙس جي دل آزاري ڪيس تڙپائيندي رهي. ڳوٺ جا وڻ ۽ پيءُ سان ملڻ جي آرزو ڪيس بيقرار ڪندا رهيا. پٽ تبسم سان گڏ اڻ مٿي پوئينءَ چونڪ ۾ ٻيل سندس وجود، ٻن متضاد ڪيفيتن جي ويڙهه جو ميدان بڻجي پيو. جتي نصيبن جون ديوبون هن سان پريڪٽس ميچ کيڏي رهيون هيون!

ٻن ڪلاڪن جي مسافريءَ ڪانپوءِ اباڻي ڳوٺ جي خوشبوءِ پري کان محسوس ٿيڻ لڳس. اهي وڻ وڏا ٿي پيا هئا، جيڪي هن ننڍپڻ ۾ پوکيا هئا. اباڻي گهر پهتي ته، کپ جي نوڙين سان واڻيل کٽولي تي، سندس والد ستل نظر آيس. ٻوڙي وجي ڪيس ڳراٺي پاتائين. سندس صنعيف پيءَ اٿڻ جي ڪوشش ڪئي، پر اٿي نه سگهيو. ڏيءَ جا هٿ چمندو رهيو. ٻنهين جي اکين جا بند ٽٽي پيا. لڙڪ لارون ڪري وهڻ لڳا. ڳپل ديرگذري ويئي. حڪيم جي والد جهيڻي آواز ۾ ڳالهايو :”ڏيءَ آئون پنهنجي خاندان جي تباهيءَ جو بدنصيب شاهد آهيان. پٽ جي مرڻ جو هڪڙو ئي سور هو. پر تو جيئريءَ جا سئو سور سانڍيا اٿم. ڪاري مٽي جو انسان ڏاڍو آهي. ڇا ڪريان اجان پيو جيئان!“ اوچتو خاموش ٿي ويو. چپ ٿڙڪڻ لڳس، رڦندي چيائين:”غلطي منهنجي هئي قاسم جي ڳالهه ڪون مڃيم. قاسم جهڙي نانيءَ جي هٿن ۾، مون توکي سدائين محفوظ سمجهيو آهي. ڏيءَ تون وڏي ٿي ويئي آهين. پر مون لاءَ تون اڄ به اهائي ننڍڙي حڪي آهين، جنهنکي اٺ تي چاڙهيندو هئس ته روئي پوندي هئي. اڄ مرڻ وقت دلجاءِ اٿم ته قاسم جي پاڇي ۾، توکي زماني جي ڪا ڇيت ڪون لڳندي. اوچتو وڏو ڇرڪ ڀريائين. جڻ ڇرو لڳو هئس. جهيڻي لهجي ۾ چيائين:”توکي اڇڻ نه گهربو هو. ڇوته آئون قاسم کي سڃاڻان، هن جي زبان ڦري نه ٿي سگهي. تنهنجو هتي هجڻ، قاسم جي موت جو ثبوت آهي!“. ساهه ۾ وڏو ڏچڪو آيس ۽ هن جون اکيون هميشه لاءِ پورجي ويون.

حڪيم والد جي لاش جي ڪٺ ڀرسان ڏکاري ويٺل هئي. تبسم نوڪرن ۾ آس پاس جيڳوٺن سان گڏ تدفين جي تياري ۾ رڌل هو. پراوچتوگهران ايندڙ ماڻهو، قاسم جي آپگهاتي موت جي خبر کڻي آيو. تبسم ۽ حڪيم جي دليون ڏهين محرم جو پڙ ٻڻجي پيون. ساڳي اٺ تي واپس ويندي، حڪيم جون سوچون ساٺ ڇڏي ويون هيون، ڪجهه به هن جي وس ۾ نه هو. جڻ هوءَ دهل هئي، جنهن کي جيون جو ڏانديو بيرحميءَ سان وڄائي رهيو هو. قاسم جي ميت تي پهچي، حڪيم جي ضبط جون ديوارون ٽٽي پيون. ماٺ جا مينار ڪرڻ لڳا. هوءَ چرين وانگي اوچنگارون ڏيندي رهي. تبسم پنهنجا لڙڪ روڪي ورتا، ڀڻڪيو :”آزمائش جو معرڪو توهان کٽي ورتو پاپا! منهنجي جيت عارضي هئي!“

قاسم جي وڇوڙي ڪانپوءِ حڪيم چونئري ۾ بند ٿي رهجي ويئي. اڪثر گهر ۾ ئي رهندي هئي. ٻن سالن ڪانپوءِ هڪ صبح سويل رمتي جوڳيءَ، سندس گهر اڳيان صدا هنئي. جوڳيءَ جي سئين جي آواز ۾ ڪيس پنهنجائپ جي آسيس محسوس ٿي. هوءَ اٿي درتائين هلي آئي، جوڳيءَ کي خيرات ڏيئي پڇيائين :”فقير نالو ڇا اٿئي؟“ جوڳيءَ ڪجهه سوچندي وراڻيو ”پيرو“. ”منهنجي مرحوم ياءُ جو نالو به پيرو هو“ جوڳيءَ اداس ٿيندي وراڻيو ”تنهنجو اهو بدنصيب ياءُ آئون آهيان“. حڪيم بيزاريءَ مان ڇڙٻ ڏيندي چيو: ”چرچا ٻين سان ڪر، خيرات ملي هاڻ پڄ، نه ته تبسم کي ٿي سڏيان!“. تبسم ۽ ٻيا گهر وارا به پهچي ويا. جوڳي جي اکين مان لڙڪ وهڻ لڳا. چيائين :”حڪي آئون تنهنجو ننڍڙو ياءُ پيرو آهيان. حڪيم دڙڪو ڏيندي وراڻيو :”چوويهه سال اڳ چونئري جي باهه ۾ جلي فوت ٿيل منهنجو

پاڻ جيئرو تي نه ٿو سگهي!". جوڳيءَ معصوميت مان پڇيو: "تنهنجو پاڻ ڳوٺ کان پري ڪوهه واري ٻنيءَ تي، چاري سان پريل چونئري ۾ ستل هو نه، جڏهن باهه لڳي؟"
حڪيم حيرت سان چيو: "ها، ها ڳوٺ کان پري هئڻ ڪري ڪو به سندس مدد لاءِ پهچي ڪون سگهيو". جوڳيءَ ورائي پڇيو:"ان چونئري کان سڌ پنڌ پري، جوڳين جو سرو به لٿل هو نه؟"
حڪيم کي جوڳيءَ کان ڊپ ٿيڻ لڳو. خوف کي لڪائيندي، چيائين:"باهه لڳڻ واري رات کان اڳئين ڏينهن تائين، اهو سرو اتي موجود هو" جوڳيءَ چيو:"جنهن رات آئون، ان چونئري ۾ ستل هئس، ان رات چار جوڳي آڌي رات جو تازو مري ويل پنهنجي ڪنهن پوڙهي جوڳيءَ جو اڌ جليل لاش کڻي اتي آيا. جنهن کي منهنجي کٽ تي رکي تيل هاري باهه ڏنائون ۽ پوءِ سڄو چونئرو جلڻ لڳو. منهنجي اکين تي پٽيون ٻڌي الاءِ ڪيڏانهن کڻي ويا!" حڪيم پنهنجي منهن پڙڪي :"باهه لڳڻ جي باري ۾ انومان هو ته پيري جي ٻيڙيءَ مان لڳي هئي. پر لاش سڃاڻڻ جهڙو ڪون هو". جوڳيءَ ڳالهه جاري رکي:"جوڳي رڻ ڪڇ جي پٽي پار ڪري، هن پار هليا ويا. پوءِ راجستان ۽نيٺ ڪوهستان ۾ دردر جو پاٽي پياريندا رهيا. وڏي جوڳيءَ منهنجي شادي به پنهنجي ڌيءَ سان ڪرائي ڇڏي. 20 سالن تائين مون تي پهرو هلندو رهيو. ٻني پيرا ڀڄڻ جي ڪوشش ڪيم. پر سخت سزائون ڏيئي واپس وٺي ويا. پوءِ مونکي خبر پئي ته منهنجي اڳئين زال سان شادي ڪرڻ جي خواهشمند شخص، مونکي مارڻ جو ناٽڪ ڪرڻ لاءِ، جوڳين کي ڳري رقم ڏني هئي. جوڳي ٽڏو ساهه کڻي وري ڳالهايو:"منهنجا جوڳڻ ڄايا ٻار به جوان آهن. هاڻ مون تي ڪو به پهرو ڪونهي. ادي رڳو توکي ڏسڻ آيو آهيان. جلدي واپس هليو ويندس. هي وٺ هزار روپيه. هڪ پاڻ طرفان پيٽ لاءِ تحفوا!"
حڪيم اکيون ڦاڙي جوڳيءَ کي ڏسڻ لڳي، جنهن جي ڇهري جا نقش هوبهو سندس پاڻ جهڙا هئا. پر پڪ ڪرڻ خاطر جوڳيءَ کي چيائين:"منهنجي پاڻ کي ننڍي هوندي، پُنن تي ڦٽ ٿيا هئا. جن تي ٻه جاڙا ڏنپ ڏنل هئا". جوڳيءَ پنن تان ڪپڙو لاٿو. سندس پنن تي جاڙن ڏنپن جا نشان موجود هئا. حڪيم ڪيس پاڪر ۾ پري ورتو ايئن جڻ وري وڃائجي نه وڃي!
ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ حڪيم جو پاڻ پيرو به اوچتو هارٽ اٽيڪ ۾ گذاري ويو. حڪيم جو پٽ تبسم پرائمري ماستر، جڏهن ته ٻيو پٽ لاڙ ۾ زمينداري ڪندو آهي. سندس ڏير گلاب، جيڪو پر واري ڳوٺ ۾ رهندو هو. سو به هڪ ڏينهن پٽ روشن سان ملڻ، جيئن ئي ويو ته واپس نه وريو. گهٽو پوءِ نازيه نالي عورت، هن جي وفات تي سندس ڊائري ڪنهن رسالي ۾ ڇپائي هئي. اها ڊائري ۽ وڏڙن کان ٻڌل ڳالهه کي، ڪهاڻيءَ جي رنگ ۾ لکي رهيو آهيان.
ماستر گلاب، اڱڻ تي بيٺل روهيڙي هيٺيان موجود هو. سندس پراٽو پاليل مور پکي، روهيڙي جي لامن تي لڏي رهيو هو. ڦٽڻ جو نماٽو صبح، ٽر جي پٽن تي ليٽيو پئي. ٽڏڙي هير جي جهونڪي سان روهيڙي جي ٽارين ۾ ٽاهه پئجي ويو. ڪنهن لام تان ڇٽندڙ هڪ ڳاڙهو گل ٻيڙي گلاب جي هنج ۾

اڇي ڪريو. هن گل کي هٿن ۾ کڻي ورتو. نظر جي عينڪ کي جانئينو ڪندي, گل کي چڱيءَ طرح ڏسڻ لڳو. گل جي رنگت ۽ ڪوملتا ڏسي ڪيس تيهه سال اڳ ڏٺل نصرت جو چهرو ياد اچڻ لڳو. جنهنجون ٻاڙهيون ٻلون گلابي چانهئين جي ڦار لڳنديون هيون, جنهن جي گل جهڙي چهري تي ڪلجين اکين جون نهارون, سونهن جي انوکي تشريح پاسنديون هيون. گوڏن جي سروپر ايندڙ ڪارا ڊگها زلف, پدمڻي عورت هجڻ جي چغلي هڻي رهيا هئس. پريل ۽ سڊول بدن جي مالڪ نصرت, گلاب جي زندگيءَ ۾ ايئن آئي هئي, جيئن آڙنگائي تتل صحرا تي وني جو واءُ ورندو آهي ۽ جيئن سڪل وڻن تي وري گونچ ڦٽي پوندا آهن. نصرت سان گلاب جي پهرئين ملاقات تڏهن ٿي هئي, جڏهن مني ضلعو, پراڻي ميرپورخاص ضلعي جو حصو هوندو هو. گلاب پرائمري ماستر هو. هن جي بدلي ڊگهڙيءَ پرسان هڪ ڳوٺ ۾ٿي هئي, جتي اسڪول جي پر ۾ ئي نصرت جو گهر هو. هن جي ماني به نصرت جي گهران ئي ايندي هئي. نصرت پاڻ به ان ڳوٺ جي گرلس پرائمري اسڪول ۾ ماسترياڻي هئي. نصرت جو سٺ ورهن جو پوڙهو مڙس رشيد, ماني کڻي ايندو هو ۽ گلاب سان دير تائين ڳالهيون ڪندو رهندو هو. پورڙو ۽ سادڙو رشيد عرف شيدو, گلاب سان ايترو ته ويجهو ٿي ويو جو اڪثر گلاب کي مانيءَ جي مهل گهر وني ويندو هو. نصرت گلاب لاءِ سناسنا طعام رڌيندي هئي. گلاب ٿري لوڪ ادب جا ورق ڦلوريندو هوته, سگهڙپڻي جي سرهاڻ چوڏسا پکڙي پوندي هئي, مرشد لطيف جا بيت گلاب جي چپن تان دلڇهندڙ اسلوب ۾, ترڪندا هئا. گلاب شاهه جي بيتن جو ترجمو جڏهن به رشيد کي ٻڌائيندو هو ته, ماني گهڙيندڙ نصرت جا هٿ ويلڻ تي بيهه رهندا هئا, ۽ دانگهيءَ ۾ پچندڙ ماني سڙي پوندي هئي. ان لڪاءُ کي گلاب اک ٽيٽ ڪري ڏسندو هو ته, نصرت جي لچاري مرڪ پشيمانيءَ جي تاثر م ويڙهجي پوندي هئي. رشيد ڳالهين ۾ گلاب کي ٻڌايو هو ته سندس پاءُ جي خون بدلي, نصرت جو سنگ ڪيس چٽيءَ ۾ مليو هو. نصرت جي ڪک مان رشيد کي هڪ ڏيءَ نازيه جو اولاد هو جيڪا پرائمري اسڪول ۾ گلاب وٽ پڙهندي هئي. نصرت پنهنجي ڏيءَ کي اهو چئي گلاب وٽ پڙهڻ لاءِ ڇڏيو هوته اولاد مائٽ وٽ صحيح پڙهي نه سگهندوآهي. گلاب کي ان ڳوٺ ۾ ٻار پڙهائيندي هڪ سال گذري ويو. جڏهن به هو اسڪول جي اڱڻ ۾ اچي بيهندو هو ته, نصرت پٽ تان ڪيس تڪ ٻڌي ڏسندي هئي. نصرت جي چهري جا وچ_ وراڪا ڪيس بيچين ٻڌائي وجهندا هئا. هن جي دل چاهيندي هئي ته نصرت کي اکين ۾ ويهاري لوڪ کان لڪائي ڇڏي, پر هڪ بينام واسطو ۽ گونگو پرم, هن کي ايئن ڪرڻ کان روڪي وٺندو هو. هوءَ رشيد جي لڄ هئي, شيدو جنهن هن کي عزت ڏيئي ٻچن ۾ ويهاريو هو جنهنجو داٽو پاٽي ڪائي, بيائي ڪرڻ مڙس جو وڙ ڪون لڳس, هن پنهنجي دل تي پٿر ٻڌي ڇڏيو هو چري دل جي چاهت کي روڪي ورتو هئائين. محبت جي جذبن جو مچ, ضبط جي پاڻيءَ سان وسائي ڇڏيو هئائين, زندگيءَ کي آزمائش سمجهي, پنهنجي پيار کان پاسيرو ٿي بيهو هو. نصرت جي هر اڱرائي, هن بيرحميءَ سان نڪرائي ڇڏي هئي.

هن نصرت کي بظاهر نظر انداز ڪرڻ شروع ڪيو. پر هن جي اندر محبت جو جذبو لوسڻ گاهہ جيان وڌڻ باوجود ويراوير وڌڻ لڳو.

هڪ سانجهہ ننڍڙي نازيہ هڪ ڪاغذ کڻي آئي. ڪيس ڏيندي چيائين: " امان ڏنو آهي". گلاب ڪاغذ کوليو. مٿس لکيل هو.

**اکين ۾ ٿي ويهہ تہ واري ڇپر ڍڪيان**

**تارن ۾ ڪر تڪيو ڇپر ۾ ٿي ڇيهہ**

**توکي ڏسي نہ ڏيهہ، آئون نہ پسان ڪو ٻيو!**

گلاب بيت وري وري پڙهيو. نصرت جي ماڏري زبان سنڌي نہ هئي، پوءِ بہ هر لفظ درست لکيل هو. گلاب جي اندر اُٿلڻ وڌڻ لڳي. بيساختہ سندس هٿ قلم ڏانهن وڌڻ لڳا. ساڳي ڪاغذ جي ٻئي پاسي لکيائين

**ڀنڀيون هڏ مڀير، ڪڻ سُٻتيون سپرين**

**توجي چاهہ چلايون، تن وڏو جيءَ سين وير**

**ڪجل اک ۾ ڦير، تنهنجين رُکين ئي رڻ ڪيو!**

ڪاغذ نازيہ کي ڏنائين. نازيہ ڪاغذ کڻي واپس هلي ويئي. رات جو اسڪول جي اڱڻ ۾ سُتل پيو گلاب جو وجود. پيار جي فطري جذبن ۽ مصنوعي اصولن جي ويڙهہ جو ميدان بڻجي پيو. اندر جا اڏما، ضبط جي تلوارن جا ڏڪ سهندا رهيا. نيڻن کان ننڊ رسي ويس. سڄي رات پاسا ورائيندو رهيو. رکي رکي شاهہ جو بيت سندس دل ۾ ڪاريهر جيئن وراڪا وجهڻ لڳو بلند آواز ۾ اچاريائين

**هُن تاري، هن هيٺ، هٿ منهنجا سپرين**

**سڄڻ ماڪيءَ ميٺ، ڪوڙا ٿين نہ ڪڏهن**

هن بيت ختم ئي مس ڪيو تہ پرسان بيٺل نصرت اچاريو

**نيڻ نہ ننڊون ڪن، پکو آرس اڪڙئين**

**اجهاميو ٻرن توکي، ساريو سپرين**

گلاب ڇرڪ ڀري اٿي ويٺو. وائڙو ٿي نصرت کي ڏسڻ لڳو. الاءِ ڪيتري دير کان نصرت اتي بيٺي هئي. نصرت کلندي چيو:

"منهنجي دل جا چور، تون سکيو ڪيئن سمهندين!". گلاب خاموش رهيو. خاموشي ڏکهي ٿيڻ لڳي تہ نصرت سنجيده ٿيندي، وري ڳالهايو:"منهنجي دل منهنجي وس ۾ ناهي گلاب ! تون منهنجو ڀهريون ۽ آخري پيار آهين. مونکي پنهنجو نہ ڪندين گلاب ؟!".

نصرت جي ان جرئتمنديءَ گلاب کي عجب جو شهر ناهي وڌو. سندس اصولن جا پرم پيار جي جذبن کان شڪست کائڻ لڳا. سندس دل چاهيو تہ هو نصرت اڳيان پنهنجي اصولن جي هار تسليم

ڪندي، اهو اعتراف ڪري ته هو ﭜ نصرت لاءِ ايئن ئي تڙپي ٿو جيئن مور مينهن لاءِ، چڪور چنڊ لاءِ، ۽ دليون دل وارن لاءِ! پر سگهوئي پاڻ سنڀالي ورتائين، جڻ منجهس ڪا ازغيبي قوت اچي ويئي هئي. نصرت کان پُڇيرو تي چيائين: ”مجان ٿو ته تون منهنجي پهرين ۽ آخري محبت آهين. تنهنجي پيار ۾ تڙپڻ ۽ پنهنجن جذبن جو قتل ڪرڻ، منهنجو مقدر آهي. تنهنجو پيار منهنجي دل ۾ خوشبوءِ جيئن پاڻمرادو داخل ٿي چڪو آهي. اهومتان سمجهين ته مون توکي ٺڪرائي ڇڏيو آهي. پر مون ته پنهنجو پاڻ کي اصولن جي سوليءَ تي ٽنگي ڇڏيو آهي. پيار دل جا در ڀڃي ٻاهر اچي نه سگهندو. اسين سنڌي ماڻهو انوکن واسطن جا امين آهيون. جنهن گهر جو نمڪ کائون ان گهر جي ڏٺيءَ سان ويساهه گهاتي، اسانجو وڙ ڪونهين. بگهڙ ﭜ گهنديءَ واريءَ جو ٺارو ڪندو آهي. آئون ته پوءِ ﭜ انسان آهيان. مردن ۽ گهوڙن جو انت ناهي لهبو نصرت!. منهنجي برداشت جو امتحان نه وٺ مني! گلاب جي اکين مان لڙڪ وهڻ لڳا. نصرت ﭜ لڙڪ روڪي نه سگهي، پير پير ۾ ڏيئي واپس وڃڻ لڳي! اسڪول جي در وٽ پهچي، شاهه جو بيت اچاريائين.

**نينهن نيهائين جيئن، ڍڪيو ڪوه ڍڪئين**

**جرنه جيري ڇڏي ته رڃ پڇندا ڪيئن**

**تون پڻ ڪريج تيئن، جيئن ڪنيار ڪن ڪنن سين!**

گلاب رات جو باقي حصو سمهي ڪو نه سگهيو هن جي پيار ۽ ضمير وچان ويڙهاند هلندي رهي. هن جي منڙي جي ماڻي منجهه، احساسن جو ڏونئرو سوچ جي جهرڻي سان ولوڙبو رهيو. هن واسطن جو ڀرم رکڻ خاطر پيار کي قربان ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو. صبح سويل سندس اکين ۾ اوجاڳي جي ڳاڙهاڻ اٽڪيل هئي. شهر ويندڙ بس ۾ سوار ٿي ﭜ ڏينهن آفيسن جا چڪر ڪاٽيندو رهيو. ٽئين ڏينهن پنهنجي ڳوٺ جي اسڪول جو آرڊ مليس، ليٽر کڻي بيدخل ٿيڻ لاءِ اڳوٽي اسڪول پهتو. ننيڙڙي نازيه ڪيس ڪاغذ آڻي ڏنو جنهن تي لکيل هو.

**سر لوهيڙا ڳيپا، ڪسر نسريا**

**تو ڪيئن وسريا، ڍوليا ڏينهن ملڻ جا**

گلاب پنهنجو مختصر سامان سهيڙڻ شروع ڪيو. سندس خبرون ٻڌڻ وارو ريڊيو نصرت جي گهر رهجي ويو. گلاب اهو کڻڻ مناسب نه سمجهيو. ان سان سندس بدليءَ جي خبر نصرت کي پئجي سگهي ٿي. اسڪول جي ٻارن کان ﭜ موڪلائي نه سگهيو. ننيڙڙي نازيه کي ڪاغذ ڏيندي چيائين:”نصرت کي ڏيئي ڇڏجان!“ ڪاغذ تي تي شاهه جو بيت لکيل هو:

**جيڪو فيراقان، سو وصالئان نه ٿئي**

**اچي اوطاقان، مونکي پرينءَ پري ڪيو**

گلاب ڳوٺ موٽي آيو. ڳوٺاڻي اسڪول ۾ ٻارڙا پڙهائڻ لڳو. ڏينهن لنگهيا، سال لنگهيا، پر هڪ لمحي لاءِ بہ نصرت ڪانئس وسري نہ سگهي. هن جي وڇوڙي ۾ بہ ڪو منو درد هو. هن جي دلربا يادگيرين جي انوکي خوشبوءِ هن جي وجود کي نازبوءِ جي واس جيان واسي ڇڏيو هو. گلاب شوقين مڙس هو. پلن اٺن ۽ ٻٽيادي گهوڙن کي سينگارڻ ۽ سواري ڪرڻ، سندس خاص شغل هوندا هئا. سفيد ڪپڙا، اڇو پٽڪو زري لڳل چاملي جتي، هٿ ۾ نيٽ، صبح سويل جاڳڻ، ريڊيو تان بي بي سي ٻڌڻ، شاهہ جو رسالو پاڻ سان گڏ رکڻ، پکي پالڻ ۽ وڻ پوکڻ، هن جي عادت ۽ سجاڳپ هوندا هئا. گلاب پنهنجو سمورو ڌيان اڪيلي پٽ جي پڙهائيءَ تي ڏري ڇڏيو هو. هن پنهنجي پگهار مان پائي پائي بچائي پٽ روشن کي ڪاليج تائين پڙهايو. پر يونيورسٽي پڙهائڻ لاءِ جڏهن وٽس پئسو ڪٽي پيو تہ پٽ جي آئيندي خاطر وقت کان اڳ ريٽائرمينٽ وٺي پيئس. پينشن جي پئسن مان روشن جو يونيورسٽي خرچ پرڻ لڳو. تعليم مڪمل ٿيندي ئي روشن کي 17 گريڊ جي نوڪري ملي ويئي. هن ڳوٺ اچڻ گهٽائي ڇڏيو. ماءُ جي موت تي ٻن ڏينهن لاءِ ڳوٺ آيو پر پوءِ سالون لنگهي ويون. هن ڳوٺ جو منهن ڪون ڏٺو گلاب پچائون ۽ نياپا ڪندو رهيو پر روشن ڳوٺ ڪون آيو. گلاب کي ڪنهن ٻڌايو تہ روشن اتي شهر ۾ شادي بہ ڪئي هئي. گلاب هن جي شاديءَ کي پسند جو حق سمجهي، قبول ڪري ورتو پر گلاب کي اها شڪايت ضرور هئي تہ روشن پنهنجي ڳوٺ ۽ پيءُ کي بيدرديءَ سان وساري ڇڳو نہ ڪيو هو. پوڙهپڻ ۾ گلاب کي پنهنجي پٽ جي سهاري جي گهرج هئي.

جنهن وقت گلاب روهيڙي جي وڻ هينيان چٽيل گل کي هٿن ۾ جهلي، نصرت جي يادن ۾ ٻڏل هو ان ويل سندس پراڻو يار الهرکيو پرسان اچي بيٺو. گلاب کي ياڪر پائيندي چيائين: "يار گل ۾ چا ڏٺو اٿئي !؟" گلاب يادن جي ننڊ مان جاڳي پيو. الهرکئي سان ياڪر پائي مليو. کيس پنهنجي چونئري تي وٺي آيو. الهرکئي لاءِ چانهہ ناهڻ خاطر ڪانيون چلهہ ۾ وجهڻ لڳو. الهرکئي پڇيس : "هٽ جي ماني ڪڏهن کان ڪرڻ لڳو آهين ؟" گلاب چلهہ دکائيندي وراڻيو : "يار هڪڙي نياڻي هئم. پرائي پاڙي پرڻايم. پوئين اليڪشن ۾ هُن پاڙي هڪڙي پارٽي کي ووٽ ڏنا ۽ اسانجي پاڙي ٻئي پارٽي کي، پولنگ تي جهيڙو ٿي پيو. ٻئي پاڙا وڙهي ويا. مرٽي پرٽي اچڻ وڃڻ بند، اڳي ڌيءَ جي گهران ماني ايندي هئي. هاڻ ماني تہ نهي مورڳو ڌيءَ جو منهن ڏسڻ کان بہ سڪي ويو آهيان !" الهرکئي مٿو کهندي ڳالهہ جي سر جهلي : "يار اسانجي ڳوٺ جو بہ ساڳيو حال آهي. گهر، گهر کي پيو کائي، ڪٽي ڪنهن جو يڪسالو پيو ڪٽجي، ڪٽي ماستر پيو بدلي ٿئي، ڪٽي جهيڙو پيو ٿئي، هڪڙا وڏيرا، هڪڙي پاسي، بيا ٻئي پاسي، روز روز پوليسون ۽ آفيسر اچن، وڏيرن جا خرچ مفت، وٺ وٺان لڳي پيئي آهي!" گلاب ٿڌو ساهہ کڻي چيو: "اهو بہ دؤر هوندو هو. ڳوٺن ۾ ٻڌي ۽ امن هو صبر ۽ شڪر جي دولت هئي، شادين ۾ طعام سادا هوندا هئا، پر محبتون ۽ خوشيون هونديون هيون. پلا اٺ ۽ گهوڙا گهمندا هئا تہ واهہ واهہ ٿي پوندي هئي، اڄڪلهہ مهانگا طعام آهن، شاميانہ آهن، روشنيون ۽ رنگ آهن، پر ڪلفتون ۽ ڪينہ

وڏي ويا آهن. هل. . . . . . . . . . . . . . . ڪائين جي چِني ۾ ڪا محبت هوندي هئي. الهرڪئي وڌو شوڪارو ڀريو. چيائين اڳي سيم ۾ وڏا وڻ هوندا هئا. هاڻ اهي بہ وڍجي ويا. جهنگلي جانور بہ شڪارين جو ڪاج ٿي ويا. برساتون وسڻ بہ گهٽجي ويون. اڳي ڪو چورو ٻاڪر ڏوهہ ڪندو هو تہ چار چڱا، ڏوهي کي ڏوهي ڪري ڏنڊ ڏوهہ ڪندا هئا. هاڻ تہ ڪوڙ جي ڪُني چڙهي پيئي آهي. اڳي سڄي ڳوٺ جا ماڻهو ڪانيو ڪيڏي وٿاڻن ۾ اچي ويهندا هئا. رايون رنيهنديون هيون. ڪچهريون ۽ ڪوڏ هوندا هئا. اوطاقن ۾ سگهڙپڻي جو سامان ورهائبو هو آئي جو آڌرڀاءُ ٿيندو هو هاڻ تہ مهمانن کان بہ اوطاقون وسري ويون آهن. ميزبانن وٽ مهمان جو مان بہ متجي ويو آهي. هل ڪو وقت هو پيار ۽ ٻاجهہ مان پياريل رب ۾ ڪا سيري هوندي هئي. ڪاڄن ۾ ڦندڙن جو گوشت، پاڻيءَ تہ آڱريون ڪائي چڏيان. پر هاڻ تہ ڪيهہ جهڙي مُرغي_توبهن!!“. گلاب چانهہ ڪوپن ۾ اوتي. هڪ ڪوپ الهرڪئي ڏانهن وڌائيندي چيائين: ”وقت جي حال جي چال ڏسي، اکين کي اعتبار ئي نٿو اچي تہ، ڪي هي اسانجا ڳوٺ آهن. اڳي ڳوٺ جي حدن جا سمورا چراگاهہ، جهنگلي جيوت، وڻ ٻڪي ۽ لنگهہ سڀ ڳوٺاڻن جي گڏيل ملڪيت هئا. انهن جو بچاءُ بہ سڀ گڏجي ڪندا هئا. چوپائي مال جا ڌڻ هوندا هئا. اسر ويل هر گهر مان ولوڙي جو آوازايندو هو. مکڻ رکيل ٻاجهر جي ماني ڏڌ سان کائيندي، ڪيڏو چس ڏيندي هئي!. سچي ڪرتائي گيهہ جا وسناڻ بہ وٽندڙ هوندا هئا. پر جڏهن کان کير وڪاڻا، تڏهن سڀ ڪجهہ وڪجي ويو ۽ پئسو ڪميٽي شيءِ تي اپريو. محبت، محابو ماڻهپو دنگ ننگ، رشتا ناتا، ڪجهہ بہ ساڳيو ناهي رهيو!“ گلاب اداس ٿي پيو. سُرڪ سرڪ ڪري چانهہ پيئڻ لڳو. وڏو سرڪ ڀري وري ڳالهائو :”غربت اڳي بہ هئي، پر سهپ ۽ سادگي هئي، زندگيءَ ۾ سڪون ۽ خوشيون هوندا هئا. اڄڪلهہ تہ وٽ پڪڙ ايتري وڌي وئي آهي جو زندگي بي آرام بڻجي پيئي آهي. هبچ ۽ لالچ ايترا وڌي ويا آهن جو ماڻهن پٽون ۽ پاساڙا بہ پوکڻ شروع ڪيا آهن“ الهرڪئي سندس جملي کي جهٽي ورتو چيائين:

”اڄ تنهنجي ڏاڍي ٻني منجهان لنگهيس پئي تہ ڏٺم تنهنجا هاري پٽ جي پاساڙي جا وڻ وڍي رهيا هئا، سوچيم گلاب تہ ايترو اکپُور ناهي جو پٽون کيڙي، پڪ سان اهو ڪم هارين جو هوندو!“ گلاب کان چرڪ نڪري ويو ڪوپ ۾ بچيل چانهہ هارجي پيئي، :”منهنجا هاري بڻراج ويل آهن، مينهن وٺي جو ايندا. اڄ منهنجي ٻنيءَ جا وڻ وڍيندڙ ماڻهو پڪ سان وڏيري يعقوب وارا آهن. جن بہ سال اڳ منهنجي زمين جا ڪوڙا ڪاتا نهرائي، ٻن ٻنين تي قبضو ڪيو هو. ڪامورن جي آفيسن جا چڪر ڪاٽي ٿڪجي پيئس، حق رسائي ڪو نہ ٿي، منهنجو سچ سدائين رشوت ۽ سفارش جي اڳيان هار ڪائيندو رهيو پر اڄ آئون پنهنجو فيصلو پاڻ ڪندس، هاڻ يعقوب منهنجي جيئري، منهنجي ٻنيءَ مان وڻ وڍي نہ سگهندو!“

گلاب لڪڻ ڪٽي اٿي بيٺو. الهرڪئي اٿي وڃي ٻانهن مان جهليئس، سمجهائيندي چيائين :”ڏس تون پيرسن ماڻهو يعقوب جي ٽولي کي ڇا ڪري سگهندين!؟ هنن جي پارٽي چڙهيل آهي، اجايو ماڻهو ڪلندا، توکي آئون صلاح ڏيان، زمين جو وارث تنهنجو پٽ روشن آهي، تون وٽس وڃ، سڄي حقيقت ڪجان، آفيسر ماڻهو آهي، سندس هٿ ڊگها هوندا، ڪو نہ ڪو ڪڙتيل ڪيندو“. الهرڪئي جي ڳالهہ گلاب کي دل سان لڳي، چيائين ”واهہ جي ڳالهہ ڪيئي اٿئي، روشن جي نئين آفيس جو پتو مون وٽ لکيل آهي، هينئر ئي وڃان ٿو پر منهنجي هن پاليل مور پکيءَ جي پارت اٿئي، ٻہ ٽي ڏينهن ۾ موٽي ايندس. “

گلاب ڇڪڙي جي اسٽاپ تي پهتو. پريان سندس ٻنيءَ ۾ يعقوب جا ماڻهو، وڻ وڍي رهيا هئا. نفرت ۽ ڪروڌ، هن جي وجود مان ٿوهر تي ڦٽي پيا. ڇڪڙي ۾ چڙهي ويٺو. ڇڪڙي جا لوڏا ڪيس پنهنجي زندگيءَ جي بسيرائيءَ جيئن محسوس ٿيا. ايندڙ رات هڪ ننڍڙي شهر ۾، جهوپڙا هوٽل تي ترسيو ۽ ٻئي ڏينهن منجهند ويل حيدرآباد ۾ روشن جي آفيس ۾ پهچي ويو. روشن پنهنجي ڪمري ۾ دوستن سان گڏ چانهہ پي رهيو هو. گلاب کي ڪمري ۾ ايندي ڏنائين تہ پٽيوالي کي روڪڻ جو اشارو ڪندي، چيائين: ”پوڙهي کي پنج منٽ ٻاهر ويهار، فارغ ٿي، ملان ٿو. “ گلاب کي حيرت ٿي. هن جو سڳو پٽ هن کي سڃاڻي نہ پئي سگهيو. گلاب بيهڻ بنا اڳتي وڌندي چيو :”روشن مونکي ٻہ نہ سڃاتئي، مان تنهنجو پيءُ گلاب آهيان!“. روشن ڪرسيءَ تان اٿي، گلاب کي سامهون آيو. گلاب جي وڏايل ياڪر کي نظر انداز ڪندئي، کيس ٻانهن مان جهلي ٻاهر ٽاٽيندي چيائين: ”تون پنهنجو ڪم اڪلائيءَ ۾ ٻڌائي. هليا مونسان گڏ“. گلاب واٽڙن جيان روشن جي پرسان هلڻ لڳو. روشن گلاب جي ڪن ۾ سڙٻات ڪندئي چيو: ”بابا منهنجي ماتحت ملازمن ۽ دوستن اڳيان تون پاڻ کي منهنجو پيءُ ظاهر نہ ڪر. تنهنجي لباس بيوقوف ڳوناٽي جهڙي آهي، منهنجي بيعزتي نہ ڪرائي!“ گلاب پگهر اگهندي، جهيڻي آواز ۾ چيو تہ: ”پوءِ ڪٽي گهر جو پتو ٻڌائي، منهنجي نُنهن جي مٽي تي ٻہ هٿ رکڻو اٿم!“ روشن سندس ڳالهہ ڪٽيندي وراڻيو: ”نہ نہ هرگذ نہ. ڪلثوم کي مون ٻڌايو هو تہ بابا ريٽائر ڪمشنر هو. گهڻو اڳ مري چڪو آهي. هي هزار روپيہ وٺ، ڊرائيور کي چوان ٿو توکي سٺي هوٽل تي ڇڏي ايندو. ڪمرو وٺجان، آئون واپسيءَ ۾ توسان مليو ويندس!“. گلاب جو رت تهڪڻ لڳو. ٻانهن ڇڏائيندي، وڏي واڪ چيائين: ”آئون تنهنجو پيءُ آهيان، پينو فقير نہ! پنهنجي اصليت کي نہ وسار روشن!“ پوشاڪ هر ماڻهوءَ جي ذاتي پسند جو معاملو آهي. شخصيت جو معيار هر گذ نہ! جيئن تنهنجو نالو روشن، تنهنجي روشن خياليءَ جي ضمانت نٿو بڻجي، ايئن تنهنجي مهانگي پوشاڪ، تنهنجي نيچ شخصيت کي لڪائي نہ ٿي سگهي. آئون وڃان ٿو پر ياد رک، منهنجي هي موجلي ٽري جتي، تنهنجي ظرف کان هرحال ٻيٽي آهي. منهنجو هي ننڍڙو لڪڻ، تنهنجي شخصيت کان گهڻو وڏو آهي، هي پراڻا ڪپڙا، تنهنجي ڪاري دل کان وڌيڪ صاف سُٿرا آهن. ۽ منهنجي هن اڇي پٽڪي جو هر ور،

تنهنجي ڪوڙي نٽ نانگر جي ڪميٽي ڀروپ تي پونڊو آهي! آئون تنهنجي هزار روپين جي نوٽ تي ٿڪڻ بہ پسند نہ ڪندس!“ آفيس جي ڪمرن مان سڀ ملازم ٻاهر اچي ويا. هڪٻئي سان سڙيا ڪرڻ لڳا. روشن پنهنجي شرمندگي لڪائڻ لاءِ وڏي آواز ۾ چيو ”جهونو مينٽل ڪيس آهي، وڃڻ ڏيوس!“ طنزيہ ٽهڪن جا ٽولا، آفيس جي ديوارن سان ٽڪرائجڻ لڳا. گلاب تيز تيز وکون کڻي وڃڻ لڳو. ٻاهر روڊ تي آيو تہ گاڏين جا هارن ڪتن جيان ڀونڪڻ لڳا. هن جو ذهن ان سُڪل وڻ جيان تي پيو جنهن کي هڪ ئي وقت ڪيئي ڪهاڙا ڪپيندا آهن. هن جون سوچون ڪپ جون ڪاٺِيون ٿيڻجي پيون، جن مان وقت جو ٻارڙو ٽانڊو ٻارڻ لاءِ آگيو ڪڍي رهيو هو!

روڊ تي هلندي هڪ ڪار جي هينيان ايندي بچيو. ڪار جي ڊرائيور دريءَ مان منهن ڪڍي ڪيس بہ تي اُگرا اکر آکيا ۽ اڳتي وڌي ويو. گلاب لوٺو ڦيريو ئي مس تہ اڳيان هڪ رڪشہ بريڪ هنيو. رڪشہ ڊرائيور ڪلندي چيو ”چاچا قرض ۾ جهليل آهين ڇا؟“ رڪشہ ڊرائيور ڪلندي اڳتي گذري ويو. پُر هجوم رستي تي گلاب کي پنهنجي زندگي بي معنيٰ ۽ قابل نفرت محسوس ٿي. هن سچ پچ ڪنهن گاڏي هينيان اچي زندگي کان انتقام وٺڻ جو فيصلو ڪري ورتو. سامهون ايندڙ ڪار جي اڳيان اچڻ جي ڪوشش ڪيائين تہ ڪار زوردار بريڪ سان بيهي رهي، ڪار جا ٽائر چيچاٽ ڪري ڦرڻ بند ٿي ويا، زندگي هڪ ڀيرو ڀيهر هن کي هارائي ويئي! هڪ خوبصورت نوجوان عورت ڊرائيونگ سيٽ تان لهي، گلاب جي سامهون اچي بيٺي. انتهائي احترام سان چيائين ”سائين توهان ماستر گلاب تہ ناهيو!؟“. جيڪو ڪجهہ ٿيو هو، جيڪو ڪجهہ ٿي رهيو هو، تنهن گلاب کي ايترو تہ بد دل بڻائي ڇڏيو هو جو هن جو ڪنهن لفظ، ڪنهن رشتي ڪنهن واسطي ۽ ڪنهن جملي تي ڪوبہ اعتبار نہ رهيو هو. هو بي اعتبار اکين سان عورت کي ڏسڻ لڳو. عورت جي نيڻن ۽ نقشن ۾ نصرت جا عڪس هُوبهو نظر آيس. عورت انتهائي معصوميت مان چيو”آئون نازيہ آهيان. اوهانجي شاگرديائي هجڻ تي فخر اٿم!“. گلاب پنهنجو هٿ عورت جي مٿي رکي ڇڏيو. نازيہ ٻنهہ عزت سان گلاب کي ڪار ۾ ويهاري، پنهنجي آفيس وٺي آئي. ملازمن اڳيان فخر سان گلاب جو تعارف ڪرائڻ لڳي”هي آهي استاد گلاب، شاهہ سائين جو پارکُو ۽ سگهڙ. آئون چوٿين ڪلاس ۾ سائينءَ جي شاگرديائي هيس. مون پنهنجي زندگي ۾ سائين جهڙو مهان ماڻهو ناهي ڏٺو!“ گلاب سوچيو”پٽ روشن کي پڙهائڻ بدران ڏيءَ سُڪان کي پڙهايان ها تہ پڪ سان نازيہ جيئن دل کي ٺڏو چندو هٽي ها!“

نازيہ گلاب کي گهر وٺي آئي. لنچ ڪرڻ کانپوءِ ٻئي نصرت جي ڪمري ۾ آيا. گلاب ديوار تي اکيون اٽڪائي ڇڏيون. سندس جوانيءَ جي تصوير نصرت جي ڦوٽوءَ پرسان پٽ تي فريم ۾ لڳل هئي. نازيہ رموٽ کڻي ٽي وي آن ڪئي، ٽي ويءَ تي خبرون هلي رهيون هيون. نازيہ چيس ”سائين توهان خبرن ٻڌڻ جا ڏاڍا شوقين هئا“ گلاب ڪنڌ لوڏيو. چيائين ”ها اجان تائين ريڊيو تان بي بي سي جون خبرون

روز ٻڌندو آهيان“ نازيہ کي ڪجهہ ياد آيو نصرت جي الماڙيءَ ۾ رکيل پراڻو ريڊيو کڻي گلاب کي ڏيندي چيائين ”ڳوٺان لڏڻ ويل، اوهانجو هي ريڊيو بہ امان گڏ کڻي آئي هُئي، ۽ سنڀالي رکيو اٿس “ گلاب جي حيرت جي حد نہ رهي، ڪافي سال اڳ نصرت جي گهر وسري ويل ريڊيو نصرت سنڀالي رکيو هو. گلاب بيتابيءَ مان پڇيو :”نصرت ڪٿي آهي؟“. نازيہ وراڻيو :”امان صبح سويل ڊرائيور سان گڏ ڪار ۾ ڪيڏانهن نڪري ويئي آهي. ڏاڍي دير ٿي چڪي آهي، اڃا ناهي پهتي!“ ان ئي وقت نازيہ جي موبائل فون جي گهنٽي وڳي. نصرت جي نمبر تان ڪال اچي رهي هئي. نازيہ ٻڌايو :”امان جي ڪال آهي“. ڪال وصول ڪندي اسپيڪر کولي ڇڏيائين. سامهون سندس ڊرائيور جو آواز آيو ”باجي اوهان جلد سول اسپتال پهچو!“. نازيہ اٿي بيٺي. پڇيائين ”ڇو خير تہ آهي!“. ڊرائيور جو ڏڪندڙ آواز آيو “ اڄ ميڊم گهران نڪرندي ئي ڊرائيونگ سيٽ سنڀالي ورتي. آئون پوئين سيٽ تي ويهي رهيس. ميڊم هيڪلن رستن تي بيمقصد گاڏي ڊوڙائيندي رهي. رکي رکي هڪ شعر جهونگاري رهي هئي ”آيا آس ٿيام ٻاروچا ٻنڀور ۾“ ۽ پوءِ ميڊم، گاڏيءَ جو رُخ ڀٽ شاهہ ڏانهن موڙي ڇڏيو. ڀٽائيءَ جي درگاهہ تان حاضري ڀري، جيئن ئي ٻاهر نڪتي، سندس اکيون اوڀريون ۽ پراسرا ٿي پيون. واپس ايندي ڪار جو سامهون ايندڙ ٽرالر سان ٽڪر ٿي پيو. ميڊم کي گهٽا ڌڪ لڳا آهن“.

نازيہ ۽ گلاب سول اسپتال جي ايمرجنسي وارڊ پهتا تہ ڊاڪٽر کين ٻڌايو :”ميڊم کي هوش اچي ويو آهي. پر هوءَ هرهر گلاب ۽ نازيہ نالي رشتيدارن جو پُڇي رهي آهي. روم نمبر 12 اٿس“.

گلاب ۽ نازيہ روم نمبر 12 ۾ هڪئي وقت داخل ٿيا. نصرت جون اکيون گلاب جي چهري تي اٽڪي پيون. ڄڻ ڪيس سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. ڇتي آواز ۾ شاهہ جو بيت اچاريائين

**هيين اوڏا سپرين، هٿا ڪي سوين**

**موسين ويل واٽون ڪيون، تون ڪٿ هئين**

**مون ڀانيو مئين پر جانب آهين جيئرو!**

گلاب کي پنهنجو وجود وڍ جندي محسوس ٿيو. اندر جي دنيا ان انڌار پونئري جهڙي لڳيس. جنهن ۾ روشنيءَ جو ڪوبہ ڪرڻو پلجي بہ ناهي ايندو. چئو طرف چمڙن، نانگن ۽ وڇوئن جا وجود هوندا آهن. چند لمحن جي وقفي ڪانپوءِ نيٺ، گلاب نصرت جي اکين ۾ اکيون ملائيندي، شاهہ جو بيت اچاريو

**اتي ئي آهين، جتي اوهان ڇڏيون**

**اکيون عبدالطيف چئي ماڳ نہ مٽائين**

**ٻي در واجهائين تہ ڪيڏي ڪانون کي ڏيان**

نصرت جي چپن تي لازوال مرڪ تري آئي. چهري تي سدابهار سڪون ڇانئجي پيو. جهيڻي آواز ۾ بيت اچاريائين، پر بيت پورو ٿي نہ سگهيو. ساهہ جو سڳو ٽٽي پيس. بيت جي هڪ سٽ ڪمري ۾ واڪا ڪندي رهي.

## ”سيئي جوڀن ڏينهن جڏهن سڄڻ سفر هليا“

***

مني جانان! سئوٽ روشن سان ڪيترن ئي سالن کان اسانجي خاندان جو ڪوبہ رابطو ناهي رهيو. هن وقت امان حڪيمہ منهنجي ڀاءُ تبسم سان گڏ ڳوٺ ئي رهندي آهي. آئون جڏهن بہ ڳوٺ ويندو آهيان، مونکي ڀاڪر ۾ ڀري پڇندي آهي:”ڪنوار ڪڏهن ٿو آڻين، منهنجا ڪونڌر پٽ؟ يا مون کي موڪل ڏي!؟ آئون مختلف بهانا گهڙي کيس مطئمن ڪندو آهيان پر سندس اکين جي تيٽ مان لڳيمہ ٿو تہ کيس مطئمن ڪري نہ پيو سگهان ۽ هوءَ جلدي تبسم جيان مون لاءِ بہ پاڻ رشتو ڳوليندي.

ڀرين تنهنجو خط ناهي پهتو ڇو؟ ڇا آئون اهو. سمجهان تہ منهنجي لاءِ تنهنجي دل ۾ ڪابہ جاءِ ناهي!؟

تنهنجي پيار لاءِ خالي ڪشڪول ڪٽي صدا هڻندڙ_ تنهنجو بيچين ساگر ڊگهو خط پڙهڻ پڇاڻا، ياسمين کي ٻن ڳالهين پريشان ڪيو. هڪ اها تہ اجنبي اجا تائين پنهنجو ۽ اصل ڳوٺ جو نالو لڪائي رکيو هو. اگر ايئن نہ هجي ها تہ، هوءَ اسپتال ۾ ايندڙ عورتن کان اجنبي جي متعلق گهڻو ڪجھ ڄاڻي وٺي ها، ڇو تہ ٿر جي هر عورت آسپاس جي ڪيترن ئي ڳوٺن جي متعلق لڪڙتار وسيلي بنھ گهڻي معلومات رکي ٿي. ياسمين کي پريشان ڪندڙ ٻي ڳالھہ هن خط جو اهو جملو تہ ”هوءَ جلد ئي تبسم جيان مون لاءِ بہ پاڻ رشتو ڳوليندي“ ياسمين حقارت مان خط کي ڏنو ۾ ڏند ڪرتي، حڪيمہ تي خارکائڻ لڳي.

***

# دلڪش ۽ ملڻ جي اُٽڻ

تندي باگي لڳ لاڙي ڳوٺ ۾ رهندڙ چوويهن ورهن جو نوجوان دلڪش ٿري، پنهنجي ميزبان منار جي گهر اڳيان ٻہر جي وڻ هيٺيان کٽ تي ويٺل هو. ڪجهہ دير اڳ هن شهر ويندڙ ڇوڪري کي ٻہ لفافا پوسٽ جي دٻي ۾وجهڻ لاءِ ڏنا هئا. لفافا موڪلڻ ڪانپوءِ هن ياسمين سان پنهنجي پيار ۽ هيستائين پرپٺ لکيل خطن جي امڪاني پاسن تي سوچيو: هن سپنا ڪلينڪ اڳيان ياسمين جي رڳو هڪڙي جهلڪ ڏٺي هئي. جنهن ڪيس زندگيءَ سان ڀرپور ڪيفيتن تي آڻي بيهاريو هو. هن جي دل ياسمين لاءِ تانگهائڻ لڳي هئي. هن پيار جي اظهار لاءِ گمنام خطن جي اتڪل هلائي، پر هيستائين ڪيس اها خبر پئجي نہ سگهي هئي تہ هن جي خطن ياسمين تي ڪهڙو اثر ڇڏيو هو؟! هو. مورڳو ايئن تہ نہ هو تہ ياسمين اهي خط پنهنجن وارثن کي ڏيکاريا هجن ۽ اهي ڪيس ڳولي رهيا هجن! يا وري ياسمين انهن خطن کي احمقاڻو فعل سمجهي نظر انداز ڪري ڇڏيو هجي. ايئن بہ ٿي سگهيو ٿي تہ ياسمين پنهنجي ڪاوڙ ڪيڻ لاءِ هن جي روبرو ملڻ تائين انتظار ڪري رهي هجي. دلڪش ٿريءَ کي پنهنجن لفظن تي بي پناهہ ناز هو. ان ڪري هن ياسمين جي ردعمل جي پرواهہ ڪرڻ بنا آهستي پر لڳاتار خط لکيا هئا. سندس ذهن ۾ اهوئي خيال هو تہ پٿر تي لاڳيتو ڪرندڙ پاڻي ڦڙو جيڪڏهن سوراخ ناهي سگهي ٿو تہ پوءِ لفظن سان لوهي دليون بہ پگهاري سگهجن ٿيون. ان ڪري هن وٽ اهو مضبوط امڪان بہ موجود هو تہ شايد ياسمين هن سان ملڻ جي اوسيئڙي هجي!

هن سکي ستابي گهراڻي ۾ اک کولي هئي. سندس ڏاڏو گجرات ڏانهن ڍڳن جو واپار ڪندو هو اتان سون ۽ چاندي وٺي ايندو هو. ڏاڏس جي موت کانپوءِ ڦوهہ جوڀن ۾ ڪجهہ وقت پيءُ قاسم بہ ان ڪاروبار کي جاري رکيو. پر ورهاڱي کانپوءِ هنن جي وڏي رقم اوڌر جي صورت ۾ ڪڇ گجرات ۾ رهجي ويئي ۽ هنن جو اهو ڌنڌو بہ رڪجي پيو. پر پوءِ بہ قاسم ۽ سندس پائرن وٽ زمين، چوپايو مال ۽ سون چانديءَ جي صورت ۾ ايتري ملڪيت ضرور هئي جو اهي ڪنهن اڳيا هٿ ڌگهيرڻ بنا ئي آسان ۽ عزت ڀري زندگي گذاري، پنهنجو وارو وڃائي ويا.

والد جي حادثاتي موت کانپوءِ، دلڪش ٿري جي تعليم ڪجهہ متاثر ضرور ٿي. پر سندس ماستر ڀاءُ تبسم جي دلچسپي باعث هن بي، اي تائين تعليم حاصل ڪري ورتي. سرڪاري نوڪرين تي بندش باعث آسپاس تمام گهڻي بيروزگاري پکڙيل هئي. ان ڪري هن گهريلو آمدنيءَ ۾ ڀاءُ تبسم سان ٻانهن ٻيلي ٿيڻ جو فيصلو ڪيو. ماءُ حڪيمہ هن کي قاسم جي بچائي رکيل چانديءَ جي سڪن جي ننڍڙي ڳوٿري آڻي ڏني. جنهن کي رپين ۾ بدلائي هن لاڙ ۾ اچي زمين جو مقاطعو ڪنيو.

هن کي خبر هئي تہ هن اهڙي وقت شعور جي واڳ ورائي هئي، جڏهن سندس گهراڻو موروثي ڪاروبار ختم ٿيڻ سبب بدليل گهرجن ۾ پير کپائي نہ پي سگهيو. ٽر ۾ آمدنيءَ جي ٻين ذرين جي اٿهوند ۽ لاڳيتو ايندڙ ڏڪارن سبب، هنن جو چوپايو مال تيزيءَ سان گهٽجي رهيو هو. مدل مين واپارين جي من مانيءَ سبب سندن چوپائي جي قيمت اڌ حصا ڪريل هئي. جنس جي اگهن جو بہ ساڳيو حال هو. خانداني طور چڱ مڙسيءَ جي ڪري، سرشت ۾ آيل آرام پسنديءَ هنن کي محنت مشقت کان ڀُڙيرو ڪري ڇڏيو هو. اهڙين حالتن ۾ تندي باڳي پرسان مقاطعو ڪٽي، هن رڳل قسمت کي وري آزمائڻ ٿي چاهيو. هن ۽ سندس خاندان لاءِ انهن مجبورين کان بہ وڏيڪ مجبوريون سماجي هيون، هي گهراڻو ست پيڙهياتو شاهوڪار ۽ پڳدار رهيو هو. نہ رڳو ڳوٺ پر آسپاس جي راڄن ڀاڳن ۾ بہ چڱو چوکو اثر هو. ان ڪري ماڻهن وٽ هن گهراڻي لاءِ اميدون ۽ تصور اجا بہ ساڳي هئا. شادي مرادي ۽ ڏڻ ڏهاڙي، ڏي وٺ وقت هن گهراڻي مان وڏيون اميدون رکيبون هيون. ساڳي طرح تبسم ۽ دلڪش جي ذاتي هلت چلت مان پڻ وڏن واري اُٺي ويٺيءَ جي اميد رکبي هئي. جڏهن بہ اهي پيادل هلندا تہ هر ڪو ڪائڻ پڇندو هو تہ ”ابا اوها جا وڏا تہ سدائين پلن گهوڙن ۽ اٺن تي چڙهيا، اوهين ٽنگون ٽوڪيندي، سٺا نٿا لڳو!“ انهن جهڙا ٻيا انيڪ زهريلا جملا ۽ سوال سندن ڪڍ لڳا ايندا هئا. اهڙن لمحن ۾ دلڪش جي دل چوندي هئي تہ هو سڀن اڳيان ماڻهن جي آسماني تصورن کي زمين تي لاهي، اهو اعتراف ڪري تہ سندن خاندان جون مالي حالتون ساڳي نہ رهيون آهن. اسان ۾ اڳيون اميدون نہ رکو پر هن کي اهو بہ احساس هو تہ ايئن ڪرڻ سان سندن گهٽگهرن کي صدمو رسندو ۽ منگهُرن کي اجايو ريچڪ چڙهندو. ان سان گڏ خاندان جا پيچ ڍاوا دشمن، مجبورين مان فائدو وٺي، نوان جهيڙا شروع ڪندا. ان ڪري هن پريل بندوق وارو ڀرم برقرار رکڻ ۾ ئي ڀلو ڀانئيو.

تبسم وٽ اٺ ۽ گهوڙي چڙهڻ لاءِ موجود هئا، پر تبسم ۽ دلڪش لاءِ انهن جي ٿهل ٽڪور بہ وڏو مسئلو هو. جهنگ مان ڪانا ۽ چارو آڻڻ، کوهن مان پاڻي ڇڪڻ جهڙا ڪم هنن جي آرام پسند طبعيت لاءِ مشڪل بڻيل رهيا. بدليل وقت ۾ اٺن گهوڙن تي ٿيندڙ محنت ۽ خرچ تي نظر رکڻ کانپوءِ ٻنهين ڀائرن انهن جي پالنا کي جاري رکڻ بدران سمورا جانور آڏيارا پيرائتا، پنهنجن هارين کي ڏيئي ڇڏيا ۽ ايئن پنهنجي اکين اڳيان ڏنار ملازمن کان چوپائي مال جي سنڀال وارو خانداني طريقيڪار، هاڻ نيٺ مال ڀائيواري تي، ٻين کي ڏيڻ ۾ بدلجي پيو. پرائمري ماستر تبسم جي پگهار گهريلو خرچن جي پورائي لاءِ موچارو وسيلو هو. ان ڪانسواءِ زمين ۽ چوپائي جي آمدني بہ سندن سهارو هو. هن گهراڻي جو ڪو بہ ڀاتي ٻني ٻاري يا چوپائي جي سنڀال جو ڪم نہ ڪندو هو. ان ڪري ڪيئي ماڻهو سندن سکي ستابي زندگيءَ تي رشڪ ڪندا هئا ۽ سندن لاءِ وڏ ماڻهپي وارو خاڪو پڻ جڙيل هو.

دلڪش ٿري گھريلو آمدني جي انھن بنيادن مان مطمعن نہ ھو. ڪيس خبر ھئي تہ بدليل دؤر جي گھرجن پٽاندر آمدنيءَ ۽ خرچن ۾ توازن رکجي نہ پيو سگھجي، ۽ نيٺ حقيقت جي اس ۾ برف جو اھو محل پٽ پئجي سگھي ٿو. ان ڪري ھن لاڙ ۾ اڇي زمين جو مقاطعو ڪنيو. اتي بہ منجھس ماڻھن طرفان مالي حيثيت کان وڌيڪ اميدن، ڪيس منجھائي وڌو ھو جتي جتي بہ ھوندو، ڪيس مجبورن ملاوٽ ڪرڻي پوندي ھئي. دل چاھيندي ھئس تہ ھو ٻارن سان گڏ ڪرڪيٽ، بلور کيڏي، پر ايئن ڪندو ھو تہ ماڻھو چوندا ھئس "دلڪش ٻار آھين ڇا؟!" ڪڏھن ڪڏھن پينٽ شرٽ پائيندو ھو تہ پڇندا ھئس "رانن کي لغام ڪڏھن کان چاڙھيو اٿئي!". اکين تي چشمو رکندو ھو تہ پڇندا ھئس "انڌن جي ٽوليءَ مان ڪڏھن ٿئو آھين؟". اھڙا انيڪ سوال ھئا، جن ڪيس ٻين جي پسند تحت زندگي گذارڻ جو پابند بڻائي رکيو ھو! ھن اُٺ ڪتاب پڙھيا ھئا. سندس لکيل علمي ادبي پورھيو بہ لاڳيتو ميڊيا تي اچي رھيو ھو. پر وقت جي ستم ظريفيءَ ھن کي جنھن سوسائيٽي سان لھ وچڙ ۾ رکيو ھو ان جا قدر سندس اوليتن کان بلڪل مختلف ھئا. ھن کي پنھنجي فطري بيساختگي، مڙھيل ملاوٽ منجھ زخمي محسوس ٿي رھي ھئي! سبب اھو ھو تہ پاڻ سماجي ارتقا جي جنھن ھاڃيڪار موڙ تي موجود ھو اتي پراڻا طور طريقا ۽ قدر، تيزيءَ سان ٽٽي ۽ نوان جڙي رھيا ھئا. نئون سماجي سيٽ اپ تبديليءَ جي نالي ۾، سدا بھار پراڻن قدرن کي بہ ٻڙڪائي رھيو ھو جڏھن قدامت پرستي ڪن دقيانوسي قدرن مان ھٿ ڪيڻ لاءِ تيار نہ ھئي. رھڻي ڪھڻيءَ جي انھن ٻن متضاد ٽڪرائن ۾، اوليتن جي جوڙ جڪ ھن لاءِ عذاب بڻجي پئي ھئي!

ھن جو ڳوٺ ٿر جي پٽن ۾ جديد سھولتن کان پرپرو ھو. جتي لاڳيتو رھندڙ ڏڪارن باعث غذائي اڻھوند اڳيان ھئي. ڪير مکڻ جي عدم دستيابي ۽ ٽرانسپورٽ جي نہ ھجڻ سبب ساين پاڇين کان اڻواقف ڏٻرا چھرا غربت جي تصوير بڻيل ھئا. اھو تہ ٿرين جو صبر، شڪر ۽ حوصلو ھو جو ھنن ٿر ۾ رھي ان سماجي چوٽي کي جياريو پئي تہ "پلي بک پرم جي شال م وڃي شان!"

پنھنجي خاندان ۾ بہ پسند جو فرق سندس سامھون اڀري رھيو ھو. ھن جي ماءُ حڪيم، پنھنجي پسند مطابق ھن لاءِ رشتو ڳولي رھي ھئي. سنھڙي، سيپڪڙي، وڏو نڪ ۽ ڏگھي ڳچي، ننڍا چپ، اُلھي ڪُلھي اڇا چُوڙا، سيوٽ ڪنجرو! شرميلي اھڙي جو ماڻھن اڳيان مٿي تان چُني لھيس تہ بہ ٽڪ ماني نہ کائي! بہ ٽي پيرا پڇڻ کان پوءِ رڳو ھڪ لفظ ھا، نہ ۾ ورندي ڏي. ڪم جي اھڙي سويچار جو مال جي ڇيڻي مان اڳڻ راڳيندي دير ئي نہ ڪري. ڪپڙا ۽ گج سبي! اھي ئي معيار ھئا، جن مطابق حڪيم ھن جي لاءِ ڪنوار چوڪري ڳولي رھي ھئي. جڏھن تہ ھن جي پسند جا معيار مختلف ھئا. مضبوط ۽ متوازن جسم، ڪڻڪائون رنگ، شرارتي اکيون، چقمقي ٻانھون، کليل ڊگھا وار، جديد فيشني لباس، ھر موضوع تي کلي ڳالھائيندڙ بيباڪ عورت! ظاھر ھو تہ اھڙي ڪنوار حاصل ڪرڻ لاءِ ھن کي پڙھيل لکيل چوڪرين مان انتخاب ڪرڻو ھو. پر انھن شھري معيارن تي ھيءُ پاڻ بہ پورو لھي نہ پئي

سگهيو گاڏي بنگلو ۽ بينڪ بيلنس نہ ئي سهي، پر نوڪري، الڳ گهر ۽ شهر ۾ مستقبل رهائش جهڙا شرط هن لاءِ ٻہ اڻ ٽيٽا هئا! جڏهن تہ سرڪاري نوڪريءَ لاءِ هن جو چڙهيل پارٽيءَ سان تعلق ۽ بااثر سان واسطو

ضروري هو. ٿري اين جي اوز جا باس وري اقربا پروريءَ ۾ پورا هئا يا وري ڳالهائيندڙ ۽ خوددار بدران ڪين مانيٽن ۽ جي حُضوري ڪندڙ ملازمن جي ضرورت هئي، ان لاءِ دلڪش غير موزون ماڻهو هو!

دلڪش ٿري ان اڻجهل جوڀن جا پيچرا لتاڙي رهيو هو جتي ڪنهن جي پاڪر جي گرمي چڪيندي آهي. جوڙ ڪان خالي بسترن جا چلولا احساس راتين جي ننڊ ڦٽائيندا آهن ۽ اڌ رات جا ڪچڙا خواب، جوڀن کي انهن مخمور وادين ۾ آڻي بيهاريندا آهن، جتان ممنوع جوڀن پنهنجا رستا پاڻ گهڙيندو آهي! چوويهن ورهن جي دلڪش ٿري جا پوڀان پنج سال ڏاڍا بيقرار گذريا هئا. جنهن ۾ ڪيس گداز وجود جي شديد گهرج باوجود شديد ڪوٽ محسوس ٿي هئي. هن جي ڳوٺ ۾ سندس برادريءَ جا رڳو ٻہ ٽي گهر هئا، جڏهن تہ باقي برادري وارا پري پري جي ڳوٺن ۾ پکڙيل هئا. جتي سندس روز مرهہ جو اچڻ وڃڻ ٿي نہ سگهندو هو. هن سان ٻي مشڪل اها هئي جو ٻي ڪنهن هنڌ هن سهارو ڳولڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي تہ برادريءَ جو فرق آڏو اچي بيٺو ٿي!

6 سال اڳ جهڙڦُڙ جهڙالي منجهند ويل، گهمڻ لاءِ پنهنجي ٻنيءَ تي پهتو هو تہ ٻاجهر جي گهاٽن ۽ ڏگهن سلن ۾ سنگهہ لٽيندڙ سندس هارياڻيءَ، هن ڪان چرچي ۾ سنگهہ لُٽائڻ جي حجت ڪئي تہ هن ٻاجهر جو ڏگهو سنگهہ لٽي سندس ڪانبي ۾ وجهندي پڇيو :"سوني تنهنجي پڙي ۾ ايترا پُرت ڪيئن ڦاٽا آهن!" سونيءَ نخري مان وراڻيو: "پڙو ريشم جو آهي، تڏهن گهڻا پرت لڳا آهن، پر تون پرٽ چنڊائڻ ۾ مدد نہ ڪندين!" ڏاتڪي لهجي ۾ ڏاتياڻيءَ جي اها ڏاتڪي هُجت ڪيس نسوري نيئنڊ محسوس ٿي هئي. پر نا تجربيڪاريءَ جي لچاري ڪيفيت ۾ ڪجهہ ڪڇي نہ سگهيو هو. سوني ٻاجهر جي ساوَن سلن منجهہ پنل واريءَ تي ويهي پڙي جي پلاند مان پرٽ چنڊڻ لڳي تہ هن جون لچاريون نظرون ريشمي پڙي جي آسپاس اٽڪي پيون! تڏهن سونيءَ هن کي هُجت ۾ ٻانهن مان جهلي لاٻارو ڪرايو هو! سانوڻي رُت جي ان منجهند ويل انوکي تجربي مان گذريو هو. پهريون پيرو هن جي آشنائي اندر ۾ لڪيل ان ڪيفيت سان ٿي هئي، جتي هن پاڻ ۽ سونيءَ کي هڪئي وجود پاتيو هو! ان ويل هن هوا ۾ لڏندڙ ٻاجهر جي ٻوٽن ۾ فطرت جا محبوب رقص ڏٺا هئا! ڏُور ڪنهن پٽ تي ڏنار جي وڄايل بانسري، هن کي زندگيءَ جو گيت لڳي رهي هئي. جڏهن هن پنل واري تان اٿي ڪپڙا چنڊڻي پڳهر اگهيو هو تہ پنل واري هن کي گداز پلنگ لڳي هئي، جنهن تي هن وري ليٽڻ چاهيو هو!

۽ پوءِ ان موسم جا ڪيئي دلربا لمحا، سونيءَ جي صحبت ۾، ٻاجهر جي ٻوٽن ۽ جار جي پوٽارن ۾ لڪي ويا هئا. تڏهن هن وٽ اجان مقدار تي معيار حاوي نہ ٿيو هو!سونيءَ کان پوءِ هن جي زندگيءَ ۾ چند عورتون ٻيون بہ آيون، پر ڪا بہ هن کي ڏگهي رفاقت ڏئي نہ سگهي. مڙس سان گڏ محنت مزدوري

لاءِ ٻئراج ويل سوني، جڏهن کان هڪ زميندار جي قرضي ٻڌجي نجي جيل حوالي ٿي، هن کان وڇڙي هئي، تڏهن کان ساڻ ۾ آيل هر وجود، اڳ جي ٻڌ ڇوڙ کان اڳتي سندس دل ۾ جاءِ جوڙي نہ سگهيو. ڪنهن ملاقات جو احسان جتائي هن کي دور ڌڪيو تہ ڪنهن وري سماجي رڪاوٽن سبب ناتو ڇنو. پر ڏيڍ سال اڳ جڏهن کان لاڙ جي ڳوٺڙي ۾ رهڻ لڳو هو تہ تازو ئي اتي بدلي ٿي آيل ماسترياڻي سلمہ هن کي زندگيءَ سان ڀرپور محبت کان آشنا ڪيو هو. ٻنهي جا قلمي لاڙا هڪ جهڙا هئا. شروع شروع ۾ هڪٻئي کان ڪتاب رسالا ڪٽي پڙهڻ، رسالن ۾ ريڊيو لاءِ مواد موڪلڻ سان ئي منجهن ويجهڙائي وڌي هئي، پر اڳتي هلي سندن طبيعتن جي هڪجهڙائيءَ، ڪين مضبوط ذاتي تعلق ۾ جڪڙي ڇڏيو هو. پوءِ هڪ ڏينهن ڪمري جي اڪيلائيءَ ۾ ٻنهين جي هڪٻئي جي لڪيل صلاحيتن سان واقفيت ٿي هئي. ٻنهين احساسن جي رستن تي، محظوظات جا ڪيترائي ٻير چاٽيا هئا ۽ ايئن هڪٻئي کان آشنائيءَ جو اهو سفر، خود شناسيءَ جو بہ انوکو تجربو بڻيو هو ۽ ايئن لاڳيتو سندن ملاقاتون، اسڪول جي چوديواريءَ ۾ پٽين جي ڪنن ۾ پڻ پڻ ڪنديون هيون. سلمہ هن جي هر محبت کي قبول ڪيو هو. سهسين راز رکيا هئا، ۽ سندس وجود کي پيار ۽ پنهنجائپ جي خوشبوءِ سان ايئن واسي ڇڏيو هو جيئن نازبوءِ جي سرهاڻ ڀرسان گمُلنڊڙهوا جي خوشبوءِ نڪن کي معطر بڻائي ڇڏيندي آهي!

هڪ سال تائين سلمہ سندس زندگيءَ ۾ ڀرپور طرح سان شامل رهي. پر گذريل ڇهن مهينن کان جڏهن سلمہ پنهنجي ڳوٺ بدلي ٿي هئي، تڏهن کان سندن تعلق مانو ٽيڻ لڳو هو. ڪڏهن ڪڏهن سلمہ جي گهر وڃڻ ٿيندو هئس، پر سلمہ جي ماءُ هن کي ڏٺي نہ وٽندي هئي، ڇو تہ اها پوڙهي هر وقت ڪانئس ملڪيت ۽ آمدنيءَ متعلق سوال پڇندي هئي ۽ هرهر رومال ۾ ويڙهيل سندس اهو پيغام هوندو هو تہ هن جي مالي مدد ڪئي وڃي. ڏوڪريءَ جي هر ڳالهہ مان ڪيس مڪاري ۽ چالبازيءَ جي بدبوءِ محسوس ٿيندي هئي. آهستي آهستي ڏوڪريءَ کي بہ هن کان بُڇان ٿيڻ لڳي. جنهن شخص جون اسان کي ڳالهيون نہ وڻنديون آهن، ان کي نيٺ اسان کان نفرت ٿي پوندي آهي! ايئن دلڪش جو وجود بہ ڏوڪريءَ جي اکين ۾ ڪتر بڻجي هُتڪڻ لڳو هو ڇو تہ هي نہ رڳو ڏوڪريءَ جي اميدن تي پورو لهي نہ پئي سگهيو پر هُن جون ڳالهيون ٻڌڻ کان بہ لنوائيندو هو.

ڏوڪريءَ ٻن وڏين ڏيئرن مان پنهنجن ڌهتين ۽ ڌهتن جي پوري ٽيم پاڻ سان گڏ رهائي هئي، جنهن ڪري درجن کن ماڻهن کان وڌيڪ ڪٽنب لاءِ، سلمہ جي پگهار ناڪافي بڻجي پيئي هئي. ڏوڪريءَ دلڪش مان نااميد ٿيڻ کان پوءِ، تر جي وڏي زميندار ڪريم بخش سان واسطو وڌايو هو. جنهن جي اچ وڃ وڌڻ ڪري، دلڪش کي پنهنجو وجود بيمعنيٰ محسوس ٿيڻ لڳو هو. ويتر ڏوڪري سلمہ جي اڻموجودگيءَ مان فائدو وٺندي، رومال ۾ ويڙهي طعنن جا تير هڻندي هئس. ”ٽريو ۽ نانگ سامهان اچن تہ پهرين ٽريي کي مارجي!“ جملي جي زهر کي مذاق جي ڪيپسول ۾ لڪائڻ لاءِ وڌو ٽهڪ ڏيندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن وري ڪنهن سان مخاطب ٿي چوندي هئي. :”دشمنن جي در تي ٻيهارڻ لاءِ

ڏڪار جي ماريل ٿريي ڪان وڌيڪ موزون ٻيو ڪو ٿي نٿو سگهي!“. ڏوڪريءَ جا اهي جملا، هن لاءِ نه اچڻ جي سگنل طور ڪافي هئا. هن ڪيئي ڀيرا سلمه سان ڏوڪريءَ جي انهن روين جون شڪايتون به ڪيون پر ڏوڪري مٿس ايترو ته حاوي هئي جو سلمه چاهڻ باوجود به ڏوڪريءَ کي ڪجهه چئي ڪونه سگهي. ويتر دلڪش کي صبر ۽ شڪر جي تاڪيد ڪندي رهي ۽ ايئن دلڪش جي دل ۾ ويڇا وڌندا رهيا. ڇئن مهينن کان سلمه سان سندس تعلق ٽٽل رهيو هو. چند هفتا اڳ سلمه طرفان شاديءَ جي پيشڪش کي رد ڪندڙ خط لکڻ پڇاڙا سلمه جو بس آخري خط آيو هو.

جڏهن دلڪش ٿري مننار جي گهر اڳيان ٻهر جي وڻ هينيان کٽ تي ويٺل هو، تڏهن موٽر سائيڪل تي شهر ڏانهن ويندڙ مننار هن کي شهر هلڻ لاءِ صلاحيو. چند لمحا سوچڻ کان پوءِ هن ڪمري ۾ رکيل ٿيلهو کنيو ۽ موٽر سائيڪل تي چڙهي ويٺو. مننار ۽ ٻين حيرت مان ٿيلهو کڻڻ جو سبب پڇيو ته هن وراڻيو: ”ڳوٺ وڃان ٿو سگهوئي موٽي ايندس، زمين جي نظرداري ڪجوا“ پوءِ جڏهن تنبدي باڳي مان ٿر ويندڙ بس ۾ چڙهي ويٺو ته ٿر وڃڻ جي پيارڙي تصور سان گڏ، ياسمين جي شهر اسلامڪوٽ مان گذرڻ جو ڪينچلو احساس به، سندس دل جي پٽ تي سينڌُون هڻندو رهيو. بس جڏهن اسلامڪوٽ جي حدن ۾ داخل ٿي ته ياسمين جي موجودگيءَ جي خوشبوءِ پري کان سندس سواڳت ڪيو. هن خالي خالي نظرن سان آسپاس نهاريو، پر ڪٿي به هوءَ نظر ڪونه آئي! اسلام ڪوٽ هن لاءِ ڪو نئون شهر نه هو. ٻالڪپڻ ۾، والد قاسم سان گڏ اٺ يا گهوڙي تي چڙهي هن شهر ۾ ايندو هو. هاءِ اسڪول ۾ پڙهڻ دوران هتي ڪيترين ئي رانديون ڪيون هئائين. نمن هينيان هن ڪيترائي خواب پوکيا هئا، ۽ هن شهر جي رستن تي هڪ جيڏن سان گڏ، هن جون ڪيئي رولاڪيون پکڙيل هيون، پر اڄ الاءِ ڇو؟ هن شهر ۾ ياسمين جي موجودگيءَ جو احساس، هن لاءِ عجيب اُڻ تُڻ بڻجي پيو. هن کي پنهنجي لکيل گمنام خطن جا ڪيئي جملا، يادن جي رمجهم ڏانهن ڇڪيندا رهيا. روڊ ڪناري عمارتن جي ديوارن مان، ياسمين جي هُجڻ جو گمان، هرهر کيس شيشن مان ٻاهر نيهارڻ تي مجبور ڪندو رهيو ۽ سندس اندر ۾ اٿڪيل اتاولائي، ياسمين کي ڏسڻ لاءِ، شهر مٿان اڏندڙ پکين سان گڏجي کيس اڏامڻ جو خيال اريبندي رهي! هن سوچيو: ”اهي پکي هينئر هينئر ياسمين کي ڏسندا هوندا“. هن انهن گهرن ڏانهن نهاريو، جتي سندس خيال موجب ياسمين جو گهر ٿي سگهيو ٿي. سوچيائين :”هينئر هتي ياسمين موجود هوندي، پر الاءِ ڇا ڪري رهي هوندي؟!“

آخري اسٽاپ تي ”گاڏي خالي ڪريو“ جي آواز کيس خيالن جي هجوم مان ٻاهر آندو. بس مان لهڻ کان پوءِ هن هڪڙي جهوپڙا هوٽل تي چانهن پيتي ۽ پوءِ ڳوٺ ويندڙ ڇڪڙي ۾ سوار ٿيو. گهر پهتو ته سندس ٻيڙي ماءُ حڪيمه پاڪر ۾ پريندي چيس ”ڇئن مهينن کان پوءِ گهر آيو آهين. تنهنجون اهي ديرون هاڻ گهٽو هلڻ ڪونه ڏينديس، سمورو بندوبست ڪري ڇڏيو اٿم. صبح ته ٿئي!“ دلڪش حيرت مان پڇيو ”صبح جو ڇا ڪنديئن امان!؟“ حڪيمه رازداريءَ واري نوع ۾ وراڻيو :”محسن جي

ڇوڪري جنت جو سنگ گهريو اٿم. ڇوڪري اٺ درجا پاس آهي، سياڻي منگڻي ڪنداسين“. دلڪش ماءُ جي ڳالهه کي ٽڪرائيندي چيو :”امان اهو رشتو مونکي قبول ناهي. مونکي چند مهينا موڪل ڏي، آئون پاڻ ئي تو لاءِ ننهن ڳولي ايندس“حڪيم کي ٿورڙو صدمو پهتو پر پٽ جي ڳالهه کي رد ڪري نه سگهي، چيائين سياڻي محسن وارا مڱڻيءَ لاءِ زور ڀريندا، ڪين چا چوان؟“ دلڪش صلاح ڏيندي چيو ”ڪين به ٽي مهينا انتظار ڪرڻ جو چئجان، هرويرون ٽڪڙا هجن ته سندن مرضي“ حڪيم دلڪش جي ڪن ۾ سڙٻات ڪندي پڇيو”پر اهو ٻڌائي ته تو ڪهڙي ڪنوار ڳولي آهي!“ دلڪش ماءُ جي دل رکڻ خاطر وراڻيو ”بس آهي هڪڙي مڌهم (ڊاڪترياڻي)، به ٽي مهينا انتظار ڪرڻو پوندو!“ حڪيم گدگد ٿيندي چيو ”آئون صدقي وڃان، دير جو ڪجهه ڪونهي، مڌهم ننهن ملي، اهڙا نصيب ڪٿي. “ حڪيم دير تائين پٽ دلڪش کان مڌهم جي حوالي سان سوال پڇندي رهي ۽ موٽ ۾ دلڪش مختلف جواب گهڙي ڪيس مطئمن ڪندو رهيو.

***

دلڪش ٿري اسلام ڪوٽ جي پوسٽ آفيس ۾ پنهنجي دلبر دوست، رمضان وٽ ويٺل هو. اسلامڪوٽ ۾ هن جو گهڻو وقت، گهاتي يار رمضان پوسٽ ماسٽر سان گڏ گذرندو هو. اج چار مهينن کان پوءِ رمضان سان ملڻ ٿيو هئس، جيڪو ڪيس ڏوراپو ڏيئي چئي رهيو هو ”يار دلڪش توکي تندبو باگو اهڙو ياڻءُ پيو آهي، جو اسان کي مورڳو وساري ڇڏيو اٿئي!“ دلڪش وراڻيو :”تندي ۾ مصروفيتون وڌيل هيون، جنهن ڪري ٿر تان پيرو پڇڻ ۾ دير ٿي ويئي. “ رمضان مرڪندي وراڻيو: ”تنهنجين وڌيل مصروفيتن جي ته اسان کي خبر پئجي ويئي، پر اهو ٻڌائي ته گمنام خطن وارو ايڊونچر ڪٿي پهتو؟“ رمضان جي پوئين جملي ڪيس ڇرڪائي وڌو. هونئن ته رمضان سندس همراز دوست هو ۽ هنن هڪٻئي کان ذاتي زندگيءَ جا ڪيترائي پوشيده موضوع شيئر ڪيا هئا، پر دلڪش ياسمين کي لکيل خطن وارو معاملو هيستائين، رمضان کان ڳجهو رکيو هو. ان جو سبب اهو هو جو معاملو شروع ٿيڻ کانپوءِ رمضان سان ملاقات نه ٿي هئس. اج ساڻس ملڻ لاءِ ايندي، هن سوچيو هو ته اهو موضوع رمضان سان شيئر ڪندو. پر رمضان جي آخري جملي ۾، معاملي کان واقفيت واري اشاري، ڪيس منجهائي وڌو. هيستائين اهو راز سندس اندر ۾ ئي لڪيل هو، پوءِ رمضان کي خبر ڪيئن پيئي؟! هن کي پڪ ٿي پيئي ته سڄو معاملو گڙٻڙ جو شڪار هو ۽ ياسمين طرفان ئي گمنام خطن تي ٿيندڙ جارحانه رد عمل جو نتيجو هو جو ڳالهه سڄي شهر ۾ مشهور ٿي، رمضان تائين پهتي هئي. هن اٽڪاڻ ٿي رمضان کان پڇيو:”ڪهڙو ائڊونچر؟ ڇا مطلب؟؟“ رمضان رازداريءَ واري انداز ۾ کانئس پڇيو”معاملو اڳتي نڪري چڪو آهي. عورت کي تنگ ڪرڻ جي شڪايت حد جي ايس، ايچ، او تائين به پهتل آهي. مون اوهان جي انوالمينٽ سمجهي مسئلي کي ڪجهه ٿڏو ڪيو آهي. اگر اوهان

ان ۾ شامل ناهيو تہ آئون روڪيل معاملي کي ڍر ڏيان". دلڪش تجسس مان پڇيو "پر اوهانجو هن مسئلي سان تعلق ڪيئن جڙيو؟" رمضان مصنوعي مرعوبيت مان وراڻيو:"جيڪو بہ تعلق هجي، آئون چاهيان تہ هينئر جو هينئر اوهان سان ڏچو ٽي سگهي ٿو. " پنهنجي پيارڙي يار رمضان جي واتان پهريون ڀيرو ڏمڪي آميز دُوري محسوس ٿيئس. اوچتو هن ۾ بيپناه ارڏائي ۽ اعتماد جا اثر اڀرڻ لڳا. لاپرواهيءَ مان چيائين :"ڊيئر اوهان جي مهرباني جو اوهان هيستائين مونکي بچائڻ جي ڪوشش ڪئي. پر هاڻ اوهان اها تڪليف نہ ڪجو!" رمضان پهريون ڀيرو پيار، پنهنجائپ ۽ همرازيءَ مان چيو: "پيارا آئون تنهنجو سڄڻ آهيان. هيستائين توکي پريشان ڪرڻ لاءِ ڊرامو ڪري رهيو هئس. تون اجايو سنجيده ٿي وئين. " دلڪش کي پنهنجي چڙ ۽ جارحيت تي شرمندگي محسوس ٿي، هو چور جي مٽي تي چڙڻي هجڻ جيان پنهنجي وهم جي گپ ۾ ترڪي رهيو هو. رمضان هجت مان پڇيس: "سچ ٻڌائي خط ڪنهن لکيا؟"

ان وقت هن کي رمضان بنهہ پيارڙو ۽ سباجهڙو لڳو. هن بہ ساڻس ڊرامو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. سندس پوئين سوال جي ورندي ڏيندي چيائين "گهٽ ۾ گهٽ مون تہ نہ لکيا آهن" رمضان حيرت مان ڏسندي چيو "مونکي تنهنجي سنڌي رائيٽنگ ڏسڻ جو گهڻو موقعو تہ نہ مليو آهي، پر تنهنجيون لکڻيون اخبارن ۽ رسالن ۾ پڙهيون اٿم. گمنام خطن ۾ لفظن ۽ خيالن جي آميزش، تنهنجي ئي لڳي ٿي ۽ ٻي ڳالهہ تہ خط تنڊي باگي مان ئي لکيل آهن. تون بہ اتي هُئين!" دلڪش پراعتماد لهجي ۾ وراڻيو: "اهو رڳو اتفاق آهي" رمضان ڪيس ننهن کان چوٽيءَ تائين ڏسندي پڇيو:"چا اهو بہ اتفاق آهي تہ خطن جو لکاري اصل ۾ ٽريو آهي ۽ سندس لکڻين ۾ جابجا ٽر جو ذڪر ملي ٿو؟" دلڪش ڪجهہ سوچيندي وراڻيو "مونکان سواءِ بہ ڪوڙ تنڊي باگي ۾ ليڪڪ ۽ شاعر آهن ۽ قلمڪار لاءِ ڪنهن بہ علائقي جي تشبيهہ ڳولڻ ڪو مسئلو نہ آهي. " رمضان گهري سوچ ۾ چپ پڪوڙي چڏيا، پنهنجي ساءِ چيائين "عجيب ڳالهہ آهي!" دلڪش مصنوعي تجسس مان چيو. "تنڊي باگي جي سمورن قلمڪارن کي آئون ويجهي کان سڃاڻان. پر توکي خط ڪنهن ڏيکاريا؟!" رمضان ٽيبل جو خانو کوليندي ڳالهايو"عورتاڻي ائڊرس تي لاڳيتو ڳرا لفافا آيا تہ شڪي ٿي پيئس، احتياط سان لفافا کولي چند خطن جون فوٽو اسٽيٽ ڪاپيون پاڻ وٽ رکيم ۽ وري ڪونئر لڳائي لفافا ساڳي حالت ۾ لکيل ائڊريس تي موڪلي چڏيم" رمضان ڪيس ٽن خطن جون فوٽو ڪاپيون ڏيندي چيو: "مون وٽ ٽن خطن جون ڪاپيون آهن. ڌيان سان پڙهي ڏس، جيئن ڪو رستو نڪري سگهي". دلڪش ڏيکاءُ واري تعجب مان خط ڏسڻ لڳو. چند لمحن کان پوءِ ٻهہ ٻهہ ٿيندي چيائين: "بس هاڻي مون چور سڃاتو. " رمضان دلچسپيءَ مان پڇيو "ڪير!؟" دلڪش وراڻيو : "رائٽنگ عثمان جي لڳي ٿي" رمضان بيتاب ٿيندي پڇيو "ڪهڙو عثمان؟" دلڪش وراڻيو:"عثمان تنڊي جو صحافي آهي، مونسان تمام گهڻو هجتي آهي. خطن جون ڪاپيون، مونکي ڏي جيئن، ايندڙ ڀيري لاڙ وڃڻ وقت ڪيس تنگ ڪريان" دلڪش سک جو ساهہ کنيو جو

سندس رشتيدارن جي ذڪر تي مشتمل پوين خطن مان ڪنهن ٻه خط جي ڪابه ڪاپي نه هئي. ٻئي دوست ڪجهه دير ساڳي موضوع تي ڳالاهيندا رهيا. نيٺ دلڪش وڏا وڏا ٽهڪ ڏيندي چيو ”شروع شروع ۾ تو مونسان ڊرامو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ پوءِ مون توکان وڌيڪ ڪامياب ايڪٽنگ ڪئي ۽ ايئن مون پوئين ملهه ماري بازي کٽي ورتي“

رمضان پڇتاءُ واري مرڪ مرڪندي چيو: ”تنهنجين ڳالهين تي يقين ڪرڻ جو سبب اهو هو جو مون هن کان اڳ ڪڏهن به تنهنجي واتان غلط بياني ناهي ٻڌي ۽ ٻيو ته تون حساس معاملا به بي جهجهڪ مونسان شيئر ڪندو رهيو آهين. سو مونکي تنهنجي اداڪاريءَ تي حقيقت جو گمان ٿيو. ”ٻئي دوست وڏا وڏا ٽهڪ ڏئي کلندا رهيا ۽ گمنام خطن جي امڪانن تي ڳالاهيندا رهيا. ٻنهين کي اهو ڄاڻڻ جي شديد خواهش هئي ته گمنام خطن ياسمين تي ڪهڙو اثر ڇڏيو هو؟ اهو اثر معلوم ڪرڻ لاءِ گهڻي سوچ ويچار ۽ بحث مباحثي کان پوءِ ٻن طريقن تي متفق ٿيا، جن تي بهتر عمل ٿيڻ جي صورت ۾ دلڪش جي ياسمين تائين رسائي ٿي سگهي ٿي يا وري ياسمين جو موڊ معلوم ٿيڻ ممڪن هو. پهرين منصوبي مطابق دلڪش جي ٻن ڳوٺائي دوستن نياز ۽ ملهار کي، ڪنهن مريضه جي بيماريءَ جو بهانو ڪري ياسمين وٽ پهچڻو هو. تڪليف جي فرضي نوعيت ٻڌائي پرپٽ علاج جي پرچي لکائڻ لاءِ چوڻو هو. ياسمين جي موجودگيءَ ۾ نياز اچڻو هو. هن کي ٿي ملهار کي بيچين ساگر نالي دوست جا سلام ڪجهه اهڙي انداز سان پهچائڻا هئا، جيئن ياسمين جي سماعتن تائين بيچين ساگر نالو چٽائي سان پهچي سگهي. ان کان پوءِ ياسمين جي چهري جي تاثر ۽ باڊي لينگويج مطابق ٿي عمل ڪرڻو هو. نالو ٻڌڻ کان پوءِ مثبت دلچسپي ۽ ٿڌي مزاج جي صورت ۾ بيچين ساگر متعلق وڌيڪ تفصيل ٻڌائڻا هئا. جڏهن ته ياسمين جي ڪاوڙيا آڏي پڇا جي صورت ۾ ملهار ۽ نياز کي بيچين ساگر سان رڳو قلمي سڃاڻپ ظاهر ڪرڻي هئي ۽ اهو ٻڌائڻو هو ته بيچين ساگر جي ائڊريس کين رسالي مان ملڻ کان پوءِ ساڻس قلمي دوستي جڙي هئي. کين چوڻو هو: ”هڪ ڀي ڳوٺ سان تعلق هجڻ ڪري، بيچين ساگر هڪ کي خط لکندو آهي ته ٻي کي سلام ضرور لکندو آهي“. ٻي منصوبي مطابق رمضان کي سندس پاڙيسرڻ دائي سلامت کان ياسمين تي ٿيندڙ خطن جي رد عمل متعلق پڇڻو هو ۽ دائي سليمت وسيلي بيچين ساگر جو نينهن نياپو اماڻي، ياسمين جي موٽ معلوم ڪرڻي هئي.

دلڪش ۽ رمضان ٻنهين منصوبن جي مختلف پاسن تي گفتگو ڪندا رهيا، ياسمين جي سخت روئيي جي صورت ۾، هن ۽ سندس وارثن جي سخت ردعمل کان وڌيڪ، سماجي رسوائي جو خطرو موجود هو. ڇو ته لڪڙ تاڙ باعث ڪنهن عورت سان بدفضيلتي حرڪت جي خبر، ڪلاڪن ۾ آسپاس پکڙجي سگهي ٿي ۽ کين ٺرڙا، هلڪڙا ۽ ٻيا قابل نفرت لقب ملڻ جو خطرو هو بلڪ اهو ڪم، سندن وارثن لاءِ پڻ بيعزتي ۽ مهڻو ٻڻجي ڪنڌ جهڪائڻ جو سبب ٻڻجي سگهيو ٿي. دلڪش

کي ايندڙ هفتي ۾، پهرين منصوبي تي عمل ڪرائڻو هو نه ٽيڻ جي صورت ۾ رمضان کي منصوبي نمبر2 تي عمل ڪرڻو هو.

***

دلڪش ٽري پوسٽ آفيس ۾ رمضان جي سامهون ڪرسيءَ تي موجود هو. هن ٻه لفافا ڪيسي مان ڪڍيا ۽ مٿن ڏنڏلا ٽپا هڻڻ لاءِ چيو. رمضان لفافن تي ڪجهه ايئن ميرانجهڙا ٽپا هنيا. جو ڏسڻ واري کي اها خبر پئجي نه سگهي ته لفافا ڪهڙي شهر مان پوسٽ ڪيل آهن. دلڪش جا هي ٻه خط ٻن هفتن جي وچوٽيءَ پچاٽا، ياسمين ڏانهن وڃي رهيا هئا دلڪش لاڳيتن خطن ۾ وچوٽي وجهڻ نه ٿي چاهي، بلڪ هن ياسمين جي سوچ کي هر حال اپڊيٽ رکڻ چاهيو ٿي، جيئن نئين نينهن جي چارم کي سرد مهري نه پيلي! هن نه ٿي چاهيو ته ياسمين کي اسلام ڪوٽ ۾ سندس موجودگيءَ جو پتو پئجي، ۽ هوءَ آسپاس جي ڪنهن وهم ۾ وچڙي نه پوي. ان ڪري هن لاڙي ڪيفيت ۾ لکيل ٻن خطن تي ميرانجهڙا ٽپا لڳرائي، ٽپاليءَ هٿان ياسمين ڏانهن اماڻي ڇڏيا.
خط موڪلڻ کان پوءِ رمضان کانئس پڇيو "پلان نمبر 1 جو ڇا ٿيو؟" دلڪش مايوسيءَ مان وراڻيو: "اهو ناقابل عمل ٿي پيو آهي. "رمضان تعجب مان پڇيو: "سو وري ڪيئن؟" دلڪش ٻڌايو "نياز ۽ ملهار کي مون ريهرسل ڪرائيندي محسوس ڪيو ته، ٻئي نه رڳو خود اعتماديءَ جي کوٽ جو شڪار آهن. پر ياسمين جي امڪاني سخت رويي کان بنهه گهڻو خوفزده به آهن، ان ڪري منصوبي جي ڪاميابيءَ جا امڪان اٿي ۾ لوڻ جيترا وڃي بچيا آهن "رمضان بيوسيءَ مان پڇيو نيٺ ڇا ٿيندو؟".
دلڪش اکين ۾ اکيون وجهندي چيس: "توکي ئي پلان نمبر 2 تي عمل ڪرڻو پوندو" رمضان محروميءَ مان وراڻيو:"مون سڄو هفتو ان تي سوچيو آهي، پر اهو منصوبو به ناقابل عمل لڳي ٿو".
دلڪش بيچين ٿيندي پڇيو "ڪيئن!؟". وراڻيائين "سليمت سندم پڙيسري ضرور آهي، پر سندس تعلق ٻي برادري سان هجڻ سبب، ڪيس همراز بنائڻ ٽورڙو مشڪل آهي. ڪٽي ڪوشش ڪجي به سهي، پر هڪ ته مٿس مڪمل ڀروسو ڪري نه ٿو سگهجي، ٻيو ياسمين جي رضامنديءَ جي به خبر ناهي ۽ ٽيون وري ڳالهه کلڻ کان پوءِ سڄو نزلو مون تي ڪريو ته مون لاءِ مسئلا ٿيندا، آئون ملازم ماڻهوا!" دلڪلش ٽريءَ مرڪندي چيس : "لڳي ٿو پلان نمبر 3 تي عمل ڪرڻو پوندو" رمضان اتاولو ٿيندي پڇيو "ڇا پلان نمبر 3 به تيار آهي. ؟!"
دلڪش پر اعتماد لهجي ۾ وراڻيو "آف ڪورس!" رمضان پيار مان پڇيو "مونکي نه ٻڌائيندين يار؟!".
دلڪش ڏڍ ڏيندي چيس:"ايندڙ هفتي اچا ڪارا ڇٽي پوندا، تيستائين انتظار منهنجان منڙا!".
دلڪش ڪجهه سوچيندي پوسٽ آفيس کان ٻاهر نڪري ويو.

***

ياسمين اسپتال جي ڪمري ۾ داخل ٿيندي ئي پهريان ٽيبل جو خانو کولي نهاريو ۽ ان کان پوءِ ماسي سليمت ڏانهن سواليه نظرن سان ڏٺو ان اميد سان ته من ڪجهه دير اڳ ٽپالي خط ڏيئي ويو هجي؟ پر خالي خاني ۽ دائي سليمت جي خاموشيءَ کيس مايوس ڪيو. هن سوچيو ٻه هفتا گذري چڪا آهن، اجنبيءَ جو وري خط ناهي پهتو. ڇا اداس ڇوڪري کيس مونکي خط نه لکڻ لاءِ آماده ڪري ورتو آهي؟ ڇا مون طرفان خط نه لکڻ سبب بد دل ٿي، هن خط لکڻ بند ڪري ڇڏيا؟ ڇا هن جا خط هاڻي وري ڪڏهن مونکي پڙهڻ نصيب ڪونه ٿيندا. ؟ هن جي دل لاجواب سوالن جي بحري قذاقن هٿان يرغمال بڻجي پيئي. درد ۽ بيوسيءَ جي احساس ۾ اڻ ڪٿ انتظار جي ڪاتي کيس وڍيندي رهي. پويون سڄو هفتو هن ڪاون تي هلي گذاريو هو. سرڪاري اسپتال ۾ پنهنجي ڪمري ۾ ويهي، ڪليل در ڏانهن، هن جي اکين نهارڻ جي لاءِ، الاءِ ته ڪيترا پنڌ ڪيا، ڪٿان به ٽپالي نظر ڪونه آيو. ٽپاليءَ جي مخصوص لباس ۽ انداز ۾ به، هن لاءِ عجيب احساس اٽڪي پيا. هونئن به هيستائين اڏيل سندس پيار جي ماڙيءَ جو بنياد ته. بيئل ئي پوڙهي ٽپاليءَ جي جهونن هٿن تي هوا هن سوچيو. :”آئون به ڪيڏي نه اياڻي آهيان، پنهنجي پيار جي به ڪهڙي هام هڻان؟ پرديسي پرين، نه ڏٺل نه وائنل، هڪڙو هفتو خط نه اچي ته سمورا پيرم، سمورا آسرا ڇڪنا چورا محبت جو ڪاڪ محل به ٽپال جي برف تي بيئل آهي، رڳو خط اچڻ بند ٿئي ته ڪجهه به باقي نه رهي. نلهو ڏورا پو ڏيڻ جو موقعو به نه ملي!!
هن جي ڇهري تي پگهر جا ڦڙا ڦُٽي پيا. سوچيائين: ”اجنبي ته ملڻ کان به مهانگو ڪنهن کان پڇان؟ ڪنهن سان رُسان؟ ڪنهن سان پرچان؟! سڀ ڪجهه ڇا تي رهيو آهي؟ ڪيڏانهن پيئي وڃان. . . . . . ؟ بيمنزل راهون. . . . . . صحرا جو سراب! ڪهڙو پيار؟ ڪهڙو رشتو؟ خودفريبي ڪانسواءِ ٻيو ڇا. . . . . ؟!
هن جي اکين اڳيان اونداهه ڦرڻ لڳي، مٿو چڪرائڻ لڳس، ماسي سليمت کان ٻانهن جو سهارو وٺي، ڊائيننگ ٽيبل تائين پهچي ليٽي پئي. ماسي سليمت پريشان ٿيندي هن جي طبيعت پڇي. پر ياسمين منهن تي چني اوڍي اهو چيو ته ”آئون ڪجهه دير لاءِ سمهان ٿي“.
ٿورڙي دير کان پوءِ ٽپالي به لفافا دائي سليمت کي ڏيندي چيو ”ياسمين باجي جا آهن“ اهو جملو ٻڌي ياسمين اٿي ويٺي. ٽپاليءَ حيرت مان پڇيو ”باجي اوهان ستا آهيو!؟“ ياسمين بيرخيءَ مان وراڻيو: ”بس، طبيعيت نيڪ نه آهي“. واپس ڪرسيءَ تي اچي ويهڻ کان پوءِ خط پڙهڻ يا نه پڙهڻ متعلق ڪنهن فيصلي تي پهچي نه سگهي. هن کي خبر هئي ته هر خط پڙهڻ کان پوءِ، هوءَ غير محسوس طور پيار جي سحر ۾ جڪڙجي رهي هئي. هر خط اچڻ وقت کيس خوشي ته ڏني ٿي، پر پڙهڻ کان پوءِ وري اداسي ۽ محروميءَ جي درد، جيڪي ڇوڏا لاٿا ٿي، ان کان بهتر هو ته مورڳو خط ئي نه پڙهجن ۽ اجنبي سڄڻ جي روبرو اچڻ تائين انتظار ڪجي، لفظن ۾ لڪيل ڪيفيتون سچيون هونديون ته پرديسي پرين، پاڻهين پهچي ويندو! هن ٻئي خط ڪٽي پرس ۾ رکي ڇڏيا. سگريٽ دکائي ڪش هڻڻ لڳي. سگريٽ

اڳي بہ پيئندي هئي. پر گمنام خطن جي اچڻ کان پوءِ آهستي آهستي، هوءَ زري گهٽ چين سموڪر ٿيڻ ڏانهن وڌي رهي هئي. خط پرس ۾ رکڻ کان پوءِ، هوءَ هُوران کُوران ۾ ڪامڻ لڳي. خط پڙهان_ نہ پڙهان!؟. ڪيس خطن جي ٻاڙ بيقرار ڪرڻ لڳي. سندس ڪيفيت سگريٽ ڇڏڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندڙ ماڻهوءَ جهڙي ٿي پيئي!

ڪجهہ دير پاڻ تي ڪنٽرول ڪرڻ کان پوءِ، نيٺ سندس آڱريون بيقابو ٿيڻ لڳيون، پرس منجهان خط ڪيڻ لڳيون. ٻي لمحي ڏکو خط سندس اڳيان اکيون پيچڻ لڳو.

منڙي جانان

شال تنهنجي من گلستان مان ڪو بہ سپنو ڪنوارونہ ڇٽي!

جانان! هيستائين ڪن مجبورين، توسان ملڻ کان روڪي رکيو اٿم. ويتر اجان تائين تنهنجي طرفان نہ پهتل خط، ماڳهين وسوسن ۾ ويڙهي ڇڏيو آهي! تون الاءِ ڪهڙي گل جو پوپٽ ٿي پيئي آهين؟ آئون تہ ان معذور جهوني شخص جيان ٿي پيو آهيان، جنهن کي جنگي حراس ۾. لاڏائو قبيلي رُج ۽ اُج ۾ اڪيلو ڇڏي ڏنو هجي!      تنهنجي طرفان خط نہ لکڻ، سچ تہ منهنجي دل کي اُداس راهن تي آڻي بيهاريو آهي. جتان هر آس پاڻي ولوڙڻ جيان بي لاب ٿيجي پيئي آهي. اهڙي ڪيفيت ۾ آخر توکي لفظن جي ڪهڙي سوکڙي موڪليان؟ توکي خط لکڻ لاءِ ڪهڙو انگل ڪريان؟ فاصلن ۾ تہ هجتون بہ ناهن هلنديون! جيئن برباد شهرن ۾ تفريح گاهون تعمير ناهن ٿينديون، جيئن زنگجي پيل ڇلن کي، گلابي آڱرين جا چهاءُ نصيب ناهن ٿيندا، جيئن لتجي ويل تربتن جي متي، گلن جي ورڪا جو اوسيئڙو بہ ناهي ڪندي، ايئن ئي بيمزه ٿيجي پيل رشتن ۾، ڪجهہ بہ چئي ناهي سگهبو!

گرميون ٿينديون آهن، تہ مينهن وسندا آهن، واهوندا ورندا آهن تہ تارين تي گل گونچ ڦٽي پوندا آهن، ساڳي طرح دل جي ڌرتيءَ مٿان جڏهن درد جا ٿوهر ڦٽي پوندا آهن، تہ اکين جو هر هڪ لڙڪ ڪندو ٿيجي، نيڻن جي ريشمي جهوليءَ ۾، اٽڪي پوندو آهي! هر عمل جو رد عمل هوندو آهي، پر توکي لکيل ڏکيءَ چميءَ جهڙا منهنجا خط، هيستائين تنهنجي موٽ کان محروم آهن ۽ ايئن مون وٽان آسرن جون مبهم ريکائون بہ وڃائجي رهيون آهن. ايئن جيئن ماڪ پنل صبحن ۾ سج لکي ويندو آهي، ۽ جيئن ڪاوڙ جي ڪڪرن ۾، هجتن جون اندلٺ ريکائون نظر نہ ايندڙيون آهن، اهڙي ئي ڪيفيت ۾، ڪڏهن ڪڏهن قلم هٿ ۾ ڪٽبو آهي تہ قلم بہ روئي پوندو آهي، لفظ سڏڪي پوندا آهن، بلڪل ايئن جيئن واريءَ ۾ ڇٽندڙ مينهن ڦڙا وري ڪڏهن بہ نظر نہ ايندا آهن يا وري سڪي ڇڻي ويل پن، هوائن جي هٿن حوالي ٿيڻ پڄاڻا وري واپس نہ ورندا آهن!

جانان! پاڻ بہ ڪهڙي انوکي رشتي ۾ جڪڙيل آهيون. . ؟ دوري ۽ اجنبيت ۾ پروان چڙهيل پيار. . . . نہ عمل جي ڪا واٽ واضح ۽ نہ ئي وري رد عمل جي ڪائي ڪل، تون ڪيئن آهين، آئون ڪٿي آهيان، ڪا خبر ناهي؟! وقت ۽ حالتن ٻنهين کي، ڪچاٽ ڌاڳي جي رشتي ۾ لٽڪائي ڇڏيو آهي،

اهڙو رشتو جنهن جو نہ ماضي موچارو، نہ حال ۾ ڪو حال، ۽ نہ آئيندو آس رکڻ جهڙو؟ هونئن بہ سُئيءَ کان سنها ۽ ننهن تي پاٽي جهلڻ جهڙا نازڪ ناتا، جڏهن فاصلن ۾ ڦاسي پوندا آهن، تہ بدگمانيون بہ وڏي وڻ تي پونديون آهن ۽ ايئن شڪ جي ڪينچي اعتماد جي ڪپڙن کي ڪترڻ لڳندي آهي. سچ تہ تڏهن پيار جا احساس، ايئن وچائجي پوندا آهن. جيئن بينائي جهڪي ٿيل ڪنهن جهوني عورت کان، ڪڏهن مٽيان وڃائجي ويندا آهن. ڪڏهن سڱو وڃهندئي، سئي وڃائجي ويندي آهي، ۽ هوءَ انهن کي پراڻن ڪپڙن جي هڙن ۾ ايئن ڳوليندي آهي، جيئن هن جوانيءَ ۾ ڪڏهن ڪجل ڳوليو هوندو آهي! اهڙي ڪيفيت ۾، رشتو ٽوڙڻ لاءِ پاڻمرادو جڙندڙ هوائي بهانا بہ، وقتي طور پنهنجو پاڻ کي مطمئن ڪرڻ لاءِ ڪافي هوندا آهن. پر جيئن ڪکن ۾ باہ ناهي لڪندي، جيئن اکين ۾ ڳوڙها ناهن لڪندا، ايئن ئي بهانن جي پريءَ ۾ بيوفائيءَ جو ڪاريهر بہ سدائين ناهي لڪندو! ۽ نيٽ دل جي آئيني ۾ اچا ڪارا ظاهر ٿي پوندا آهن!

جانان اسان وٽ جيتري بيوفائي لفظ سان زيادتي ٿي آهي، ان هن زهريلي لفظ کي بہ قابل رحم بڻائي ڇڏيو آهي. ڪو ڪنهنجي پسند تي پورو ناهي لهندو تہ جهٽ پٽ کيس بيوفا جو لقب ڏيئي ڇڏبو آهي. پاڻ بيوفا بڻجي بئي ۾ وفا جي اميد رکبي آهي ۽ ڪڏهن وري وفا کي بہ بيوفائيءَ جو نالو ڏيئي ڇڏبو آهي. هن لفظ کي اڪثر معشوقن سان منسوب ڪيو ويو آهي. جڏهن تہ بيوفائي انفرادي عمل آهي. ان کي ڪنهن حلقي سان ڳنڍي نٿو سگهجي! جيترا وات اوتريون ڳالهيون. جيترا ذهن اوتريون سوچون ۽ جيترا وجود، اوتريون وارتائُونَ! هي دنيا بہ وڻ وڻ جي ڪاٺيءَ مان ٺهيل جڻ ڪوئي آشيانو آهي، ڪيئي وڻ پکي جيت جڻا، ۽ انسان پنهنجي پنهنجي حصي جي آڪسيجن تي جيئن ٿا. قسمين قسمين چهرا، طرهين طرهين طبعيتون، ۽ رنگ رنگ جا رويا! ڪو ڪلندي روئي پوي، ڪو روئيندي کلي پوڻ جي اٽڪل ڄاڻي! ڪو ڏيندي خوش ٿئي، ڪو وٺڻ جي ڪرت ۾ قابو. ڪو علم جي اڃ اجهائڻ لاءِ سڄي ڄمار سرگردان، ڪو جهالت جي دلدل ۾ ڇٽني پيرين ڇُورا! ڪنهن کي عزت جي آرزو، ڪنهن کي شهرت جو شوق ۽ ڪنهن کي وري دولت جا انبار ڪٺا ڪرڻ جي آس، هر ويل اٿاري ويهاري ٿي. ڪو سهڻن سپنن سان سوچن جا سنسار سجائي ٿو، ڪو محبت جا وکر ورائيندي وهي ڪٺُائي ٿو ۽ ڪو وري منافقت جون ٽُوتليون وڃائي، وقت وڃائي ٿو بس پنهنجي پنهنجي ظرف جي ڳالهہ آهي.

جڳ جو چرڪو بہ عجب آهي. ڪن ماڻهن وٽ چڱائيءَ جا بہ ٻول ٻولڻ جيترو وقت ناهي. ڪو وري گلا غيبت مان واندو ناهي. ڪٿي وري فضوليات جا ڍيرا ڇڪيندڙ هٿ، ڪنهن جي سڪٽي تعريف جا تاج محل اڏڻ ۾ پورا آهن. ڪي دليون آسرن جي اڃ ۾ خوابن جا ٿوهر لتاڙين ٿيون، تہ ڪٿي وري ڪنهن کي اڻ گهريا پيار بہ ملي پون ٿا. ڪن لبن جا حڪم ٻڌڻ لئہ ڪيترا سارا ڪن منتظر آهن، تہ

ڪٿي وري ڪنهن جون صدائون سُڻڻ وارو به نه آهي! ڪنهن جو ڪير به ڪارو، ڪنهن جو لوڻ به مٺو! بس وقت وقت جي ڳالهه آهي.

ڪن ماڻهن سان حالتون جڙڻ ته هم صلاح هجن ٿيون، ۽ ڪن سان وري رتيءَ جيتري به رعايت نٿيون ڪن. ڪٿي آسمان بوس عمارتون جڙن ٿيون، ڪن وٽ وري مٿو لڪائڻ لاءِ جهوپڙي به ناهي. ڪٿي ڪتا حلوا کائين ٿا، ته ڪٿي وري ڪنهن جا ٻار ”ڪڻ ڏند وير“ جهڙن ڏينهن ۾ بکيا سمهن ٿا. ڪٿي گڏهه گج پائين ٿا، ته ڪٿي مسڪينن جي قاتل ڪپڙن جون چتيون لڳائڻ لاءِ به ڪپڙو ناهي. ٿيڻ ته ايئن نه گهرجي پر ٿئي ٿو ڇا ڪجي؟ ڪي ماڻهو حسرتن ۾ جمي ۽ حسرتن ۾ مري وڃن ٿا، ڪٿي خوشيون ڪنهن جي حڪم جون ٻانهيون هونديون آهن. ته ڪٿي وري ڪي ماڻهو خوشين جي ڪيڏ لڳي پوڙها ٿي پوندا آهن. ان اڻبرابريءَ تي ڪو آڱر ناهي کڻندو. ڪنهن نه ڪنهن سطح تي، گهڻائي ضمير جي عدالت ۾ مجرم آهي! پر پنهنجو احتساب ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو عمل آهي. ان ڪري ٻين جون جوئون ڳولڻ جو گراف سدائين سوايو رهيو آهي. جيڪي آڱريون الزام ٻڌجي ٻين ڏانهن کڄنديون آهن، اهي ڪڏهن به پنهنجي ڪردار جي ڪٽ ڪري نه سگهنديون آهن. جيڪي چپ، سدائين سڪٽي تنقيد جا سرڪ پريندا آهن، اهي ڪڏهن به ڪنهن جي سنائيءَ جي ساراه ڪري نه سگهندا آهن. جن ذهنن سدائين سازشون سٽيون آهن، اهي ڪڏهن به عقل، ادراڪ ۽ عظمت جا مينار ماڻي نه سگهندا آهن. سچ، سونهن ۽ سرت جي سوجهرن سان سنگت رکڻ وارا، حقيقتن کي هر حال تسليم ڪندا آهن ۽ ضمير سان رجوع ڪرڻ جو آرٽ به اهڙن ئي مهان ماڻهن کي ايندو آهي. جن جون دليون دريا ۽ سوچون ساگر هونديون آهن. جيڪي ٻين جي مجبورين تي سرها ۽ ڪنهن جي خوشي ڏسي ارها ناهن ٿيندا. ٻي طرف اهڙا کوکلا وجود آهن، جن کان ٻين جي چڱائي برداشت ناهي ٿيندي ۽ جن وٽ محبوبيت، مهانتا ۽ معيار جو هر پئمانو پنهنجي سڪٽي انا ۽ پسند جو پابند هوندو آهي. پر حقيقت اها آهي جو، سچ جو صبح، افواهن جي ڪاري سان ناهي لڪندو. ڪو ميڃي نه ميڃي، توهه گدرا ناهن ٻڌبا ۽ ڪنهن جي پسند تي پورو نه لهندڙ حقيقتون به، هرگز بيڪار نٿيون ٿيون ٻڌجن. پر ڇا ڪجي، ذاتي پسند جا چشما پائيندڙ اکين کي گلدستا به ٿوهر نظر ايندا آهن.

احساسن جي سرگوشي دکهي تي ويئي _ معذرت!

پيار مان تنهنجو ساڳيو _ بيچين ساگر

ياسمين ڀيريون خط پڙهڻ پڄاڻا ٻئي خط تي اکيون اٽڪائي ڇڏيون.

منڙي جانان

شال تنهنجي دل مٿان مسرور جذبن جي بارش وسندي رهي!

جانان! تون، مون لاءِ پارس پٿر جيان اٽلپ ڇو بڻين آهين؟ تنهنجو پيار مون لاءِ سحرا جو سڏ ڇو ٿيو آهي؟! مون طرفان دل جو ماس ڪوري، تولاءِ نڪرندڙ هزارين لفظن جي موت ۾، ٻه ٽي لفظ، اُڌارا ئي سهي، موڪلين ته ها! لفظن جي ڪنجوسي مبارڪ هجئي!

جانم سپنا ڪلينڪ اڳيان تنهنجي اڌوري ديدار، مونکي هيستائين ايترو تڙپايو آهي، ملڻ ڪانپوءِ واري ڪيفيت ته ماڳهين اذيت ناڪ هوندي! توسان ملڻ اڪين جو حادثو هو ۽ توکان وڇوڙو سانحو بڻجي سامهون آيو آهي! سچ پڇين سجني، ته آئون پنهنجي پيار تي سوچيان ٿو ته اڌورڻتا جو پاڇو اڳيان اچي بيهي ٿو ۽ ڪن پل جي خوشيءَ کان پوءِ، درد جي طويل رات جو تصور وڪوڙي وجهي ٿو. جيئن سمنڊ جي ڪناري صدين جي اوسيئڙي ۾، لهرن سان لائون لهندڙ ساحل، ڪڏهن به ڇولين سان ڏکيون ڪچهريون ڪري نه سگهندو آهي. آڪاش تي موجود ”پٿون“ نالي نکٽ ڪڏهن به ”هرڻ ستارن“ جي جهڳٽي کي ڏسي ناهي سگهندو! ٿر جي اجاري ڏرتي ۽ بانورن بادلن جو رهاڻيون به، بس وسندڙ مينهن ڪڻين جي روپ ۾، ڪجهه لمحا، ڪجهه ڏينهن ۽ ڪجهه هفتا ئي هونديون آهن. انهن مختصر ملاقاتن ڪانپوءِ، نازڪ ناتا ۽ رنگبرنگي رشتا، ڪنوڻ جو ڪاچ بڻيل وڻ جي سڪل ڇوڏن جيان ٽي پوندا آهن!

دل گلشن ۾ جذهن به وڇوڙن جو اڻاٺو واءُ گهلندو آهي ته، جذبن جا گلاب ۽ احساسن جون ڪومل ڪليون به مرجهائي پونديون آهن. ملڻ ۽ ڪلڻ جا پهر ته ڪن پل ۾ گذري ويندا آهن، پر نه گذري سگهندا آهن ته، صرف هجر جا لمحا، اهي گهڙيون، جن ۾ ڪوئي لڪي لڪي روئندو آهي. وٿي جي هنيلي هوا ۾، هڪٻئي سان ملي وري جدا ٿيندڙ نم جون به پنل ٽاريون، هڪ ٻئي کي ياڪر پائي ناهن سگهنديون. خوابن ۾ هجتي بڻيل وجود، حقيقت جي آئيني ۾، هٽڙو ملائڻ جيتري هجت به نه رکندا آهن! ويندڙ گاڏيءَ جي شيشن مان، نماڻا نيڻ ڪٽي نهاريندڙ چهرا، ماڻهن جي سمنڊ ۾لائي ڪٿي گم ٿي ويندا آهن! بس ايئن ئي غير معمولي محبتن جي بستر تي اڪثر وڇوڙا ليٽيل رهندا آهن ۽ ايئن دل جي دنيا ”لاڇو لڳل“ ڳوٺ جي ڪامي ويل گهرن جيان نه ڏسڻ جهڙي ٿي پوندي آهي. جتي ڪي ڪراڙيون، سندن سڙي ويل سامان جي راڪ، بيوسيءَ مان ڏسنديون آهن! تڏهن يادن جا ولر، اڪيلائيءَ جي وڻن جا اهي ڏينهو ٿي پوندا آهن، جن کي ڪن چلولين سوچن جا ٻارڙا ڇيڙي وجهندا آهن. پر جيئن آسمان مان ٽٽندڙ تارا، الوپ ٿي پوندا آهن، ايئن ئي يادون به وقت سان گڏ وڃائجي وينديون آهن. محبتون صحرا جا ٿوهر ته ناهن هونديون، جيڪي ويرانيءَ ۾ به وڌا ٿي ويندا آهن! محبتون ته گلابن جي ٻوٽي کان به حساس هجن ٿيون، جن کي هر روز پنهنجائپ جو پاڻي گهرجي!

جانان!

تنهنجو وڇوڙو به جڻ ڪو ٿوهرن جو ڪمبل آهي، جنهن کي هانءُ تي اوڍي، مون تنهنجين يادن سان ڪچهريون ڪيون آهن! توسان نه ملي سگهڻ جي محرومي، مونکي جهونين تربتن تي رکيل نڪر

جي ٿانءُ جيان روز جهوري رهي آهي. آئون انهن لڙڪن جو روپ ٿي پيو آهيان، جن کي اُگهندڙ آڱريون ملي نہ سگهيون. آئون انهن اٽين وارن جو روح بڻيو آهيان، جن کي ڪنگيءَ بہ دوستي رکڻ جي قابل نہ سمجهيو! آئون انهن چهرن جي ڪهاڻي ٿي پيو آهيان، جن کي آئينا ڏني ڏينهن ٿي ويندا آهن! ڇا تون منهنجي نڌڻڪي جيون جي وارثي نہ ڪندئين. ؟!

توسان ملڻ جي اڻ تڻ ۾ اتاولو_تنهنجو نہ ٿي سگهيل، تنهنجو بيچين ساگر

خط پڙهڻ کان پوءِ ياسمين جي اکين ۾ لڙڪ تري آيا. پهريون ڀيرو هن کي اجنبيءَ تي رحم اچڻ لڳو. پوئين خط جي آخري لفظن، هن جي هانءُ ۾ هٿ وڌا ۽ هن جي همدرديءَ جا جذبا، اجنبي سڄڻ جي تصوراتي وجود تي نڇاور ٿي پيا. هن دل ئي دل ۾ فيصلو ڪيو تہ جلد ئي اجنبي شخص جي ڄاڻايل ائڊريس تي خط لکندي. هن ٻئي خط لفافن ۾ وجهي، پرس ۾ رکي ڇڏيا.

***

# پهرين ملاقات

دلڪش ٽري پوسٽ آفيس ۾ داخل ٿيو تہ رمضان پنهنجي ڪم ڪار ۾ رڌل هو. دلڪش تي نظر پيئس تہ ٽپ ڏئي اٿي بيٺو ۽ پاڪر پائيندي چيائين: ”عاشق زهر پياڪ، وهہ ڏسي وهسن گهٽو“ دلڪش کي سندس جملي ۾ ٿورڙي طنز محسوس ٿي. فرصت ۾ اڪيلائي ملندي ئي رمضان پڇيو: ”پلان نمبر 3 جو ڇا ٿيو؟“ دلڪش سوچيندي وراڻيو ”چند هفتن لاءِ مؤخر ڪرڻ جو ارادو ڪيو اٿم“. رمضان مرڪندي چيو: ”شاعر رڳو خيالي پلاءُ پچائيندا آهن. سندن منصوبا بہ هوائي لغڙ جيان هوندا آهن، جن جو عمل ڪان سئو ڪوهہ جو ڇيتو هوندو آهي“. دلڪش مٽي جي وارن ۾ هٿ ڦيريندي وراڻيو:”اها توهانجي راءِ ٿي سگهي ٿي“. رمضان ڪان ٿهڪ ڇڏائي ويو. چيائين: ”اهو منهنجو مشاهدو آهي دوست“ دلڪش کي بيچيني ٿيڻ لڳي. رمضان جي جملن ۾ ڪيس پنهنجي بيوسي نظر اچي رهي هئي، رمضان سنجيده ٿيندي چيو: ”ڏس دوست! تو ڇئن مهينن ڪان پنا ڪارا ڪيا آهن. ڪجهہ وريو ناهي. منصوبہ ٺاهڻ ۽ ڊاهڻ ڪان سواءِ، عملي طور توهان ڇا ٽا ڪري سگهو؟“ دلڪش خاموش رهيو. رمضان ڳالهہ جاري رکي:”مونکي خبر آهي، تنهنجو اهو عشق جيئن خوابن ۾ جاڳو آهي، ايئن خوابن ۾ مري ويندو. نہ تون روبرو ٿيڻ جي جرئت ڪري سگهندين ۽ نہ ئي هوءَ خط لکڻ جي تڪليف گواره ڪندي“.

دلڪش اٿي بيٺو. پرجوش لهجي ۾ چيائين: ”مونکي ٻن هفتن ڪانپوءِ پلان نمبر 3 تي عمل ڪرڻو هو. پر هدايت جي ڪيپسول ۾ ويڙهيل، تنهنجن مٺن مهڻن، مونکي ايمرجنسي پلان4 تي عمل ڪرڻ لاءِ هيئنر ئي آماده ڪري ورتو آهي!“. رمضان حيرت مان پڇيو: ”پلان 4. . . . . . . . . . . ڇا مطلب؟“ دلڪش اعتماد مان وراڻيو: ”آئون هيئنر ئي، رورل هيلٿ سينٽر ۾ ياسمين سان ملڻ وڃي رهيو آهيان. “ رمضان غير يقينيءَ مان پڇيو ”سچ پچ!؟“ دلڪش ورندي ڏيڻ بنا ئي پوسٽ آفيس مان ٻاهر نڪري آيو.

ٻاهر اچڻ ڪان پوءِ هن R. H. C جو رخ رکيو. پلان نمبر4 ۾، ڪيس صحافيءَ جو ڪردار ادا ڪرڻو هو ۽ ياسمين کي اهو ٻڌائڻو هو تہ پاڻ صحافي هو ۽ ٽنڊي باڳي مان خاص طور تر ۾، صحت جي صورتحال تي اسٽوري ڪرڻ لاءِ نڪتل هو. ٽنڊي باڳي جو نالو ٻڌڻ ڪان پوءِ، ياسمين جي امڪاني رد عمل ۽ چهري جي تاثرات موجب ڪيس اڳتي عمل ڪرڻو هو.

دلڪش ٽري سرڪاري اسپتال جي احاطي ۾ داخل ٿيو تہ سندس دل، زور زور سان ڌڙڪڻ لڳي. اها هستي جنهن کي هيستائين هن، خوابن جي شوڪيس ۾ سجائي رکيو هو جنهن کي هن لفظن جي

پيالن ۾ انوکي عشق جا انوکا اظهار اوتي اماڻيا هئا. چند لمحن بعد هُن جي سامهون ٽيڻ وارو هو. هڪ طرف بي انتها محبت جي ميلاپ جي خوشي ڪينچل ڪري رهي هئي، ته ٻي طرف ياسمين جي بي رخي ۽ نفرت جو انديشو سندس جيءَ جهورڻ لڳو هو. هن سوچيو: ”مون معصوم لفظن جا انيڪ گلاب. ڪيس پيتا ڪيا آهن. پر سڪڻا لفظ ڪيس ڇا ڏئي سگهيا هوندا!. ؟ محبت جي دعوا ته منهنجي آهي. هن مان محبت جي ڪهڙي اميد رکجي، جڏهن ته. ڪڏهن روبرو به نه مليا آهيون!“. هن پاڻ کان پڇيو: ”خوشفهمين جو ڪاغذ محل اڏي، ڪيڏانهن وڃي رهيو آهين؟“ هن جا وڏندڙ قدم رڪجي پيا. ڇهري تي پگهر اچڻ لڳس. ڪيسي مان رومال ڪڍي، پگر اگهي ورتائين. واپس موٽڻ جو ارادو ڪيائين ته. رمضان جو چهرو سندس اکين اڳيان ڦرڻ لڳو! اوچتو هن جي وجود ۾ خود اعتماديءَ جي لهر ڊوڙي اُٿي ۽ سندس وکون وري اڳتي وڌڻ لڳيون.

ياسمين جي آفيس جي ڪمري ٻاهريان، ٻهراڙيءَ جي عورتن جو هجوم موجود هو. جيڪي اتي حامله عورتن کي W. F. P طرفان مفت ملندڙ گيهه جا ڊبا وٺڻ لاءِ موجود هيون. هجوم مان جڳهه ٺاهيندو ڪمري جي گيٽ تائين پهتو. گيٽ تي دائي سليمت کي چيائين ”آئون صحافي آهيان. آئل جي ورهاست متعلق ڊاڪٽرياڻي سان ملڻ گهران ٿو“. سندس جملا ڪمري ۾ موجود ياسمين به ٻڌا. جيڪا حامله عورت کي گيهه جو ڊبو جاري ڪرڻ لاءِ ليٽر ٺاهي رهي هئي. ياسمين دائي سليمت کي صحافي اندر اماڻڻ جي اجازت ڏني ته. دلڪش سندس ڪمري ۾ داخل ٿيو. ڪرسيءَ تي ويهندي ئي صحافتي اتاولائيءَ مان پڇيائين: ”ٻاهر سوڙهي جڳهه تي حامله عورتن کي ويهڻ ۾ تڪليف ٿي رهي آهي. اوهان ان لاءِ ڪهڙا اپاءَ ورتا آهن؟“ ياسمين سوچيندي وراڻيو ”اسپتال طرفان ٽڏي پاڻيءَ جو انتظام ٿيل آهي. هوا لاءِ ورانڊي ۾ به پکا به لڳل آهن. باقي گيهه جو ڊبو نمبر سان ملي ٿو. ها_ پر توهان جو تعارف؟“ دلڪش کي ٿورڙي شرمندگي محسوس ٿي. هن تعارف کان اڳ ئي سوال پڇڻ شروع ڪياهئا. دلڪش تعارف ڪرائيندي وراڻيو: ”صحافي دلڪش. ٽنڊي باگي کان آيو آهيان. ٿر ۾ صحت جي صورتحال تي اسٽوري ڪري رهيو آهيان. “ ياسمين پنهنجي ساءِ پڙڪي: ”ٽنڊو باگو!“. هوءَ سوچ ۾ ٻڏي وئي، دلڪش ٿري، سندس ڇهري تي تاثر ڳولڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو پر حيرت انگيز طور ياسمين جو چهرو سوچ ويچار کان سواءِ، ٻي ڪنهن به تاثر کان خالي هو. دلڪش کي بيچيني ٿيڻ لڳي. ياسمين ماٺ کي ٽوڙيندي پڇيو ”ڇا ٽنڊي باگي ۾ صحافتي موضوع کٽي پيا آهن. جو ٿر ڏانهن نڪتا آهيو؟“ دلڪش جهٽ پٽ پاڻ سنڀاليندي وراڻيو: ”موضوع کوڙ آهن پر لُبيل. ۽ پاروٿا. ڪجهه نواڻ جي تلاش ٿر گهيلي آئي“. ياسمين جي ڇپن تي لچاري مرڪ جهاتي پائي گم ٿي وئي. ان ئي لمحي ڪمري جي در وٽان هڪ عورت زور سان سڏيندي چيو: ”او دليا! آئون تنهنجي ڳوٺ جي آهيان ۽ ٻن ڏينهن کان پنڌ ڪيا اٿم. گيهه نٿو ملي، ڊاڪٽرياڻي کي چئو ته ڊبو ڏي!“

دلڪش کي پيرن هيٺان زمين کسڪندي محسوس ٿي. ٽنڊي ٻاگي جي صحافي هجڻ واري سنڌس ناتڪ جي ڪاڪ محل جي، سر سر وڃڻ لڳي. هن جي ڳوٺ جي شودر ڪاسٽ جي عورت، هن کي پنهنجو ڳوٺائي ظاهر ڪري، ياسمين اڳيان ڪيس مشڪوڪ بڻائي ڇڏيو هو!

دلڪش کي خاموش ڏسي، در تي بيٺل عورت گونگهٽ هٽائيندي چيو: ”آئون سوني آهيان. تنهنجي ڪنهن وقت جي هارياڻي. گيهہ جو دبو وٺي ڏي نہ!؟“ هن اها هُجت ڀاڻڪي زبان ۾ ڪئي هئي. جنهن احترام جي آميزش ۾، هجت جو وزن وڌائي ڇڏيو!. دلڪش حيرت ۽ گبراهٽ مان عورت جي چهري تي اکيون اٽڪائي ڇڏيون. جيڪا اهائي ساڳي سوني هئي، جنهن سان گڏ هن شوق مان ”لابارا“ ڪيا هئا! پر غربت، وقت کان اڳ ڪانئس سونهن ۽ جوڀن ڦري ورتا هئا ۽ جنهن چهري تي، هن جي اڌورين چمين جا نقشا اتاريل هئا، اهو غربت جي تيزاب ۾ ڪامي، رنگ، روپ ۽ رعنائي وڃائي، بدصورت بڻجي پيو هو. دلڪش سوچيو: ”چهرن تي تيزاب هاريندڙ هٿن تائين قانون پهچي سگهي ٿو پر جن چهرن تي غربت جي ڏاڍڻ تيزاب هاري ٿي، ان جي F. I. R ڪنهن تي ڪٽرائجي!؟“ ياسمين حيرت مان ڪنهن پل سوني، تہ ڪنهن پل دلڪش کي ڏسڻ لڳي. ياسمين جي حيرت ۽ تجسس کي محسوس ڪندي، دلڪش مصنوئي ٺهڪ ڏيندي ڳالهايو: ”اصل ۾ آئون ٽريو آهيان. چند سالن کان ٽنڊي باگي ۾ رهندڙ آهيان. سوني منهنجي ڳوٺاڻ ۽ هارياڻي رهي آهي، اڄ ڪافي سالن کان پوءِ ڪيس ڏٺم تہ سڃاڻي نہ سگهيس. وقت هن کي ڪيترو نہ بدلائي ڇڏيو آهي!“ گيٽ تي بيٺل سوني پٽڪي: ”زميندار جي ڪئمپ تي ساڍا ڇهہ سال بيگار ڪندا رهياسين، ٻچا ٻچن ڪامريڊ قادر جا، جنهن اسان کي آزاد ڪرايو“. ياسمين ڳالهہ ڪٽيندي ماسيءَ کي گيهہ جو دبو سونيءَ کي ڏيڻ جو حڪم ڏنو. سونيءَ ڪجهہ وڌيڪ ڳالهائڻ چاهيو پر ياسمين چڙٻيندي چيس: ”گيهہ مليو هاڻ هل. ڳوٺائيءَ سان ڪچهري ڳوٺ ۾ ڪجان“. هن جي پوئين جملي جي تلخي ۽ طنز سونيءَ ۽ دلڪش سميت، در تي موجود ٻين عورتن بہ محسوس ڪئي، جن مان ڪن تہ ٺهڪ ڏيئي، هڪ ٻي سان تاڙي بہ ملائي ورتي!

ياسمين ماين طرفان شور ڪرڻ تي ڪاوڙ ڪندي، دائيءَ سليمت کي در ٻيڪڙي، ميل وارڊ مان هڪ عورت جو الٽرا سائونڊ ڪرائڻ جو چيو. در بند ٿيڻ بعد ياسمين دلڪش جي چهري تي نظرون کُپائي ڇڏيون. ننهن کان چوٽيءَ تائين ڏسندي، سندس پراسرار خاموشي، دلڪش جا ڇوڏا لاهيندي رهي، دلڪش سندس نظرن ۾ مشڪوڪ بڻجي پيو هو. سوني طرفان ساٽس ڄاڻ سڃاڻپ جي اظهار، هن کي مصنوئي خول مان ٻاهر آڻي بيهاريو هو ماحول جي بيچينيءَ کي محسوس ڪندي، دلڪش چرچي ۾ پڇيو: ”ميڊم ايترو ڏيان سان مونکي ڏسي رهيا آهيو ڇا منهنجي مٿي تي سنگ نڪري آيا آهن ڇا؟“. ياسمين پوڳ کي نظرانداز ڪندي، وراڻيو: ”نہ ــ هن اسپتال ۾ جانورن جو نہ، پر انسانن جو علاج ٿيندو آهي!“ ياسمين جي سنجيدگيءَ، دلڪش کي محطاط بڻائي ڇڏيو. دلڪش دل ئي دل ۾ سوچيو: ”ياسمين جيڪڏهن هنگامو ڪيو تہ، آئون صحافي هجڻ واري ڳالهہ تي پڙ ڪيڏي بيهہ رهندس!. ان

جي ثابتيءَ لاءِ اخباري ڪارڊ بہ موجود آهي. “ هن پاسي واري ڪيسي ۾ هٿ هڻي، پراڻي اخباري ڪارڊ جي موجودگيءَ جي تصديق ڪئي. ياسمين سندس اکين ۾ اکيون ملائيندي پڇيو: ”توهان جو نالو ڇا آهي؟“ دلڪش لاپرواهيءَ مان وراڻيو: ”دلڪش ٿري“. مايوسيءَ جو تاثر، ياسمين جي چهري تان ڊوڙ پائي موٽي ويو! ”ڇا توهان جو ٻيو نالو بہ آهي؟!“ پهريون دفعو ياسمين جي چهري تان هٽ ۽ غرور جا پاڇا گم ٿيڻ لڳا. لهجي ۾ التجا آميزيءَ جي جهلڪ شامل ٿي پئي. دلڪش ڪيس عجيب نظرن سان ڏسندي وراڻيو:”هر انسان جي اندر ۾، هڪ ٻيو انسان بہ هوندو آهي. جنهنکي ٻاهر جون اکيون ڏسي نہ سگهنديون آهن!“ ياسمين جي چهري تي مرڪ موٽي آئي. رازداريءَ مان پڇيائين: ”هاها _ اهو ڪير آهي؟“ دلڪش رڳو عاشقانہ نگاهن سان ڏسندو ئي رهيو. ياسمين بيقراريءَ مان پڇيو:”سندس نالو بيچين ساگر تہ نہ آهي؟!“ دلڪش کي پڪ ٿي پيئي تہ گمنام خطن، ياسمين جي دل ۾ ايتري جاءِ ضرور جوڙي هئي جو هوءَ گهٽ ۾ گهٽ سخت رد عمل نہ ڏيکاريندي. دلڪش سندس نگاهن ۾ نگاهون اوتي، چيو: ”جنهن البيلي شخص تولاءِ ڪيئي ڏينهن، ڪيئي راتيون، رت جا لڙڪ رنا آهن، اهو تنهنجو مجرم تنهنجي اڳيان موجود آهي!“. ياسمين جي اکين ۾ آلاڻ پرجي آئي، دلڪش سمجهي نہ سگهيو تہ اهي ڳوڙها خوشيءَ جا هئا، يا غم جا هئا!؟ ياسمين ڦڪي مرڪ مرڪندي چيو ”ذليل! تنهنجن ظالم خطن مونکي ڏاڍو تڙپايو آهي!“. دلڪش کي اهو جملو عورتاڻي انا جي شڪست جو اعتراف محسوس ٿيو! جڏهن تہ جملي ۾ موجود لفظ ذليل، پنهنجي لغوي معنيٰ جي ابتڙ، بنهہ پنهنجائپ ۽ هجت ۾ ويڙهيل محسوس ٿيو. هن جي دل چاهيو تہ هو ياسمين کي ڀاڪر ۾ ڀري، لوڪ کان لڪائي ڇڏي، يا وري هن جي ڪلهي تي ڪنڌ لاڙي روئي پوي. دلڪش ڏوراپو ڏيندي چيو: ”جانان! تو خط جو جواب ڇو نہ لکيو؟“ ياسمين پيار مان ڏسندي وراڻيو: ”مونکي تنهنجي ائڊريس اصلي هجڻ جو يقين نہ هو“. دلڪش شرارتي نگاهن سان ڏسندي چيو: ”آزمائي تہ ڏسين ها“ ياسمين وراڻيو ”خط لکان ها تہ تون ايترو جلد نہ اچين ها“.

ٻنهين جي دل چاهيو تہ پل بہ پري نہ ٿين. پر سازشي شهر جي ماحول جي ڪين خبر هئي، ان ڪري دلڪش وري ملڻ جو واعدو ڪري موڪلايو. موڪلائڻ مهل ياسمين جي اکين ۾ آلاڻ هئي. ويندي ويندي ياسمين سان هٿ ملايائين، تہ گداز هٿ جي گرميءَ جي ڪشش ڪيس ڀاڻ ڏانهن ڇڪيو. پر دل تي پٿر رکي اسپتال کان ٻاهر نڪري آيو. ٻنهين کي پڪ هئي تہ هاڻ هو ايترو آسانيءَ سان هڪ ٻئي کان پري ٿي ڪونہ سگهندا. ان ڪري سندن دل _ ڪتاب جي ورقن ۾، وري ملڻ جون اميدون، مور ڪنپين جيان موجود هيون!.

دلڪش ٿري پوسٽ آفيس ۾ داخل ٿيو تہ رمضان جي سواليہ نظرن سندس سواڳت ڪيو. دلڪش جي هشاش بشاش چهري جي فاتحانہ مرڪ، رمضان کي اتاولو بڻائي ڇڏيو. هن ٽيليفون جو بل ڪٽي اينڊڙ

شخص کي جلد فارغ ڪيو ۽ پوءِ دلڪش کان حال احوال وٺڻ لڳو. دلڪش سموري ماجرا ٻڌايس تہ بي اعتباري ڪندي، پڇيائين: ”تون مونسان ڊرامو تہ نہ ڪري رهيو آهين؟!“.

***

اسپتال کان موٽندي ياسمين جا قدم هلڪا هلڪا ٿي پيا. ڇهہ سالن جو بار هن تان لهي پيو هو. طلاق ڪانپوءِ بيرنگ بڻيل هن جي زندگي ۾، دلڪش جو پيار نوان رنگ پينٽ ڪرڻ لڳو هو. پهرين ملاقات ۾ ئي دلڪش ڪيس پنهنجي لفظن جيان سهڻو من موهڻو ۽ منفرد لڳو هو. پهرين ملاقات ۾، جڏهن ڪيس دلڪش جي اصليت معلوم ٿي هئي تہ هن اڳيان شاديءَ جو تصور آرس ڀڃي جاڳي پيو هو. هن خيالن ئي خيالن ۾، پنهنجن مينڌي هاٿن هٿن ڏانهن ڏٺو هو. ان وقت شرميلي احساس جي چادر ۾ ويڙهجي، هن دلڪش ڏانهن ڏٺو هو جيڪو بند دروازي ڏانهن ڏسي رهيو هو!

ياسمين جڏهن گهر پهتي تہ هن پنهنجي ٻنهي ٻارن کي پاڪر ۾ ڀري چميون ڏنيون. ٻنهي ٻارن هڪ ٻئي جون شڪايتون ڪيون ۽ ماءُ کان خرچي گهري. ياسمين هر هڪ کي ڏهن رپين جا ٻہ نوٽ ڏنا، پر ٻار راضي نہ ٿيا ڪبير ٻانهن جي گهڙي ۽ بشير ريڊيو وٺي ڏيڻ جو مطالبو ڪيو. ياسمين کين سمجهائيندي چيو: ”اوهان اهي شيون اڳي بہ ڪيترائي دفعا ورتيون ۽ ٽوڙيون آهن. وري اڄ وٺندا، سياڻي ٽوڙي ڇڏيندا. مون وٽ ايترا پئسا ناهن جو اوهان کي وٺي ڏيان“. پر ٻئي ٻارڙا روڄ راڙي ۾ لڳي ويا. جڏهن روڄ راڙي اثر نہ ڪيو تہ، گهر جا برتن ڪٽي ٽوڙڻ لڳا. ياسمين جو پوڙهو پيءُ جمال خان پنهنجي عادت موجب ٻارڙن کي نصيحتون ڪندو رهيو. پر اٺ ۽ ڏہ سالن جي انهن ڇيڳرن ٻارن لاءِ سندس نصيحت، سانن لاءِ مک وانگر هئي. ياسمين جي گهريلو ملازمہ پنهنجو زخمي هٿ ڏيکاريندي، ياسمين کي دانهن ڏني”باجي ڪبير منهنجو هٿ ڦٽيو آهي، ۽ بشير پاڻي جو دلو ٽوڙي ڇڏيو آهي“ ياسمين ڪاوڙ ۾ پاراتا ڏني، ٻارن ڏانهن الر ڪئي. ٻئي ٻار ڊوڙي گيٽ وٽ وڃي بيٺا. ڪبير چيو ”آئون ڪراچيءَ جي گاڏي ۾ چڙهان ٿو. بشير ڌمڪي ڏني، “ ريڊيو نہ مليو تہ آئون اوهان جي سمهڻ کان پوءِ رسيءَ سان ٻڌل ٻڪري کولي ڇڏيندس، جيئن وڃائجي وڃي ۽ اوهان کي چانهہ لاءِ کير نہ ملي. “ اوڇتو جمال خان جو ڏهنن لاءِ سانديل پيار جاڳي پيو. ياسمين کي چيائين:”امان! ٻارن جي دل آزاري نہ ڪر، پيءُ کان محروم آهن“ ياسمين پرس کولي ٻارن کي گهڙي ۽ ريڊيو وٺڻ لاءِ پئسا ڏنا تہ، ٻئي ٻار گڏگڏ ٽپندا بازار هليا ويا. ياسمين ٻاورچي عورت کي ماني آڻڻ لاءِ چيو ۽ بيڊ تي ويهي رهي.

ياسمين کي بيڊ تي ويهندي محسوس ٿيو تہ بيڊ جي پاسي واري پٽي ٽٽل آهي. هوءَ جهٽ پٽ بيڊ تان لهي جمال سان گڏ کٽ تي وڃي ويٺي. ماني کڻي ايندڙ ٻاورچي عورت کي سخت لهجي ۾ چيائين ”اڄ

وري بيهڻ ٺٺو آهي!؟“. باورچياڻي افسوس ڪندي ورائيو:”تنهنجن ٻارن ٻيهڻ تي ملهہ راند پئي ڪئي ۽ ٽپا پئي ڏنا، مون گهٽو ئي چيو پر مڃين ئي نہ!“ ياسمين سختيءَ مان چيو: “تون روڪين ها نہ!“.

باورچياڻي ٻانهن تي لڳل زخم ڏيکاريندي روئڻهارڪي لهجي ۾ چيو ”روڪيم تڏهن بشير مونکي ٻانهن تي لٺ هڻي ڪڍي، چاچي جمال بہ گهٽو ئي سمجهايو پر مڙيا ڪونہ“. ياسمين خاموش ٿي ويئي. جمال ڳالهائو ”ڪبير ۽ بشير دادلا آهن. ياسمين جي طلاق ڪان پوءِ ٻارن جي پيءُ، ٻار وٺڻ لاءِ ڪورٽ ڪئي پر اسان بہ سال ڪيس وڙهي ٻار وٺي ورتا هئا. “ باورچياڻي انهن جملن ۾ ڪابہ دلچسپي نہ ورتي. جمال جون اهي ڳالهيون هن ڪيئي ڀيرا ٻڌيون هيون. جمال انهن ماڻهن مان هو جن وٽ محدود موضوع هوندا آهن. جن کي وري وري رڳڙيندي، اهو ناهن ڏسندا تہ ٻڌندڙ تي ڪهڙو اثر ٿئي ٿو! جمال، ٻارن جي حاصلات لاءِ ياسمين سان گڏجي ڪيل پنهنجي جدوجهد جي ڏکي وارتا ٻڌائيندو رهيو. باورچياڻي کي منجهند جي بچيل ماني پنهنجي ٻارن کي کارائڻ لاءِ جلدي گهر وڃڻو هو. پر جمال خان جي ڳالهہ نہ ٻڌي، هن پنهنجي روزيءَ تي لت ڏيڻ جو رسڪ کڻڻ نہ ٿي چاهيو. ڪيس خبر هئي تہ جمال خان جي ناپسنديدگي، نيٺ ياسمين تي بہ اثر انداز ٿي سگهي ٿي! هوءَ بي دليءَ مان جمال خان جون ڳالهيون ٻڌندي ۽ ہور ٿيندي رهي. هن جي تصور ۾ بڪايل ٻارن جون اکيون آليون ٿينديون رهيون، جيڪي سندس اوسيئڙي ۾، ٽري ويل ٽاڻي جي بک سان جهيڙي رهيا هئا. جمال جي ڳالهہ ڏکي ٿي پئي. نيٺ ياسمين کي مداخلت ڪرڻي پيئي : ”بابا هاڻ اوهين پنهنجي ڪمري ۾ وڃو، آئون سمهان ٿي“. ياسمين ڪمري جون دريون بند ڪري، کٽ تي ليٽي پيئي. اکيون بند ڪيائين تہ دلڪش جو وجود هن جي تصور ۾ سرڪي آيو. ان تصور منجهان ڪيس عجيب آسيس محسوس ٿيڻ لڳي. سندس احساس، دلڪش جي يادن جي ڇيچ جهلي، ڇهل قدمي ڪرڻ لڳا. هن جي دل چاهيو تہ هوءَ سدائين انهن خيالن جي سمنڊ مٿان ترندي رهي!

اوچتو هن کي هڪ خيال ڇرڪائي وڌو : ”دلڪش وري ڪڏهن ايندو؟“ هن سوچيو: ”هن وري ملڻ جو واعدو ڪيو آهي، ٿي سگهي ٿو هن جو وري ملڻ ٻن مهينن تي محيط هجي“. ياسمين کي بيچيني محسوس ٿيڻ لڳي. خطن جي اذيت ناڪ انتظار جي تجربي، ڪيس بيحد حساس بڻائي ڇڏيو هو. بيبقين انتظار جو تصور هن لاءِ عذاب بڻجي پيو. هن پنهنجو پاڻ کي آٿت ڏيندي سوچيو: ”دلڪش جو ڳوٺ پري ناهي، اڄڻ ۾ دير ڪيائين تہ ڪرائي تي ٽيڪسي ڪٽي، اتي هلي ويندس“ هن پاڻ کي تسلي ڏني. ٻي لمحي وهم جي ٻي ڇيت، سندس هانءُ ۾ ڪپي ويئي. ”دلڪش تنڌي باڳي هليو ويو تہ پوءِ..........!؟ “. هن جون ٻوٽيل اکيون کلي ويون. هن وري اهو سوچي پاڻ کي مطئمن ڪيو تہ سرڪاري اسپتال ۾ دلڪش جي ڳوٺ جون شودر عورتون اچن ٿيون، جن هٿان چٺي موڪلي هوءَ ڪيس گهرائي وٺندي ۽ پوءِ تاڪيد ڪندي تہ هو بنا ٻڌائڻ جي تنڌي باڳي نہ وڃي. حاڪميت ۽ ملڪيت جي ان احساس ۾ دلڪش ڪيس وڌيڪ پيارو ۽ پنهنجو پنهنجو لڳو!

***

دلڪش ٽري ڳوٺ کان شهر ايندڙ چڪڙي جي ڇت تي ويٺو ته چڪڙو ڪچي رستي جي ڌوڙ اڏائيندو شهر ڏانهن وڌڻ لڳو. ياسمين سان ملڻ جي رنگين تصور چڪڙي جي اڙانگي سفر کي به آسان بنائي ڇڏيو. پر هڪ حقيقت هن کي ٿورو پريشان بڻائي وڌو. چڪڙي جي مسافرن مان چند اکيون، هن ۾ اٽڪي پيون هيون. چپندڙ نظرن جي گهيري ۾ هن پاڻ کي بيچين محسوس ڪيو. هن پريشانيءَ ۾ ڪپڙن ڏانهن ڏٺو پر ڪٿي به ڪيس ڪو داغ يا ٽوٽو نظر نه آيو. هن بيساخته مٿي تي هٿ ڦيرائي وار چنڊيا. جيئن اها تسلي ڪجي ته ڪچي رستي جي اڏندڙ ڌوڙ ۾ ڪوئي ڪک پن ته وارن ۾ ناهي ڦاٿو. جيڪو چاتل سچاتل مسافرن جي ڌيان جو مرڪز بڻجي رهيو هو. پر وارن ۾ ڪيس نه ته ڪو ڪک پن لڌو ۽ نه ئي مسافرن جي غير معمولي ڌيان جو ڪو سبب سمجهه ۾ آيو. اهي مسافر آسپاس جي راڄن جا سندس سڃاڻو هئا. هڪ همراهه هن ڏانهن ڏسندي چيو "اڄ ڪلهه ڏاڍا خوش آهيو سائين!" همراهه جي ڳالهه ڪيس سمجهه ۾ نه آئي.. چپندڙ نظرن ۾ پاڻ پريشان ٿي رهيو هو. پر ماڻهو ڪيس خوش ڏسي رهيا هئا!

چڪڙي مان لهي اسلام ڪوٽ جي ننڍڙي شهر جي پراڻي چوٽڙي بازار مان لنگهيو ته ٻين ماڻهن جون نظرون به مٿس اٽڪي پيون. هن کي ياد آيو ته ٻه سال اڳ جڏهن هن اخبارن لاءِ ڪالم لکيا هئا ته، هن شهر جي ماڻهن ڪيس ايئن ئي حيرت مان ڏٺو هو جيئن اهو انهن جي تر جو انهن ئي منجهان نه پر ڪو معزز شخص هو. پر آهستي آهستي اهو چارم گهٽجي ويو ۽ هاڻ وري انهن نگاهن جي دلچسپي ڪيس سمجهه ۾ نه آئي. بزار مان لنگهندي ڪن ماڻهن هن کي هوٽل جي چانهه لاءِ صلاحيو پر معذرت ڪري اڳتي وڌي ويو. پوسٽ آفيس ۾ پهتو ته رمضان شرارتي مرڪ سان سندس سواڳت ڪيو. رسمي حال ڪانپوءِ رمضان ٻڌايس :"يار تنهنجي معاشقي جي خبر، سڄي شهر ۾ جهنگ جي باهه جيئن پکڙجي پئي آهي. حيرت آهي جو ايترو جلد، اها خبر ايتري عام ڪيئن ٿي آهي؟". رمضان جي ڳالهه ٻڌڻ ڪانپوءِ دلڪش کي پاڻ تي اٽڪيل پُرتجسس نگاهن جو سبب سمجهه ۾ اچڻ لڳو. هن کي خبر هئي ته ٿر جي گهٽ مصروف ۽ غير گنجان آباديءَ ۾ خبرون ڪيئن نه جلدي، ٻيپاڙي ول جيئان پکڙنديون آهن. سنسني خيز خبرون پکيڙڻ جي هيراڪ چپن وٽ هاڻ هي پاڻ دلچسپ موضوع بڻجي پيو هو. انهيءَ ڳالهه جو ڪيس چڱيءَ ريت احساس هو. ڪيس اهو به محسوس ٿيو ته ياسمين سان ملاقات وقت گيهه ونڻ لاءِ آيل عورتن، دائي سليمت يا ياسمين جو ميسيج ڪٽي ايندڙ شودر عورت مان ڪنهن هڪ وات مان اها ڳالهه ليڪ ٿي هئي. جيئن ته ياسمين کي سپ ڊاڪترياڻي چوندا هئا ۽ دلڪش پاڻ چڱي مڙس جو پٽ ۽ قلمڪار هو تنهن ڪري ان قصي کي اهميت ۽ دلچسپي ملي هئي. هن کي خاموش ڏسي رمضان رازداريءَ مان چيو : "ٿاٽي جي هڪڙي سپاهيءَ به مونکان تنهنجي معاشقي

متعلق پڇيو پر مون لاعلمي ظاهر ڪئي“. دلڪش وراڻيو: ”مهرباني!“. رمضان صلاح ڏيندي چيس :”ٻاهہ ٻري وئي آهي، تون ڪجهہ ڏينهن لاءِ تبديلي تندبي باگي هليو وڃ“ دلڪش مرڪندي وراڻيو: ”عشق ۽ مشق لڪائي نہ لڪندا. هونئن بہ مارئي سينڌ ۾ ڪونہ ڳائبي. ۽ل تہ فسانو نهي دنگ ڪري، آئون افيئر جو حصو ٿيڻ کي انجواءِ ڪندس!“.

پوسٽ آفيس مان نڪري، هو جيئن ئي، اسپتال پهتو تہ ڪيس ڏسي ياسمين ٿورڙي پريشان ٿي پيئي. سندس پريشانيءَ جو اهو تاثر محسوس ڪندئي، دلڪش کي عجب لڳو تہ آخر ياسمين کي سندس هتي اچڻ چو برو لڳو هوا؟. ياسمين پريشانيءَ مان آسپاس نهاريندي دائي سليمت کي گائنڪ روم ڏانهن موڪليندئي، دلڪش کي چيو : ”پنهنجي پيار جي خبر الاءِ ڪيئن اسپتال جي ڊاڪٽرن کي پئجي چڪي آهي. ڪالهہ ايم ايس مونکي آفيس ۾ گهرائي توهانجي هتي نہ اچڻ ۽ اسپتال ۾ پنهنجي نہ ملڻ جي سخت تنبيهہ ڪئي آهي“. دلڪش کي پڇتاءُ ۽ درد گاڏڙ رهنڊ لڳي. اداس لهجي ۾ پڇيائين: ”چا بدمزاج ڊاڪٽر جي اها تنبيهہ، هر هنڌ ملڻ تي لاڳو رهندي؟!“ ياسمين کي هن جملي ۾ موجود شڪايتي ميار جي زهر ماري وڌو. انتهائي پيار مان وراڻيائين: ”منهنجا منا! آئون توکي هتي اچڻ کان روڪيان تہ نہ ٿي، پر ڊاڪٽر جي رويي جي ڳالهہ ٻڌائي رهي آهيان. هونئن بہ تنهنجي لاءِ هر رسڪ کڻڻ لاءِ تيار آهيان. “ دلڪش کي ياسمين جو اهو انداز بنهہ پنهنجائپ وارو لڳو. بيساختہ سندس نظرون ياسمين جي اکين سان ٻکجي پيون. هن جي اندر مان محبت، پيار ۽ پنهنجائپ جا احساس، سندس نگاهن ۾ اوتجي آيا، جن کي ياسمين بہ محسوس ڪيو! دلڪش چيو: ”تنهنجي عزت خاطر، هاڻ ڪڏهن بہ اسپتال نہ ايندس، ملڻ لاءِ ڪا ٻي واٽ ڳولڻي پوندي“. ياسمين چيس: ”اڄ موڪل ڪانپوءِ توهان منهنجي گهر اچجو بابا کي مطمئن ڪرڻ لاءِ ڪو بهانو گهڙي وڃجو“. دلڪش ڪجهہ سوچيندي چيو: ”تون ايئن سمجهہ تہ منهنجي وابستگي ريڊيو حيدرآباد سان آهي. نوان آواز ڳولڻ لاءِ تو تائين پهتو آهيان. وڌيڪ ڳالهين لاءِ اڄ توسان ملڻ تنهنجي گهر اچي رهيو آهيان“. ياسمين کان پوپٽ جهڙو ٽهڪ ڇڏائي ويو. چيائين: ”واهہ! چا تہ ڪهاڻي گهڙي اٿئي. ڪاش اهو سچ هجي ها! ننڍپڻ ۾ آئون ريڊيو شوق سان ٻڌندي هئس. ريڊيو تي ڪمپيئرنگ ڪرڻ جي شوق جو ذڪر، مون بابا سان اڪثر ڪيو آهي. “ دلڪش ڪجهہ سوچيندي چيو:”اوهان جي والد صاحب جيڪڏهن ڪمپيئرنگ جي معاوضي، ۽ پروگرام ڪرڻ جي حتمي تاريخ متعلق پڇيو تہ پوءِ...... ؟!“ ياسمين وراڻيو: ”نہ نہ. بابا ايئن نہ پڇندو. بس هو مطمئن ٿي ويندو“ دلڪش ياسمين جي گهر اچڻ جو واعدو ڪري اسپتال مان ٻاهر نڪري آيو.

***

جڏهن دلڪش ياسمين جي گهر جو در ڪڙڪائي رهيو هو تہ شام جا 3 ٿي رهيا هئا. ياسمين دلربا مرڪ سان دروازو کولي ڪيس اندر وٺي آئي. ياسمين جو ڪرائي وارو گهر وراندن سميت ٻن جاڙن

ڪمرن تي مشتمل هو. ننڍڙي دروازي جي ڪري ٻئي ڪمرا هڪ ٻئي سان ڳنڍيل هئا. هڪ ڪمري جو دروازو ٻاهر بہ کليو ٿي، جيئن ان کي بيٺڪ طور بہ استعمال ڪري سگهجي. دلڪش جون اکيون گهر جي لوڪيشن جو جائزو وٺنديون رهيون. ياسمين سان گڏ ڪمري ۾ داخل ٿيو تہ جمال خان کٽ تي ويٺل هو ۽ ٻئي ڇوڪرا کٽ تي ماني کائڻ ۾ مصروف هئا. دلڪش احترام سان جمال خان کي ڪيڪاريو. جمال خان جي عمر سٺ سال هئي. جسماني طور صحت مند ۽ مٿي جا وار اڇا هئس. سندس چهرو ڪنهن بہ تاثر کان خالي هو. دلڪش کي محسوس ٿيو تہ ياسمين واتان سندس جو تعارف جمال خان سان اڳ ئي ٿيل هو.

مختصر خاموشيءّ بعد جمال خان چيو:"ياسمين ننڍڙي هئي تہ آئون ريڊيو وٺي آيو هئس. شروع ۾ ياسمين ريڊيو سان کيڏندي هئي، پر پوءِ هوءَ ريڊيو جا پروگرام ٻڌڻ لڳي. . !" ياسمين جمال خان جي ڳالهہ ڪٽيندي چيو: "منهنجو اهو شوق نوڪري ملڻ تائين جاري رهيو" دلڪش موضوع جي گهرج کي سمجهندي چيو: "منهنجي وابستگي اڄڪلهہ ريڊيو پاڪستان سان آهي. اسان کي هڪ پروگرام لاءِ هڪ زنانہ آواز جي ضرورت آهي، شايد ياسمين ان لاءِ موزون رهندي. " جمال خان جهٽپٽ وراڻيو: "ياسمين صلاحيتن سان مالا مال آهي. ڏکي کان ڏکيو ڪم بہ هن اڳيان آسان ٿي پوندو آهي. . . . . . . . . . . " ۽ ايئن جمال خان، ياسمين جي ننڍپڻ، شادي ۽ ملازمت تائين زندگيءَ جو احوال ورينڊو رهيو. ياسمين جون خوبيون جڻ ڪيس پنهنجيون خوبيون محسوس ٿي رهيون هيون. جمال خان خاص طور انهن ڳالهين تي وڌيڪ زور ڏيئي رهيو هو. جڏهن سندس بقول زندگيءَ جي مشڪل مرحلن ۾ هن ياسمين جي رهنمائي ڪئي هئي. جمال خان جي ڊگهي وارتا جاري رهي. دلڪش سک جو ساهہ کنيو جو جمال خان، هن کان ياسمين جي ريڊيو تي پهچڻ متعلق وڌيڪ سوال ڪونہ پڇيا. هن نوٽ ڪيو تہ جمال خان کي پڇڻ کان وڌيڪ ٻڌائڻ سان دلچسپي هئي ۽ هو ٻڌندڙ جي رد عمل کان بہ بلڪل بي نياز شخص هو.

باورچياڻي بدران ياسمين پاڻ ماني کڻي آئي. جمال خان اڳ ئي مانيءَ مان فارغ ٿي چڪو هو. ان ڪري دلڪش کي اڪيلي سر ماني کائڻي پيئي. گهربل شيون ياسمين پاڻ کڻي رهي هئي. هڪ مرحلي تي هن بشير ۽ ڪبير کي پاڻي آڻڻ لاءِ چيو پر ٻئي ڄڻا ٻڌو اڻٻڌو ڪري، ڇڪو راند کيڏڻ ۾ مصروف رهيا. دلڪش ماني کائيندو رهيو. جمال خان جي اڻکٽ وارتا جاري رهي. حيرت انگيز طور سندس موضوع ڇيوگم جيان اينگهندو رهيو. انهي دوران ڪبير ياسمين کي خرچي ڏيڻ لاءِ زور ڀريو. سندس آواز ٻڌي بشير بہ اچي پهتو ۽ ٻئي ياسمين کان خرچي گهرڻ لڳا. ياسمين ٻنهين کي ڏهہ رپين جا بہ نوٽ ڏنا ۽ اهو بہ ياد ڏياريو تہ صبح کان هيستائين اهي بہ دفعا اڳي ئي خرچي وٺي چڪا هئا. پر ڇوڪرن ڏهن روپين تي بس نہ ڪئي، ڪبير چيو تہ هن کي سائيڪل ڪرائي تي هلائڻ، فلم ڏسڻ سميت سنبوسا کائڻا آهن. جڏهن تہ بشير اسڪولي دوستن سان گڏ پيپسي پيئڻ ۽ وڊيو گيم کيڏڻ لاءِ

وڏيڪ خرچيءَ جو مطالبو ڪيو. ياسمين وٽ ان وقت شايد ڪُلا پئسا موجود نہ هئا. ان ڪري هن ڏيڻ کان مجبوري ظاهر ڪئي. ڇوڪرن روج راڙو شروع ڪري ڏنو. گهربل خرچي وٺڻ لاءِ هل هنگامو وڌيو تہ دلڪش ماحول جي تلخيءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪيسي کي هٿ هنيو. ياسمين جي اکين ۾ هلڪي شرمندگي رهجي ويئي.

جمال خان جي ڊگهي وارتا شام 5 وڳي تائين جاري رهي. هتي دلڪش بہ ڳالهيون نوٽ ڪيون. هڪ تہ ياسمين کي دلڪش جي بوريت جو احساس ڇو ڪونہ ٿيو؟ ٻيو تہ ڇا هوءَ جمال خان کي رڳو ان ڪري صحيح سمجهي رهي هئي، جو هو سندس والد هو. نيٺ ياسمين شام جي چانهہ هوٽل تان آڻڻ لاءِ جمال خان کي روانو ڪيو. ڪمري ۾ اڪيلائيءَ جا لمحا ملندئي ئي، انوکن احساسن ۽ جذبن جي دلبريءَ جي بارش وسڻ لڳي، جنهن دلڪش جا سمورا ٽڪ لاهي ڇڏيا. هن آسپاس ڏسندي ياسمين کان پڇيو: ”اوهان رات جو ڪٿي سمهندا آهيو؟“ ياسمين وراڻيو: ”اسان سڀ گهر ڀاتي ٻاهر اڱڻ تي پٽ پنکو رکي سمهندا آهيون. “ دلڪش مرڪندي چيو: ”اڄ رات تون هن ڪمري ۾ سمجهان. رات 12 وڳي ڪانپورءِ آئون هن ڪمري جي گليءَ ڏانهن کُلندڙ جاريءَ واري دريءَ تي هلڪي دستڪ ڏيندس. تون وچئين در مان پير واري ڪمري ۾ پهچي، پوبون چور دروازو کولجان. آئون هليو ايندس“ ياسمين مرڪي پيئي. پڇيائين: “ايترو جلدي اهڙو منصوبو ڪيئن ٺاهيئي“.

دلڪش بہ مرڪندي وراڻيو: ”جنهن وقت جمال خان ڳالهيون ٻڌائي رهيو هو. ان وقت منهنجو ڌيان ظاهري طور سندس ڳالهين ۾ هو. پر اصل ۾ آئون توسان اڄ ئي ملڻ جو منصوبو ٺاهي رهيو هئس ۽ خيالن ئي خيالن ۾ چور دروازي مان توسان ڳجهو ملڻ جي ريهرسل ڪندو رهيس ۽ جيئن. ئي اڪيلائي نصيب ٿي تہ منصوبو تو اڳيان رکيو اٿم. “ ياسمين مصنوعي رعب مان چيو: ”آئون ايئن ئي ڪنديس، پر سامهون گهر واري همراهہ جو خيال رکجان، بينڪ ۾ ويهي دير تائين جاڳندو آهي. “

چانهہ پيئڻ ڪانپورءِ دلڪش رسمي طور عورت ياسمين بدران، جمال خان سان الوداعي هٿ ملايو. ياسمين تي هن رڳو حسرت آميز نگاهہ وڌي. ياسمين جي اکين ۾ ڪيس اڄ رات ملڻ جو واعدو اٽڪيل نظر آيو!

دلڪش جي وڃڻ ڪانپورءِ ياسمين جمال خان اڳيان دلڪش جي ساراهہ جا ڍُڪ ڀريا، جن ۾ دلڪش جي ڳوٺان ايندڙ انهن عورتن طرفان ٻڌايل حوالا بہ شامل هئا، جيڪي انهن دلڪش ۽ سندس خاندان متعلق ٻڌايا هئا. جيئن تہ ياسمين ۽ دلڪش جي پهرينءَ ملاقات بعد، انهن عورتن کي ياسمين ۽ دلڪش جي تعلق جي خبر پئجي چڪي هئي. ان ڪري انهن جيترو ٿي سگهيو اوترو وڌائي، سڏائي دلڪش جي تعريف ڪئي. جيئن ياسمين جي خوشنودي حاصل ڪري، گيهہ جو ڏبو وٺي سگهجي. اهي ڳالهيون ياسمين کان جمال خان تائين پهچنديءَ پهچندي وڏيڪ مبالغہ آرائيءَ ۾ ويڙهجي پيون. ڇو تہ ياسمين جمال خان اڳيان دلڪش کي وٽائڻ چاهيو ٿي، جيئن هن جي اندر ۾ سانڍيل دلڪش

سان شاديءَ جي حسرت جي پوراڻيءَ جو وقت اچي تہ، جمال خان کي "ها" ڪرائڻ ۾ آساني ٿئي. جمال خان بہ اڪثر ماڻهن جيان هر ڳالهہ کي پنهنجي پسند مطابق محسوس ڪرڻ جو قائل هو ان ڪري پنهنجي شخصي معيارن موجب ڳالهہ جو اثر قبول ڪندو هو! ڪيس پسند ايندڙ ۽ ويجهن رشتيدارن جي ٻڌايل ڳالهہ صحيح. جڏهن تہ ڌارين ۽ ناپسنديده ماڻهن جي ڳالهہ غلط لڳندي هئي. هن وٽ صحيح ۽ غلط جا تصور، مذهبي، سماجي ۽ ذاتي مفادن مان گهڙيل خود ساختہ ميارن جا محتاج هئا!

ياسمين کي ايندڙ رات جو الڪو بيچين بڻائي رهيو هو. هن جي نگاهہ هر هر وال ڪلاڪ تي اٽڪي رهي هئي. گهڙيال جي ڪانٽن جيان سندس دل بہ تيزيءَ سان ٽُڪ ٽُڪ ڪري رهي هئي. باورچياڻيءَ کي هن بک لڳڻ جو بهانو ٻڌائي، رات جي ماني معمول کان ڪجهہ سوير پچائڻ جو حڪم ڏنو. نيل پالش هٽڻ ڪانپوءِ هن ٽٽ پيسٽ جو استعمال ڪيو ۽ پوءِ هوءَ ٻاهر اڱڻ تي رکيل کٽ تي اچي ليٽي. بنا شڪ جي ايندڙ رات هن لاءِ خوشيءَ جي رات هئي. جنهن جو انتظار ڊگهي عرصي تائين، هن جي شعور ۽ لاشعور ۾ اٽڪيل رهيو هو! پر الاءِ ڇو؟ سماجي جرم جي چور احساس، هر هر سندس خوشين ۾ رخنو ٿي وڌو! ۽ ايئن هوءَ ايندڙ رات جي ڪنن انتظار ۾، دلڪش سان ملڻ جي پُراسرار ڪيفيتن تي سوچي، خوشي ۽ شرمندگيءَ جي احساسن جي اجرڪ ۾ ويڙهجي رهي هئي، تہ ٻئي طرف سماجي جرم جي انديشي ۾، پنهنجو پاڻ سان اٽڪي رهي هئي. اڱئين خيالن جو سحر، بهرحال پوئين خيالن تي حاوي هو!.

سج لٿو تہ سانجهہ جي ستارن آڪاش جي سينڌ سجائي ڇڏي. ياسمين ستارن تي نظر وڌي تہ هن کي تازو خريد ڪيل چڪني جو بلو جوڙو ياد آيو. جنهن جي چولي تي ستارون ايئن جڙيل هيون، جيئن آسمان تي تارا. هن سوچيو: "اڄ هوءَ اهو ئي وڳو پائيندي". پر ٻئي لمحي هن کي خيال آيو: "نہ اهو جوڙو گرم ۽ کُهرو آهي ۽ اهڙن موقعن لاءِ نامناسب بہ!" ٻئي لمحي هن جو خيال، گلابي رنگ جي سنهين ريشمي وڳي ڏانهن هليو ويو. هن فيصلو ڪيو تہ هوءَ اڄ رات لاءِ اهوئي جوڙو پائيندي. ان وقت بشير ۽ ڪبير هڪٻئي سان وڙهي رهيا هئا. بشير جا داٻا ۽ ڪبير جون دانهون ياسمين جي خيالن کي وکيرڻ لڳا. انهن محبوب خيالن ۾، اهو رخنو ياسمين کي ناگوار لڳو.

رات جي مانيءَ ڪانپوءِ باورچياڻي پنهنجي گهر هلي وئي. ياسمين ڪپڙن جي ڪٻٽ مان ڳاڙهو جوڙو ڪڍي، باٿ روم ۾ هلي وئي. تيز بلب جي روشنيءَ ۾، شاور هيٺان هن جي نرم بدن تان شيمپو ترڪندو رهيو. سفيد شيمپوءَ جي نفيس ڇهاءُ ۾، ڪيس پنهنجو بدن نئين دريافت محسوس ٿيو. ساڄي ٽنگ تي شيمپوءَ جي هاريل گهاٽي ڦُڙي تي نظر پيئس تہ، هوءَ لڄاري مرڪ ۾ شرم ٻوٽي بڻجي پيئي!

باٿ روم مان نڪري، ڳاڙهو جوڙو پائي، هوءَ آئيني اڳيان اچي بيٺي، بلب جي تيز روشنيءَ ۾ سندس چهرو چمڪي رهيو هو. ڳاڙهي جوڙي ۽ دلڪش سان ملڻ جي خوشيءَ، سندس رنگت ۾ زبردست نکار آندو هو. اڄ آئيني ۾ ڪيس پنهنجي تصوير سُني لڳي رهي هئي. هن وارن کي ڦٽي ڏيئي بڪل لڳايو ۽

هلڪو ميڪ اپ ڪري پرفيوم هنيو. ڪيس خيال آيو: ”ڏينهن جو دلڪش سان ملڻ ڪان هن وقت وڌيڪ سهڻي لڳي رهي آهيان. ڪاش! هن وقت دلڪش مونکي ڏسي!“. پر ٻئي لمحي هن کي هڪ خيال، ٿورڙو مايوس ڪيو ته دلڪش رات جي اونداهيءَ ۾ چور دروازي مان داخل ٿيندو ۽ بلب وسائڻ مجبوري هوندي، ان ڪري هو ڪيس ڳاڙهي جوڙي ۾ ڏسي نه سگهندو! آئيني تان هٽي هن ٻاهر اڱڻ تي نظر وڌي. جمال خان جي کٽ ڀرسان ڇوڪرا ستل هئا. جڏهن ته جمال خان کٽ تي پاسا ورائي رهيو هو. هوءَ اڱڻ تي هلي آئي. جمال خان کي چيائين: ”بابا آئون ڪمري اندر بيڊ تي سمهان ٿي، ڇت پنکي ۾ وڌيڪ هوا آهي. “

واپس ڪمري ۾ اچڻ ڪانپوءِ هن وري آئيني ۾ پنهنجي تصوير ڏٺي ۽ وال ڪلاڪ تي نظرون اٽڪائي ڇڏيون. رات جا پوڻا يارهن ٿيا هئا. هن کي گهڙيال جي ڪانٽن جي رفتار بنهه سست محسوس ٿي. هن کي خيال آيو ته چاٻيءَ تي هٿ رکي، گهڙيال جي ڪانٽن کي اڳتي ڪري ڇڏجي. پنهنجي ان احمقاڻي خيال تي، هوءَ پاڻ ئي مرڪي پيئي.

***

دلڪش ٽري ياسمين وارن ڪان موڪلائي جيئن ئي بس اسٽاپ تي پهتو ته ڪيئي نگاهون مٿس اٽڪي پيون. ڪيس نگاهن جي دلچسپيءَ جي ڪارڻ جي خبر پئجي چڪي هئي، ان ڪري انهن کي نظر انداز ڪري اڳتي وڌندو رهيو. ڪيس اڄوڪي رات هن شهر ۾، ڪنهن واسطيدار وٽ ترسڻو هو. جتان آڌي رات جو ياسمين سان ملڻو هئس. هن جي سوچ ۾ ڪيترن ئي مقامي دوستن ۽ واقفڪارن جا نالا ايندا رهيا. جن تي هو منتخب يا رد ڪرڻ جي انداز سان سوچيندو رهيو. ڪيئي نالا رد ٿيڻ پڄاڻا نيٺ ٽي نالا، آپشن طور هن جي سوچ ۾ تري آيا. رمضان، رحمت علي ۽ ديا رام. بيشڪ رمضان هن جو دلبر دوست ۽ گهٽگهرو هو پر سندس سوچ سماجي ضابطن جي تابع هئي. وڏڙن جي پسند تي هلڻ به سندس مجبورين ۾ شامل هو. هن جي خيرخواهيءَ تي شڪ نه هو پر سندس خلوص، ڳالهين ۽ مشورن تائين محدود هو. عملي طور رسڪي ڪمن ڪان لنوائيندڙ هو. ان ڪري دلڪش وٽس ترسڻ جي زحمت ڏيڻ مناسب نه سمجهي. رحمت علي دلڪش کي پنهنجو دوست سمجهندو هو پر دلڪش ڪيس عليڪ سليڪ ڪان وڌيڪ دوستيءَ جي جاءِ ڏيئي نه سگهيو هو. ان جو سبب ٻنهين جي طبعيتن جا فرق هئا. رحمت ٻئي جي دانگهيءَ تي لولو پڄائڻ جون اٽڪليون ڳوليندڙ ۽ ڪم ڪڍائيندڙ شخص هو. قربانيءَ جي جذبي ڪان خالي ۽ چاپلوسيءَ جا تاج محل اڏيندڙ انسان! بيوقوفيءَ جي حد تائين جذباتي ۽ پنهنجي تعريف ٻڌڻ جو ڪوڏيو هو. افواهه ٻڌڻ ۽ افواهه پکيڙڻ جو هيراڪ. لباڙي ۽ چالباز! طاقتور ۽ بااثر ماڻهو سندس آئيڊيل هئا! اهڙي ماڻهوءَ تي اعتبار ڪرڻ ايئن هو جيئن بدي جي

ڪوسي رات ۾، ٽري پٽن تي اگهاڙن پيرن هلڻ باوجود اها اميد رکجي تہ نانگ بلا جي ڏنگ کان محفوظ رهبو!

ديا رام هن جو ڳوٺائي دوست هو. جنهن جي عمر 18 سال هئي. دير سان اسڪول ۾ داخل ٿيڻ سبب ڏهين ڪلاس ۾ پڙهي رهيو هو. سچار، مخلص ۽ سنگت ۾ سڀ ڪجھ سر تي سهندڙ نوجوان هو! سوچڻ ۽ سمجهڻ جي صلاحيت سان مالا مال، دوستيءَ ۾ دوکو ڪائي پوءِ بہ نہ پڇتائيندڙ، بيدپائي، مضبوط ارادي ۽ ثابت قدميءَ جي سينڌ سينگاريندڙ فُقرا طبعيت ڇوڪرو!. ياسمين سان ملڻ جي واعدي واري رات بہ ترسڻ لاءِ ديا رام کان وڌيڪ بهتر آپشن ڪيس ڪو بيو نہ سُجهيو ۽ ايئن هن جا پير، ڪرائي جي مڪان ۾ رهندڙ ديا رام ڏانهن وڌڻ لڳا. وٽس پهتو تہ هن پرجوش ٻاکر پائي سندس سواڳت ڪيو. خوش خير عافيت پڇاڻا ديا رام پڇيس: "مون هڪ ڳالھ ٻڌي آهي، سچ آهي يا افواھ ؟" دلڪش سوال م لڪيل مقدص سمجهي ورتو. مرڪندي وراڻيائين: "بلڪل سچ. !" ديا رام حيرت مان پڇيو "نہ نہ. . . . . . !؟" دلڪش ياسمين سان هيستائين هليل سندس معاشقي متعلق ڪيس ٻڌايو ۽ پوءِ ٻئي دوست ايندڙ رات رٿيل ملاقات جي منصوبي تي ڳالهائڻ لڳا.

رات جي ماني کائڻ کانپوءِ دلڪش ٽريءَ جون نظرون، هرهر هٽ ۾ ٻڌل گهڙيءَ تي اٽڪي رهيون هيون. هو ديا رام سان ڪچهري بہ ڪندو رهيو ۽ رکي رکي تصور ئي تصور ۾ ياسمين سان پهرين ملاقات جي امڪاني لمحن جي محبوب خيالن مان بہ آنند ماڻيندو رهيو. پر اٽڪُٽ انتظار ۾، گهڙيءَ جا ڪانٽا، ڄڻ سلائي مشين جي سُئي هئا، جن ۾ سندس دل ڪپڙي جيان سبجي رهي هئي!

ساڍا ٻارنهن وڳي، هو ياسمين جي گهر ڏانهن روانو ٿيو. ڳوٺ ٽائيپ هن شهر ۾ ماڻهو جلد سمهڻ جا عادي هئا. جمالياتي چوريءَ جي احساس مان ملندڙ فطري مسرت جي آشنائيءَ ڪيس عجيب ڪيفيت ۾ آڻي ڇڏيو. پهريون ڀيرو ڪيس مهم جوئي ۽ احتياط مان اپرندڙ انوکن جذبن جهنجهوڙي وڌو! بس اسٽاپ جي آسپاس سمورا دڪان بند ٿي چڪا هئا. هر پاسي ويراني جو واسو هو. هڪ جهوپڙا هوٽل تي ايڪڙ ٻيڪڙ ماڻهو ڏٺاٽا پئي، جيڪي شايد بيرا هئا ۽ سمهڻ جي تياري ڪري رهيا هئا. دلڪش انهن جي نظرن کان بچڻ لاءِ پاسي وارو رستو منتخب ڪيو. جنهن جي هڪ پاسي ڍگها نم موجود هئا. ڏُور ڏُور ٻرندڙ بلبن جي روشني، نم جي ٽارين ۾ وچڙي رهي هئي. نم جي پاڇن منجهان هلندي هن پاڻ کي، ڪنهن حد تائين لڪيل ۽ رليڪس محسوس ڪيو. هن کي خبر هئي تہ جيڪڏهن ڪنهن ڪيس ڏسي ورتو تہ پهريون سوال ميزائيل بڻجي مٿس ڪرندو "ڪير آهين؟ ڪيڏانهن ٿو وڃين؟" سڄاڻپ ٿيڻ کانپوءِ في الحال تہ ڪيس ڪو نہ ڪو روڪيندو پر ياسمين ۽ سندس تعلق جي باھ جيئن پکڙيل خبر مٿان اهو نئون چوڀول تيل بڻجي ڪرندو ۽ سندس مخالف ان کي هاءِ لائيٽ ڪري، حد جي پوليس کان هن ۽ ياسمين کي تنگ ڪري سگهيا ٿي.

پنجاهه قدم اڳتي هلڻ ڪانپوءِ هوٽل تي بيٺل ماڻهو هن جي نظرن کان اوجهل ٿي ويا ۽ هن سڪون جو ساهه کنيو ته هاڻ هو ڪنهن جي نظر ۾ اچڻ بنا، ياسمين تائين پهچي ويندو. پر چند قدم هلڻ ڪانپوءِ سامهون اونده مان هڪ پاڇو ڪيس پاڻ ڏانهن ڇُرندي نظر آيو. دلڪش بيهه رهيو. پاڇو هن ڏانهن وڌي رهيو هو. جيئن جيئن اڳتي آيو پئي، ان جو وجود واضح ٿيندو رهيو. دلڪش اندازو لڳايو ته ننڍي قد جو هڪ شخص، نمن هيٺان اونده مان هن ڏانهن اچي رهيو هو. لمحي لاءِ خيال آيس ته ساڄي پاسي نڪري وڃجي، پر ان پاسي روشنيءَ ۾ ظاهر ٿيڻ جو خطرو هو. ٻيو ته سامهون ايندڙ شخص مٿس شڪ ڪري سگهيو ٿي، جيڪو ڪيس ويجهو پهچي چڪو هو. دلڪش ساڳي رخ ۾ سامهون هلڻ لڳو.

"ڀائو ڏي خبر ڪير مڙس آهين؟" سامهون ايندڙ ماڻهوءَ پڇيو. "پنهنجو ادا" دلڪش وراڻيو. "دليو آهين يا آئون ڀلجان ٿو؟" جهوني پڇيو "هائو چاچا ساڳيو" دلڪش ورندي ڏني. جهوني چيو:"ٻيلي نظر گهٽ آهي، پر اڃان سُرت گهٽي ڪونهي، ماڻهوءَ کي وک مان ئي سڃاڻان!"

جهوني جي پوئين جملي ۾ لڪيل اشاري، دلڪش کي اهو احساس ڏياريو ته شايد آڌي رات جو هن شهر ۾ دلڪش جي موجودگيءَ ڪيس جهوني وٽ شڪي بڻائي ڇڏيو هو. دلڪش جهوني جو شڪ مٽائڻ لاءِ چيو: "چاچا پانڌي! هلڪو بخار ٿي پيو آهي، سوچيم ڊاڪٽر لونگ جي اسپتال تان ڪمپائونڊر کان انجيڪشن هڻائي اچان، مٿان صبح تائين بخار وڌي وڃي!. " جهونو پانڌي خاموش رهيو. دلڪش کي جهوني پانڌيءَ جي خاموشي معنيٰ خيز لڳي. اٽوٽندڙ خاموشي ٽوڙيندي پڇيائين "چاچا ٽون مڙهو مڙس، اونده ۾ ڪيڏانهن نڪتو آهين؟". "ابا گهر ۾ ڍل گابو ڪُلي ويو، ان کي ڳولڻ نڪتس. وڃڻ جو سور ته ڪونهين، پر گابو هينئر نه لڌو ته صبح سويل ڍڳي ڌهڻ ڪونه ڏيندي. " پوڙهي افسوس مان وراڻيو. دلڪش چيس "ڇڳو چاچا آئون هلان ٿو". پوڙهي وراڻيو "هائو ٻيلي، جوان آهيو موج ڪريو!" جهوني جي جملي ۾ به طنز لڪيل هئي.

دلڪش ساڳي رخ ۾ اڳتي وڌندو رهيو. ڪجهه اڳتي هلي هن پوئتي لوٽو ڦيريو. هن کي حيرت ٿي ته جهوني جو ڏنڊلو وجود، اڃان اتي ئي نظر اچي رهيو هو جتي هن ڇڏيو هو. هن اندازو لڳايو ته شايد جهوني پانڌيءَ تائين به هن ۽ ياسمين جي معاملي جي خبر پهتل هئي ۽ جڏهن جهوني پانڌيءَ ڪيس اويلو ياسمين جي گهر جي آسپاس ڏٺو ته مٿس شڪ ڪيائين. جهونو اڃان تائين اُتي ان لاءِ بيٺل هو جيئن تسلي ڪري ته دلڪش ڊاڪٽر لونگ جي ڪلينڪ ڏانهن مڙي ٿو يا ياسمين جي گهر ڏانهن؟!

دلڪش پوڙهي کي ڇڪمو ڏيڻ لاءِ ساڄي طرف گهُڇي هنئي. ڏيڍ سئو کن وکون هلڻ ڪانپوءِ کاٻي طرف مڙيو. ڪجهه مفاصلي ڪانپوءِ وري کاٻي طرف هلڻ لڳو. ٿورڙي دير ڪانپوءِ، هو ياسمين جي گهر جي پوئينءِ دروازي وٽ موجود هو.

هلڪي اونده ۾ هن آسپاس نهاريو. اها تسلي ڪرڻ ڪانپوءِ ته ڪو به ڪيس نٿو ڏسي، هن ياسمين جي ڪمري جي پوئين دريءَ تي، ساڄي هٿ جي آڱر سان ٺونگ هنئي. دريءَ جي لوهي ڄاريءَ مان هلڪو

آواز اُپريو ٻي لمحي بيڊ چُرڻ ۽ ان تان ڪنهن جي لهڻ جو کڙڪو ٿيو. دلڪش پوئين در وٽ اچي بيٺو. چند سڪنڊن کانپوءِ دروازي جو هڪ تاڪ کليو ۽ دلڪش اندر داخل ٿيو. ياسمين جهٽپٽ دروازي جو تاڪ ٻيڪڙي، ڪُنڍو بند ڪيو. گهر جا سڀ بلب وساميل هئا. گهگهه اونده ۾ ڪجهه به نظر نه پئي آيو. دلڪش اونده ۾ جهوتون پائيندئي، ياسمين جي ٻانهن ۾ هٿ وڌو. جيڪا ڇهڻ ۽ محسوس ڪرڻ جي سهاري، ٻنهين ڪمرن وچان ڪلنڊڙ در ڏانهن وڌي رهي هئي. اونده ۾ دلڪش لاءِ ياسمين جي بدن جو ڇهاءُ برقي ڪرنٽ جيان، لُونءِ لُونءِ ڪانڊاريندڙ تجربو هو! انهن لمحن ۾ هن کي زندگي بنهه پراسرار لڳي هئي. انهن مختصر گهڙين ۾ هن، محسوسات جي ان انوکي تهه کي ڦلوريو هو. جيڪو هيستائين هن جي اندر ۾ هوندي به هن کان لڪيل هو! شايد ڪي احساس انسان جي اندر هوندي به سڄي ڄمار رڳو ان ڪري سٽل رهجي ويندا آهن، جو انهن کي ڦلوريندڙ محرڪ ملي نه سگهندا آهن! دلڪش اونده ۾ هلندي بنهه آهستي آهستي وکون کڻي رهيو هو. جيئن جيترو ٿي سگهي انهن لمحن کي ديگهه ڏيئي سگهجي. ڍري وک کڻندي دلڪش جو گوڏو ڪمري ۾ رکيل کٽ کي ٽڪريو ۽ کٽ جي چيچاٽ جو آواز ڪمري ۾ پکڙجي پيو. ياسمين دلڪش جي هٿ کي زور ڏيندي سڙٻاٽ ۾ چيو : ”هوش ڪر، کٽ جو آواز بابا کي جاڳائي سگهي ٿو!“ ڪمرن کي ملائيندڙ سوڙهي دروازي مان لنگهندي، دلڪش ۽ ياسمين جا جسم، هڪٻئي کي ايترو ويجهو ۽ چنبڙيل هئا، جو هڪ ٻئي جي دل جي چرپر محسوس ڪرڻ مشڪل نه هئي. دلڪش ۽ ياسمين ان عجيب ويجهڙائيءَ ۾ رڳو ڇهڻ ۽ سنگهڻ جي حواسن سان هڪٻئي کي محسوس ڪري رهيا هئا. جسم جي لمس، ڪپڙن جي هڳاءُ ۽ پرفيوم جي البيلي خوشبوءَ ۾، سندن جذبا ايئن چرپر ڪري رهيا هئا، جيئن پريل تلاءُ تي وسندڙ وڏ ڦڙي ۾، جر جا ڦوٽا!

بيڊ جي نرم فوم تي ويهڻ کانپوءِ دلڪش ۽ ياسمين هڪٻئي جي چهرن تي ايئن چميون وڪيرڻ لڳا جيئن مورن جو جوڙو پٽ تي هاريل داڻا چڳي رهيو هجي! ٻئي ڄڻا سرور جي سمنڊ ۾ ترڻ لڳا. دلڪش ڪنهن ماهر ٽوبوءَ جيان گهرائين جا گس ڳولڻ لڳو. بيقابو جذبن جو طوفان برپا ٿي پيو. ٻئي وجود، هڪ ٻئي ۾ وڃائجي وڃڻ لاءِ اتاولا ٿي پيا. ڪيفيتن جي لهرن تي لڏندي، هنن فطرت جو اهو ذائقو چکيو جيڪو ٻن وجودن کي پاڻ ۾ ملائي، نئين تخليق کي جنم ڏيندو آهي. طوفان آيو گذري ويو. خاموشي ڇانئجي وئي.

”ذليل ڪتان جو!“. نيٺ ياسمين جي جملي سانت کي مات ڏني. دلڪش کي ياسمين جو پوين جملو بنهه پيار، پنهنجائپ ۽ هجت جي رنگ ۾ رنگيل محسوس ٿيو ۽ ايئن ٻئي دير تائين سڙٻاٽن ۾ ڳالهائيندا رهيا. ٻنهين کي هڪ ٻئي جي ٻانهن جا هار پاتل هئا ۽ سڙٻاٽن جي اها ڪچهري، جتي ويل وقت جي دُورين ۾ وڃايل لفظن کي ڦلوري رهي هئي، اتي آئيندي جا محبوب سپنا به لفظن جو روپ ڌاري، چپن تي رانديون ڪرڻ لڳا هئا.

آسپاس جي گھرن مان ڪُڪڙ ٻي ٻانگ ڏني تہ دلڪش، ياسمين کان موڪلايو. ياسمين دريءَ جي جاريءَ مان ٻاھر نھاريو. سامھون گليءَ جي پرينءَ پر، ھڪ سپاھي پٽ تي ويھي سگريٽ ڇڪڻ ۾ مصروف ھو. ياسمين دلڪش کي آگر مان جھلي واپس بيڊ تي ويھاريو ۽ سامھون گليءَ ۾ پوليس واري جي موجودگيءَ کان آگاھہ ڪيو. ڪافي دير انتظار ڪانپوءِ ياسمين ۽ دلڪش وري دريءَ وٽ وڃي بيٺا. سپاھي اڃان اتي ئي موجود ھو. سندس نگاھہ ياسمين جي دروازي تي اٽڪيل ھئي. ڪجھہ وڌيڪ دير انتظار ڪانپوءِ بہ جڏھن سپاھي اتي ئي موجود رھيو تہ ياسمين پريشانيءَ مان دلڪش کان سڙٻاٽ ۾ پڇيو: ”ھاڻ ڇا ٿيندو؟ بابا اُٿڻ وارو آھي؟!“ دلڪش وراڻيو: ”ڏسجي ڇا ٿو ٿئي!“. صبح جي روشنيءَ جا پھريان ڪرڻا آسمان تي پکڙڻ لڳا. تارا تيزيءَ سان لڪي رھيا ھئا. ياسمين ۽ دلڪش ڇاريدار دريءَ جي سوراخن مان گليءَ ۾ ويٺل سپاھي کي ڏسي رھيا ھئا. جنھن کي سامھون واري گھر جي، باب جي صبح جي سوجھري ۾وجود وڃائيندڙ روشني چٽو ڪري رھي ھئي. دلڪش چور دروازي مان ٻاھر نڪري نہ ٿي سگھيو. سپاھي ھن کي ياسمين سان ناجائز تعلق جو الزام ھڻي، تنگ ۽ رسوا ڪري سگھيو ٿي. جڏھن تہ ياسمين ھن کي وڌيڪ دير گھر ۾ ترسائڻ کان لاچار ھئي، ڇو تہ جمال خان جي اٿڻ جو وقت ٿي چڪو ھو. صبح جو سوجھرو دريءَ جي وٿين مان اندر اچڻ لڳو. ياسمين پريشانيءَ مان ڪمري ۾ چڪر ڪاٽڻ لڳي. ٻاھرين باٿ روم ۾ بالٽي ۽ لوٽو ٽڪرائجڻ جو آواز اڀريو. شايد جمال خان جاڳي پيو ھو. دلڪش ۽ ياسمين مشڪل صورتحال ۾ ڦاٿل ھئا. ھنن وري جھاتي پائي دريءَ جي وٿين مان سپاھي کي ڏٺو جيڪو اڃان اتي ئي موجود ھو. ياسمين پريشان ٿيندي پڇيو: ”توھان کي ھيڏانھن ايندي ڪنھن ڏٺو تہ نہ ھو ؟!“ دلڪش وراڻيو: ”ھڪ بد مزاج پوڙھو واٽ تي مليو ھو. جيڪو شايد شڪجي پيو ھو. “ جملو پورو ڪري دلڪش سپاھي ڏانھن ڏٺو. جنھن جو مھانڊو صبح جي روشنيءَ ۾ چٽو نظر اچڻ لڳو ھو. سپاھي راتوڪي پوڙھي جي ئي برادريءَ جو ۽ سندس پاڙي ۾ رھندڙ ھو. دلڪش ڪجھہ سوچيندي وري سڙٻاٽ ۾ ڳالھايو: ”پوڙھي کان في الحال تہ گوھي ڏيئي، نڪري آيس پر ھن شايد منھنجو پيڇو ڪيو ھو. جڏھن ڪيس منھنجي ھتي موجودگيءَ جو پتو پيو ھوندو تہ ھن شايد سپاھيءَ کي ٻڌايو ھوندو. جيئن اويلو گھر مان نڪرندو ڏسي، ناجائز تعلق جي الزام ۾ مونکي ۽ توکي بليڪ ميل ڪري سگھجي “. ان وقت جمال خان جي کنگھڻ جو آواز آيو. جيڪو اڱڻ تي ھلي رھيو ھو. اڱڻ ڏانھن کلندڙ دروازو، دريون، ۽ ڪمرن جا بلب بند ھئا، ان ڪري اندر ڏسي نہ ٿي سگھيو. ھو دروازي تائين ھليو آيو ۽ دروازو کڙڪائي، وڏي آواز ۾ چوڻ لڳو: ”ياسمين بابا جاڳ، اٿڻ جو وقت ٿي چڪو آھي“. ھن ساڳيو جملو ٻہ دفعا ورجايو. ”ھا بابا ھا“ ياسمين جو آواز مايوسيءَ جي کوھہ مان اڀريو. جمال خان واپس اڱڻ تي رکيل کٽ ڏانھن موٽي ويو. ياسمين پنھنجي ساءِ، مايوسيءَ مان سڙٻاٽ ڪيو: ”ھائي گھوڙا ھاڻ بابا اڳيان ڪنڌ کڻڻ جھڙي نہ رھنديس!“ دلڪش سپاھيءَ ڏانھن ڏٺو جيڪو ساڄي طرف مڙيو ۽ پوءِ واپس وڃڻ لڳو. ويندي ويندي ھن ڪنڌ ڦيري

ياسمين جي در ڏانهن ڏنو ۽ پوءِ ساڄي طرف گهٽيءَ ۾ گم ٿي ويو. ياسمين جي منهن تي سرهائي موٽي آئي، هن دلڪش جي آڱر جهلي، ٻنهين ڪمرن جي وچئين در مان لنگهي، پر واري ڪمري جي پوئين در تي اچي بيٺي. آهستي آهستي هن دروازي جو هڪ طاق کوليو. دلڪش تيزيءَ سان ٻاهر نڪري ڪاٻي پاسي جي گهٽيءَ مان مڙي ويو. ياسمين دروازي جي طاق جو ڪڙو چاڙهي ڇڏيو. ٻئي ڏينهن تائين دلڪش ۽ ياسمين طرفان، رات جو چوري ملڻ جي خبر، سڄي شهر ۾ پکڙجي پيئي. هڪ پوڙهي عورت تہ اها خبر جمال خان تائين بہ پهچائي ڇڏي. جيئن تہ گهر جي آمدنيءَ جو اڪيلو وسيلو ياسمين هئي، ان ڪري جمال خان مٿس گهڻي سختي ڪرڻ جي پوزيشن ۾ بلڪل ئي نہ هو. پر جيئن تہ اهو معاملو خود ياسمين جي ساک لاءِ هاڃيڪار هو ان ڪري هوءَ ٻنهہ گهڻو محتاط ٿي پيئي. هن دلڪش کي بہ ڪجهہ وقت لاءِ ملڻ کان روڪي ڇڏيو. بندش جي احساس، بيقرارين کي وڌائي ڇڏيو. ننڍڙي شهر جي گهٽي گهٽيءَ ۾ سازشن جي بارودي سرنگون وڇائجي ويون. ياسمين جي گهر جي پوئين دروازي جي سامهون واري بيٺڪ ۾، گهر ڏٺي دير تائين جاڳڻ لڳو. جيئن دلڪش چوري ياسمين جي گهر ۾ داخل ٿئي تہ پوليس کي اطلاع ڏجي. هن سهوليت خاطر بيٺڪ ٻاهران تيز روشنيءَ وارو وڏو بلب لڳرائي ڇڏيو. ننڍڙي صحرائي شهر جي خاموش ۽ غير مصروف زندگيءَ ۾، اهو موضوع دلچسپ ڪٿا بڻجي پيو. ماڻهن جي اڪثريت، دلڪش ۽ ياسمين جي مخالف بڻجي پيئي. جيئن ماڪوڙا ٻرن مان نڪري، هجوم جو حصو بڻجي هڪ رخ ۾ هلندا آهن. ايئن ئي ماڻهن جي سوچ بہ انفرادي حدون اورانگهي، هڪ طرفي هلڻ لڳي. جنهن جو بنياد دلڪش ۽ ياسمين کي هرحال ڌار ڏسڻ تي بيٺل هوا! ان ۾ ٽن قسمن جا ماڻهو شامل هئا. هڪ اهي جن ۾ مالڪانہ ۽ جنسي رقابت جاڳي پيئي هئي. انهن لاءِ اهو برداشت ڪرڻ مشڪل هو تہ هڪ پڙهيل لکيل جوان اڪيلي عورت انهن کي ملڻ بدران هڪ ڳوناٺي ڇوڪري جي هٿن ۾ هلي ويئي. ٻيو قسم دلڪش کي ذاتي طورناپسند ڪندڙ ماڻهن جو هو. جن لاءِ دلڪش جي هر خوشي ڪنڊن جي گرهہ مثل هئي ۽ انهن هر صورت ۾ ڪيس ڌڪارو ڏسڻ چاهيو ٿي. جڏهن تہ ٽيان ماڻهو قدامت پرست هئا، جيڪي هر غير روايتي سرگرميءَ جا مخالف هئا. انهن لاءِ ياسمين ۽ دلڪش جو معاشقو لسيءَ جي گلاس ۾ ڪري پيل مک جيان، ناگوار ۽ اُلٽي آڻيندڙ هو. ڇو تہ سندن خيال موجب، ان سان سندن عورتن ۽ نوجوان نسل تي خراب اثر پئجي رهيا هئا. ان عمل جي حوصلا شڪني نہ ٿيڻ جي صورت ۾، پريمي جوڙن جو لاڙو اپري سگهيو ٿي. انهن ٽنهين قسمن جي ماڻهن سان اهي ماڻهو بہ گڏجي رهيا هئا، جيڪي پاڻ سوچڻ ۽ سمجهڻ بنا، اڪثريتي ڳالهين جا اثر جهٽپٽ قبول ڪري ونندا آهن.

ياسمين کان هڪ مهيني جي دُوري، دلڪش لاءِ عذاب بڻجي پيئي. ملڻ جي آس، مبهم ٿي پيئي. سماجي رڪاوٽن، سندس اندر ۾ بغاوت جي لاڙن کي جنم ڏنو. ممنوع محبت، اڻجهل جذبن جي آماجگاهہ بڻجي پيئي. ٽٽل رابطن ۾، اڻ اظهاريل احساس، دل جي ڌرتيءَ مٿان ٿوهر جيئن ڦٽڻ لڳا. هن

ياسمين کي خط لکڻ جو ارادو ڪيو پر انهن حالتن ۾ پوسٽ ذريعي خط لکڻ ڪيس رسڪي عمل لڳو. هن شهر جي اسپتال ۾ آئل وٺڻ لاءِ ويندڙ سندس هارياڻين هٿان خط اماڻڻ جو فيصلو ڪيو. شام جي تنهائي ۾، هن قلم ۽ ڪاغذ کنيا، سندس گهر پرسان اڪيلي پٽ تي ويهي، خط لکڻ لڳو. آسمان تي ڪڪر ڇانئيل هئا. ٿڌي هير گهلي رهي هئي. واريءَ مٿان سائي گاهه جي چادر ڍڪيل هئي. پٽ جي لهواريءَ تي، ڍڳين جو ولر چري رهيو هو. ڏور هينيائينءَ ۾، ٻڪرين ۽ رڍن جا ولر نظر اچي رهيا هئا. ڌنار ڇوڪرا بانسريون ۽ بوريندا وڄائي رهيا هئا. ڪي ٻارڙا ٻاڪَيان، پپون ۽ ڪُنيبيون چُنڊڻ ۾ رُڌل هئا. آسپاس جي سونهن اکين ۾ اوتن پڇاڻا. هن خط جي شروعات ڪرڻ چاهي ٿي، ياسمين جي وجود سان لاڳاپيل يادون، هن جي سوچ ۾ ايئن سلهاڙجي پيون، جيئن گلن تي پنئورا ۽ پوپٽ پهچي ايندا آهن!

منڙي جانان

شال تنهنجي محبوب مک تي جوڀن جي جوت جهيٽي نه ٿئي!

تون مونکان ڏور آهين، پر يادن ۾ مونسان پيڙي ويٺي آهين. تنهنجي بدن ۾ چقمقي ڪشش آهي، تنهنجا ناسي نيڻ جُهڪن ٿا ته، لمحن کي گرهڻ لڳي وڃي ٿو. نظرون نظرن سان ملن ٿيون ته ڪائنات مهڪي پوي ٿي. تنهنجي مرڪ وچ جو وراڪو آهي ۽ تنهنجا ٽهڪ ڪلواڙي جي سنگيت جهڙا آهن. تنهنجي هلڻي مور جي تور آهي ۽ تنهنجيون ڳالهيون، پايل جي ڇم ڇم جو ردم لڳن ٿيون. تنهنجين ادائن ۾ گلابن جي تازگي آهي ۽ تنهنجو چهرو اندلٺ مان ڇورايل رنگن جو امتزاج لڳيم ٿو! تنهنجي مونسان ويجهڙائي ماڻهن جي گلي ۾ مرچ جيان اٽڪي پيئي آهي. اهي پاڻ کي ڏار ڏسڻ چاهين ٿا. هي اهي ئي ماڻهو آهن، جيڪي سونهن سچ، ساڃاهه ۽ پيار جا ازلي دشمن آهن. جن هڏن تي اکيون اٽڪائيندڙ ڪتن جيئن، سونهن کي ڏسي ٽڪون ته ڳِرڪايون آهن پر انهن جي اکين سدائين سونهن کي برباد ڏسڻ جا سپنا ڏٺا آهن. انهن جي وحشي هٿن روهيڙي لامن تي ڪهاڙا اپا ڪيا آهن. سچ سدائين انهن جي هاضمي جي خرابيءَ جو ڪارڻ رهيو آهي. فتوائون ڏيئي عقل کي سنگسار ڪندڙ اهڙن ماڻهن جي رهزن ذهنن، سدائين محبت جي خلاف سازشون سٽيون آهن. فطرت کي گٽر ۽ انسانيت کي ڏينيوئن جو مانارو بنائڻ لا سرگرم اهي ماڻهو دنيا کي جنگ جو ميدان ڏسڻ چاهين ٿا. جن ماڻهن ڪڏهن لڙڪن جو قدر ناهي ڪيو اهي مرڪون ڪيئن ورهائي سگهندا؟! جن هٿن سدائين ورتو آهي، انهن اڳيان ڪشڪول تنگڻ جو ڪهڙو فائدو؟! جن ذهنن پڙهڻ سان ڪڏهن دلچسپي ناهي رکي، انهن کان ڪجهه خاص پڙهڻ جي اميد ڪهڙي رکبي؟! نفرت جا نغارا وڄائيندڙ محبت جو پيغام ڪيئن پروڙي سگهندا؟! شڪاري جبلت ۾، دهلن تي نچندڙ ماڻهن ۾، ٻکايل مورن کي ڇوڳو ڏيڻ جي اميد ئي فضول آهي! پر اهڙا ماڻهو هر دور ۾، بظاهر ڪامياب ٿيڻ باوجود هارائيندا رهيا آهن. تون يقين ڄاڻ ته اهي ماڻهو پنهنجو ڪجهه به بگاڙي ڪين سگهندا. وڇوڙا عارضي آهن،

آئون تنهنجو آهيان، تون منهنجي آهين. ارادن جي مضبوطي، عمل جي ڪاميابيءَ جي ضمانت هوندي آهي، بس پنهنجائپ جي ٻهروپ ۾، دشمنن جي ڏنگ کان محتاط رهجان!

توسان رابطو ٽٽل آهي، ڪيئن ملان؟! تنهنجي عزت خاطر توکان پري ٿي ويو آهيان، پر آخر ڪيترا ڏينهن؟! اهو سوال ٻڙڇي جيان هرهر هانءُ ۾ ڪپندو رهي ٿو. توسان آخري ملاقات جا خمار اڃان تائين اندر ۾ اوتيل آهن، پر سوچيان ٿو ڇا اها پهرين ملاقات ئي آخري ثابت ٿيندي؟! ڇا اسين زماني وارن جي سازشن هٿان هارائي، قسمت تي ٻوتانو ڏيئي ويهي رهنداسين؟ ڇا تون آزمائش جي صحرا ۾، درد جي سفر مان هٽڙو ڇڏائي هلي ويندئين؟! فيصلو توکي ڪرڻو آهي. آئون تو لاءِ سڀ ڪجهہ سر تي سهڻ لاءِ تيار آهيان، محبت جو مينار فتح ڪرڻ لاءِ، مونسان گڏ، تلوارن جي سامهون نہ هلندئين ياسمين؟!

توسان ملڻ جي انتظاري اوندهہ ۾ دل جي اماڙي ٻاري جيئندڙ_ بيچين ساگر.

دلڪش خط لکي پورو ڪيو. ڏنار ڇوڪرن جي هوڪي جو آواز سندس سماعتن سان ٽڪرايو هن اچرج مان ڇوڪرن ڏانهن ڏٺو جيڪي ٻوهہ جي ٻوڙن مان پڙڪو ڪائي پڄندڙ سهي پويان ڊوڙي هوڪا ڪري تاڙيون وڄائي رهيا هئا. دلڪش واپس گهر ڏانهن مڙيو.

ٻئي ڏينهن اسپتال ويندڙ هارياڻيءَ هٿان، ياسمين کي خط اماڻيائين. خط کڻي ويندڙ هارياڻيءَ واپس اچي اهو ٻڌايو تہ ياسمين خط کڻي پرس ۾ رکي ڇڏيو. ٻين عورتن جي موجودگيءَ سبب، هوءَ ڪجهہ بہ ڳالهائي نہ سگهي. دلڪش ايندڙ ڪجهہ ڏينهن، ياسمين جي خط جو انتظار ڪندو رهيو. ياسمين جي عشق ۾ دوريءَ جو احساس ڪيس جهوري رهيو هو. ٽڙ جي پٽن تي وکريل سانوڻيءَ جا رنگ بہ هن جي دل کي وندرائي نہ سگهيا. سونهن جو هر ڏيک، هن جي تانگهہ ۽ تڙپ ۾ واڌارو ڪندو رهيو. ڪٿي بہ ڪيس سڪون نہ پئي آيو. چند ڏينهن لاءِ هن لاڙ وڃڻ جو فيصلو ڪيو.

***

# لاڙ تان آخري پيروءِ اٽپورٽتا

لاڙ ۾ هن جي پهرين رات، دل ۾ ڪتڪائي ڪندڙ هئي. رات جي مانيءَ ڪانپوءِ هن جا ميزبان ڏکي ڪچهري ڪري جڏهن اٿيا ته هن اڱن تي رکيل کٽ تي ليٽي، اکيون آسمان جي ستارن تي کپائي ڇڏيون. هن کي خيال آيو ته هو ستارن کي چُنڊي قميص جي جهول پري، جيئن هو ننڍپڻ ۾ اڪ ڦُلڙيون ٻاڱيان ۽ کوهنڊير چنڊي جهول ڀريندو هو! پر ٻئي لمحي پنهنجي ان احمقاڻي سوچ تي مرڪي پيو. دير تائين هن جي من ـــ ڪري مٿان عجيب خيالن جي هلر هلندي رهي، ياسمين کان جدائيءَ ۾ هن جا احساس، چانورن جيان ڇڙجندا رهيا.

اوپر کان چنڊ اپري رهيو هو گهميل سامونڊي هوا گهلي رهي هئي. هن جي نيڻن کان ننڊ رٺل هئي. آسمان تان ڪو اڪيلو بادل ترندو وڃي رهيو هو. هن جي دل بادل کي کٽ ٻڌائي ليٽڻ جو انگل ڪيو. ان خيال کيس عجيب سرور اربيو. ياسمين تائين پهچڻ لاءِ بادل جي سواري کيس بهترين سهارو لڳي. هن بادل جي رخ جو اندازو لڳائي سوچيو: ”اهو بادل ياسمين جي شهر مٿان گذرندو ۽ پوءِ ملڪي سرحد پار ڪري ويندو“. اوچتو هن کي سرحدي چوڪين جو خيال آيو. پر وري هن سوچيو: ”سرحدون ته زمين تي آهن، آسمان تي ڪابه سرحد ناهي. بادلن، هوائن، روشنين، پکين، آوازن ۽ خوشبوئن لاءِ ڪي به سرحدون ناهن!“. هن اپرندڙ چنڊ ڏانهن ڏٺو جيڪو الاءِ ڪيترين سرحدن تان گذري رهيو هو. هن لاءِ ڪا به ويزا ضروري نه هئي!. وري هن جي نگاهه هڪ وڏي ستاري تي اٽڪي پئي. جيڪو هن کي ڪرڪيٽ جي بال جيان لڳو. ان کان ڪجهه پري ڪير ڏارا باٺونڊري لائين جيان محسوس ٿيئس. هن کي خيال آيو ته بال کي زوردار هٽ هڻي، جيئن اهو باٺونڊري لائين پار ڪري وڃي. پر هن کي چنڊ، ڪيچ جي تاڙ ۾ بيٺل ڦُڙت فيلڊر جيان لڳو. ڪانئس چرڪ ڇڏائي ويو. هو جهٽ پٽ کٽ تان اٿيو دلي مان پاڻي پيءُ، منهن تي پاڻيءَ جو ڇنڊو هڻي، واپس اچي وينو. هن سوچيو کيس عجيب خيالن ڇو وڪوڙيو هو؟!

شايد ياسمين کان وڇڙڻ جو صدمو جهرڻي جيان، هن جي لاشعور جو ڏونئرو ولوڙي رهيو هو. جنهن مان ڦُتندڙ مبهم خيالن جا گهوگهه، سندس سوچن تي تري رهيا هئا. الاءِ ڪيڏي مهل، هن جي اک لڳي ويئي. خوابن ۾ هن پاڻ کي ڪنهن وڏي پٽ جي هيناڻيءَ ۾ محسوس ڪيو. هن پٽ جي چوٽي چڙهڻ جي جي ڪوشش ڪئي. ياسمين هن جي اڳر جي سهاري چوٽي چڙهڻ جي ڪوشش ۾ رڌل هئي، اوچتو آسپاس نانگن بلائن جا ولر وري آيا. هن ياسمين کي ڀاڪر ۾ ڪٽي ورتو ۽ چڙهائي چاڙهڻ لاءِ هٿ پير هڻڻ لڳو. نانگ بلائون، هن جي پيرن ۾ وچڙڻ لڳا. هن پاڻ کي انهن کان ڏنگجندو محسوس

ڪيو. ياسمين جي رڙين ۾ رتو رت جسم سان چوٽيءَ کي ويجهو ٿيڻ لڳو. سندس بدن جو ست ساڻو ٿي پيو. قدم ڳرا ۾ بدن ڏرو ٿيندي محسوس ٿيئس. هن چوٽي تائين پهچڻ جي آخري ڪوشش ڪئي. پرسان ڪي نانگ ڦڻ ڪڍندي ۾ ايا ٿيندي محسوس ٿيئس، جن جا ڏنگ ياسمين کي لڳڻ شروع ٿي ويا. هن ڪان دانهن ڇڏائي ويئي ۾ ايئن خواب مان جاڳي پيو. اک کلڻ ڪانپوءِ هن حيرت مان پاڻ کي ڏٺو. آسپاس صبح جو سوجهرو پکڙجي پيو هو.

اهو سڄو هفتو هن ڳوٺ جي پرسان ساون کيتن ۾ گهمندي، ان ڳوٺ جي دوستن سان تاش کيڏندي گذاريو. ٻي هفتي ٿنڍي باڳي آيو جتي هڪ پُرهجوم جهوپڙا هوٽل تي، سلمہ جو خط مليس، هن خط کولي پڙهڻ شروع ڪيو.

ڊوليا!

مونکان پاڻ ڇڏائڻ جون واڌايون هجنئي!

تنهنجي دل شاهد هوندي تہ هيستائين مون توسان هر وچن پاڙيو آهي. پر پوئين خط کي آخري خط جو نالو ڏيڻ باوجود اڄ وري خط لکي رهي آهيان. اها واعدهہ خلافي معاف ڪجان. مونکي اميد آهي تہ مئلن کي ٻي ميارا سمجهي در گذر ڪندين!موهن جي دڙي تي ڪهڙيون ميارون!

پيارا تنهنجون مصروفيتون توکي مبارڪ هجن، مون لاءِ تہ هاڻ پنهنجي واندڪائي بہ مهٽو ٿي پيئي آهي! ويل وقت شايد توکي گهٽو بدلائي ڇڏيو آهي. واٽون جڏهن رخ موڙي ويندون آهن تہ اتي وڻ ٻوٽا ڦٽي پوندا آهن. ڳوٺ جڏهن اجڙي ويندا آهن تہ پويان کنڊر رهجي ويندا آهن. سمنڊ جڏهن هٽي ويندو آهي تہ پويان رڻ جي اڪيلائي رهجي ويندي آهي. پر جڏهن ماڻهو بدلبو آهي تہ ڪجهہ بہ باقي ناهي رهندو. بدلجي ويل ماڻهوءَ جون رڳو يادگيريون هونديون آهن، جيڪي مڪار وقت جو مصنوعي ٺهڪ لڳنديون آهن!

پيارا! ترتيب، تورتڪ ۾ زندگي سنوارڻ جو سليقو تنهنجي شهر جي تهذيب تي سگهي ٿو پر اسان تہ ڪڏهن ليکو ڪرڻ سکيو ئي نہ آهي. پاڻ ڇڏائڻ جو هنر سنڀالي رکجان، اسان لاءِ تہ تنهنجيون يادون ئي ڪافي آهن!

ٻڌو اٿم! اسانجي آسپاس بہ آيو آهين، پر مونسان ملڻ فضول سمجهيئي، هن هيڏي وڏي حادثي کي، آئون ڪٿي لڪايان!. تنهنجا اهي خط بہ مون وٽ پيا آهن، جن ۾ تون مونسان ملڻ جي شديد خواهش ظاهر ڪندو رهيو آهين ۾ اڄ وري وقت جي هن وراڪي تي تنهنجا هي زخم، انهن آڱرين سان ڪيئن ڳٽيا، جن آڱرين ڪڏهن تنهنجا وار سنواريا هئا ۾ هاڻ اهي پنهنجا ڳوڙها پاڻ اگهي اگهي ٿڪجي پيون آهن. ڇا تون مونکي لکيل پنهنجن سمورن خطن جي لفظن تان بہ دستبردار ٿي چڪو آهين؟!.

اڄ وري تنهنجي ياد آئي آهي. توسان گڏ گهاريل لمحن جون سدا سُرهيون ساروڻيون، من جي پوڏيسر تلاءَ مٿان ترڻ لڳيون آهن. تنهنجو اٿڻ، تنهنجو ويهڻ، تنهنجو اچڻ، تنهنجو وڃڻ، تنهنجو ملڻ، تنهنجو وڇڙڻ، تنهنجو روئڻ، تنهنجو کلڻ، تنهنجو ڏيڻ، تنهنجو وٺڻ، تنهنجو ڏسڻ، تنهنجو ڳالهائڻ، تنهنجو سڀ ڪجهه. ٻين کان الڳ ۽ نيارو هوا! ۽ مونکي ياد اچي ٿو اهو سڀ ڪجهه. جيڪو تنهنجو هو ۽ تون منهنجو هئين! پر منهنجو ٿي نہ سگهئين. ڪنهنجو هجڻ ۽ ڪنهنجو نہ ٿي سگهڻ، ٻہ الڳ حقيقتون آهن، جن کي مان بيان ڪري نہ ٿي سگهان. تون هجين ها تہ پڪ سان دل کي مهتو ڏيندڙ تشبيهہ ڳولي اچين ها، ڇو تہ لفظ تو وٽ ايئن ايندا آهن، جيئن زائرين زيارتگاهن تي ايندا آهن.

مونکي ياد اچي ٿو هڪ پيري اڏ ڪليل در منجهان ٻاهر وسندڙ بارش کي ڏسي رهيا هئاسين. جڏهن مينهن وسي اُڪاڻو هو تڏهن تو منهنجي آڱر مان، تنهنجو ئي ڏنل ڇلڙو لاهي، اڱڻ تان وهندڙ پاڻيءَ منجهہ اڇلائي ڇڏيو هو ۽ پوءِ پاڻيءَ جون لهرون، ان بيوس ڇلڙي کي الاءِ ڪيڏانهن کڻي هليون ويون. مون جڏهن احتجاج ڪندي توکي چيو هو: "تنهنجو ڏنل ڇلڙو، تو مونکان تہ ڦري ورتو پر هاڻ تہ اهو تنهنجو بہ ناهي رهيو!". اوچتو تون اداس ٿي ويو هئين. اداس ٿيڻ ڪانپوءِ تنهنجيون ڳالهيون، روهيڙي جي ٽارين جيان محبوب مالهائون ٿي پونديون هيون. تو چيو هو: "هي ڇلڙو نہ تنهنجو هو نہ منهنجو هو. دراصل هي ڇلڙو ڪنهنجو بہ نہ هو. جيئن تون منهنجي هوندي بہ منهنجي ناهين، آئون تنهنجو هوندي بہ، تنهنجو ناهيان. پاڻ ٻئي هڪٻئي جا هوندي بہ هڪٻئي جا ٿي نٿا سگهون!" ۽ اڄ آئون سوچيان ٿي، ڪنهن جو هجڻ ۽ ڪنهن جو نہ ٿي سگهڻ، ٻہ الڳ حقيقتون ڇو آهن!؟ پاڻ هڪٻئي جا هوندي بہ، هڪٻئي جا ٿي ڇو نہ سگهياسين؟!

توسان ملڻ يقينن اتفاق هو پر توکان وڇڙي وڃڻ بہ حادثو ٻڻجي پيو. شايد انساني زندگي بہ اتفاق ۽ حادثن وچان هلندي آهي. اتفاق ۽ حادثا بہ تہ اوچتو ئي ٿيندا آهن. حياتيءَ جو وجود بہ اوچتو ٿيندو آهي. موت بہ اوچتو ايندو آهي ۽ عشق بہ اوچتو ٿيندو آهي. تون بہ اوچتو مليو هئين ۽ هڪ ڏينهن، اوچتو ئي اوچتو هليو وئين، منهنجي زندگيءَ مان. تو تہ بيعنوان ناتو ڇني ڇڏيو پر تنهنجون يادون اڃان تائين دل جي ريشمي ڪپڙي ۾ پُرتن جيان ڇهتيون پيون آهن. تون ياد ڪندو هوندي الاءِ نہ؟! پر جڏهن بہ هڏڪي ايندي آهي، دل کي ڪوڙي آٿت ڏيندي آهيان تہ شايد تو ياد ڪيو آهي! جڏهن بہ اڱڻ تي ڪانءُ ٻولندو آهي تہ، بي بنياد وهن ۾ وڪوڙجي، پاڻ کي سکڻو دلاسو ڏيندي آهيان تہ تون ايندي ضرور!

آخر ۾ توسان هڪ اعتراف ڪرڻ چاهيان ٿي، جيڪو ٻيهر جي ڪنڊي جيان ڪيترن ئي ڏينهن کان هانءُ ۾ هتڪي رهيو آهي. تون منهنجي زندگيءَ ۾ آيل ٻيو مرد آهين. توکان پوءِ ٽيون ماڻهو وڏيرو ڪريم بخش هو. جنهن کي مون مجبورن قبول ڪيو هو ڇو تہ گهر جا خرچ پورا ڪرڻ ڪري، سڄي گهر تي سندس حڪم هلندو هو. انهيءَ ظلم کان نجات لاءِ مون توکي شاديءَ جي آفر ڪئي. پر

تنهنجو انڪار منهنجي دل جي ڪل لاهڻ لاءِ ڪافي هو! مونکي ذرو ﺑﻪ عجب ڪونﻪ لڳو ڇو ﺗﻪ ڪريم بخش جي اڄ وچ ۾ امان جي روپي ڪانپوءِ، تنهنجو اهو ئي جواب ٿي سگهيو ٿي. ٻي رحم حالتن ۾، توسان ڪيل انهي بيوفائيءَ جي داغ ڪي، مان ضمير جي ڏوﻫﻲ گهاٽ تي ڌوئي ﻧﻪ سگهي آهيان!
توڪان ڌار ٿيڻ جي صدمي ڪانپوءِ، ڊيوٽي تان لاڳيتو غير حاضري سبب سسپين ٿيڻو پيئم. بحالي جي ڪوشش مر بالا آفيسر وٽ حاضر ٿيئس ﺗﻪ هن رشوت گهري، جنهن ڪي پيرڻ منهنجي وس ۾ ﻧﻪ هو. جڏهن رشوت ڏيڻ ڪان لاچاري ڏيکاريم ﺗﻪ، هن هڪ رات گڏ سمهڻ جو بيهودو مطالبو ڪيو. درخواست ڦاڙي ٽيبل تي اڇلي آفيس ڪان ٻاهر نڪري آيس. پگهار بند ٿيڻ ڪانپوءِ امان جا مونسان جهيڙا وڌي ويا. رات ﺑﻪ ڇڳو چوڪو جهڳڙو ٿيو هو. مون زندگيءَ جي ذليل دلدل ڪان ڇوٽڪاري لاءِ، پنهنجو انت آڻڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي. هن خط ڪانپوءِ تنهنجي زندگيءَ مان منهنجي رفاقت ختم سمجهجان. توکي مبارڪون، مان مري رهي آهيان.
تنهنجي مجرم سلمہ.....!
خط پڙهڻ ڪانپوءِ دلڪش پاڻ ڪي ديويءَ جي ڊينگهرن تي پٽن اگهاڙو ليٽيل محسوس ڪيو. هن جي سوچ ۾ عذابن جا ڪنڊا چيڻ لڳا. هن جو دماغ ڇڪرائجڻ لڳو. اکيون بند ڪيائين ﺗﻪ آسپاس ويٺل سندس دوستن پريشانيءَ مان ڪيس ڌونڌاڙيندي پڇيو: ”ڇا ٿيو؟... ڇا ٿيو!.. “ هن اکيون کولي هٿ جي اشاري سان پاڻي گهريو. يڪ ساهي پاڻيءَ جو گلاس پيئڻ ڪانپوءِ هن جي اندر ۾ هڪ ڌنڌلي اميد، وسامندڙ ٻاهہ جي آخري شولي جيان ٽمڪي پيئي ۾ هو اٿي ٻيٺو.
جڏهن هو پنهنجي دوست سان گڏ ڪار ۾ سلمہ جي ڳوٺ وڃي رهيو هو ﺗﻪ هن ڪي سلمہ جي هجڻ جو مبهم آسرو هو. هن سوچيو ٿي ”سگهي ٿو: سلمہ اڃان زندهہ هجي ۽ هو ڪيس آپگهات ڪان بچائي وٺي“. اهو آسرو ڪيس ايئن لڳو جيئن ڪنهن ٻڏندڙ ماڻهو کي ٻوڙي جو سهارو ملندو آهي! ڪار جيئن ئي سلمہ جي گهر اڳيان بيٺي ﺗﻪ اندران روئڻ پٽڻ جو آواز دلڪش جي سماعتن سان ايئن ٽڪرائجڻ لڳو جيئن طوفاني برسات ۾ تيز هوائون ڪچن گهرن جي پتين کي پيٽيون هٽنديون آهن. اتي ٻيٺل جهوني افسوس مان ٻڌايو ﺗﻪ سلمہ پيٽ ۾ سور سبب گذاري ويئي. دلڪش سمجهي ورتو ﺗﻪ سلمہ جي آپگهات کي طبعي موت جي پردي پويان لڪايو پيو وڃي. جيئن پوليس جي پڇا ڳاڇا ۽ معاشري جي اٽوٽندڙ سوالن کان بچي سگهجي. دلڪش ڪار ڊرائيور کي واپس هلڻ جو اشارو ڪيو ﺗﻪ پوئين سيٽ تي ويٺل سندس دوست حيرت مان پڇيو: ”پونئيرن سان تعزيت ﻧﻪ ڪندين ڇا؟“ دلڪش اداس لهجي ۾ وراڻيو : ”سلمہ ڪانپوءِ ڪنهن وٽ وڃان؟“ دوست چيس: ”ڪراڙيءَ وٽ هلون“. دلڪش جي وجود مان نفرت ۽ ڪروڌ جون تاريون ڦٽي پيون، پر وڌيڪ سوالن کان بچڻ لاءِ ڳالهہ بدلائيندي وراڻيائين: ”اڄ سلمہ جي سوڳوار تڏي تي وڃڻ جي همت ﻧﻪ اٿم، وري ڪنهن ٻئي ڀيري“

واپس موٽندي دلڪش جي دل مٿان دردن جا قافلا گذرندا رهيا. ڪنهن وقت هن جو روح ريجهائيندڙ يادگيريون، هاڻ هن جي لڙڪن جا ڪاٽ ڪٽي رهيون هيون. ڊرائيور هٿ اڳتي وڌائي ٽيپ رڪارڊر آن ڪري ڇڏيو.

**”عشق هاٽي ڪجي ڪنهن سان، جان جو جانان رهيو ناهي!“**

دلڪش جو وجود عذابن جو ڇيچڙو ٿي پيو. جنهن ۾ هن جا احساس ڄاڻيپي جيان پيڙجندا رهيا. لڙڪن جو رس اکين مان نڪرندو رهيو! رستي تي شهر ويندڙ هڪ نينگر نظر آيو ته دلڪش ڊرائيور کي ڪار روڪڻ جو اشارو ڪيو. نينگر سلمه جي پاڙي جو رهندڙ هو. دلڪش ڪيس پاڻ سان گڏ اڳئين سيٽ تي ويهاريو ۽ ڪار شهر ڏانهن ويندڙ رستي تي ڊڪڻ لڳي. دلڪش پيار مان نينگر کان پڇيو: ”بابا هينئر شهر پيو وڃين، خير ته آهي؟“ نينگر وراڻيو: ”وڏيري ڪريم جا سگريٽ کٽي ويا، گهرايا اٿس. . . . اڄڪلهه سلمه جي گهر تڏي تي وينل آهي. “ دلڪش خاموش ٿي ويو. چند لمحا رکي هن وري پڇيو: ”بابا سلمه کي ڇا ٿيو؟“ نينگر اداس ٿيندي وراڻيو :”سائين بس رات جو پيٽ ۾ قدرتي سور پيئس، جيستائين وڏيري جي ڳوٺان ڏاڪدار (ڪمپائونڊر) آيو، تيستائين هوءَ گذاري ويئي. دلڪش جي ڇپن تي ماٺ جا ڪنڊا چنبڙي پيا، جن کي هو سوچ جي سٽيءَ سان هٽائڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو.

ماٺ جي مختصر وقفي ڪانپوءِ دلڪش نينگر کان پڇيو: ”پيٽ ۾ سور جي تڪليف وقت پاڙيوارن سلمه کي ڏٺو هو يا مرڻ ڪانپوءِ کين خبر پيئي؟“ ڇوڪر افسوس مان وراڻيو: ”پاڙيوارن کي ٻڌائڻ لاءِ وڏيري ڪريم مونکي ئي موڪليو هو. تڏهن سلمه هن دنيا ۾ نه هئي“ دلڪش جلدي مان پڇيو: ”ان وقت تون ڪٿي هئين بابلا ؟“ نينگر وراڻيو :”ان رات آئون سلمه وارن جي گهر اڳڻ تي ستل هئس، سڄو ڏينهن وڏيري جي ٽپال ڪري رات جو ماني کائي کٽ تي ليٽيس ته ننڊ اچڻ لڳي. پر اوچتو اک کلي ويئم. . . . . . . . . “ نينگر جي چهري تي خوف جا پاڇا ظاهر ٿي وري گم ٿي ويا. وري ڳالهه جاري رکندي چيائين: ”مونکي فجر محل وڏيري جاڳايو ۽ پوءِ آئون پاڙيوارن کي ٻڌائڻ هليو ويس. واپس آيس ته سلمه جي لاش پرسان ڏاڪدار جي پاسي ۾ وينل وڏيري ڪريم ٻڌايو ته سلمه کي سور جي تڪليف ٿيندي ئي هو ڊاڪٽر کي وٺي آيو پر ڊاڪٽر جي اچڻ کان اڳ ئي هوءَ هن دنيا ۾ نه رهي“ دلڪش ڏيرج مان پڇيو: ”ان رات کٽ تي ليٽڻ ڪانپوءِ جلد ئي تنهنجي اک ڪيئن کلي ۽ پوءِ توکي ڊپ ڇو ٿيو؟“ نينگر جي چهري تي وري خوف جون ريکائون ظاهر ٿيڻ لڳيون. جڻ ڪجهه ٻڌائڻ جي ڪوشش باوجود، ڪجهه ٻڌائي نه ٿي سگهيو. دلڪش آٿت ڏيندي چيس: ”ٻڌائي ٻڌائي، ڊڄ نه!“ نينگر هٻڪندي هٻڪندي وراڻيو: ”سلمه جي ماءُ، سلمه کي دڙڪا ڏنا ته منهنجي اک کلي ويئي“ دلڪش پڇيس: ”دڙڪا ڏيئي ڇا چئي رهي هئي؟“. نينگر ڪجه سوچيندي وراڻيو: ”چيائين وڏيري جو چوڻ مڃ، وڏيرو توتي ساهه پساهه ٿو ڏي ۽ تون ٻن مهينن کان ڳالهائين به نٿي. ڇوري توکي ڪنهن

ڪامڻ ڪيا آهن_ ڇا؟“ دلڪش پڇيس: ”سلمہ ڇا چيو؟“ هن وراڻيو. ”سلمہ چيو پليٽ مونکي اڳي ئي پليٽ ڪيئي، اڃان جان نٿو ڇڏئين. منهنجين اکين کان ٽري وڃ ظالم، مونکي هٿ نہ لاهي“. دلڪش تجسس ۾ ڏک مان پڇيو:”پوءِ ڇا ٿيو؟“ نينگر وراڻيو:”پوءِ سلمہ جي ماءُ جو آواز ٻڌم ڇيائين:”متان ڇڏئين وڏيرا، مڙس ماڻهو آهين. ڇوري ڪيئن ٿي منهن اٽڪائي. مستي ڪري ته مٽڪو ڀڃيس“ هو خاموش ٿي ويو. دلڪش پڇيو: ”ان کان پوءِ تو ڇا ٻڌو؟“ وراڻيائين: ”پوءِ زوردار ڌڪ جو آواز ٻڌم ۽ ان سان گڏ هلڪي رڙ جو آواز آيو ۽ ان کانپوءِ ماٺ ٿي ويئي. مونکي ڊپ لڳو مون پاڻ کي رلي ۾ لڪائي ڇڏيو“. دلڪش پڇيس: ”پوءِ تو ڇا ٻڌو؟“ سوچ ۾ ٻڏي ويو جڻ ڪجھ ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. نيٺ ڳالهائو: ”وڏيري ڪريم چيو هاڻ ته ماڳهين ڏچو ٿي ويو. تون نہ چوين ها تہ آئون هٿ ئي نہ لاهيان ها. سلمہ جي ماءُ ڪاوڙ مان چيس، مون مڙئي هن کي ڊپ پئي ڏنو سچ پچ توکي. . . . . . . . . . . لاءِ تہ نہ چيو هو. “ نينگر اداس ٿي پيو. دلڪش پنهنجي ساءِ چيو: ”ڇا مرڊر ڪيس!؟“ نينگر ڪجھ نہ سمجھندي وراڻيو: ”پوءِ مونکي ننڊ اچي ويئي ۽ مون پوائتا خواب پئي ڏٺا. جڏهن سلمہ کي پيٽ ۾ سور پيو ۽ ڊاڪٽر آيو تہ آئون سٽل هئس. دلڪش کي ٻارڙي جي سادگي عجيب لڳي. ڪار شهر جي حدن ۾ داخل ٿي تہ هن ڊرائيور کي پوليس ٿاڻي ڏانهن مڙڻ جو اشارو ڪيو. ٿاڻي تي دلڪش جي موجودگيءَ ۾ نينگر هبڪندي هبڪندي سڄي ڳالھ S. H. O کي ٻڌائي تہ دلڪش چيو ”صوبيدار صاحب! نينگر جي بيان کانپوءِ ڪنهن بہ شڪ جي گنجائش ناهي رهي. سلمہ جو موت نسورو قتل آهي. هوءَ ٻن مهينن کان وڏيري کي نو لفٽ ڪندي رهي هئي. جيڪا ڳالھ سندس ماءُ کي نٿي وڻي، ڇو تہ وڏيرو گهر جا سمورا خرچ پريندو هو. جيڪي سلمہ جي سسپين ٿيڻ کانپوءِ وڌي ويا هئا. سلمہ جي ماءُ پنهنجي تجربي جي بنياد تي اندازو لڳايو هوندو تہ انهن حالتن ۾ وڏيرو گهڻو وقت خرچ پري نہ سگهندو. هن سلمہ کي وڏيري سان ٺهڻ لاءِ راضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هوندي، پر ناڪام ٿيڻ پڄاڻا هن وڏيري کي زبردستي، سلمہ کي قائل ڪرڻ لاءِ چيو هوندو. واقعي واري رات هن جي چوڻ تي وڏيري سلمہ ۾ هٿ وڌا، مزاحمت ڪرڻ تي وڏيري جو زوردار ڌڪ سلمہ جي ڪنهن نازڪ عضوي تي لڳي پيو. جيڪو سندس موت جو سبب بڻيو هوندو. سلمہ جي موت جي تصديق ٿيڻ پڄاڻا، ڏوڪري ۽ وڏيرو ڪجھ دير لاءِ وائڙا ٿيا هوندا ۽ ڏوڪريءَ کي خيال آيو هوندو تہ سندس آمدنيءَ جو آخري ذريعو بہ بند ٿي چڪو آهي. پر جلد ئي هن هڪ ٻي ترڪيب آزمائي هوندي. جيئن سلمہ جي قتل جو راز فاش ڪرڻ جو دٻاءُ وجهي، وڏيري کان ڊگهي عرصي تائين خرچ وٺي سگهجي. نينگر جو ٻڌايل سندس اهو جملو ان سفر جي پهرين وک هو تہ ”مون ڪيس ڊپ پئي ڏنو سچ پچ توکي. . . . . . . . . . . لاءِ تہ نہ چيو هو“. ۽ ايئن ڏوڪري ۽ وڏيري ڪريم گڏيل مفادن تحت، هڪٻئي سان ملي، سلمہ کي پيٽ ۾ سور جاڻائي، ڪمپائونڊر جيڪو وڏيري جي ڳوٺاڻي اسپتال تي رهندڙ ۽ سندس خدمتگذار آهي، گهرايو هوندو. جيئن معاشري وارن اڳيان سندس اوچتي موت جو

ڊرامو ڪري سگهجي. صوبيدار حيرت مان دلڪش ڏانهن نهاريندي وراڻيو: "اهو سڀ ڪجھ مون اڳ ئي سمجهي ورتو آهي. آئون هينئر ئي سرزمين تي وڃان ٿو" دلڪش اعتماد مان چيو: "صاحب! آئون ڪورٽ تائين ٻڌل آهيان. بس سلمہ جو خون لوڙهڻ نہ گهرجي. " صوبيدار پوليس موبائيل ڏانهن وڌندي وراڻيو: "ڪٿڪو نہ ڪر آئون ترن مان تيل ڪڍڻ خوب ڄاڻان ٿو"

دلڪش ٺاٺي مان ٻاهر اچڻ ڪانپوءِ پنهنجي ميزبان مننار جي ڳوٺ پهتو. جتي ايندڙ ڇئن ڏينهن تائين بستر تي ليٽيل رهيو. سلمہ جي غير معمولي موت جي صدمي ڪيس ساٽو ڪري ڇڏيو هو. هن جو وجود وڙهندڙ سانن جي پيرن هيٺان لتاڙجندڙ ٻوڙن جيئن جهري، پڃي ۽ پري رهيو هو. پنجين ڏينهن هن کي خبر پيئي تہ سلمہ جي ڪتل جي انڪوائري لاءِ ويندڙ صوبيدار، وڏيري ڪريم جي اوطاق تي رات ترسي موٽي آيو. سلمہ جي موت جو سبب بہ پيٽ جو سور مڃيو ويو. دلڪش محسوس ڪيو تہ سلمہ جي ماءُ جيان صوبيدار بہ وڏيري جو همراز بڻجي پيو هو ۽ ايئن سلمہ جو خون لڙهي رهيو هو. دلڪش کي تصور ۾ انيڪ سنڌي نياڻين جا لاش، ناانصافي جي رڻپٽ ۾ نڌڻڪا پيل نظر آيا. جن جو ماس ڳجهون ۽ ٻگهڙ پٽي رهيا هئا! هن سوچيو: "سرمائيداريءَ جي عروج، پئسي کي غريب طبقي جي پهچ کان پري، رڳو مخصوص هٿن جي حاصلات بڻائي ڇڏيو آهي. معاشي ٻاڙائيءَ ۾ پئسي جي ڳولا، ڪيڏي نہ وڏي ڪميٽپائيءَ کي جنم ڏنو آهي. رشتا ناتا، محبتون، دوستيون، دلبريون ۽ ٻيو الاءِ ڇا ڇا پئسي جو محتاج بڻجي پيو آهي! موجودہ وقت ۾ انيڪ سماجي برائين جي جڙ پئسو آهي. انساني حياتي، چند ٽڪن عيوض وڪامي وڃي ٿي. رت جا رشتا بہ پئسن جي تارازيءَ ۾ بنھ هلڪا بڻجي پيا آهن!"

ٻئي ڏينهن هن زمين جي مقاطعي جا حساب ڪتاب ڪيا ۽ مقاطعي جو ڪاروبار ختم ڪري واپس ٿر روانو ٿيو. سلمہ جي وڇوڙي ڪانپوءِ، لاڙ ۾ هن جو ڪجھ بہ باقي نہ رهيو هو. موڪلائڻ مهل هن جي اکين مان وهندڙ ٻڻن ٻڻن لڙڪن، هن جي ميزبانن کي بہ روئاري وڌو!

ٿر ڏانهن ايندڙ بس ۾ شهر جون حدون ٽپڻ ڪانپوءِ، هن جون نظرون بس جي شيشن مان ٻاهر لغڙ جيئن اڏامڻ لڳيون. ساريالي فصل مٿان ٻگهہ پکين جا ولر، اتاوليون اڏارون ڪري رهيا هئا. چڙهندڙ سج جي روشنيءَ ۾ ٻنين ۾ واريل پاٽيءَ چاندي جهڙو رنگ پکيڙي ڇڏيو هو. ڦٽيون چونڊيندڙ هٿن جا ڇلا ۽ ڇنين جي ستارن جا اولڙا، نرمل نظارا آڇي رهيا هئا. آسپاس وڏن لوڙهن ۽ ڍگهن وٽن وارا ڳوٺ، جهٽ پٽ گذري ويندڙ منظر بڻجي، دلڪش جي اکين اڳيان ايندا رهيا ۽ هن جي سوچ، سلمہ جي ڳوٺ ۾ ٻير جي ٻينگهرن تي سڪندڙ آلن وڳن جيان، لوڙهن تي لٽڪي پيئي، جتي سلمہ جون يادون ڪنڊن جيئن هن جي احساسن ۾ ٽُنڻ لڳيون. بس ۾ لڳل ٽيپ ريڪارڊر مان، هيٺين ۾ هٽ وجهندڙ آواز اڀري رهيو هو.

**"تون پڇين ٿو پرين، مان هليو ڇو ويس!؟"**

***

دلڪش جي لاڙ وڃڻ جي خبر، ياسمين مٿان ڪنوڻ بڻجي ڪري پيئي. فاصلن ۾ وڏي ويل بدگمانيون، گهڙي گهڙيءَ جو گهاو بڻجي پيون. سلمہ سان رقابت جي احساس ۾، دلڪش جي لاڙ ۾ موجودگي، ڪيس پڳل هڏ جي عذاب جيئن پاسڻ لڳي! هن سوچيو: ”دلڪش ۽ سلمہ وري ملي ويا. هاڻ هوءَ ڪيس مونکان بدظن ڪرڻ جا حيلا هلائيندي. ٿي سگهي ٿو هاڻ ٻنهين جي شادي ٿي وڃي، مون سان ملڻ ۾ رڪاوٽن ڪانپوءِ دلڪش جي سوچ بدلجي سگهي ٿي. “ اهو سوچيندي هن کي پنهنجي هار ۽ سلمہ جي جيت محسوس ٿيڻ لڳي. ان وقت هن پاڻ کي بنهہ گهڻو بيوس محسوس ڪيو. بلڪل ايئن جيئن ننڊپڻ ۾ هوءَ ڪپڙي مان ٺاهيل گُڏڙين مان سيون آرپار هٽندي هئي تہ اهي بي حرڪت ۽ بي آواز رهنديون هيون! بيوسيءَ جي ان احساس، سندس وجود کي چڙ ۽ نفرت جي شعلن ۾ وڪوڙي ڇڏيو. هوش ۽ حواس جي حدن تان اوراگهيندي، هن سلمہ کي ڪچيون گاريون ڏيڻ شروع ڪيون. اکين مان لڙڪ ٿمڻ لڳس ۽ سندس سڄو جسم پگهر ۾ آلو ٿي پيو. اها سڄي رات هن جاڳندي گذاري ڇڏي. صبح هن اسپتال مان جلد موڪل ڪئي ۽ ننڊ جي گوري وٺي ڪمري ۾ سمهي رهي.

سندس اک کلي تہ شام جا پنج ٿي رهيا هئا. ڪجهہ دير وڌيڪ بستر تي ليٽيل رهڻ ڪانپوءِ هن چانهہ پيتي. ڏکي ننڊ کيس رات واري هيجاني ڪيفيت مان آجي ۽ ڪنهن حد تائين رليڪس بڻائي ڇڏي هئي. هن وري دلڪش سان پنهنجي تعلق ۾ حائل رڪاوٽن تي ويچار ڪيو. سلمہ جو خيال ايندي ئي وري کيس نفرت ۽ چڙ جي چٽنگ ڏُکندي محسوس ٿي، پر هاڻ ان ۾ راتوڪي شدت نہ رهي هئي. تڏهن هن دلڪش سان جلد کان جلد شادي ڪرڻ جي منصوبي تي سوچڻ شروع ڪيو.

دلڪش سان شادي ڪرڻ لاءِ هن کي ڪجهہ ڏکيائون محسوس ٿيون. سڀ کان پهريان جمال جي رضامندي ضروري هئي، ان ڪانپوءِ برادري ۽ چند ويجهن رشيدارن جي ناراضگي کي منهن ڏيڻو هو. پر سڀ کان وڏي مشڪل اها هئي تہ ٻن ٻارن ۽ پوڙهي جمال خان جي ڪفالت ۽ گڏ رهائش سميت دلڪش کي انهي تي رضامند ڪرڻو هو تہ شاديءَ بعد هو نہ رڳو کيس ملازمت کان نہ روڪيندو، پر لاڳيتو شهر ۾ رهائش بہ ڪرائيندو. اهي مسئلا جيترا وڏا هئا، ياسمين انهن کي ان شدت سان بلڪل ئي نہ ورتو. ڇو تہ هن هميشہ خواهشن کي حقيقتن تي حاوي رکيو هو! خواهشن جي حصول لاءِ هوءَ ”هجڻ “ تي سوچڻ بدران ”ٿيڻ“ لاءِ گهڻو ڪجهہ ڪري گذرندي هئي. اهو انداز هن لاءِ ڪڏهن معجزاٽيون خوشيون کٽي ايندو هو تہ ڪڏهن وري چڙچڙي مايوسي ۾ هوءَ قسمت تي بهتان ڏيڻ لڳندي هئي. اهو ئي سبب آهي جو هوءَ شاديءَ سان لاڳاپيل اصل مسئلن بدران وڌيڪ گهرائي سان، اهو سوچي رهي هئي تہ ڪهڙا ڪهڙا زيور گهرجن، ڪهڙي رنگ جا ۽ ڪيترا وڳا خريد ڪجن ۽ شاديءَ جي جوڙي ۾ هوءَ ڪيئن لڳندي؟! خوابن جي ان آئيني اڳيان، هوءَ ڪيترن ئي خيالن جا وڳا

پائيندي ۽ لاهيندي رهي. انهن خيالن مان هوءَ تڏهن سجاڳ ٿي، جڏهن ڪبير ۽ بشير هڪٻئي سان هاٿاپائي ڪندا، وڙهندڙ جهرڪين جيان جُهوڙ ٿي، هن جي پرسان اچي ڪريا. اهو جهيڙو ختم ڪرائڻ لاءِ هن کي دڙڪا، ڌمڪيون ۽ نصيحت سميت چاليهہ روپيہ بہ خرچ ڪرڻا پيا. خرچي ڪپائڻ لاءِ ٻئي ٻار بازار هليا ويا. ٻارن جي وڃڻ ڪانپوءِ بہ هوءَ دير تائين، شاديءَ جي رنگين تصور ۾ وڃايل رهي. ايندڙ ڪجهہ ڏينهن، انهن خيالن جو سحر هن مٿان ڇانئيل رهيو.

***

منجهند ويل هوءَ جيئن ئي ڊيوٽي تان موٽي رهي هئي تہ ٻهراڙيءَ جي هڪ عورت ڪيس لاڙمان موٽندڙ دلڪش جي ڳوٺ ۾ موجودگي جو اطلاع ڏنو ۽ ان ئي لمحي ياسمين، دلڪش جي ڳوٺ ملهاسر وڃڻ جو فيصلو ڪري ورتو. هوءَ دائي سليمت سان گڏ گهر آئي ۽ جمال خان کي اهو چئي ڪرائي جي ٽئڪسي آڻڻ لاءِ چيو تہ هوءَ هڪ هيلٿ ورڪر سهيلي سان ملڻ لاءِ، سندس ڳوٺ وڃي ٿي. دائي سليمت، ڪبير ۽ بشير سان گڏ، جڏهن هوءَ ڪرائي جي ٽيڪسي ۾ دلڪش سان ملڻ لاءِ وڃي رهي هئي تہ، دلڪش سان ملڻ ۽ سندس ڳوٺ ڏسڻ جو تجسس ڪيس تڙپائي رهيو هو. انهي سان گڏوگڏ دلڪش جي گهر وارن جي رويي جو سوال بہ، سندس سامهون واسينگ جيان ويٺل هوا؟

گاڏي پٽن وچان ڪچي رستي تي ڊڪي رهي هئي. آسپاس هاري ٻنين ۾ لاباروڪري رهيا هئا. ٻاجهر جا پڪل سونهري سنگهہ هوا تي رقص ڪري رهيا هئا. چمڪندڙ اس ۾ ننڍڙا ٻارڙا، ڳاڙهہ ڳريا ڇانهيا ڪائي رهيا هئا. ڪٿي ڪٿي ڪو مور ڇيڙن جو ٻج چُڳي رهيو هو ۽ ايئن هر زندگي پنهنجي پنهنجي رستي تي روان دوان هئي. پر هن لاءِ دريءَ کان ٻاهر ڏسندڙ لاءِ ڪو بہ منظر دل ٻهلائيندڙ نہ هو. هن جي اندر ۾ شاديءَ جي رنگبرنگي خيالن ۽ دلڪش سان ملڻ جي اٽنڊ اڳيان، ٻاهر جا نظارا اوليت ماڻي نہ پئي سگهيا!

گاڏي جڏهن دلڪش جي گهر اڳيان بيٺي تہ سڀئي گهروارا گرم جوشيءَ سان ياسمين سان ملڻ گهٽيءَ تائين نڪري آيا. چونئري ۾ ويهڻ ڪانپوءِ ياسمين کي دلڪش جي گهروارن جي روئيي ۾، مهمانوازي کان بہ ڪجهہ اڳتي، ڪنهن رشتي جي مهڪ محسوس ٿي! ان انوکي آدر ڀاءُ کي انجوائي ڪندي، ياسمين ڏٺو تہ دلڪش جي گهر ۾ صرف هڪ پڪو ڪمرو موجود هو ۽ جڏهن تہ باقي پنج ڪچا چونئرا هئا. ڪچو اڱڻ بنهہ ڪشادو هو. جڏهن تہ آسپاس سيني گهرن جا ڍڳها لوڙها، وسيع ايراضيءَ تي پکڙيل هئا، ان ڪري تازي هوا، گهر جي ڪنهن بہ ڪنڊ ۾ ڊوڙون پائي سگهي ٿي. هن کي ڪنهن بہ گهر ۾ چوپائي مال جو کِلو نظر نہ آيو. جنهن ڪري گندگيءَ جو ڪو نشان بہ نہ هو. ياسمين کي دلڪش جي اڻموجودگي ڪجهہ ڪجهہ رهڙيندڙ محسوس ٿي. پر جلد ئي اڪيلي پٽ تي ويٺل دلڪش کي هڪ ٻار سڏي آيو. جنهن ايندي ئي مسرورمُرڪ سان سندس آجيان ڪئي ۽ سامهون

ڪٽ تي ويهي رهيو. چونئري ۾ موجود فرد هڪ هڪ تي ڪسڪي ويا ته دلڪش چيو: ”غريبخاني کي ميزبانيءَ جو شرف بخشڻ لاءِ مهرباني! ۽ ها ـ زماني وارن جي اکين منجهه ڌوڙ وجهي مونسان ملڻ جي جرئت ڪرڻ لاءِ شاباش!“

ياسمين مرڪي وراڻيو: ”دلڪش! اها تنهنجي محبت جي ڪشش آهي، جيڪا ڇڪي آئي!“. چند لمحن لئه ڳالهين جو واسينگ ٽارو هٽي ويهي رهيو! اهڙي ماٺ، جنهن ۾ هڪٻئي جي پيار جو واس احساس ۾ اوتي، لفظن ۽ اشارن جي اڻمحتاج ٻولي، گهڻو ڪجهه ٻڌائيندي آهي!

نيٺ ياسمين خاموشيءَ مان ڦاٽ ڪائيندي، پڇيو: ”شهر ۾ ملڻ رسڪي تي پيو آهي، هتي به هرهر اچڻ ممڪن ناهي. ڪوحل ٻڌايو؟“

”جوڪم، احساس محبت ۾ انتها آٽيندو آهي. هڪٻئي کان ڌار هوندي به گڏ آهيون. هونئن به توسان محبت ڪرڻ ڪانپوءِ دلفريب يادگيرن ۾، آئون فراق ۽ وصل جو فرق وساري وينو آهيان! “

ياسمين هُجتي ڇڙٻ ڏيندي چيو: ”هاڻ خطن وارا ڊائلاگ نه هلندا، مون سان سچ پچ محبت ڪرين ٿو ته شادي ڪر!“. دلڪش وراڻيو: ”توسان شاديءَ لاءِ مون اڳ به گهر وارن کي ٻڌايو هو پر توسان ملڻ ڪانپوءِ هاڻ جڏهن منهنجي محبت انتهائن کي ڇُهڻ لڳي آهي ته، سوچيان ٿو متان شادي پڇاڙا تلخ سچايون، ان انوکي محبت جي عروج کي زوال ۾ نه بدلائي ڇڏين. “

”بڪواس!! محبت ڪرڻ وارا پاڻ آهيون، ان کي توڙڻ، نه توڙڻ به پنهنجي وس ۾ آهي. پاڻ ٻئي پنهنجي محبت جي پير تي ڪهاڙي نه هڻنداسين ته، محبت مرڻ جو سوال ئي پيدا ڪونه ٿو ٿئي“

دلڪش چيو ”اهو ته صحيح آهي، پر گهڻو ڪجهه انسان جي وس ۾ نه هوندو آهي. حالتن جي هٿن ۾ هلندڙ زندگيءَ جو ڪاروهنوار، انساني مرضي جو محتاج ناهي هوندو. وقت جي گردش مان پاڻمُرادو ڦٽندڙ حقيقتون ۽ هرهر ملڻ مان جنميل تضاد، نيٺ ويڇا وڌائي ڇڏيندا آهن “

ياسمين ناگواريءَ مان چيو: ”بيوفائي! شادي نٿو ڪرين ته صاف چئي ڇڏ، بهانا نه گهڙ، مونکي خبر آهي تنهنجي مائٽن ۽ برادري وارن، توکي شادي کان روڪيو آهي. تون انهن کان ڊڄين ٿو. آئون عورت ٿي ڪري ايترو اڳتي نڪري آئي آهيان. هاڻ تون مون کي رڻ راهي ٿو ڪرين“. دلڪش وراڻيو: ”ايترو جلد بيوفا جو لقب ڏيڻ لاءِ ٿورا ! آئون دربيش موجود، امڪاني ڪنڊن متعلق توکي ٻڌائي رهيو آهيان، جيئن محبت جا ڪنوارا پير زخمي نه ٿين ۽ تون جذباتي ٿي رهي آهين“. ياسمين چيو:”ڏک پنهنجن تي ٿيندو آهي، توسان محبت ڪريان ٿي، ان ڪري اجلايل گل به پٿر جيئن لڳيم ٿو. “. دلڪش ڳالهائڻ چاهيو: ”فرض ڪريو پنهنجي شادي . . . “. ياسمين سندس ڳالهه کي ڪٽيندي چيو:”آئون پنهنجي محبت کي مفروضن ۾ وڃائڻ نه ٿي چاهيان“

دلڪش چيو:”عملي زندگيءَ ۾، حسين محبت جون دلبريون برقرار رکڻ مشڪل هونديون، اهو توکي مفروضو لڳي ٿو. پر ڇا اهو به مفروضو آهي ته تنهنجي پوڙهي پيءُ ۽ ٻن ٻارن جو ڇا ٿيندو؟ ڌار رهيا ته

ڪيئن ۾ ڪٽي؟ گڏ رهيا تہ انهن جي مزاج تي پورو لهڻ، مون لاءِ ڪيئن رهندو؟ آئون بيروزگار، جڏهن تون ملازم آهين، انهي صورت ۾ معاشي تضاد آڏو ايندا. مون لاءِ لاڳيتو توسان گڏ رهڻ دوران، ڳوناٺي گهر ۾ رشتيدارن کي سنڀالڻ يا روزگار سان لڳڻ لاءِ وقت ڪيڻ ڪيترو مشڪل هوندو؟ ڇا اهي سڀ مفروضا آهن؟!"

ياسمين وراڻيو: "دنيا ۾ هر مسئلي جو حل موجود آهي. منهنجي شاديءَ کان پوءِ بابا منهنجي پيڻ سان گڏ رهندو. ڇوڪرن کي ٻن ٽن سالن ۾ سندن والد وٺي ويندو. باقي توکان سواءِ منهنجو ڪير آهي!؟ شادي کانپوءِ تون ئي گهر جو وسوارو هوندين. آئون سرڪاري ڊيوٽيءَ کانپوءِ پرائيويٽ ڪلينڪ تي ڪم ڪنديس. پنهنجي ڪلينڪ کولي ڏيندين تہ اتي ڪم ڪنديس. آٽڻ ڇاڙهڻ جي ذميواري ۾ ڏيتي ليتي تنهنجي هٿ ۾ هوندي. ڳوٺ تنهنجي ماءُ ۾ ڀيڻن جو گذرسفر خانداني زمين تي هوندو. ڪوٽ ٽوٽ ۾ هڪٻئي کي سنڀالبو. مهيني ۾ هڪ ٻہ ڀيرا ڳوٺ ايندا رهنداسين. جيڪو شهر کان پري ناهي!"

دلڪش وراڻيو: "ڇوڻ جي حد تائين تہ اهو ٺيڪ آهي، پر ڪرڻ ۾ ڪافي پيچيدگيون آهن! جيڪي حالتون توسان لاڳاپيل آهن، ان لاءِ اهڙو گهوٽ سازگار رهندو. جيڪو گهر نانيءَ جا فرض فرمانبرداريءَ سان پورا ڪري. ان ڪم لاءِ آئون غيرموزون ماڻهو آهيان. "

ياسمين جي چهري تي ڪاوڙ ۾ بيزاريءَ جا تاثر ابرڻ لڳا. چيائين: "وري ساڳي ڳن، ساڳي ڪهاڙي! تو پيل برادري ۾ سلمہ جي چورت تي هل! تون ڇا ٿو سمجهين تہ تنهنجي انڪار کانپوءِ آئون جڳ ۾ جيئنديس! مون بابا سميت سهلين کي بہ ٻڌائي ڇڏيو آهي تہ آئون ۾ دلڪش شادي ڪري رهيا آهيون. انهن اڳيان ڪهڙو نڪ ڪٽنديس"

"دلڪش چيو:"پليز ياسمين سمجهڻ جي ڪوشش ڪر! ويچاري سلمہ مري چڪي آهي. آئون ڪنهنجي بہ ڊڪٽيشن نہ وٺندو آهيان. تون ڇا چئي رهي آهين؟ "

"گهٽا هر زمين کي ڏبا آهن. تون منهنجو پيار آهين، آئون توکانسواءِ زنده رهي نہ سگهنديس. شادي نٿو ڪرين تہ مولا ڪري خوش هجين. جلد ئي منهنجي موت جي واڌائي ٻڌندين!" ياسمين اٿي بيٺي.

دلڪش چيو: "ويهہ تہ سهي ماني تيار ٿي رهي آهي"

. "آئون ڪجهہ نہ کائينديئس" هوءَ چونئري کان ٻاهر نڪري ويئي. اڱڻ تي پهچي، هن پرواري چونئري ۾ وينل دائي سليمت ۾ پرسان چار تي چڙهي ڳوٺ جي ٻارڙن سان راند ڪندڙ ڪبير ۾ بشير کي هلڻ لاءِ سڏ ڪيو. حڪيمہ سميت ٻيا گهروارا بہ مُڙي آيا ۾ ياسمين کي ڪجهہ دير ترسڻ ۾ ماني کائڻ لاءِ زور پرڻ لڳا، پر ياسمين لڙڪ لاڙيندي ۾ انڪار ڪندي رهي. گهٽي تي پهچي هوءَ ويهي رهي. سندس حالت نيم بيهوشيءَ واري ٿيڻ لڳي. آسپاس موجود عورتون ۾ ٻار پريشان ٿي پيا. حڪيمہ ڊوڙندي

دلڪش وٽ پهتي، پريشاني مان پڇيائين: ”ويچاري نياڻيءَ کي ڇا ٿيو اٿئي، ڏک ۾ بيهوش ٿي پئي آهي“

”امان! مون ڪجھ نہ ڪيو آهي، رڳو شادي ڪرڻ کان لاچاري ڏيکاري اٿم“

”گهوڙا آئون مُئيس! شاديءَ کان انڪار ڇو ٿو ڪرين؟ نياڻيءَ کي اٿ ڇاڙهي خوار ڪيئي، هاڻ پير پوئتي ٿو ڪرين. بابلا ايئن نہ ڪر! منهنجي ننڍڙي غلطيءَ، مون کان قاسم ڦري ورتو. تون ياسمين جي حياتيءَ سان ڪيڏي رهيو آهين. اُٿ! ياسمين کي بچائي، هوءَ مري ويندي، “ حڪيم پنهنجي ڇني دلڪش جي پيرن تي اڇلائيندئي، ايلاز ڪيا. دلڪش حڪيم سان گڏ تيز تيز وکون کڻندو ياسمين تائين پهتو. جيڪا پٽ تي ليٽيل هئي، سندس حالت نيم بيهوشيءَ واري هئي. دلڪش سندس ڪنڌ پنهنجي گوڏي تي رکندي سڏ ڪيو. ”ياسمين او ياسمين!“ هن اڌ کليل اکين سان دلڪش کي ڏٺو. دلڪش چيو: ”ياسمين! جيئن تون چاهيندئين، ايئن ٿيندو. اُٿ! اسين سڀ ڏاڍا پريشان ٿي رهيا آهيون“

ياسمين وري اکيون پوري ڇڏيون. دلڪش جي هانءُ ۾ وڍ پوڻ لڳا. سلمہ جي موت جو صدمو سهندڙ دلڪش، ياسمين سان بہ اهڙي موڪلاڻي جي رسڪ برداشت ڪرڻ جي حالت ۾ بلڪل ئي نہ هوا! ڪرڻ، نہ ڪرڻ، جي ڪشمڪش ۾، هن اُن هڪ گهڙيءَ جي گهيڙ تان ٽپ ڏيئي وڏو فيصلو ڪري ورتو: ”ياسمين تون برابر صحيح آهين. محبتن کي حاصل ڪري، وري وڃائي ويهڻ، وڏي خود فريبي آهي. خزائن جي خوف کان گلن جي سنگت کي ڇڏي ڏبو تہ، گلستان ۾ ٻج ڪير ڇٽيندو؟!. جيڪڏهن ايندڙ اونده جي انديشن ۾، چانڊوڪين کي پُٺي ڏبي تہ، ڪير ڪندو چنڊ جي اڀرڻ جو اوسيئڙو؟! ۽ جيڪڏهن ٻوڏ جي ڊپ ۾ پنهنجي ڪچي گهر جو اونو ڪري، بارشن کان منهن موڙي ڇڏبو تہ نہ سڪا وڻ ساوا ٿيندا ۽ نہ ئي ڪا اک لامن تي لڏندڙ پکين جا پيار ڏسي سگهندي! آئون پنهنجي محبت وڃائڻ جي غلطي هرگز نہ ڪندس. توکي پنهنجي ڪندس، توسان شادي ڪندس، ڪوبہ توکي مونکان ڌار ڪري نہ سگهندو. اُٿ ياسمين اُٿ! تنهنجن هٿڙن جي مهنديءَ جي مهڪ، پاڻ ۾ سمائڻ لاءِ هوائون بيقرار آهن!“

ياسمين گهبرائٽ واري انداز ۾ اکيون کوليون ۽ پاڻي گهرڻ کانپوءِ وري اکيون ٻوٽي ڇڏيون. دلڪش چيو:”اٿي ويهہ. منهنجي جيون ساٿياڻي! شاديءَ کانپوءِ محبت جي اڙانگي سفر جون وکون، مختلف رُخ ۾هلڻ لڳنديون آهن. اهوئي سفر هٿ ۾ هٿ ڏيئي هلڻ لاءِ هوندو آهي، اڌ ۾ هٿڙو ڇڏائي وڃڻ لاءِ نہ!“

ياسمين اٿي ويٺي. هن پاڻيءَ جو گلاس پيتو ۽ واپس ساڳئي چونئري ۾ ساڳي کٽ تي هلي ويٺي. ٿوري دير ۾، نارمل ٿيڻ پڄاڻا، هن ماني کاڌي ۽ پوءِ دلڪش ۽ سندس گهر وارن کي سمجهائڻ واري نوع ۾ چوڻ لڳي ”ٻن ڏينهن کانپوءِ اوهان جا ماڻهو رشتو گهرڻ لاءِ اچن. بابا ڪجھ بہ چوي اوهين ڌيان نہ ڏرجو. ڪيس مطئمن ڪرڻ منهنجو ڪم آهي “

۽ ايئن ڪجھ دير وڏيڪ صلاحون ڏيڻ کانپوءِ، هوءَ اکين ۾ آئيندي جا سپنا سجائي، هلي ويئي.

***

نومبر جي نماڻي شام ۾، دلڪش پنهنجي اوطاق جي اڱڻ تي بيقرار ويٺو هو. هن جون اکيون شهر ڏانهن ويندڙ رستي تي اٽڪيل هيون. بي چين ڪندڙ اوسيئڙي ۾، هوءَ رکي رکي اڱڻ تي بي مقصد چهل قدمي بہ ڪري رهيو هو. هن کي پيڻ صاحبان، ياءَ تبسم ۽ ياچائي سارا جي اچڻ جو انتظار هو جيڪي جمال خان کان رشتو گهرڻ لاءِ ٽيون ڀيرو شهر ويل هئا. شام واري گاڏي لنگهي ويئي، پر اهي نہ موٽيا هئا.

پهريون ڀيرو انهن جڏهن جمال خان کان رشتو گهريو هو تہ ٽپي باهہ ٿي ويو هو. هن تبسم وارن کي ڪچيون گاريون ڏيڻ شروع ڪيون. پرڀرو ويٺل ياسمين آڱر چپن تي رکي، چپ رهڻ جو اشارو ڪيو هو. ان ڏينهن جمال خان جي ڌمڪي آميز انڪار کانپوءِ، جڏهن واپس روانا ٿيا هئا تہ ياسمين چيو هو: ”اسانجي برادري ۾ اهو رواج آهي، رشتو گهرڻ وارا گاريون سهندا آهن. اوهين هفتي کانپوءِ ٻيهر اچجو. بابا راضي ٿي ويندو“

هڪ هفتي کانپوءِ وري ويا هئا تہ جمال خان جي انداز ۾ ڪو خاص فرق نہ هو. سواءِ ان جي تہ هو ياسمين جي اڻموجودگيءَ ۾ تبسم جي پيرن تي ڪري پيو هو تہ کيس رشتي لاءِ مجبور نہ ڪيو وڃي. ان مان اهو ظاهر ٿي رهيو هو تہ جمال خان ياسمين اڳيان بنھ بيوس هو. موٽڻ مهل ياسمين دلداري ڏيندي چيو: ”بابا جو انڪار دلڪش کي متان ٻڌايو، ڏک رسندس. اوهان وري اچجو. ڪڪڙ جو ٻچو ڏيڻ وارو بہ انڪار تہ ڪندو نہ!“

تبسم مايوسي مان وراڻيو: ”ڪڪڙ جي ٻچي ۽ انسان ۾ فرق آهي ادي! ڪڪڙ ڏيڻ واري جو تعلق سودي کانپوءِ ختم ٿي ويندو آهي، پر رشتو ڳنڍڻ کانپوءِ، انساني تعلق گهرو ٿي پوندو آهي. جيڪي رشتا تلخين سان جڙندا آهن، اهي اڪثر غير جٽاندار ثابت ٿيندا آهن. “

ياسمين شرمندگي مان چيو: ”ادا، بابا جي ڪن نہ ڪجو. پوڙهو آهي مهرباني ڪري وري اچجو“

موٽي اچڻ کانپوءِ تبسم سربستو احوال دلڪش کي ٻڌايو هو. ٻئي ڏينهن دلڪش مختصر خط لکي هڪ عورت هٿان ياسمين کي موڪليو هو، جنهن ۾ هن لکيو:

”اوهان جي والد صاحب جي بيدرد ۽ رسوا ڪندڙ انڪار تي ڪابہ حيرت ناهي، پر اهو پڇتاءُ ضرور اٿم تہ منهنجي خاطر ياءُ تبسم وارا ڊي گريٽ ڇو ٿيا آهن؟ بهرحال هاڻي انهن مان ڪو بہ رشتو گهرڻ لاءِ نہ ايندو مهرباني!“ ان کانپوءِ لاڳيتو ياسمين جا خط ۽ نياپا ايندا رهيا تہ، وري کيس هڪ موقعو ڏنو وڃي. سندس والد راضي هو. انهن ئي التجائن کانپوءِ، دلڪش ڪوشش ڪري تبسم وارن کي ٽيون ڀيرو رشتو گهرڻ لاءِ وڃڻ تي رضامند ڪيو هو ۽ نومبر جي نماڻي شام ۾، جنهن وقت دلڪش اوطاق

جي اڳڻ ۾، تبسم وارن جي اچڻ جو اوسيئڙو ڪري رهيو هو. تڏهن ﮀ اها اٽڻ ڪيس اتاولو ڪري رهي هئي تہ تبسم وارن کي ڪهڙي موٽ ملندي؟ اچڻ ۾ ايتري دير ڇو؟!“

دلڪش پُرتجسس اوسيئڙي ۾، اڱڻ تي ٽهلندو رهيو. ڪجهہ دير ڪانپوءِ ڇونئري جي پاڇي ۾ رکيل کٽ تي ليٽي پيو. عين ان وقت، سوني پنهنجي ننڍڙي پٽ ڏونگر سان گڏ، سندس پرسان اچي بيٺي. روئڻ سبب سندس اکيون ڳاڙهيون ۽ سُڄيل هيون. دلڪش جي اکين سان اکيون مليس تہ اوڇنگارون ڏيئي روئڻ لڳي. دلڪش پريشانيءَ مان کيس ماٿ ڪرائڻ کانپوءِ پڇيو: ”سوني ڇا ٿيو؟ روئين ڇو ٿي، خير تہ آهي ؟! “

سونيءَ ڇنيءَ سان ڳوڙها اگهندي وراڻيو: ”ڏونگر کي سيٺ ماريو اهي“

دلڪش جي نگاهہ بيساختہ ڏونگر تي اٽڪي پيئي، جنهن جو ڇهرو اپاٽڪو ۽ اکيون لڙڪن هاڻيون هئس. سوني بيٺي بيٺي ڏونگر کي چيو: ”پُٽان تا ڪميس پرهين ڪر تہ مُنجيري ڏک ڏسي“. ڏونگر پنن تان قميص مٿي ڪئي تہ لنين جا نشان چٽا نظر اچي رهيا هئا، جن تي ڦُٽي آيل رت جي ڳاڙهاڻ ۾ ڇمڙي سُڄيل هئي. دلڪش حيرت مان پڇيو ”سيٺ ماريو پر ڇو؟“

سونيءَ وراڻيو: ”ڏونگريو سيٺ لڇپت جي ڪڏي تي ڪم ڪندو اهي. گاليڇا ناهڻ وارو ماستر تہ هر روز ماريندو اهي، پر اڄ سيٺ پاڻ ڏاڍو ماريو. ڇورو لڪي ڀڄي آيو اهي، سپاٽي سيٺ هتي هليو ايندو. جا ڏونگر کي ٻڌي ڪٽي ويندو، جا قرض اوگاڙندو جا تہ مورڳو پوليس کان ٻڌائيندو. هاڻ ڪا مدد ڪر“ سوني دلڪش جي پيرن تي ڇني اڇلائيندي منٿ ڪئي. دلڪش دلداري ڏيندي چيس: ”ڪتڪونہ ڪر سڀ ٺيڪ ٿيندو، پر تون کٽ تي ويهہ تہ سهي!“ سوني پٽ تي ويهي رهي. سندس پرسان ڏونگر ﮀ ويهي رهيو. دلڪش وري کٽ تي ويهڻ لاءِ چيس، پر هوءَ پٽ تي ئي ويٺي رهي. ايئن ڄڻ هوءَ پنهنجي سماجي حيثيت کان واقف هئي. ننڍڙو ڏونگر ﮀ ڪنهن اڻ ڄاتي خوف ۾، سندس پرسان لڪيل سهي جيان، ڇپي ويٺل هو. دلڪش کيس ڇتائي ڏسڻ لڳو. هن جو قد، هاڻي ۽ مهانڊا، هوبهو دلڪش جهڙا هئا. دلڪش جي تصور ۾ ٻالڪپڻ جي پنهنجي اها بليڪ انڊ وائيٽ تصوير ايرڻ لڳي، جيڪا هن پنهنجي والد قاسم جي هنج ۾ ويهي ڇڪرائي هئي. ان تصوير ۽ ڏونگر جي شڪل ۾ حيرت انگيز هڪ جهڙائي هئي! ڏونگر کي ڇتائي ڏسندڙ دلڪش جي محويت کي محسوس ڪندي، سونيءَ چيو: ”ڏونگر مون وٽ توهجي نشاني اهي. آخري ڀيرو پنهنجي لڪي گڏجڻ کي، سوا اٺ سال ٿيا آهن. ڏونگر ﮀ هاڻ ساڍن ستن سالن جو ٿيو اهي “. دلڪش اکيون ﻗاڙي ڏونگريي ڏانهن ڏٺو. سونيءَ فخر سان چيو: ”سڄو تون ڇڪي ويو اهين رنگ، قد، مهانڊو، هوبهو تو جهڙو“

دلڪش وري ڇتائي ڏونگر ڏانهن ڏٺو. پيار ۽ پنهنجائپ جي عجيب احساس، دلڪش جي دل ۾ ڪتڪائي ڪئي ۽ هن کيس پاڻ ڏانهن سڏي، پاڪر ۾ ڀري ورتو. ڏونگر بي اعتباري، احساس ڪمتري ۽ معصوم حيرت مان ڪڏهن دلڪش ڏانهن، تہ ڪڏهن وري پنهنجن ميرن ڪپڙن ڏانهن

ڏسندو رهيو. معصوميت مان پڇيائين: ”سائين اوهان به اڇوت اهيو؟“ دلڪش مرڪندي وراڻيو ”نه نه!“ ڏونگر چرڪ ڀريندي چيو: ”پوءِ ته مون اوهان ڪي پليٽ ڪري ڇڏيو!؟“دلڪش سونيءَ ڏانهن نهاريو. سوني چيو: ”ڏونگر سيٺ جي جاءِ ۾، هن جي پيئڻ جي گلاس ۾ پاڻي پيتو ۽ گلاس پليٽ ٿيڻ جي ڪاوڙ ۾ ئي، سيٺ هن کي ماريو آهي. تو ڏانهن ايندي مون هن کي سمجهايو پئي ته پاڻ اڇوت اهيون. پاڻ لاءِ الڳ ٿان رکيل آهن. ٻين جي ٿان کي هٿ لاهينداسين ته اوبه پليٽ ٿي پوندا“

جملو پورو ڪري سوني خاموش ٿي ويئي. ڪجهه دير دلڪش کي ٽڪ ٻڌي ڏسڻ کانپوءِ، چيائين ”اوهان جيئن ڏونگر به ڏاڍو ڳالهيار اهي، مونکان پڇين پئي: ”پانکي پليٽ ڪنهن ڪيو اهي!“ چيم”پوئيين جنم ۾ پاڻ کو ڏوهه ڪيو هو . “ چئي: ”ڇا پاڻ ڪنهن سيٺ جي گلاس ۾ پاڻي پيتو هو؟“چيم”ڏوهه ته الاجي ڪهڙو ڪيو هو پر هينئر پوئين جنم جي ڪنهن ڏوهه جي سجا ڀوڳي رهيا اهيون!“ پڇيئين ”اها سجا ڪنهن ڏني اهي؟“ چيم ”ڏوهه ٿيڻ کانپوءِ ڀڳوان رسي ويو. ان ئي اسان کي سجا ڏني اهي“ پڇيئين ”ڀڳوان کي راجي ڪيئن ڪبو آهي؟“ چيم:”مندر ۾ پوجا ڪرڻ سان ڀڳوان راجي ٿيندو اهي“. چئين ”پانهنجي پاڙي ۾ ته کو به مندر نه اهي. سلام ڪوٽ ۾ وڏا مندر اهن، هلو ته اتي پوجا ڪري ڀڳوان راجي ڪريون“ آئون ماٺ رهيئس پاڻ ئي چئين ”اتي سيٺ ۽ ڀڳت وينا اهن، پانکي اندر گهڙڻ ئي ڪون ڏيندا، ڇو ته پاڻ اڇوت اهيون!. “

دلڪش ڏونگر ڏانهن ڏٺو جيڪو دلچسپي سان ماءُ جون ڳالهيون ٻڌي رهيو هو. دلڪش، ڏونگر کي وارن تي پيار ڪيو. ڏونگر دلڪش جي ڪپڙن تي حسرت مان هٿ ڦيريندي پُڇيو: ”اوهان هي ڪپڙا ڪٿان ورتا اهن؟“

”مون اهي شهر مان خريد ڪيا آهن“

”اوهان ايترا گهڻا پئسه ڪٿان آندا اهن؟“

”مون ڪمائيءَ مان بچايا آهن“

”رگو ڪمائي ڪرڻ سان پئسا ڪيئن ملندا؟ “

”محنت سان ڪم ڪبو ته پئسه ملندا “

”اوهان ڪوبه ڪم نه ڪندا اهيو اوهان جو ڪم هاري ۽ ڏنار ڪندا اهن. اسين سڄو ڏينهن ڪم ڪندا اهيون. امان ٻني جو، آئون ڪڏي جو ۽ ابا سڄو ڏينهن شهر ۾ همالون ڪٽندو اهي، پر اسان کي سنا ڪپڙا وٺڻ ۽ سنو کاڌو کائڻ لاءِ پئسه نٿا ملن. ائين ڇو آهي سائين؟ ائين ڇو آهي؟!“

دلڪش لاجواب سوالن جي رڃ ۾ ڀٽڪندو رهيو. لاجواب سوالن جا جواب يا ته ڳوڙها ٻڻجي اکين مان وهي نڪرندا آهن يا وري ٿوهر ٻڻجي وجود ۾ ڦٽي پوندا آهن! دلڪش کي خاموش ڏسي ڏونگر پنهنجي ساءِ ڳالهائو ”اسان کي پئسه نٿا ملن، اي ڀڪ سان پوئين جنم جي سجا اهي، اسانکي پئسه ڪين ملندا؟ اسين ته پليٽ اهيون، تڏهان ئي ته اسانجا ٿانءُ الڳ رکيل هوندا اهن!“

دلڪش جي وجود ۾ هڪ ٻيو سوال شيشي جي گلاس جيئن ٽٽي پيو: ”انسان لاءِ انسان وٽ الڳ ٿانءُ!؟ ڇو . . . ؟!“

دلڪش ٽپ ڏيئي اٿي بيٺو. سوني ۽ ڏونگر لمحن لئہ ڏڪي ويا. دلڪش چونئري جي جاليءَ تي اڇوتن لاءِ الڳ رکيل ڪولهو ڪوپ ۽ گلاس ڪٽي ورتا ۽ زور سان اڱڻ تي اُڇلايائين. گلاس ۽ ڪوپ جا ٽڪرا سڄي اڱڻ تي پکڙجي پيا. دلڪش کيسي ۾ هٿ وجهي، پئسن جي ٿهي ڪڍي ورتي. سونيءَ کان پڇيائين: ”سيٺ لڇپت جو قرض ڪيترو آهي؟“

سونيءَ معصوميت مان ورٽيو”ڏهہ هزار روپيہ“

دلڪش کيس 11 هزار ڏيندي چيو: ”ڏهہ هزار سيٺ کي ڏجو باقي پئسن مان ڏونگر لاءِ ڪپڙا، جتي ۽ ڪتاب خريد ڪجئو. سياڻي کان  ئي ڏونگر اسڪول ويجي، سندس خرچ آئون پريندس“. سوني نماڻين  نظرن سان کيس ڏسڻ لڳي. سندس نظرون احسانمنديءَ جي بار ۾ ٿاٻڙجي رهيون هيون ! ان مهل ئي ٻوناٽي اسٽاپ تي ڇڪڙي جو هارن وڳو دلڪش جا پير بيساختہ اسٽاپ ڏانهن وڌڻ لڳا.

ڇڪڙي مان لهندڙ تبسم، صاحبان ۽ سارا جا چهرا مرجهايل هئا. دلڪش سمجهي ورتو تہ جمال خان جي انڪار جا اثر، تبسم وارن جي چهرن تي قٽي آيا هئا. واپس گهرن ڏانهن ايندي تبسم چيو: ”جمال خان رشتي ڏيڻ کان ڪتو جواب ڏيئي ڇڏيو آهي، ياسمين اسانکي وري وري ڪوشش ڪرڻ لاءِ چيو پر هر دفعي جمال خان جا ڳُتا لفظ ٻڌڻ ڪانسواءِ ڪجهہ بہ پلئہ پئجي نہ سگهيو“ دلڪش خاموش رهيو. صاحبان چيس”ياءُ تون مايوس نہ ٿي تولاءِ رشتا ڪوڙ“. سارا چيو: ”لڳي ٿو ياسمين ۽ جمال خان وچان وڏو جهيڙو ٿيو هوندو. ياسمين جمال جي باربار انڪار ۽ آڪڙيل رويي تي ڪاوڙيل هئي. “تبسم چيو: “ها ايئن ٿي سگهي ٿو. پر جمال خان هرگز نہ مڃيندو. ڇو تہ ياسمين جو رشتو ڏيڻ پڇاڻا اصولي طور ياسمين جي ڪمائيءَ تان سندس حق ختم ٿي ويندو. ياسمين کي پرٽائي، پاڻ ٻک مرڻ جي رسڪ کڻڻ ڏکي ڳالهہ آهي! “ صاحبان بہ ها ۾ ها ملائي.

***

ياسمين پهريان تہ جمال خان جي انڪار کي والدين جو روايتي انڪار سمجهيو  پر پوءِ  هن جڏهن جمال خان کي سمجهائيندي چيو: ”ڏس بابا ! آئون جوان آهيان ۽ ملازمت سبب روز ڪيترن ئي مردن سان ملڻ جلڻ بہ ٿئي ٿو هن سماج ۾ ڇڙي عورت لاءِ وک  وک تي مسئلا پيدا ٿين ٿا. مذهب بہ  ڇڙي عورت لاءِ جهٽ پٽ شاديءَ جو حڪم ڏيئي ٿو. تہ پوءِ اوهان منهنجي آيل رشتي کان انڪار ڇو ٿا ڪريو؟ “

جمال خان وراٽيو: ”ڏاريان ماڻهو ٻارن کي ڪو نہ سنڀاليندا، ڏارين ۾ تنهنجو رشتو ٻارن جي آئيندي لاءِ هاڃيڪار آهي“  ياسمين چيس: ”اگر ڏارين ۾ رشتو نٿا ڪريو تہ پوءِ پنهنجن ۾ ڪريو. اڳيون

رشتو بہ پنهنجن ۾ ٿيو هو!“ جمال خان خاموش ٿي ويو. اهو سوچي ڪيس ڏک پهتو تہ پوڙهپڻ ۾ هوءَ ئي سندس سهارو هئي، پر ڪيس، سندس ذرو بہ فڪر نہ هو! جمال خان جي اها خاموشي، ياسمين کي اڻ سڌي ”هاڪار“ محسوس ٿي ۽ هن جمال خان کي وڌيڪ مطئمن ڪرڻ لاءِ چيو:”ڏسو! شاديءَ کان پوءِ ٻار بہ مونسان گڏ هوندا، اوهين بہ مونسان گڏ رهندا. باقي برادريءَ جا چند ماڻهو ناراض ٿي سگهن ٿا، اهي بہ ٽرڪان ٻاهر رهن ٿا، ڪهڙو ٿو فرق پوي، “ جمال خان حيرت مان اکيون ڦاڙيندي پڇيو: ”ڇا شاديءَ کانپوءِ دلڪش کي مون ۽ ٻارن جي گڏ رهڻ تي ڪوبہ اعتراض ناهي!“ ياسمين اعتماد مان وراڻيو: ”دلڪش سنو ماڻهو آهي، سڀ ٺيڪ ٿي ويندو. اوهين بي فڪر رهو“ جمال خان ماٺ رهيو. ياسمين اتساهہ مان چيو: ”ہ دفعا اوهان جي انڪار کان پوءِ، دلڪش وارا مايوس ٿي پيا آهن، انهن رشتو گهرڻ لاءِ وري ڪڏهن بہ نہ اچڻ جو قسم کاڌو آهي، پر مون هڪ ڀيرو وري اچڻ لاءِ مس مس راضي ڪيا آهن. انهن جي گهرن جون عورتون، مونسان اسپتال ۾ ملڻ ايندیون آهن. انهن ٻڌايو تہ اهي سڀاڻي وري آخري اميد سمجهي رشتو گهرڻ ايندا، اوهان انڪار نہ ڪجئو. اهي رشتي تان هميشہ لاءِ هٿ کڻي ويندا. اوهانجو انڪار ٻڌي دلڪش خودڪشي بہ ڪري سگهي ٿو“. جمال خان دل ئي دل ۾ سوچيو: ”دلڪش آپگهات ڪيو تہ آيو آڱوٺي تان، پڻ ڇُٽندي جان!“ پر دل جي ڳالهہ چپن تي آڻي نہ سگهيو، مالي طور ياسمين جي محتاجيءَ، سندس اندر جي آواز کي، اندر ۾ ئي دٻائي ڇڏيو. ياسمين چيو: ”ڏسو بابا! منهنجي زندگي، تهڻ جو اوهان وٽ آخري موقعو آهي!“ اوچتو جمال خان جي مرجهايل چهري تي مرڪ موٽي آئي. هن دل ئي دل ۾ ان مسئلي جو حل ڳولي ورتو جنهن کيس گذريل چند هفتن کان پريشان ڪري ڇڏيو هو. هن دل ئي دل ۾ فيصلو ڪيو تہ آخري ڀيرو رشتو گهرندڙن کي هو انڪار ڪري ڇڏيندو جنهن کان پوءِ اهي وري نہ ايندا. دلڪش آپگهات ڪيو تہ ان جو ذميوار هو پاڻ هوندو. جمال خان جي چپن تي وري مڪار مرڪ تري آئي پر ياسمين کي ان مرڪ ۾ هڪ والد طرفان ڌيءَ جي زندگي تهڻ جي سپني جي ساڀيان جي خوشي نظر آئي! ان وقت جمال خان، ياسمين کي بنهہ ٻاجهاري هستي محسوس ٿيو.

ٻئي ڏينهن تبسم وارا جيئن ئي پهتا تہ ياسمين کين چانهہ پياري، پنهنجي هٿن سان ناشتو ناهڻ لڳي ويئي. جمال خان بہ پنهنجي مهمانن سان گرمر جوشي سان مليو. جمال خان جي رويي جي ان تبديليءَ، سيني کي خوشفهميءَ جي بوتل ۾ وجهي ڇڏيو. ياسمين جي اکين ۾ شاديءَ جي سپنن جا ڪنول ڪڪورجڻ لڳا. مهمانن کي منجهند جي ماني کارائڻ کانپوءِ، هوءَ بيمقصد سپنا ڪلينڪ تي هلي ويئي. جيئن تبسم وارا نويڪلائيءَ ۾ جمال خان سان رشتي جي ڳالهہ ڪري سگهن. هن نج سنڌي چوڪريءَ جيان رشتي جي ڳالهہ ٻولهہ دوران پاڻ کي پاسيرو رکڻ ٿي چاهيو! صاحبان جمال خان کي چيو: ”چاچا اسين رشتي لاءِ آيا آهيون“ تبسم چيو: ”هرهر اوهانکي تڪليف ڏيندي شرمنده آهيون، پر اوهان وڏي دل جا مالڪ آهيو. اميد تہ اسانکي رشتيداريءَ جي قابل سمجهي عزت بخشيندوءِ!“

جمال خان جي چهري جا رنگ بدلجڻ لڳا. تبسم کي مخاطب ٿيندي چيائين: ”تون مون لاءِ تنهنجي پيءُ جو رشتو ڏي !؟“ تبسم کو بہ جواب نہ ڏنو. چند لمحن کانپوءِ جمال خان چيو: ”ڏس! منهنجي ڳالهہ توکي ڏکي لڳي نہ! ايئن تنهنجي ڳالهہ بہ مونکي ڏکي لڳي ٿي، اوهانکي اڳ بہ ٻہ دفعا معذرت ڪئي اٿم. پوءِ وري بہ اڄ ڪهڙي نڪ سان آيا آهيو!“ تبسم کي خيال آيو تہ چوي: ”اڄ اسين آيا نہ آهيون. پر گهرايا ويا آهيون. اسان جي گهرج ۽ تنهنجي ٽنول ۾ فرق آهي !“ پر ياسمين خاطر خاموش رهيو.

ياسمين سپنا ڪلينڪ تان واپس موٽي آئي تہ بورچيخاني ۾ موجود سندس بورچياڻيءَ ڪيس جمال جي انڪار متعلق ٻڌايو. سندس سپنن جو شيش محل ٽڪرا ٽڪرا ٿيڻ لڳو. ڪيس جمال خان تي شديد ڪاوڙ اچڻ لڳي. هن وڏي مشڪل سان پنهنجو پاڻ تي ڪنٽرول ڪيو! مهمانن کي منجهند جي ماني ڪارائڻ کانپوءِ هن کين شام تائين ترسائي ڇڏيو. شام جو هن تبسم کي الڳ ڪمري ۾ گهرائي چيوتہ هو اڃا هڪ ڀيرو جمال خان سان رشتي متعلق ڳالهائي، پر تبسم، معذرت ڪندي چيو”هرهر جي بيزاريءَ کان هڪ دفعي جي لاتعلقي بهتر آهي!“ پر ياسمين پنهنجي ڳالهہ تي پڙ ڪيو بيٺل رهي: ”آخري دفعو چئوس !“ نيٺ ياسمين جي خواهش خاطر، وڃڻ وقت تبسم چيو: ”چاچا جمال! هاڻ اسين هلون ٿا“ جمال خان وراڻيو:”ماشاءُ الله“ تبسم چيس: ”چاچا اسين وري بہ التجا ٿا ڪريون تہ اسانکي ائين خالي نہ موٽائي!“جمال خان ڪاوڙ مان وراڻيو: ”اوهان ڪهڙي ٻولي سمجهندا آهيون؟ سويل منهنجي ڪيل ڳالهہ اوهان کي سمجهہ ۾ ڪو نہ آئي !؟“ تبسم مايوسيءَ مان ياسمين ڏانهن نهاريو. ياسمين جي چهري تي ڏک ۽ ڪاوڙ جا مليل جليل رنگ وکريل هئا. تبسم، ياسمين کان موڪلائي، صاحبان ۽ سارا سان گڏ، دروازي مان ٻاهر نڪري ويو!

تبسم وارن جي وڃڻ کانپوءِ، ياسمين جمال خان جي سامهون وڃي بيٺي. هن جي وجود ۾ نفرت ۽ ڪاوڙجا ٽانڊا دکي رهيا هئا. هن جمال خان جي اکين ۾ اکيون وجهندي پڇيو: “ڇا تون مون کي سچِي جمار ڇڙي ڏسڻ چاهين ٿو؟ ڇا تون چاهين ٿو تہ آئون ڪمائيندي رهان، تون کائيندو رهين!؟ منهنجي خوشيءَ کان وڌيڪ توکي پنهنجي پيٽ جو الڪو آهي!؟ “

جمال خان حيرانيءَ مان وراڻيو: ”تون مونکي دشمن ٿي سمجهين! ڏاريان تو کي ڏک ڏيندا تہ ڇيت مون کي لڳندي، منهنجو فرض بڻجي ٿو تہ توکي غلط ڪم کان روڪيان “

ياسمين سختيءَ مان چيو: ”ڇا تنهنجي فرض ۾ اهو شامل ناهي تہ منهنجي شادي ڪرين. آئون سالن کان ڇڙي ويني آهيان. زماني وارا الاءِ ڇا ڇا چوندا هوندا، پر تنهنجي ڪن تي جُون ئي نٿي سُري! تون هميشہ ديني هدايتون ڪندو آهين، ڇا اها تنهنجي ديني ذميواري ناهي تہ تون منهنجي شادي ڪرائين ؟“ جمال خان کي منجهہ ٿيڻ لڳي. ياسمين ڪڏهن بہ هن کان اهڙا سوال نہ پڇيا هئا، ان ڪري پهريون ڀيرو ياسمين جو اُگرو رويو هن لاءِ آنڌ مانڌ بڻجي پيو. ياسمين جي حقن ۽ پنهنجي

فرضن کان وڌيڪ، ياسمين کي شاديءَ کان روڪڻ وارو سوال، هن اڳيان وڌيڪ اهم بڻيل هو. اڪثر ڪري ديني حقن ۽ فرضن جي تبليغ ڪندو رهندو هو پر اهو پهريون ڀيرو هو جو سندس پسند اڳيان اهي رڪاوٽ بڻجي پيا هئا، ۽ هن انهن کي پهريون ڀيرو ان زاويي سان پاڻ تي لاڳو ڪري ڏٺو هو!. هونئن ﺑہ فرضن کان ﭘُﻨﻴﺮو ٿيڻ جو ڪارڻ اڪثر بي ڌياني، سستي، پسند ۽ مفاد هوندا آهن.

جمال خان خاموش رهيو. هو دلڪش تي خار کائڻ لڳو محرومي جو انتها پسندانہ اظهار ساڙ هوندو آهي ۽ جمال خان کي اها محرومي ڏنگي رهي هئي تہ، هن جي پيارڙي ڌيءَ ياسمين، دلڪش کي حاصل ڪرڻ لاءِ، سندس مشورن کي ٺُڏي رهي هئي.

جمال خان جي خاموشيءَ، هڪ ڀيرو ٻيهر ياسمين کي خوش فهميءَ ۾ وجهي ڇڏيو سندس ڪاوڙ ختم ٿي وئي. معصوميت مان منٿ ڪندي چيائين: "اجا ﺑہ وقت ويو ناهي، اوهانجي هاڪار منهنجي زندگي سنواري سگهي ٿي"ياسمين جي نرم ۽ عاجزانہ رويي، جمال خان کي وڌيڪ شھہ ڏني. هن ڌوڏا ڦاڙيندي وراڻيو: "ايئن ٿي نٿو سگهي........... منهنجي جيئري ايئن ٿي نٿو سگهي"

ياسمين اچرج مان جمال خان کي ڏٺو. ڪيس خود فريبيءَ جو احساس ٿيڻ لڳو. هن رعب مان جمال کي چيو: "آئون پاڻ ڪمايان ٿي، پنهنجو کائُ ٿي، تنهنجو مون تي ڪهڙو حق آهي جو حڪم ٿو هلائين؟!. آئون عورت آهيان، ڪوٽ ٽوٽ ۾ قرض کٽي ﺑہ گهر جو گاڏو هلايان ٿي، تون پيءُ آهين، ڪڏهن گهر جو ڪو بار کنيو اٿئي؟! مر..... چاهين ٿو پل مري وڃ، پر آئون ڪورٽ ۾ وڃي پنهنجو حق حاصل ڪنديس"

جمال خان وڏي اوچنگار ڏيئي چيو:"ٻارن کي حاصل ڪرڻ جي ڪيس ۾ آئون هر ڏک سک ۾ توسان گڏ هئس، آئون تنهنجو پيءُ آهيان، مون توکي پاليو آهي، اڄ تون مونکي ايئن ڌڪارين ٿي!"

ياسمين جارحانہ رويو برقرا رکندي چيو: "هاڻ مونکي خبر پيئي آهي تہ ٻار حاصل ڪرڻ ۽ مڙس کان عليحدگي لاءِ تنهنجو اڪسائڻ اصل ۾ همدردي نہ پر مطلب هو. جيئن منهنجي ڪمائي تي تنهنجو حق پڪو ٿئي. پر هاڻ ڪن ڪولي ٻڌي ڇڏ. آئون پنهنجي ديني ۽ قانوني حق موجب شادي ڪنديس. تولاءِ ﺑہ آپشن آهن. يا تہ تون هينئر ئي مونسان گڏ ملهاسر هلي رشتو پڪو ڪر. يا هي گهر ڇڏي هليو وڃ "

جمال خان اٿي وڃي ٽيلهو ڪنيو ۽ ان ۾ پنهنجا ڪپڙا وجهڻ لڳو. جيئن رسي وجهڻ جو احساس ڏياري، ياسمين جي دل ۾ همدردي پيدا ڪري سگهجي. ٽيلهو ڪڇ ۾ وجهي در تائين ايندي، هن ياسمين جي سڏ جو انتظار ڪيو تہ هوءَ ڪيس نہ وڃڻ لاءِ منٿ ميڙ ڪندي، پر ياسمين جي خاموشيءَ هن جي ڏنڌلين اميدن جا لاهہ ڪڍي ڇڏيا!

جمال خان در تي پهچي بيهہ رهيو رحم طلب نگاهن سان، اڳڻ تي ويٺل ياسمين ڏانهن ڏسندي چيائين: "ياسمين بابا، ڪاڏو پيتو معاف ڪجان! ياسمين چيس: " مونکي ﺑہ معاف ڪجان " جمال خان

کي اهو ڏسي بنهه گهڻو رنج رسيو ته ياسمين ڪيس ترسن لاءِ هڪ لفظ به نه ڳالهايو. جمال خان در جو هڪ طاق کوليو نه ڪجندڙ قدمن سان اڳتي وڌڻ لڳو. سندس ڪيفيت لشڪر ۾ زوري شامل ڪيل ان فوجيءَ جهڙي ٿي پيئي، جنهن جي پويان پنهنجن جون گوليون ۽ اڳيان جنگ جو ميدان هوندو آهي!

”اجان به وقت ناهي ويو سوچي وٺ!“ ياسمين جو آواز جمال خان جي ڪنن تائين پهتو. هو در جي چائنٺ تي بيهي رهيو. ياسمين چيس: ”ڪجهه هوش ڪر رسي ٽپڙ ويڙهي ويندي سنو ٿو لڳين يا پنهنجي هٺن سان منهن ڏوئي، رشتو ڏيندي سنو ٿو لڳين ؟!“

جمال خان وڏي اوچنگار ڏني ۽ واپس اچي ياسمين جي پرسان بيٺو. روئندي چيائين:”مون چاهيو ٿي ته ڏارين کان بچجي پر تنهنجو ضد..............!“ هو جملو پورو ڪري نه سگهيو. ؟! ياسمين چيس: ”برادري وارن ڪڏهن توکان رشتو گهريو. منهنجي طلاق ڪانپوءِ ته انهن ڪاوڙجي تعلق ٽوڙي ڇڏيو آهي. هونئن به طلاق ڪانپوءِ ٻن ٻارن سان گڏ رشتي لاءِ ڪير راضي ٿيندو؟“ جمال خان ڪو به جواب ڏيئي نه سگهيو.

جمال خان سان گاڏيءَ ۾ چڙهي ملهاسر ويندي، ياسمين کي پنهنجي منزل اکين اڳيان نطر اچڻ لڳي. منزلون جڏهن اکين اڳيان هونديون آهن، ته نه سفر جا ٽڪ ياد رهندا آهن ۽ نه آئيندي جا انديشا ڏيان چڪائي سگهندا آهن ! آسپاس کان بي نيازيءَ جي ڪيفيت ۾، انسان منزل ملڻ ڪانپوءِ امڪاني واقعن ۽ سببن کان لاتعلق ٿِجي ويندو آهي !

گاڏي دلڪش جي گهر اڳيان بيٺي ته ياسمين، جمال خان سان گڏ دلڪش جي اڱڻ تي هلي آئي. هاڻ هوءَ ريتن، رسمن ۽ لوڪ جي دستورن کان بلڪل لاپرواهه هئي. ميزبانن جون حيرت واريون نظرون، مهمانن تي اٽڪيل هيون. لاڳيتو رشتيداريءَ کان ڪُتو انڪار ڪندڙ جمال خان کي جڏهن اهو چوڻو پيو ته ڪيس اهو رشتو قبول هو ته پهريون پيرو ڪنهن کي به پنهنجي ڪنن تي اعتبار نه آيو. حڪيم رشتو پڪو ڪرڻ جي تسلي خاطر، ڳوٺ جون عورتون گهرائي ڳيت ڳارايا ۽ ڳُڙ ورهايو.

***

# شادي ۽ تلخيون

دلڪش انتهائي سادگيءَ سان شادي ڪئي ۽ ڪنوار کي مختصر ڄڃ ۾ گهر وٺي آيو. خانداني دهلاريءَ دهل وڄايو. عورتن شاديءَ جا سهرا ڳايا ۽ ويجهن عزيزن گهورون گهوريون. ٻي ضلعي ۾ رهندڙ مائٽن مان، چند ماڻهن جي امڪاني مزاحمت کان بچاءُ لاءِ، ياسمين جي عدالتي بيان کي ضروري سمجهيو ويو. دلڪش جي گهروارن چاهيو هو تہ وڏو ڪاج ڪجي، ڪشادو چنو متاري ڦندڙ جو گوشت، پلاءُ، چاشني، ڳائڻ وڄائڻ، رقص ۽ آخر ۾ ترگس، جنهن ۾ سهڻن سنجن وارن گهوڙن ۽ رنگين جُهلن وارن اٺن جي ڊوڙ ۽ پوءِ واھ واھ! پر دلڪش لاءِ اهو سڀ ڪجھ ڏيکاءُ ۽ پئسي جي ضيان کان وڌيڪ، ڪجھ بہ ڪين هو. احبابن جي خواهش خاطر ايئن ڪري بہ ها، پر سندس مالي حالت بہ ان جي موڪل نٿي نہ ڏني. ان ڪري هن احبابن جي اڻوٽت ۽ سماجي عيب جوئيءَ جي ڪابہ پرواھ ڪون ڪئي. هونئن بہ هن زندگيءَ ۾ سماجي ساراھ يا بدنامي کي، ڪڏهن بہ خاص اهميت نہ ڏني هُئي. ايئن سوچي ها تہ ياسمين سان سندس شاديءَ جو ٿيڻ بہ امڪان کان ٻاهر هوا!.

سهاڳ رات عورتن روايتي سنوڻ سات ڪيا، عورتن جي چرچن ۽ ڀوڳن ۾، موڙ ٻڌل دلڪش کي، اهو الکو تڙپائي رهيو هو تہ متان ياسمين ڪنهن ڀوڳ تي چڙي پوي، پر حڪيم سيني عورتن کي سمجهائي ڇڏيو هو تہ ياسمين سان ڪوبہ هُجتي مذاق نہ ڪيو وڃي، ڇو تہ هوءَ پرديسڻ ۽ پڙهيل لکيل ڪنوار هئي. ان ڪري ڪنهن بہ ياسمين سان بي تڪلفي نہ پئي ڪئي. عورتن جي ان جهرمٽ ۾، دلڪش کي پنهنجين حقيقي سالين جي شديد ڪوٽ محسوس ٿي رهي هئي!

جڏهن گهوٽ ۽ ڪنوار کي اڪيلي ڪمري ۾، سندن بستر تي آندو ويو تہ ٻاهريان آيل مهمان عورتن مان هڪ ڪنواريءَ ڇوڪريءَ ويندي ويندي شرميلي شرارت مان چيو: ”مايون ڏسو تہ سهي، ڪٿ ڇيچات ڪندڙ تہ ناهي، ماڳهين سين جي ننڊ ڦٽائي!“ ياسمين خارن مان چڙب ڏيندي وراڻيو: ”ڦهرئين تون ليٽي ڏس، جيئن اها خبر پوي تہ ڇيچات ڪري ٿي يا نہ!؟“ ڪنواريءَ ڇوڪريءَ ياسمين جي ان چڙٻيلي مذاق تي ناراض ٿيڻ بدران محظوظ ٿيندي، عجيب ادا مان وراڻيو: ”پر اڄ اهو نيڪ ڪم اوهانکي سونپيل آهي!“ ياسمين تپي باھ ٿي ويئي. ڪنوار وارو حجاب هڪ پاسي رکندي، ست سُريون ٻڌائڻ لڳي. ”رن ڪِني! بيحياءُ، بيشرم ڪُتي!“ ياسمين ڪاوڙ مان وڪلڻ لڳي. دلڪش سندس پرسان ويهندي پيار مان چيو: ”ياسمين شاديءَ جو موقعو هوندو ئي خوشي ۽ مذاق لاءِ آهي، ڪاوڙ نہ ڪر!“ياسمين چڙب ڏيندي چيو: ”ڏوڙ جي خوشي، رنون مونکي مهڻا ڏيئي وبون آهن“ دلڪش افسوس مان وراڻيو: ”ڇوڪري مهمان آهي، ڇا ڇئون!“ ياسمين روئڻ لڳي: ”منهنجو پاڳ ڦٽو ڏارين ۾ ڦاٿيس،

برادريءَ کان ٽٽي ويئس. ڏارين ۾ مِٺا ويٺي ٻڌان، ڪو پنهنجو ناهي، جنهن کي دانهن ڏيان!“ دلڪش دلداري ڏيندي چيو: ”تون عام مذاق کي سيريئس وٺي رهين آهين، تون پاڻ کي اوپري نہ سمجهہ! تنهنجي برادريءَ وارا ڪاوڙجي پيا آهن تہ ان ۾ منهنجو قصور ناهي. باقي آئون تنهنجو آهيان ۽ تنهنجو رهندس“. ياسمين لڙڪ اگهندي وراڻيو: ”تون ڏاريون آهين، تڏهن ئي پنهنجين عورتن جو پاسو وٺي رهيو آهين!“ دلڪش خاموش رهيو. هن محسوس ڪيو تہ ياسمين جهيڙالي ڪيفيت ۾، سوچڻ ۽ سمجهڻ جي صلاحيت کان محروم ٿي رهي هئي.

خاموشيءَ جا ڪجهہ پل گُذري ويا.

دلڪش ڳالهائڻ“ان ڳالهہ کي وساري ڇڏ. بس اڄوڪي رات جي هر هڪ لمحي کي يادگار بڻائڻ جي ڪوشش ڪر. جيئن زندگيءَ جي شام ۾، ڪڏهن، هنن لمحن جي ياد، جوڀن جي سرابن ۾ ويڙهيل ڪيفيت ۾ جيئڻ جو دلاسو بڻجي سگهي“.

ياسمين ۽ دلڪش چوماسي جي ڪڪرن جيان، هڪٻئي جي وجود ۾ وچائجي رهيا هئا! خوشي ۽ سرور سمايل زندگيءَ ۾، ڪين لڳو ڇڻ وڇوڙن ۾ وچائجي ويل لمحا، جيون جو ڪٻاڙو هئا. اصل زندگي تہ اها هئي، جنهن ۾ رڳو هڪٻئي جي وجود جو احساس، هزارين حياتين تي حاوي هو!

بي فڪر ۽ خوشين سان آراستہ لمحن جو سفر، هڪ هفتي تائين بہ هلي ڪونہ سگهيو. شاديءَ جي پنجين ڏينهن دلڪش جي برادري وارن جو جرڳو ٿيو. جنهن ۾ انب، برادري وارن اڳيان اها شڪايت ڪئي تہ سندس ڌيءَ جنت جو رشتو دلڪش لاءِ، سندس ماءُ طرفان گهريل هو ۽ مهينن کانپوءِ مڱڻي ٿيڻي هئي. پر دلڪش ڌارين ۾ شادي ڪري برادريءَ جي زبان تان ڦري ويو. ان لاءِ برادري مٿس ڏنڊ وجهي، ياسمين کي طلاق ڏياري، جيئن جنت کي دلڪش سان پرڻائي سگهجي.

جرڳي ۾ تبسم ۽ دلڪش اهو موقف اختيار ڪيو تہ جنت سان ڪا بہ مڱڻي ٿيل نہ هئي، ان ڪري اهو رشتو ڪرڻ لاءِ اهي پابند نہ هئا. پر برادريءَ وارن اهو چئي مٿن ڏنڊ وڌو تہ اوهان جي ماءُ، اڄايو انب کي آسري ۾ رکي، ڌارين ۾ شادي ڪئي. هاڻ انب وٽ رشتيداريءَ جو ڪو بہ آپشن ناهي بچيو. ان ڪري ياسمين کي طلاق ڏيئي، دلڪش جي شادي جنت سان ڪئي وڃي. ٻي صورت ۾ برادريءَ مان نيڪالي ملندي. پر تبسم ۽ دلڪش اهو فيصلو مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. برادري وارن آخري آپشن اهو بہ رکيو تہ پل ياسمين کي طلاق نہ ڏجي، پر جنت جو رشتو قبول ڪيو وڃي ۽ ان جي بدلي تبسم جي نندڙي ڌيءَ جو رشتو، انب جي ڇوڪري لاءِ ڏجي. تبسم ۽ دلڪش انهيءَ آپشن کي بہ ٺڪرائي ڇڏيو ۽ ايئن برادريءَ وارن تبسم ۽ دلڪش جي خاندان کي برادريءَ مان نيڪالي ڏيئي ڇڏي. نيڪاليءَ جو مطلب اهو هو تہ برادريءَ وارن مان ڪو بہ ماڻهو، تبسم وارن سان نہ ڳالهائيندو نہ شادي غميءَ ايندو ۽ نہ ئي رشتيداري ڪندو!

حڪيم ۽ ياسمين بيقراريءَ مان پتين تان جهاتيون پائي، جرڳي جو فيصلو ٻڌڻ لاءِ اتاوليون ٿي رهيون هيون. ياسمين جي اندر ۾ ان الڪي جو ڪاريهر ڏنگ هڻي رهيو هو ته متان دلڪش برادريءَ جي دٻاءُ ۾ اچي ڪيس طلاق ڏيئي نه ڇڏي! سندس نيڻن جو درياءُ، پنبڻين جا بند پڃڻ لاءِ بيچين ٿي رهيو هو. تبسم ۽ دلڪش ڪي ايندي ڏٺائون ته گهٽيءَ تائين هليون آيون. حڪيم اتاولائيءَ پڇيو: ”پٽ ڇا ٿيو؟“ تبسم وراڻيو: ”چڱن مڙسن ياسمين کي طلاق ڏيڻ يا انب سان سنگٺبندي ڪرڻ جو شرط رکيو. جيڪو اسان ٺڪرائي ڇڏيو. “ حڪيم گدگد ٿيندي وراڻيو: ”سٺو ڪيو!“ دلڪش چيو: ”ان انڪار جي سزا طور پنهنجي خاندان کي برادريءَ مان خارج ڪيو ويو آهي، ان فيصلي جو حڪم هر ان ماڻهوءَ تي لاڳو رهندو، جيڪو پاڻ سان سڏو يا اٽسڏو واسطو رکندو. “ حڪيم جي چهري تي هيڊڦ هارجي پيئي. صدمي مان وراڻيائين. ”گهوڙا، ڪتان جا ڪونه رهياسين. پنهنجو وڏو گهر، هرڪو برادريءَ مان تڙيل جو مهٽو ڏيندو“ تبسم چيو: ”ڪو فرق نه پوندو“ ياسمين وراڻيو:”فرق وڏو پوندو تبسم! برادري وڏو سهارو هوندي آهي، اوکيءَ سوکيءَ جو آڌار!“ دلڪش جهٽ پٽ وراڻيو:”اهي تصور مدي خارج ٿي چڪا آهن. ڪٽنڀ ۽ قبيلي جو تصور، ان دؤر ۾ مضبوط ٿيو، جڏهن انسان کي شڪار لاءِ افرادي قوت جي گهرج هوندي هئي. ڏارين قبيلن ۽ خونخوار جانورن کان بچاءُ لاءِ به، ڪٽنب قبيلي جو سهارو ڪپندو هو. جنهن وقت انسان جي موت کي ازغيبي قوت جي انتقامي ڪاروائي سمجهبو هو، تڏهن مردي کي نڪاٽي لڳائڻ ۽ ان خوف کان نجات لاءِ قبيلي وارن جي موجودگيءَ جو سهارو ونڻ جو رواج پيو. انهن رواجن جي باقيات، اجان تائين ايئن هلندي اچي جو، شادي غميءَ ۾، قبيلي وارن جو سهارو ونبو آهي. مخالف قبيلي وارن سان ويڙهه، پنهنجن سان سنگٺبندي، ۽ سماجي تحفظ لاءِ، هٽ پيير هٽڻ به، ڪنهن نه ڪنهن شڪل ۾، ان تسلسل جو حصو آهن. پر برادريءَ تي پاڙڻ جي هاڻ ضرورت ناهي رهي. اڪيلو فرد به پنهنجو وجود سلامت رکي سگهي ٿو“ ياسمين چيو: ”اڪيلو ماڻهو نه کلندي سونهي، نه روئندي سونهي! “ دلڪش وراڻيو: ”اهو رڳو محبتن جو معاملو آهي“ حڪيم چيو: ”ڏکيون ڳالهيون ڇڏيو جيڪو ٿيو سٺو نه ٿيو!“

شاديءَ جي پندرهين ڏينهن، ياسمين شهر واري گهر هلڻ جو ضد ڪيو حالانڪ اسپتال مان هن جي ڏکي موڪل ٿيل هئي. سرد موسم ۾، ٻهراڙيءَ جو ماحول وڻندڙ هو. دلڪش چاهيو ٿي ته موڪل جا ڏينهن، ڳوٺ ۾ ئي گذارجن، پر جمال خان ڳوٺ ۾ پاڻ کي ايڊجسٽ ڪري نه پئي سگهيو. هڪ ته ڳوناٺو گهر ڪيس ياسمين کان وڌيڪ دلڪش جي ملڪيت محسوس ٿي رهيو هو جنهن ۾ ٻين گهر ڀاتين جي به شراڪت هئي. ٻيو وري حڪيماڻو شوق پورو ڪرڻ لاءِ، گهربل ڏبيون ۽ گهوٽا به شهر واري گهر ۾ موجود هئا، جنهن ڪري هن ياسمين کي پٽڪي ۾ چيو:”هاڻ شهر هلجي “ ۽ ٻئي ڏينهن ياسمين شهر هلڻ جي سنبت ڪئي. دلڪش کي پهريون دفعو پنهنجي ذاتي زندگيءَ ۾ جمال خان جو وجود، اگري مداخلت محسوس ٿيو. هن ياسمين کي سمجهائڻ واري نوع ۾ چيو: ”ڏس هتي توهان جي

والد لاءِ الڳ چونئرو منتخب آهي. جتي ڪيس ضرورت جي هر شيءِ ملي ٿي. پاڻ تي ڪو بہ ڪم ناهي. شام ۽ صبح رڳو نرم نرم اس ۾ چهل قدمي ڪريون ٿا. موڪل جا باقي ڏينهن هتي ئي گذارجن. شهر ۾ رهڻ لاءِ تہ سڄي زندگي پيئي آهي“ ياسمين خاموش ٿي ويئي. دلڪش محسوس ڪيو تہ ياسمين جي خاموشي ظاهري طور شهر هلڻ جي سنبت ملتوي ڪرڻ لاءِ هائوڪار هئي، پر اصل ۾ ڳوٺ ترسڻ واري ڳالهہ ڪيس ناگوار لڳي هئي!

ياسمين اڪيلائيءَ ۾ جمال خان کي ڪجهہ ڏينهن وڌيڪ ڳوٺ ۾ رهڻ لاءِ مطمعن ڪيو ۽ پوءِ پهريون پيرو گهريلو ڪم ڪار ۾ جنبي ويئي. ڪٿ تي ماني ڪٽي آٽڻ لاءِ حڪم هلائيندڙ ياسمين، حڪيمہ ۽ ٻين گهروارن طرفان گهريلو ڪم ڪار کان محبت ڀري منع باوجود، جڏهن گهرداريءَ ۾ هٿ ونڊائڻ لڳي تہ دلڪش کي ان جو سبب سمجهہ ۾ نہ آيو. ڪيس اهو سبب تڏهن سمجهہ ۾ آيو جڏهن هو اڪيلي پٽ تان چهل قدمي ڪري، گهر واپس اچي رهيو هو. گهٽيءَ تي پهچي ڪيس محسوس ٿيو تہ ياسمين، حڪيمہ سان جهيڙو ڪري، گهٽ وڌ ڳالهائي رهي هئي. ياسمين جي نظر جڏهن دلڪش تي پيئي تہ هوءَ زور زور سان روئي، مظلوميت جو اظهار ڪرڻ لڳي. حڪيمہ هڪ لفظ بہ نہ ڳالهايو پر دلڪش محسوس ڪيو تہ حڪيمہ جي خاموشي ئي دردن جي ٻولي هئي، جنهن سڄي ڄمار ڪيس سورن جي ساٿ ۾، صدمہ سهڻ لاءِ همٿايو هو! ياسمين کي ان ڳالهہ وڌيڪ چڙ ڏياري تہ حڪيمہ خاموش ڇو هئي. هوءَ حڪيمہ کي بيقابو ڪرڻ لاءِ هِتان هُتان جا مهڻا ۽ طعنا ڳوليندي رهي پر حڪيمہ جڻ پنهنجا چپ سبي ڇڏيا هئا. بلڪل ايئن جيئن ڪڏهن هوءَ پنهنجي مڙس قاسم اڳيان زبان کي ڏانوڻ ڏيئي، ڪوبہ ڏوراپو ڏيئي نہ سگهندي هئي! حڪيمہ ۽ دلڪش جي ماٺ ۾ ياسمين کي مشترڪ مصلحت محسوس ٿي رهي هئي ۽ اها ئي ڳالهہ ڪيس وڌيڪ جذباتي بڻائي رهي هئي. هن جهيڙي جو رخ، دلڪش ڏانهن موڙيندي چيو: ”تنهنجي لاءِ مٽ مائٽ ڇڏيم ۽ تون ماڻهين جو پاسو وٺي رهيو آهين. “ دلڪش بيزاريءَ مان ڪيس ياد ڏياريندي چيو: ”مون تہ اڃان تائين ڪجهہ بہ ناهي چيو! “ ياسمين تپي باهہ ٿي پيئي، سخت لهجي ۾ چيائين:”اهو ئي تہ ڏک آهي جو تو هيستائين پنهنجي ماءُ کي ڪجهہ ناهي چيو. آئون ڏارئين آهيان، تڏهن توکي منهنجي ڏکي نہ ٿي لڳي!“ هوءَ اوڇنگارون ڏيئي روئڻ لڳي. گهر ۾ هلڪو ڦلڪو هنگامو برپا ٿي پيو. پاڙي وارا پٽين تان ڪن ڏيڻ لڳا. ان وقت حڪيمہ پنهنجي پوٽي ياسمين جي پيرن تي اڇليندي منٿ ڪئي. ”ڏيئم! مون توکي ڪجهہ ناهي چيو. مون توسان همدردي ڪندي رڳو اهو چيو تہ ڏيءَ تون ڊاڪٽرياڻي آهين، ماني نہ پچائي، متان توکي تڪليف پهچي. پر منهنجي ان ڳالهہ کي ڦيرائي، تون الاءِ ڪجاڙو چئي رهي آهي، پر پوءِ بہ اها ڳالهہ توکي ڏکي لڳي آهي تہ آئون معافي وٺان ٿي!“ حڪيمہ جي معافيءَ، ياسمين کي وڌيڪ چيڙايو. ڇو تہ حڪيمہ جي معافي، دلڪش ۽ پاڙي وارن جي نظر ۾، ياسمين کي قصوروار ظاهر ڪري رهي هئي. هن حڪيمہ کي چڙٻيندي وراڻيو: ”پنهنجي غليظ پوٽي، منهنجن پيرن کان پري ڪر. آئون

اڇوت ڪولهڻ تہ ناهيان. جنهن کي تون ماني پچائڻ نہ ٿي ڏئين! مونکان ايتري نفرت اٿئو پوءِ رشتو ڇو گهريو!“ پريان ويٺل جمال خان پڙڪيو: ”پاڻ ڪولهي آهيون ۽ هي سيد آهن!! “ دلڪش کي جمال خان جو اهو جملو تلوار جيان لڳو پر هن پاڻ تي ضبط ڪري ورتو. ياسمين دلڪش کي حڪم ڏيندي چيو: ”هيئنر ئي ڪرائي جي گاڏي گهرائي تہ شهر هلون. “

گاڏي آڻڻ لاءِ هڪ ڇوڪري کي موڪليندي، دلڪش کي حڪيم جي تذليل آزميز معصوميت ۽ بيوس خاموشي عظمتن جو مينار پاسڻ لڳي!.

اسلام ڪوٽ ۾ مسواڙي جاءِ تي پهچڻ ڪانپوءِ ياسمين جو روبو جهٽ پٽ بدلجي ويو. هن دلڪش کان پيار مان پڇيو: ”ڇانهہ ٺاهي اچان ؟ “ دلڪش ناراضگي مان وراڻيو: ”نہ مونکي ضرورت ناهي“ رات جي ماني لڳڻ وقت بہ دلڪش ساڳيو جواب ڏنو. ياسمين محسوس ڪيو تہ دلڪش ڪانئس خفا هو. اهو پهريون دفعو هو جو ياسمين ۽ دلڪش وچان روسامي جي ريکا ليٽي پيئي هُئي. فرق رڳو اهو هو جو ياسمين جي ناراضگيءَ ۾ انا ۽ ارڏائي جي آميزش اٽڪيل هئي، جڏهن تہ دلڪش جي روسامي ۾، زيادتيءَ جي ذلت ۽ صدمي جي ساٽائي سمايل هُئي! هن سوچيو:”تذليل ڪانپوءِ حڪيم جي دل تي ڇا گذري رهيو هوندو؟ برادريءَ مان نڪتل هجڻ جا ويڻ ٻڌي سندس گهر وارا ڇا سوچيندا هوندا؟ ياسمين جو هل هنگامو ٻڌڻ لاءِ، پٽين تان جهاتيون پائيندڙ مخالف پاڙيوارن کهڙيون کهڙيون ڳالهيون ٺاهيون هونديون!؟ ۽ معاشري ۾ سندن اميج ڇا بيهندو!؟ ڪيس ياسمين ئي انهيءَ معاملي جي ذميوار محسوس ٿي. هن پاڻ کي پهريون ڀيرو ياسمين کان ٻنهہ دُور بيٺل محسوس ڪيو!

رات جو بستري تي ليٽڻ کان اڳ ياسمين ڪمري جو بلب وسايو ۽ پنهنجي بستري تي ليٽي پيئي. سرد رات ۾، گرم بستري جي چلولن احساسن ۾، ڪجهہ دير پاسا ورائڻ ڪانپوءِ هوءَ پنهنجي کٽ تان اٿي دلڪش جي بستري ۾اچي ليٽي. دلڪش ياسمين جي موجودگي تي ڪو بہ رد عمل نہ ڏيکاريو. چند لمحن جي اوپري ماٺ کان پوءِ، ياسمين دلڪش جو هٿ ڪٽي پنهنجي چپن تائين آندو ۽ انکي بيخوديءَ مان چمڻ لڳي. هڪئي بستري ۾، ٻن جوانين جي رومانوي چرپر اڳيان، ڪابہ مصنوئي رڪاوٽ گهڻو جٽاءُ ڪري ناهي سگهندي، ايئن ڪاوڙ جي ڪوٽ جون سرون، هڪ هڪ ٿي ڪرنديون رهيون. سرور جي پينگهہ تي لڏندي، هنن کان سڀ ڪجهہ وسري ويو. ناراضگي، صدمو ۽ پنهنجو پاڻ بہ !مدهوشيءَ جي موسم پڇاڙيءَ تي پهتي تہ دلڪش باٿ روم ڏانهن هليو ويو. اتان موٽي واپس اچي ليٽيو تہ کيس احساس ٿيو ياسمين سان سندس ناراضگيءَ ۾ اڳوٽي شدت نہ رهي هئي. جذبن جي بارش، هن جون سڀ ناراضگيون لوڙهي کٽي ويئي هئي. دلڪش سوچيو: ”فردن، قبيلن ۽ قومن وچان موجود نفرتن جا داغ ڌوئڻ لاءِ جنس کان وڌيڪ موثر ڪو صابڻ آهي ئي ڪون! پريمي جوڙا، قبيلائي نسلي، مذهبي ۽ ملڪي نفرتون، ياد رکي نہ سگهندا آهن! ڪيس ياد آيو تہ ماضيءَ ۾ ڪي ڪمزور حڪمران، طاقتور پاڙيسري حڪمرانن سان سنڱابندي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا

هئا، جيئن سندن راڄواڙا ۽ رياستون محفوظ رهي سگهن. اهو عمل بہ جنس جي ڪرشماتي اثرن جو اعتراف هوندو هو!“

ايندڙ ڇهن مهينن تائين دلڪش ۽ ياسمين جي وچان محبتن جا موتي ورهابا رهيا. پيروئن جهڙي پيار، ٻنهين جي زندگين کي خوش ذائقہ ٺاهي رکيو هو. نہ سندن اکيون، هڪٻئي کي ڏسڻ مان ڍڪبيو هيو نہ سندن چپن جو چمڻ مان ڍؤ ٿيندو هو ۽ نہ ئي بہ وجود، هڪٻئي ۾ سمائجڻ جي خوشبودار خيالن مان خفا ٿيندا هئا! پر هڪ حقيقت دلڪش جي دل ۾ پڳل ڪنڊي جيان چڀندي رهي، سا هئي گڏ رهندڙ ياسمين جي رشتيدارن جا رؤيا! جمال خان دلڪش جو گهر ڏٺيءَ وارو حق تسليم ڪرڻ لاءِ تيار نہ هو. ٻيو وري سندس فضول گفتگو دلڪش جي ڪنن جا ڪيڙا ٺڄي پيئي هُئي.

پهرن جا پهر، ها۔هُون ڪندي جمال خان جو ڳالهيون ٻڌڻيون پونديون هئس. جيڪو ڪجهہ دلڪش ٻڌائڻ چاهيندو هو اهو جمال خان جي سمجهہ کان مٿاهون هو. جڏهن تہ جمال خان جون وري ورجايل ڳالهيون، دلڪش کي بور ٺاڻيندڙيون هُيون! سُهري جي احترام ۾ لڪائڻ باوجود دلڪش جي چهري تي اڪثر بيزاري ۽ بوريت جا تاثر اُڀري ايندا هُئا، پر جمال خان فطري طور چهرا شناسيءَ کان پاسيرو هو. جنهن ڪري دلڪش جي بيوسي ڪابہ همدردي حاصل ڪري نہ سگهي هئي. دلڪش سڄو ڏينهن پاڻ کي اڻٽانئڪو محسوس ڪندو هو، چو تہ بشير ۽ ڪبير، هر وقت ڪنهن نہ ڪنهن بيسُرائيءَ ۾ مشغول هوندا هئا. ڪونہ ڪو جهيڙو، ڪو نہ ڪو انگل، ڪنهن پل دانهون، ڪنهن پل دهمان ۽ ڪڏهن وري ڊوڙڦوڙا! دلڪش پاڻ کي چڙيا گهر جي ڪنهن جانور جيان محسوس ڪري رهيو هو!

دلڪش ان انتظار ۾ سڀ ڪجهہ سهندو رهيو تہ نيٺ ياسمين کي هن جي اڻوڻت جو احساس ٿيندو ۽ هوءَ ئي ڪو تدارڪ ڪندي. پر ياسمين جي بيحسي کيس مايوس ڪندي رهي. هڪ ڀيري هن ياسمين اڳيان جمال خان ۽ ڇوڪرن جي طرز عمل تي احتجاج ڪندي چيو:”تنهنجو والد صاحب صبح کان شام تائين رڳو مون کي نصيحتون ٿو ڪري ۽ تنهنجن پٽن تہ گهر کي گدو بندر ناهي ڇڏيو آهي. اهڙي ماحول ۾ ڇڱو ڀلو ماڻهو بہ بتال تي سگهي ٿو!“ ياسمين جو اکيون تانڊا ٿي پيون. غير متوازن لهجي ۾ چوڻ لڳي: ”هان! منهنجي رشتيدارن کان توکي ايتري نفرت آهي، جو توکي ڏٺي بہ نٿا وڻن. ڇيڙي سان پتيون راڳيندڙ تنهنجي ماءُ کان توکي نفرت ڇو نہ آهي؟! هتي تون ڏکيو آهين، باقي پنهنجي جهنگلي ڳوٺ ۾ خوش هئين. منهنجو نصيب ڦٽو جو توسان شادي ڪيئم. پر ڪتو ڇا ڄاڻي ڪٽڪ جي ماني! تون تہ رڍون ٻڪريون چارڻ جي لائق هئين“ ياسمين اوچنگارون ڏيئي روئڻ لڳي. دلڪش خاموش تي ويو. کيس اُلڪو ٿيو تہ جنهن واليوم سان ياسمين ڳالهائي رهي هئي، اهو آواز آسپاس جي گهرن تائين پهچي سگهيو ٿي. هن نہ ٿي چاهيو تہ سندس گهريلو معاملا ٻين اڳيان تماشو ٺهجن.

ان ننڍڙي جهڙپ ڪانپوءِ ياسمين جي شخصيت ۾ اڻ- سيبائينڊڙ عنصر وڌيڪ چٽائيءَ سان واضح ٿيڻ لڳا. دلڪش جي هر هدايت، هن ڪي گار جيان لڳندي هئي. رشتيدارن جي ڪنهن به خاميءَ متعلق هوءَ ڪجهه به ٻڌڻ لاءِ تيار نه هئي. معمولي ڳالهين ۽ واقعن ڪي، هوءَ وڏي جهيڙي ۾ بدلائي ڇڏيندي هئي. جهيڙاڪ ڪيفيت ۾، هوءَ دلڪش جي رشتيدارن متعلق خود ساخته عيب جوئي ڪرڻ لڳندي هئي. اهو موضوع هن لاءِ ايترو ته پسنديده بڻجي پيو هو جو هر موضوع ڪي ان سان ملائي ڇڏيندي هئي! اهڙن موقعن تي دلڪش، اڪثر خاموش رهندو هو ڇو ته هن جي هڪ جملي جو حساب برابر ڪرڻ لاءِ ياسمين وڌيڪ ويهه زهريلا جملا ايترو زور سان ڳالهائيندي هئي، جيئن پاڙيسري به ٻُڌن ۽ دلڪش جي به دل آزاري ٿئي. ڪيس خبر هئي ته دلڪش گهريلو جهيڙا ٻين ڪي ٻڌائڻ کان لنوائي ٿو ان ڪري اها بليڪ ميلنگ سندس مؤثر هٿيار بڻجي پيو!

دلڪش جي ڪيترن ئي ڏينهن جو سڪون برباد ٿي پيو. پر هن سوچيو: "ياسمين جي حمل جا آخري مهينا آهن. حمل جي آخري ٽماهيءَ ۾ ڪيترن ئي عورتن ڪي چڙچڙاهٽ ٿيندي آهي. ڊليوريءَ ڪانپوءِ ياسمين جو رويو نارمل ٿي ويندو. " پر ڊليوريءَ ڪانپوءِ به ياسمين جو رويو نارمل ٿي نه سگهيو. البته دلڪش ڪي هڪ وندر ملي ويئي. هو اڪثر ننڍڙي چانڊوڪيءَ ڪي راند ڪرائيندو هو. هوءَ تيزي سان وڏي رهي هئي ۽ ايتري ئي تيزيءَ سان سندس پيار به دلڪش جي دل ۾ وڌو ٿي رهيو هوا.

ياسمين پرائيويٽ اسپتال تي ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو هو. دلڪش به مطئمن هو ته ياسمين تان ڪم جو بار هلڪو ٿئي ۽ هوءَ سڪون سان چانڊوڪيءَ جي سارسنڀال لهندي رهي. گهريلو خرچ پورا ڪرڻ لاءِ، دلڪش ڳوناٽي زمين ۽ چوپائي مال مان پورائي ڪندو هو. ڳوٺ ۾ رهندڙ گهروارن ذرو به احتجاج نه ڪيو ڇو ته اهي دلڪش ڪي بنهه گهٽو پائيندا هئا ۽ هو گهريلو معاملن ۾ شروع کان ئي وس وارو هو.

ياسمين، دلڪش جي رشتيدارن سان گهٽو تٽو ميل جول گهٽائي ڇڏيو هو. ڪڏهن چند چانڊوٽي دلڪش سان گڏ ڳوٺ ويندي هئي ته رات رهي واپس موٽندي هُئي ۽ پوءِ ڪيترن ئي ڏينهن تائين اهو احسان جتائيندي رهندي هئي، تبسم شهر ايندو هو ته پاءُ، پاڄائيءَ سان ملي ويندو هو. دلڪش اڪيلو ڳوٺ ويندو هو ته ٻئي ڏينهن ياسمين گاڏي موڪلي ڪيس گهرائي وٺندي هئي. هر دفعي ڪونه ڪو بهانو گهڙيل هوندو هو "چانڊوڪي ڪي بخار آهي، تون ڳوٺ ويٺو آهين. منهنجو ته ناهين، پر اولاد جو ته ٿي!" دلڪش ۽ حڪيم جڏهن گڏجندا هئا ته حڪيم جي اکين مان به تي لڙڪ لڙي پوندا هئا. ٻن خاموش لڙڪن ڪانسواءِ، حڪيم ڪجهه به ڪين ڳالهائيندي هئي. دلڪش به ياسمين جو موضوع ڇيڙڻ کان پاسو ڪندو هو. ٻنهين ڪي هڪٻئي جي مجبورين جي خبر هئي ۽ حالتن جي ان جبر ڪي جڻ سيني قبول ڪري ورتو هوا.

دلڪش هڪ ڀيرو ٻه دفعا ملازمت لاءِ ٻه اپلاءِ ڪيو پر ياسمين هر دفعي اهو چئي ڪيس انٽرويو ڏيڻ کان روڪي ڇڏيو ته "تون ڏوراهين ماڳ نوڪري ڪندين ته مون وٽ ڪير رهندو؟" ياسمين جي شخصيت ۾ حسد ۽ ملڪيت پسنديءَ جا آثار ڏينهون ڏينهن وڌي رهيا هئا. دلڪش محسوس ڪري رهيو هو ته ياسمين ڪي سهڻين عورتن کان الرجي هئي. نه رڳو ڪنهن سهڻي عورت سان دلڪش جو ڳالهائڻ ڪيس هضم نه ٿيندو هو بلڪ سهڻين عورتن جي مرد رشتيدارن سان دلڪش جي واسطن کي ٽوڙڻ لاءِ هوءَ انهن کي بروپيلو چئي جهيڙا ڪندي هئي!

جهڳڙالي ڪيفيت ۾ هوءَ اڪثر ايبنارمل ٿي پوندي هئي. شديد جنون ۾ ڪنهن به ضابطي جي پرواهه ڪرڻ بنا، اجايو وڪلڻ لڳندي هئي. اهڙن موقعن تي دلڪش، هن سان وات اٽڪائڻ بدران ٽي_وي جو آواز وڌائي ڇڏيندو هو. يا وري ڪجهه دير لاءِ ٻاهر هليو ويندو هو. پر ياسمين پوءِ به زبان کي لغام نه ڏيندي هئي. ماٺ تڏهن ڪندي هئي، جڏهن سندس ابتيون سبتيون ڳالهيون، آسپاس جي ڪيترن ئي ماڻهن تائين پهچنديون هيون ۽ پوءِ ڪيترن ئي ڏينهن تائين دلڪش کي، ماڻهن جي شڪي نگاهن ۽ چيندڙ سوالن کي منهن ڏيڻو پوندو هو!

دلڪش زندگيءَ ۾، ڪيترن ئي عورتن کي ڪاوڙ ۾ ايبنارمل ٿيندي ڏٺو هو. پر تڏهن هن، ان فعل کي اڻپڙهيل عورتن جي جاهلاڻي روش سمجهيو هو. پر ياسمين کي ساڳي حالت ۾ ڏسڻ کانپوءِ، هن کي پڙهيل ۽ اڻپڙهيل جي تخصيص بيمعنيٰ لڳي. هن سوچيو "ارتقا جي ڊگهي سفر ۾، مردن جي نسبت، عورتن جي ذهن کي، نشونما جا موقعا گهٽ مليا آهن. گهريلو مصروفيتن ۽ پردهه پوشيءَ ۾، سندن جسماني، شعوري ۽ لڪيل صلاحيتن کي اجاگر ٿيڻ لاءِ خارجي محرڪ نسبتن گهٽ ملي سگهيا آهن. ڊگهو جينياتي پنڌ ڪري ايندڙ اثر، اڪثر عورتن جي قول ۽ عمل ۾ ڏسي سگهجن ٿا!" هو پنهنجي ساءِ مرڪي پيو. هن سوچيو "منهنجا هي خيال عورتن سان همدردي ڪندڙ فردن تائين پهتا ته دقيانوسي، جاهل ۽ ٻيا الاءِ ڪهڙا القاب ملندم! پر منهنجا خيال، منهنجي ذهن ۾ آهن ۽ ذهن ۾ جهاتي پائڻ واري ڪل اڃان ايجاد ئي ناهي ٿي!" پنهنجي ئي سوچ تي پاڻ وري کلي پيو. هن وري سوچيو: "ٿي سگهي ٿو منهنجي سوچ غلط هجي. پر اهو پئمانو ٻين تي به لاڳو ٿي سگهي ٿو. هونئن به غير جانبداري ڪٿي آهي؟! هر انساني قول ۽ عمل کي، غير حقيقي گمانن ۽ ذاتي پسند کان پاسيرو رکڻ ٻنهه مشڪل عمل آهي! البته غير جانبداريءَ کي سطحن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. جنهن ۾ جيترو سڌارو ٿيو هوندو، اهو اوترو ئي غير جانبدار هوندو!" هن هڪ نهار آسمان تي وڌي ۽ وري سوچيو: "ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته ڪي انساني جٿا ۽ طبقا، ڪن خاص حالتن جي اثر هيٺ هوندا آهن. جنهن ڪري اتان جي اڪثريت هڪجهڙن طور طريقن جو شڪار رهندي آهي. پر مجموعي طور تي خامين ۽ خوبين جي ڪٿ ڪرڻ، ناانصافي آهي، ظالم کان مظلوم، سچي کان ڪوڙي ۽ باوفا کان بيوفا تائين، انساني ڪردار جا انيڪ رنگ، انفرادي فعل هوندا آهن! عورتن جي حقن جا دهل وڄائڻ وارن کي، هر عورت

مظلوم ۾ هر مرد ظالم نظر ايندو آهي. وڏيرن ۾ پوليس وارن تي تنقيد ڪرڻ وارن کان چڱا مڙس ۾ فرض شناس پوليس وارا وسري ويندا آهن. آمريت کان نفرت ڪرڻ وارن کي هر آمر شيطان ۾ هر جمهوري اڳواڻ فرشتو لڳندو آهي. جڏهن تہ انفرادي عمل جي حد تائين ساڳيو تصور ابتو بہ ٿي سگهي ٿو! ورهاڱي ۾ يا پوءِ سنڌ مان لڏي ويندڙ ديس واسين جي رومانس ۾ جڏهن اسين لکڻ ويهندا آهيون تہ غير جانبداريءَ جي تقاضا اها آهي جو اسين پنهنجو پاڻ کان اهو بہ پڇون تہ ورهاڱي وقت سنڌ ۾ پنجاب جهڙا خوني فساد نہ ٿيا، پوءِ بہ لڏيندڙن کي ڌرتيءَ جي سڪ بدران مذهبي ڇڪ ڇو ڇڪي ويئي؟! اهي سوپچار ساٿيهہ واسي، ساڳي قوم جي ساڳي ٻولي ڳالهائيندڙن سان، سنڌي ريتن رسمن موجب شادي غمي ڀارن ٻچن سميت اچ وڃ وارو واسطو رکڻ بدران، مذهبي بنياد تي پنهنجين برادرين تائين ڇو محدود ٿي ويا؟ ڪاروباري استحصال کان ويندي، هڪجهڙن اڇوت سنڌين لاءِ الڳ برتن مخصوص ڪرڻ تائين، انيڪ شڪايتون تي سگهن ٿيون؟ هڪ شڪايت اها بہ ڪري سگهجي ٿي تہ اڄڪلهہ تہ ورهاڱي جهڙيون حالتون ناهن، پوءِ پلا ساڳي لڏپلاڻ جو سلسلو ايڪڙ ٻيڪڙ ڇو جاري آهي؟ پاڙيسري ملڪ ڏانهن لڏيندڙ انهن برادرين مان ڪا ڇوڪري ٻئي مذهب جي سنڌي نوجوان سان پيار پرڻو ڪندي آهي تہ سڄي ڪميونٽي اٿي پوندي آهي ۽ لڏي وڃڻ جي ڳالهہ ياد ڏياري ويندي آهي. ڇا پاڙيسري ملڪ ۾ پسند جي پرڻي تي بندش آهي؟!. ڇا اسين لبرل ۽ سيڪيولر ٿي مذهبي ۽ سماجي باقيات کان سردست ڪيئن ٿا منهن موڙي سگهون!؟ خودساختہ اجتمائي ذهني تصورن ۾ اسين جذبات جا فرق وساري ويهندا آهيون. جبري طور مذهبي تبديليءَ تي ”ڳالهائڻ“، جڏهن آسپاس حاوي ٿي پوندو آهي تہ پيار پرڻي جي حق لاءِ رياستي قانون جو سهارو وٺڻ خاطر، مذهب کي ڍال بنائيندڙ جو آواز دٻجي پوندو آهي. سڪن سان گڏ ساوا سڙي ويندا آهيون. مرحومن کي فرشتو وڏيرن آمرن کي شيطان، ڪرپٽ سياستدانن کي جمهوريت جو حسن ۽ پرڏيهہ لڏي ويندڙن کي مظلوم سمجهندا آهيون، تڏهن اسين سندن ڪردار جي خامين خوبين سان حقيقي انصاف ڪري نہ سگهندا آهيون. سماج ۾ اقليت تي اڪثريت ظلم ڪندي آهي، پر اقليت جي حق ۾ بنا جزئيات ڳالهائيندي، اسين اقليت منجهہ موجود، ٻي ”اقليت“ سان ظلم ڪري ويهندا آهيون، ڪٿي بہ ڪين نمائندگيءَ جو حق ملي ناهي سگهندو آهي! “. اوچتو سندس سوچ، پٿرن جي بارش ۾ ٻيهي رهي. هڪ مختلف خيال، هن جو ڌيان ڇڪايو: ”آئون هر سوچ ۽ عمل کي انفرادي فعل سڏي رهيو آهيان تہ پوءِ ڪي ڳالهيون، ڪن طبقن ۽ برادرين سان منسوب ڇو ڪري رهيو آهيان؟ عورتن جي حقن جي ڳالهہ ڪرڻ وارن جو بہ هڪ حلقو آهي، وڏيرن خلاف لکڻ وارا بہ ججها آهن. سنڌ مان لڏڻ وارن جو تعداد بہ گهٽو آهي. انهن سيني لاءِ منهنجي سوچ ساڳي ڇو آهي؟!“ هن پنهنجو پاڻ کي رد ڪري ڇڏيو. ڪجهہ دير اڳ سوچيل ڳالهيون ڪيس غلط محسوس ٿيون. هن ٻئي هٿ مٿي رکي ڇڏيا. شاديءَ کان پوءِ اهو پهريون موقعو هو جو هن ڪنهن موضوع تي ايترو گهرائيءَ سان سوچيو هو. هن کي

خيال آيو: ”ٿي سگهي ٿو ياسمين جي زيادتين منهنجي لاشعور ۾ نفرت ڪٽو ڪري ڇڏي آهي، جنهن جو زهر منهنجن خيالن ۾ اوتجي آيو آهي. “ هن پنهنجو پاڻ کان پڇيو:”ياسمين ۽ منهنجي معاملي ۾ ٻه آئون ڏر آهيان، ڇا آئون ياسمين کي غلط ثابت ڪرڻ جو حق رکان ٿو!؟“ هن کي چڪر اچڻ لڳا. سندس ذهن ۾ متضاد خيال جي جنگ ڇڙي پئي. ڪيئي خيال ايندا رهيا، ڪيئي مرندا رهيا ۽ ڪيئي دليل جي رد ۾ زخمي ٿيندا رهيا. خيالن جي هن افراتفري ۾، هن جو ذهن سُنڊ ٿيڻ لڳو. هن خيالن کان فرار ٿيڻ چاهيو پر خيالن جا ولر سندس ڪڍ لڳا آيا، هن سوچيو:”هي عجيب خيالن جي ڇڪتاڻ، مونکي بتال ڪري وجهندي!“. هٿيار بند خيالن کان بچڻ لاءِ هن کي مخمور بستري جي شديد گهُرج محسوس ٿي.

***

دلڪش ۽ ياسمين جي شاديءَ کي پنج سال گذري چڪا هئا. پنجن سالن جو اهو عرصو روز جي جهيڙن ۽ تلخين سان ڀرپور رهيو هو. ياسمين جي رشتيدارن جون مداخلتون، ويراوير وڏي رهيون هيون. طلاق کانپوءِ ياسمين سان ناراض رهندڙ سندس رشتيدارن جو ميل جول، وري بحال ٿي پيو هو ۽ ايئن دلڪش جي دل آزاريءَ جا اسباب ٻه اٽڪت ٿي پيا هئا. چاندوڪيءَ کانپوءِ ياسمين ۽ دلڪش جي جهوليءَ ۾ ننڍڙي برڪا آئي هئي. اهي ٻئي نينگريون دلڪش جي واحد وندر هيون. برڪا ته اڃا کير پياڪ ۽ ماءُ جي جهوليءَ ۾هئي پر چاندوڪيءَ جو سڄو وقت دلڪش سان گڏ گذرندو هو. ماءُ ۽ پيءُ وچان ”هلندڙ سرد جنگ“ کي هوءَ سمجهي نه سگهندي هئي. ڪڏهن ماءُ، ته ڪڏهن پيءُ جي جهوليءَ ۾، سندس معصوم خوشين جي ورڪا ٿيندي رهندي هئي.

دلڪش لاءِ گهر جون ديوارون، بوريت ۽ بيسرائيءَ جو بار ٻڌجي پيون هيون. ياسيمن سان هن جي خيالن جي ڏي وٺ جڏهن ٻه ٿيندي هئي ته، هلڪي ڦُلڪي جهڙپ يا تلخ رسامي تي منتج ٿيندي هئي. ڪنهن ٻه خاص موضوع تي ڳالهائڻ کان اڳ ۾، ياسمين جو اڳوات مائينڊ سيٽ جوڙيل هوندو هو ۽ هوءَ هرويرو دلڪش سان اختلاف ڪندي هئي. ايئن ڪرڻ سان هوءَ لاشعوري طور، پنهنجي مائٽن جي پوزيشن مضبوط ڪرڻ جا جتن ڪرڻ سان گڏ، دلڪش کي غلط ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي هئي!

جمال خان، ڪبير، بشير ۽ ياسمين، اڪثر هڪٻئي سان ڪچهري ڪندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن دُور کان ايندڙ ڪو مٽ مائٽ ايندو هو ته سندن موضوع ڊگها ٿي پوندا هئا. دلڪش اهڙن موقعن تي اڪثر انهن کان پري ٿي پوندو هو. گهر جي ڪنهن ڪنڊ ۾ ڪو نه ڪو ڪتاب کڻي پڙهندو رهندو هو يا وري ٽي وي ڪولي ڏسڻ ويهي رهندو هو. پر ٽي وي ڏسڻ دوران ٻه، گهر وارن سان سندس پسند جو تضاد آڏو ايندو هو. دلڪش نيوز، بحث مباحثا ۽ ڊاڪيومينٽري پروگرام ڏسڻ کي ترجيح ڏيندو هو.

جڏهن ته باقي گهر وارن کي ڊراما ۽ فلمون ڏسڻ جو جنون هو. انهن کي ٻي ڪنهن به پرا وگرام سان ذرو به دلچسپي نه هوندي هئي. ان ڪري اڪثريتي راءِ جو احترام ڪندي، دلڪش کي پنهنجي پسند کي ذبح ڪرڻو پوندو هو!

هڪ شام دلڪش الڳ ڪمري ۾ ڪتاب پڙهي رهيو هو ته، سندس پرسان هڪ ٻار اچي بيٺو دلڪش ڪنڌ ورائي ٻار ڏانهن ڏٺو. جيڪو اسڪولي ڊريس ۾ بنهه پيارڙو لڳي رهيو هو. دلڪش جون اکيون حيرت مان ٻار تي اٽڪي پيون. جنهن جي چهري تي هرڻيءَ جهڙي معصوم مسڪراهٽ چال ڏيئي رهي هئي. پر ٻي لمحي هو دلڪش لاءِ اوپرو نه رهيو هو. اهو ئي ساڳي ڏونگريو هو جنهن کي دلڪش سيٺ جي ڪڏيءَ تان ڇڏائي اسڪول داخل ڪرايو هو. جنهن لاءِ هو خرچ پکي جا پئسا لڪ چپ ۾ سونيءَ کي ڏيندورهندو هو. ڳپل وقت کان پوءِ ڏونگريي کي ڏسندي دلڪش جي اکين کي ان ڪري يقين نه آيو هو جو، ڪڏيءَ جو ڪم ڇڏڻ ۽ اسڪول ۾ پڙهڻ سبب، ڏونگريي جي رنگت ۽ جسامت ۾ زبردست نکار آيو هو!

دلڪش ڪتاب هڪ طرف رکي ڏونگريي کي ياڪر ۾ پري پيار ڪيو ۽ پوءِ پڇيو: "تنهنجي پڙهائي ڪيئن پيئي هلي ڏونگر ؟" ڏونگر احسان مندي مان وراڻيو: "اوهانجي مهرباني جو ڪڏيءَ جي ڪم مان جان ڇٽي، هينئر چوٿون درجو پاس ڪري پنجين ڪلاس ۾ آيو آهيان "

دلڪش کيس شاباش ڏيندي چيو: "واه واهه! ايئن محنت، جستجو ۽ شوق سان پڙهائي جاري رک، شال سدائين پهريون نمبر ماڻين !"

ڏونگريي خوشي مان چيو: "گذريل سال ۽ هن سال، امتحان ۾ آئون پهريون نمبر رهيو آهيان.........
.......... " دلڪش 50 جو نوٽ کيسي مان ڪڍي، انعام طور ڏونگريي کي ڏيندي چيو: "هي تنهنجو انعام........ شاباش ! "

اوچتو ڏونگريي جي چهري تي مايوسي پکڙجي پيئي: چيائين : "امتحان ۾ پهريون نمبر ته آئون ايندو آهيان، پر اسانجو ڪلاس ٽيچر، پنهنجي رشتيدار ڇوڪري کي مانيٽر ناهي ڇڏيندو آهي، ائين ڇو آهي؟ "

دلڪش وٽ ڏونگريي جي سوال جو ڪو به جواب نه هو!

ڏونگريي چيو: "مانيٽر مونسان نه ٺهندو آهي، ٻئي ٽئي ڏينهن، ڪوڙيون ڇُغليون هڻي، استادن کان موچڙا کارائيندو آهي "

ڪجهه لمحن جي اداس ڪندڙ ماٺ کانپوءِ ڏونگريو وري ڳالهائو: "ڪلاس ۾ جڏهن ڪو استاد موجود ناهي هوندو ته، ڪي شرارتي ڇوڪرا گوڙ ڪندا آهن، پر استاد ان گوڙ جي سزا سيني شاگردن کي ڏيندا آهن. ڪي شاگرد لنين کائڻ ۽ بيعزتي ڪرائڻ تي هريل آهن، پر بيگناهه مليل اها سزا مون کي ڏاڍي ڏکي لڳندي آهي! ايئن ڇو آهي جو چند ڇوڪرن جي شرارت جي سزا سيني کي ملي ٿي ؟ "

دلڪش ڪاوڙ ۾ ڪروڌ مان وراڻيو: ”اهو ئي تہ الميو آهي جو اسان وٽ ٻليءَ لاءِ اشارو ۾ ڊڄيءَ لاءَ لڪڻ واري سماجي چوٽيءَ تي عمل نہ ٿو ٿئي، تڏهن ئي تہ سُڪن سان گڏ ساوا سڙندا آهن !“

ڏونگريي ڪجھ سوچيندي چيو: ”ڪجھ ڏينهن اڳ شهر جي ينگين جڏهن ٻهارا ڇڏي هڙتال ڪئي هئي تہ استادن اسڪول جو ڪاڪوس صاف ڪرڻ لاءِ مونکي ئي چونڊيو هو ڇو تہ مين پرائمري اسڪول ۾ آئون ئي اڪيلو اڇوت ڇوڪرو هئس، ايئن ڇو ٿيو؟“ دلڪش پاڻ ڪي لاجواب سوالن جي خاردار تارن ۾ وچڙيل محسوس ڪيو. ڏونگريو وري ڳالهاڻو: ”ڪجھ ڏينهن اڳ اسانجي اسڪول ۾ حب الوطنيءَ جي موضوع تي تقريري مقابلو ٿيو هو استادن ٻين وڻندڙ شاگردن ڪي تقريرون تہ لکي ڏنيون، پر هرهر عرض ڪرڻ ڪانپوءِ بہ مونکي تقرير لکجي نہ ملي. نيٺ مون هڪ پراڻي اخبار مان هڪ نظم چونڊيو، جنهن جو عنوان هو: ”ڌرتي تو تي سيس نمايان، متي ماٿي لايان!“ اهو نظم جڏهن مون استادن اڳيان ڳايو تہ هيڊ ماستر مونکي بہ لڪڻ هٽي اهو چيو تہ باغي شاعري ڳائڻ ڏوھ آهي“

دلڪش ڪنڊيدار خاموشي ۾ ويڙهجي پيو.

ڏونگريو وري ڳالهاڻو: ”بہ لنيون لڳڻ ڪانپوءِ بہ تقريري مقابلي ۾ حصو وٺڻ وارو منهنجو شوق ماٺو ٿي نہ سگهيو. نيٺ مون پنهنجي ڳوٺ جي ڇوڪري ڪان تقرير اڏاري ڪنئي، جنهن ٻڌايو تہ اها تقرير اوهان ڪيس گهٽو اڳ لکي ڏني هئي“

دلڪش کي ياد آيو تہ گهٽو اڳ هن جي هڪ ڳوٺائي ڇوڪري آزاديءَ جي ڏينهن تي هن کان لکائي هئي، جنهن هاءِ اسڪول ۾ پهريون نمبر حاصل ڪيو هو. دلڪش تجسس مان پڇيو: ”پوءِ ڇا ٿيو“

ڏونگر وراڻيو: ”مون ان ڇوڪري اڳيان اڌ ڪلاڪ ۾ اها تقرير برزبان ياد ڪري ورتي ۽ پوءِ تقريري مقابلي ۾ بنا سڏڻ جي اسٽيج تي پهچي ويئس، ڪمپيئرنگ ڪندڙ استاد مونکي دڙڪو ڏيئي واپس موٽايو پر اسٽيج تي ويٺل هڪ معزز مهمان مونکي مائيڪ تي تقرير ڪرڻ جي موڪل وٺي ڏني. مون تقرير ڪئي تہ اتي موجود ڪجھ ماڻهن تمام گهڻيون تاڙيون وڄايون، مونکي تمام گهڻي خوشي ٿي پر اها خوشي ان وقت ڏک ۾ بدلجي ويئي، جڏهن اسڪول جي استادن پوزيشن کٽندڙ شاگردن جي نالن جو اعلان ڪيو جنهن ۾ منهنجو نالو شامل نہ هو. هڪ مهمان وڏي واڪ منهنجي تقرير جي باري ۾ پڇيو تہ استادن اها ورندي ڏني تہ ڏونگر جي تقرير ڪاليج ليول جي هئي، ان ڪري ان کي مقابلي ۾ شامل رکي نہ ٿو سگهجي“ ڏونگريو خاموش ٿي ويو. دلڪش جي دل مان دردن جا دونهن نڪرڻ لڳا.

مختصر خاموشيءَ ڪان پوءِ ڏونگري معصوميت مان پڇيو: ”ٻئي ڏينهن آئون اسڪول ويئس تہ استاد بنا سڏڻ جي اسٽيج تي چڙهڻ جي ڏوھ ۾ مونکي ڪڪڙ ناهي سزا ڏني. ڇا تقرير ڪرڻ بہ ڏوھ آهي؟!“ دلڪش جي چپن تي بليڊ جي ڌار جهڙا لفظ مڙي آيا.

”ناانصافي! ناانصافي! هتي بدبودار جمود ڇانئيل آهي. زندگي بيسُرن پئمانن جي منحوس دلدل ۾ ڦاسي پيئي آهي. توازن وڃائي ويٺل معاشري ۾، انصاف جو چهرو ڏيکاريندڙ آئينو آهي ئي ڪونہ!

مخصوص هٿن جي ميراث بڻيل اختيارن، انساني حقن کي اونڌي منهن سمهاري ڇڏيو آهي“. ڏونگر وري ڳالهائو:”استاد ڪاپيون لکائڻ کي جيترو ضروري سمجهندا آهن، اوترو ياد ڪرائڻ ۽ سمجهائڻ تي زور نٿا رکن. ڪاپيون لکڻ ۾ ئي ڏينهن گذريو وڃي، مطالعي لاءِ وقت ڪٿان اچي؟ ڏکيا ۽ ورجائل ڪورس پيلايلي!“

دلڪش پنهنجي ساءِ چيو: ”اسان وٽ هر ڪم ڪاغذن ۾ ٿيندو آهي، سڀ ڪجهه ريڪارڊ ۾ ڏيکارڻ لاءِ هجي ٿو!ان جو معروضي اثر پيل نہ هجي. ڏونگريا! هو چاهين ٿا تہ تون سوچڻ، سمجهڻ ۽ ڳالهائڻ جي صلاحيت کان محروم هجين. انهن جهڙو ٿي، بيمقصد ڳالهائين. بڪواس ٻڌين ۽ انسانيت کي ايذائيندڙ عملن سان دنيا کي لُڙ ٻڌائين. پر مونکي يقين آهي ڏونگريا تہ تون، ان رهزن ۽ التي آٽيندڙ تماشي جو حصو نہ بڻبين! تون منفرد آهين ۽ منفرد رهندين، پر مونکي ڊپ اهو آهي تہ هي معاشرو توکي سولائي سان جيئڻ ڪونہ ڏيندو. هتي هر دؤر ۾ ڳالهائيندڙ زبانن کي ڪپيو ويو آهي. ٻڌندڙ ڪنن ۾ تتل شيهو پريو ويو آهي، ۽ سوچيندڙ دماغن جو ميجالو ڪوپڙين کان ڌار ڪيو ويو آهي......!“ لفظ دلڪش جو ساٿ ڇڏڻ لڳا. هن جي زبان وچڙڻ لڳي. هن جا ڪپڙا پگهر ۾ آلا ٿي پيا. هن ٻئي هٿ مٿي تي رکي ڇڏيا. ڏکاري ڪيفيت ۾، هو اڪثر ايئن ئي ڪندو هو. ڏونگريي کي خوف ۽ پشيماني محسوس ٿي. هن ماحول جي گرمائش گهٽائڻ لاءِ دلڪش جو رکيل ڪتاب، هٿ ۾ کڻي موضوع بدلائڻ جي ڪوشش ڪئي ”هي ڪهڙو ڪتاب آهي؟“ ڏونگريي دلڪش جي جواب جو انتظار ڪرڻ بنا ئي، ڪتاب جي ٽائيٽل جا لفظ اچاريا ”وحشي جيوت جا نشان“ ڪجهہ دير سوچڻ ڪانپوءِ هن حيرت مان دلڪش کان پڇيو:”وحشي جيوت جا نشان ڪهڙا هوندا آهن؟“

دلڪش منيون پڪوڙي، هينيون چپ ڏندن وچان ڏيئي، سوچ ۾ پئجي ويو. سوچ جي ٽٻيءَ مان اٿندي، چيائين: ”جتي زنگجي پيل ضميرن، بي پرک ذهنن ۽ سازشي سوچن جي اڪثريت هوندي آهي، اتي اهي نشان گهڻا هوندا آهن، اتي ٻوڙا ٻڌندا آهن، انڌا ڏسندا آهن ۽ منڊا ڊوڙڻ جي مقابلن جا چيمپيئن ٿي پوندا آهن!“

دلڪش کي وري سنجيدهہ ٿيندي ڏسي، ڏونگريي موضوع مٽايو.

”توهان هي ڪتاب مونکي ڏيو آئون پڙهي واپس ڏيئي ويندس“

دلڪش پيار ۽ پاٻوهہ مان وراڻيو: ”اها ڪا پڇڻ جي ڳالهہ آهي، پيل کڻي وڃ پر پڙهجان ڏيان سان!“

ان ئي لمحي ياسمين ڪمري ۾ داخل ٿي. ڏونگريي تي نظر پيئس تہ چهري ۾ گهنڊ وجهي، دلڪش کي چيائين:”تون ٻاهر تہ رول چورن سان ڪچهريون ڪندو آهين، مونکي خبر آهي پر اهي رهاڻيون نيٺ گهر تائين پهچي وينديون، گهٽ ۾گهٽ اها اميد نہ هئم!“

دلڪش ڏونگريي ڏانهن نهاريو. جنهن جي چهري تي اداسيءَ جي چادر وڇائجي رهي هئي. ڏونگريو ڪتاب کڻي، دروازي کان ٻاهر وڃڻ لڳو. ياسمين چڙٻيلو سڏ ڪندي پڇيو: ”چورا ڪتاب ڪيڏانهن

ڪٽي ٿو وڃين؟“ دلڪش چيو: ”پل ڪٽي وڃي مون ڏنو آهي“. ياسمين تپي باهه ٿي پيئي، ڪروڌ مان چيائين: ”متان چڙين گهر ۾ ڪا شيءِ! چورا چڏ ڪتاب!“ دلڪش جي صبر جو پئمانو لبريز ٿي پيو. ڪاوڙ مان چيائين: ”تون ۽ تنهنجا رشتيدار پلجي ٻه ڪڏهن ڪو ڪتاب نٿا پڙهو ٻين کي پڙهڻ چو نٿا ڏيو؟“ دلڪش جو ڳالهائڻ، ياسمين لاءِ باهه تي تيل جي چڻنڊي جيئن پنيت ٻڻجڻ جو سبب ثابت ٿيو. هن وک وڌائي، چماٽ هڻي، ڏونگريي ڪان ڪتاب ڦري ورتو. جيڪو بيبڪ جي دروازي مان رفو چڪر ٿي ويو. ياسمين زهريلن لفظن سان دلڪش جا چوڏا لاهڻ لڳي. دلڪش جو ضبط به ٽٽڻ لڳو. هن به زوردار چماٽ ڪيس وهائي ڪڍي. ياسمين ڳاڙهي ٿيل ڳل تي هٿ رکي، زور زور سان دانهون ڪرڻ لڳي. چانڊوڪي ۽ برڪا روئڻ لڳيون. ڪبير ۽ بشير گهر ۾ موجود نه هئا. جمال خان به پنهنجي ٻيءَ ڏيءَ سان ملڻ لاءِ ميرپورخاص ويل هو. ياسمين جون دانهون ٻڌي پاڙيوارا به پتين تان جهاتيون پائڻ لڳا. ياسمين جي رڙين ۾ تڪا طعنا، اڳرا لفظ به اوتجڻ لڳا. دلڪش کي ڪاوڙ ۽ بيچيني محسوس ٿيڻ لڳي. هو گهر کان ٻاهر وڃڻ لڳو. دروازي تي پهتو ته روئندڙ چانڊوڪيءَ ڊوڙي اچي ڪيس ٽنگن ۾ ياڪر پاتا. هن روئندڙ چانڊوڪيءَ کي ياڪر ۾ پري هنج تي کڻي ورتو ۽ دروازي کان ٻاهر نڪري آيو. دروازي جي ٻاهران هن جي اڳيان هڪ سوال، واسينگ جيان ڦڻ کڻي بيهه رهيو. ”ڪيڏانهن؟!“ جنهن جو هن وٽ ڪو به جواب نه هو. هو ساڄي طرف واري سوڙهي گهٽيءَ ڏانهن مڙيو سامهون دروازي تي بيٺل حسين عورت، چهري تان گونگهٽ هٽائيندي، هن کان پڇيو: ”تنهنجي زال توسان روز جهيڙو چو ڪندي آهي؟“. گلابي چپن تان ترڪيل، ان سوال جي جواب ۾ هن پاڻ کي گونگو محسوس ڪيو! سهڻي عورت هن کي خاموش ڏسي، شرارتي مرڪ سان چيو: ”مونکي توسان همدردي آهي“ عورت جي هن جملي ۾ چنچل ادا، نيڻن جي پنهنجائپ، روح جي چُغلي ۽ لهجي جي نغمگيءَ سان گڏ، هجتي چرچي جو چهچٽو به شامل هو. جنهن وقتي طور ئي سهي، دلڪش جي دل جا سمورا ٽڪ لاهي ڇڏيا! دلڪش هجت مان ورائيو: ”هينئر سچ پچ تنهنجي همدرديءَ جي ضرورت اٿم“ خوبصورت عورت نخريلي مرڪ سان پڇيو: ”اڳي چو نه، هينئر چو؟“ دلڪش ڪجهه سوچيندي ورائيو: ”تون ياسمين سان ملڻ اسان جي گهر ايندي رهي آهين. پر ياسمين جي موجودگيءَ سبب، مون توسان ڪڏهن به ڳالهائڻ جي ڪوشش نه ڪئي، مگر الائي چو تنهنجو وجود مون لاءِ پرڪشش تجسس ٻڻجي پيو آهي. ته سچ پچين سپنا ٽيوب لائيٽ جيان چمڪندڙ تنهنجن پيرن تي اڏندڙ نظر پيئي ته اندازو لڳايو هئم، گونگهٽ ۾ تنهجو چهرو، ڪنوڻ جي اُهاءُ جهڙو هوندو! تنهنجين ڪٽڪ رنگين ٻانهن تي هوائي نگاهه اٽڪي هئي ته انومان ٿيو ته تنهنجو چهرو اندلٺ جي رنگن جو مرڪب هوندو! پر اڄ پهريون دفعو جڏهن گهونگهٽ هٽيل تنهنجو چهرو ڏسڻ جو موقعو مليو اٿم، ته سوچيان ٿو آسمان جي چنڊ ۽ ڌرتيءَ جي چنڊ ۾ ڪيتري نه مشاهبت آهي!“ پهريو پيرو شرميلي تاثر ۾ وروڪجي پيل عورت چيو: ”آئون ايتري سهڻي ناهيان. تون هرو ڀرو وڌاءُ ڪري رهيو آهين“. دلڪش چيو: ”اسان وٽ لفظن جو ايترو ته

غير موزون استعمال ٿيو آهي. جو هاڻ ڪنهن کي ٻہ لفظن تي اعتبار ناهي رهيو. پر حقيقت اها آهي تہ تون حسن جي عالمي مقابلي ۾ شرڪت لاءِ بيشڪ حقدار آهين!“ عورت مرڪندي وراڻيو: ”بس بس! اڄ جي لاءِ ايترو ئي ڪافي آهي“ ۽ پوءِ هن پوئتي هٽي دروازو ٻيڪڙي ڇڏيو. دلڪش اڳتي هلڻ لڳو. دلبر عورت سان انوکي ملاقات جا خمار، هن کي سانوٽي بوندن جيئن پُسائي رهيا هئا. هوءَ جنهن جو نالو سپنا هو. پوئين ڇئن مهينن کان، هفتي ۾ هڪ ٻہ ڀيرا ياسمين سان ملڻ ايندي رهندي هئي. هونئن تہ ياسمين کي ڪنهن بہ سهڻي عورت سان گهڻو ميل جول پسند نہ هوندو هو. علاج جي مشوري لاءِ ايندڙ عورتن کي هوءَ بينڪ جي ڪمري مان ئي چيڪ ڪري، دوائون لکي موٽائي ڇڏيندي هئي. پر سپنا جي ويجهڙائيءَ کي هوءَ ان ڪري بہ بيرخيءَ سان نڪرائي نہ سگهي هئي جو سپنا، فيشن ايبل ڪپڙا سبڻ جي ماهر هئي ۽ ياسمين هن کان ئي ڪپڙا سبائيندي هئي. انهيءَ ڪانسواءِ آءِ برو سيٽ ڪرائڻ ۽ ڪاسميٽڪ جي استعمال متعلق بہ، ياسمين کي سپنا جي ضرورت پوندي هئي. ڇو تہ هن ننڍڙي شهر ۾ ڪو بہ بيوٽي پارلر جو دڪان نہ هو.

سپنا جڏهن ياسمين وٽ ايندي هئي تہ دلڪش ٻئي ڪمري ڏانهن هليو ويندو هو. ڇو تہ ڪيس خبر هئي تہ سپنا جي آسپاس سندس موجودگي، ياسمين کي ناگوار لڳندي، ان ڪري هن بظاهر سپنا جي وجودگيءَ کي نظر انداز ڪري ڇڏيو هو پر هو لڪ ڇپ ۾ چور نگاهن سان، هن قابل رشڪ اپسرائي حسن کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪندو رهندو هو. هن سدائين سپنا جو چهرو گهونگهٽ ۾ لڪيل ڏٺو. هوءَ ڪڏهن پڙو پولڪو ڪڏهن ساڙهي، تہ ڪڏهن وري شلوار چولو پائيندي هئي. هن وٽ رنگن جي چونڊ، سدائين دل مهٽيندڙ هوندي هئي. گهر کان ٻاهر گليءَ ۾ بہ هن سپنا کي ڪافي ڀيرا ڏٺو هو پر ٻين واٽ ويندڙن جي موجودگيءَ سبب، ڪو بہ غير معمولي رويو رکي نہ سگهيو هو! پر اڄ سپنا نہ رڳو گهونگهٽ هٽائي هن سان هجتي گفتگو ڪئي هئي، پر سنسان گليءَ ۾، هن پنهنجي البيلي چاهت جو اڻسڌو اظهار، لفظن جي ڪشڪول ۾ آڻي، هن اڳيان رکيو هو! ان محبوب ملاقات، دلڪش جي دل منجهان گهريلو جهيڙي جا ڪندا وقتي طور ڇُنڊي ورتا هئا.

”پيا دڪان!“

ڪلهي چڙهيل ننڍڙي چانڊوڪيءَ هن کي پنهنجي موجودگيءَ جو احساس ڏياريو. هن خيالن مان جاڳندي، دڪان ڏانهن وکون وڌايون. ننڍڙيءَ کي ٽافيون ۽ چپس وٺي ڏيڻ کانپوءِ، هو بس اسٽاپ ڏانهن وڌڻ لڳو. بس اسٽاپ تي، هن جا ڪيئي جاڻو سُڃاڻو موجود هئا. جن ڪيس چانهہ لاءِ صلاحيو. هن جهوپڙا هوٽل تي ويهي، چانهہ پيتي. ڪن واسطيدارن چانڊوڪيءَ کي خرچي ڏني ۽ ڪن وري دلڪش جي قسمت تي رشڪ ڪائيندي اهو چيو: ”مرد ۽ گهوڙي جو ڀاڳ، پن آڏو هوندو آهي، ڏسو دلڪش کي ڊاڪٽرياڻي زال ملي آهي. شهر ۾ نٽ سان زندگي گذاري رهيو آهي“. ان وقت دلڪش کي پنهنجي ڪوڪليپڻ جو احساس، شدت سان ٿيڻ لڳو. هن جي دل چاهيو تہ هو سڀني اڳيان ڪوڙ جا

ڪوٺ ڪرائي، اهو ٻڌائي تہ ”آئون پنهنجو سُک، ڳوٺ ۾ ئي ڇڏي آيس. اوهان ٻاهران مونکي جيترو خوش ڏسي رهيا آهيو، آئون اندران ايترو ئي ڏکارو آهيان!“ پر هو ڪجهہ بہ چئي نہ سگهيو. ٻهراڙيءَ جا سمورا واسطيدار، شام جي آخري بسن ۾ چڙهي، پنهنجي پنهنجي ڳوٺن ڏانهن وڃڻ لڳا. هن جي دل بہ انگل ڪيو تہ چانڊوڪيءَ ڪي هنج تي ڪٽي، ڳوٺ ويندڙ بس جي ڪنهن خالي سيٽ تي، پاڻ کي اڇلي ڇڏي پر سماجي قدرن جي مٽيءَ ۾ ڳوهيل هڪ خيال، هن جي اڳ جهلي بيهہ رهيو: ”جمال خان ميرپورخاص ويل آهي، آئون بہ ڳوٺ هليو ويس تہ ياسمين جو اڪيلو هجڻ برو لڳندو. ڪو ڇاٽو سڄاٽو گهر لنگهي آيو تہ ڇا سوچيندو؟!“

سج لٿو تہ سرمئي سانجهہ، پنهنجا پر پکيڙي ڇڏيا. شهر جي اڪيلي بہ ماڙ هوٽل جي ڇت تي رکيل کٽ مٿي موجود هو. ننڍڙي چانڊوڪي مينگو جوس پيئڻ ۾ مشغول هئي، دلڪش پيپسي بوتل جا ڍڪ پري رهيو هو. هوٽل جي مٿاهين، گراهڪن کان خالي هئي. صرف هڪ ڪنڊ ۾ نوجوان ڪرڪيٽ جي ورلڊ ڪپ متعلق ڳالهائي رهيا هئا. دلڪش سامهون نظر ايندڙ شهر جي بلبن تي نظر وڌي تہ کيس محسوس ٿيو: ”ٻاهر جي روشني اندر جي اونده ۾ سوجهرو ڪري نہ سگهندي آهي!“ هن پنهنجي پاڙي ڏانهن ڪنڌ ورائي، سپنا جي گهر جي سنوت جو اندازو لڳائڻ جي ڪوشش ڪئي. جتي بلب جي روشني، رات جي اونده سان اٽڪي رهي هئي. هن سوچيو: ”بلب جي روشني، سپنا جي ڇهري تان موٽ کائڻ کانپوءِ، سنهري تالاب مان گذرڻ جو منظر پيش ڪري رهي هوندي!“ پنهنجي ان البيلي خيال تي پاڻ ئي مرڪي پيو. هن نگاهہ ڦيري، پنهنجي گهر جي سنوت ۾ آٽڻ جي ڪوشش ڪندي، سوچيو: ”هُتي منهنجو گهر آهي، جتي بلب وساميل آهن. اتي ئي ڪٿي ياسمين مونکان، دنيا کان ۽ پنهنجو پاڻ کان بيزار ويٺي هوندي. هوءَ الاءِ ڇا سوچيندي هوندي؟ ڇماٽ لڳڻ کانپوءِ، هوءَ انتقامي جذبي ۾ ڪجهہ بہ ڪرڻ لاءِ سوچي سگهي ٿي. جو تہ انتقام انڌو آهي! ٿي سگهي ٿو هوءَ مون مان معافيءَ جي اميد رکندي هجي! يا مرڳو ايئن ٿي سگهي ٿو تہ هن کي پنهنجي اڳرائي ۽ جهيڙي جا سبب پيدا ڪرڻ تي پشيماني ٿي هجي ۽ هوءَ مونکان معافي وٺڻ جو سوچي رهي هجي، نہ نہ غلطي جو اعتراف ڪرڻ جو ادراڪ منجهس آهي ڪونہ!“ هن پوئينءَ خيال کي رد ڪري ڇڏيو. وري هن کي خيال آيو: ”متان ايئن تہ ناهي غلطي منهنجي هجي، نہ نہ ايئن تي نہ ٿو سگهي. ها ٿي سگهي ٿو آئون بہ انسان آهيان ۽ انسان جو وڏو الميو اهو آهي جو ڪڏهن بہ ايمانداري سان پنهنجو تجزيو ناهي ڪندو نہ نہ. . . . ڪري ناهي سگهندو! اڪثر ماڻهن کي مڪار ڪيفيتون، تجزيو ۽ غلطي جو اعتراف ڪرڻ نہ ڏينديون آهن. پر آئون تہ ڪا مڪاري نہ ڪري رهيو آهيان. ڪنهن سان ڪريان، پنهنجو پاڻ سان!“ وري هن جي اندر مان آواز آيو: ”پنهنجو تجزيو ۽ غلطي جو اعتراف نہ ڪرڻ جو ٻيو سگهارو سبب اهو بہ آهي تہ، انسان بنيادي طور خود غرض آهي ۽ اڪثر ماڻهن جو ذهن، پنهنجي غلطيءَ جي ڪٽ ڪرڻ کان ئي قاصر هوندو آهي!. ڇا ايئن تہ ناهي جو پاڻ کي ناقدانہ نظر سان ڏسڻ

لاءِ منهنجو ذهن، منهنجو ساٿ ڏيڻ کان ئي لاچار هجي!؟" هن وٽ ان سوال جو ڪو به جواب نه هو. هو چانڊوڪيءَ کي هنج تي کڻي اتي بيٺو. هوٽل جو بل ادا ڪري ٻاهر نڪري آيو. پنهنجي گهر ڏانهن ويندي، هن جي سوچ جي ريشمي وڳي کي، جتي سپنا سان ٿيل تازي ملاقات جون ٽڏيون هيرون ڇُهي رهيون هيون، اتي ياسمين سان ٿيل جهيڙي جا ڪنڊا به چڀي رهيا هئا. سپنا جي گهر اڳيان وري گذرندي، هن جون نظرون دروازي تي چنبڙي پيون، پر دروازي جون اکيون ته پوريل هيون!گهر پهتو ته ننڊڙي چانڊوڪيءَ هنج تان لهي، ماءُ ڏانهن ڊوڙ پاتي، جيڪا بستري تي ليٽيل هئي. دلڪش پنهنجي بستري تي ويهي رهيو. هن ڏٺو ته سندس ماني پرواري جالي تي ڍڪي رکي هئي. هن چانڊوڪيءَ سان گڏ ماني کاڌي ۽ بستري تي ليٽي پيو. ٻنهين زال مڙس وچان، هڪ لفظ جي به مٽا سٽا ڪو نه ٿي!

***

دلڪش ۽ ياسمين جي جهيڙي کانپوءِ، روسامي جي رات ڊگهي ٿي پيئي. چند خفا خفا رسمي جملن کان اڳتي ڪا به ڳالهه ٻولهه نه ٿي هئي. ٻنهين وٽ روسامي جا مضبوط جواز هئا ۽ هرڪو ٻئي کي اهو احساس جتائڻ لاءِ روسامي جو تاثر پڪيڙڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو ته ساڻس ناانصافي ٿي هئي. پيار جي پوڪيل احساس جي فصل جو پيلاڙ شروع ٿي چڪو هو ۽ اتي تلخي ۽ سرد مهري جا ڪنڊيدار سلا ڦٽڻ شروع ٿي چڪا هئا. پيار ۽ محبت جون ڳالهيون، پهرين بصرن، پٽاٽن ۽ باورچي خاني جي ٻاهه تان گذريون هيون. نيٽ هاٽي ڪلفت ۽ ڪروڌ جي ڪاري سمونڊ ۾ ٽبي هڻي وڃائجي رهيون هيون! ٻن مهينن جي ان رهڙيندڙ روسامي جون سڀيون ساريون سٺ راتيون، اڪيلائيءَ ۾ پاسا ورائيندي گذريون هيون. پر ٻنهين جي مصنوعي انا، فطري گهرجن اڳيان گوڏا کوڙي نه سگهي هئي!

عيد ويجهو آئي هئي ته ياسمين پنهنجي پيڻ وارن سان ملڻ لاءِ، جمال خان ۽ ٻارن سان گڏ، ميرپورخاص رواني ٿي ويئي ۽ دلڪش گهر ۾ اڪيلو رهجي ويو. خالي خالي گهر جي ديوارن ۾، هن کي بوريت ۽ بيچيني ٿيڻ لڳي. تنها واندڪائي ۾، هن جي جڙن وچيرن جهڙن اُتاولن جذبن، هڪ سوچ جي آڳر جهلي ورتي، جنهن ۾ سپنا جي ملڻ جو مبهم آسرو اٽڪيل هو. هن سوچيو: "اڄ سپنا سان ملڻ جو بهترين موقعو آهي. اڳي سدائين اڪيلائي جو وجهه نه ملڻ سبب، هن سان ويجهو ملڻ جي آس قتل ٿيندي رهي آهي، پر اڄ ياسمين به موجود ناهي ۽ گهر به خالي آهي. ها پر سپنا کي ڪيئن خبر پوي ته آئون سندس منتظر آهيان. " پوئين خيال، هن کي ٿورڙو دل پڳو ڪيو. پر وري هن پاڻ کي آٿت ڏيئي سوچيو:"عيد تي ڳوٺ وڃڻ ۾، اڃا ٽي ڏينهن باقي آهن. تيستائين سپنا ياسمين سان ملڻ خاطر هتي اچي سگهي ٿي. "

سڄو ڏينهن اوسيئڙي جي مٺي مٺي درد ۾ بيقرار ٿيندو رهيو. پر ڏينهن گذري ويو، سپنا جي اچڻ جو سپنو، سپنو ئي رهيو! شام جو هن سوڙهي گهٽيءَ جا به ٽي چڪر لڳايا، پر ڪٿي به سپنا نظر نه آئي.

سپنا جي گھر جي دروازي تي پھچي، سندس نظرون بيھي رھنديون ھيون. ڇو جو اتان کان اڳتي ھن جي پيرن کي وڃڻ جي، سماجي اجازت مليل نہ ھئي! ھن رات جي ماني ھوٽل تي کاڌي ۽ واپس گھر اچي بستري تي ليٽي پيو.

ٻئي ڏينھن منجھند کان اڳ، ھن سوڙھي گھٽيءَ جا ٻہ ٽي چڪر لڳايا، پر ڪٿي بہ ڪيس سپنا نظر نہ آئي ! منجھند جي ماني ھن ھوٽل تان کاڌي ۽ پوءِ سامھون گھٽيءَ ۾ کُلندڙ بينڪ جي ڪمري جو در کولي، ڪرسي تي ويھي رھيو. بينڪ جي ڪمري جي پوئينءَ دروازي جي اڳيان لنگھندڙ گھٽي جي ھڪ ڇيڙي تي عورتن جو مندر ھو. جتي سپنا بہ ڪڏھن ڪڏھن پراٿنا ڪرڻ ويندي ھئي. ان گليءَ جي ٻئي ڇيڙي تي ليڊيز ڪپڙي ۽ ڪاسميٽڪ جا دڪان ھئا، ان ڪري اتان عورتن جي اچ وڃ جاري رھندي ھئي. دلڪش، دير تائين ڪرسيءَ تي ويٺل رھيو ۽ اڳيان کير جھڙيون شھري عورتون رنگن جي جھرمر ۾، خوشبوءِ وکيرينديون گذري رھيون ھيون، پر ڪٿان بہ سپنا جي سرھاڻ محسوس نہ ٿي رھي ھئي!

دلڪش ڪافي دير ڪرسيءَ تي ويھڻ کانپوءِ، اٿيو ۽ بينڪ جو در بند ڪري، ٻئي ڪمري ۾ بيڊ تي ليٽي پيو. بستري تي پاسا ورائيندي، ھن کي نرم ۽ گداز بدن جي ڪوٺ شدت سان محسوس ٿي! ھن سوچيو:”ڪاش ھينئر ڪٿان سپنا اچي وڃي! گليءَ مان گذرندئي، سپنا گھر جو در کليل ڏسندي تہ، ياسمين سان ملڻ جي خيال سان ھلي ايندي، پر در کليل آھي يا الاءِ نہ!؟ “ان بيبيقينيءَ ۾، ھو بيڊ تان اٿي بيٺو. ڪمري کان ٻاھر اچي ھن ڏٺو تہ، در کليل ھو. پڪ ڪرڻ کانپوءِ ھو واپس اچي بيڊ تي ليٽي پيو. بيبيقينيءَ جي ٻر ۾ گم ٿيندڙ انتظار ۾، پاسا ورائيندي اوچتو ھن کي اڱڻ تي، ڪنھن جي قدمن جي آھٽ ٻڌڻ ۾ آئي. ھو جھٽ پٽ اٿي بيٺو. قدمن جو آواز ورانڊي تائين پھچي چڪو ھو. ھن ڏٺو تہ ھٽن تي تازي مھندي لڳيل ھڪ شھري ڇوڪري موجود ھئي، جنھن جي پويان پوڙھي عورت بہ گڏ ھئي. جنھن پڇيو:”ڊاڪٽرياڻي ڪٿي آھي؟ “

ھن وراڻيو: “ميرپور خاص ويل آھي“.

جوان ڇوڪريءَ شرميلي لھجي ۾ پڇيو: ”ڪڏھن ايندي؟“ دلڪش مرڪندي وراڻيو: “عيد کانپوءِ“ ٻئي عورتون واپس ھليون ويون. ھڪ خيال دلڪش جي جسم ۾ ڇھنڊڙي ھٽي ڇيو:”ڪاش ميندي رتن ھٿن واري ڇوڪري اڪيلي ھجي ھا، ساڻس گڏ پوڙھي عورت نہ ھجي ھا !“

دلڪش جي دل اندر اٿپورو اوسيئڙو مست اٺ جيئن ليٽندو رھيو. ڏينھن جو باقي رھيل حصو بہ سپنا جي نہ اچڻ جا زخم ڪائي گذري ويو. انھي دوران جوان ۽ پوڙھي عورت جو ھڪ ٻيو جوڙو بہ آيو ۽ علاج لڪائڻ ۽ علاج جي صلاح خاطر ياسمين جي پڇا ڪري موٽي ويو. دلڪش جي دل ۾ ساڳي خيال ڇھنڊڙي پائي گم ٿي ويو!

ٻئي ڏينهن صبح سويل ننڊ مان جاڳڻ ڪانپوءِ, دلڪش پنهنجا ڪپڙا ۽ ٻيو سامان بريف ڪيس ۾ وجهي, هڪ پاسي رکي ڇڏيو. هن کي شام جي آخري ڇڪڙي ۾ ڳوٺ وڃڻو هو جتي عيد جي تيارين ۾ هن جا رشتيدار سندس منتظر هئا.

دلڪش هوٽل تي چانهه ۽ پيٽيز سان ناشتو ڪيو. سوڙهي گهٽي ۽ ٻين گهٽين ۾ بي مقصد چڪر لڳائي, واپس گهر موٽي آيو ۽ بيڊ تي ليٽي ڪتاب پڙهڻ لڳو. هن جي اندر ۾ اسريل, سپنا جي انتظار جو گلاب, پورٽتا جو پاٽي نه ملڻ سبب ڪومائجي چڪو هو. هاڻي ان آپشن تي سوچڻ ۾ اڳوٽي رنگيني نه رهي هئي. محروميءَ جي ماڪ, هر رنگ کي ڏنڏلو بڻائي ڇڏيو هو!

ڪتاب جا ورق ورائيندي چند لمحا ئي مس گذريا هئا ته ٻاهرئين در وٽان ڪنهن جي قدمن جي آهٽ سان گڏ, چپير جي چم چم جو آواز ويجهو اچڻ لڳو. هن ڪتاب هڪ پاسي رکيو ۽ اٿي ويٺو. براندي ۾ چنڊ جيئن پرگهٽ ٿيندڙ سپنا جو وجود ڏسي, هن کي پنهنجي اکين تي يقين نه آيو. پيلي وڳي ۾ چانڊوڪيءَ جيئن ويڙهيل سپنا جو وجود تجلا ڏيئي رهيو هو. هن جو چهرو گهونگهٽ ۾ ڇهڪ ڏيندڙ هو, پر وڏي هيل واري سينڊل مان جهاتي پائيندڙ پيرن ۽ چقمقي ڪشش رکندڙ ٻانهن جي رنگت, اها چغلي هڻڻ لاءِ ڪافي هئا ته سنگ مرمر جهڙي بدن تي, انڊلٺ ڪان اڌارا ورتل رنگن جي شاهڪار مصوري ٿيل هئي!

"سپنا تون.........!" هن هبڪندي چيو:

"ڇا آئون هتي اچي نه ٿي سگهان ؟!" سپنا هجت مان پڇيو. دلڪش وراڻيو "ڇو نه....؟! تنهنجي لاءِ ئي ته ٻن ڏينهن کان انتظار جا ڏيئا ٻاري رکيا اٿم". سپنا آسپاس نهاريندي پڇيو:"ياسمين ڪٿي آهي؟" سمورا گهر ڀاتي عيد ملهائڻ, ميرپورخاص ويل آهن. مون کي به ڳوٺ وڃڻو پر ٻن ڏينهن کان تنهنجي اچڻ جي آسري ۾, خالي ڪمرن جي اڪيلائيءَ سان ڳالهيون ڪري رهيو آهيان. " سپنا لڄاري مرڪ مرڪندي وراڻيو: "مونکي خبر ئي نه هئي, نه ته ڪالهه اچان ها. اڄ گهر اڳيان گذرڻ ٿيو ته سوچيم: ياسمين سان مليو وڃان "

دلڪش بي تڪلفانه انداز سان اڳتي وڌي, سپنا کي ڳل ڳراٽي پائڻ جي ڪوشش ڪئي ته هن: "نه... نه" ڪندي مصنوعي مزاحمت جي ٿورڙي ڪوشش ڪئي پر جلد ئي هن سان گڏ بيڊ تي ويهي رهي. دلڪش جي اکين اڳيان خوشين جي ڪهڪشان چمڪي پيئي, هن جون ڳالهيون بهار جا گل ٿي پيون: "سپنا تنهنجا سپنا ڏسندي سال ٿي ويا آهن, پراڃ تون ساڀيان بڻجي منجهي سپنن ۾ هلي آئي آهين !"

اوچتو سپنا ٻاهريون در کليل هجڻ ڏانهن ڌيان ڇڪائيندي, حاڪمانه لهجي ۾ چيو: "در کليل آهي, ڪو به اچي سگهي ٿو. وڃ در بند ڪري اچ !"

بي مثال حسن جي حڪم جي فرمانبرداري، دلڪش کي بنهہ من _ موهڻي لڳي! ٻاهرئين در جي ڪنڊي بند ڪرڻ ڪانپوءِ، دلڪش پاڻ کي سمنڊ جي سطح تي هلندي محسوس ڪيو ۽ هوائون هن سان همڪلام هيون! واپس ڪمري ڏانهن ايندي، هن جي قدمن کي جڻ چقمق چڪي رهي هئي!. جنهن حسن جا حولا، هن قديم راجائن ۽ مهاراجائن جي محلن ۾، خيالي تصويرن، پرين جي آڪاڻين ۾ ڏند ڪٿائن ۾ ٻڌا هئا، اهو دادلو حسن، ڪمري جي بيڊ تي، هن جو منتظر هو! دلڪش بيڊ تي وينو ئي مس تہ سپنا ڪيس چنبڙي پيئي. دلڪش کي حيرت اها ٿي تہ سپنا هن سان پيار ۽ محبت جون ڳالهيون ڪرڻ بدران، هن جي جسم کي ڦلورڻ لڳي هئي!

سپنا دلڪش جي ڳلن ۽ چپن تي اڻ ڳڻين چمين جي آلاڻ پکيڙي ڇڏي. ان ڪانپوءِ هن دلڪش جي ٻانهن تي موجود گهاٽن وارن ۾ آڱريون ڦيريون ۽ هن جي قميص جا گلي وارا بٽڻ کولي ڇڏيا. دلڪش جي ڇاتيءَ تي موجود گهاٽن وارن مان ظاهر ٿيندڙ مردانہ وجاهت، هن کي پنهنجي نسواني ڪوملتا جو احساس ڏياريو! سپنا جي دل چاهيو تہ دلڪش جي ڪشادي سيني ۾ پنهنجو پاڻ کي لڪائي ڇڏي.

سپنا جي جذبن جي بيچيني، ويرا وير وڌي رهي هئي. هن جي اکين ۾ مخمور ڳاڙهاڻ اوتجي آئي هئي. دلڪش هيستائين، ڪنهن خاص چرپر بنا رڳو سپنا جي حرڪت مان محظوظ ٿي رهيو هو پر هاڻ هن جا جذبا، وسڪاري ۾ پٽ تان تهي لهندڙ ٻاڪرن ڦرن جيان بي قابو ٿيڻجي پيا هئا. سرور جا خزانا کوٽيندي، سپنا هڪ تجربيڪار تانتر تائيپ نوجوان جي هٿن ۾ جڻ پنهنجو پاڻ کي نئين سر دريافت ڪري رهي هئي. نئون انداز، نوان زاويا، دلربا ڇهاءَ، نرالا محرڪات، ۽ محبوب احساسن ۽ جذبن مان اپرندڙ سريلو سرور! ٻئي وجود، هڪٻئي سان ڀرپور انصاف ڪري رهيا هئا ۽ ايئن نيٺ سرور جي سمنڊ مٿان جذبن جو طوفان شدتن کي ڇهي جهڪو ٿي پيو. جنهنجي نشاني طور بہ تي پگهر جا ڦڙا، بيڊ جي سروٽيل چادر ۽ سپنا جي ٽٽل چوڙيءَ جا ٻہ ٽي ٽڪرا باقي رهجي ويا !

مختصر ماٺ ڪانپوءِ، سپنا ٻئي ٻانهون دلڪش جي ڳلي ۾ وجهندي چيو: ”منهنجا منا، مونکي ڇڏين مٿان، آئون توڪانسواءِ جيءُ نہ سگهنديئس !“

دلڪش سندس گهاٽن ۽ ڪارن وارن تي پيار ڪندي ورائيو:”توکان ڏار ٿيڻ جي جسارت، گهٽ ۾ گهٽ مون ۾ تہ ناهي!“ سپنا چند لمحا خاموش ٿي ويئي، ان ڪانپوءِ هن وري ڳالهايو: ”منهنجي سهيلي پُشپا سچ چوندي آهي تہ ٻهراڙيءَ جا مرد، محنتي ۽ سخت جان هوندا آهن. انهن جو هر عضوو تائيت ۽ مضبوط هوندو آهي، منهنجو اجوڪي تجربو ٻڌائي ٿو تہ هوءَ برابر سچ چوندي آهي !“

دلڪش ڪيس عاشقانہ نظرن سان ڏسندي چيو: ”تنهنجا شهري بابو ٻهراڙي وارن کي لانيڊ ۽ جاهل چوندا آهن ۽ انهن سان ڪو بہ سماجي تعلق نہ رکندا آهن، سواءِ گراهڪ ۽ دڪاندار واري تعلق جي ؟!“

سپنا وراڻيو: ”ها مرد برابر ايئن سمجھندا آهن ۽ ڀهراڙيِ وارن کي گھر ۾ وٺي اچڻ کان بہ نٽائيندا آهن. ايتري قدر جو دڪان جي ڪم لاءِ پگھار تي رکيل مزدورن کي بہ. بينڪ يا الڳ مڪان ۾ ترسائيندا آهن. “

سپنا کي چيڙائڻ لاءِ دلڪش طنزيہ سوال پڇيو: ”ڇا تنهنجي مڙس وٽ ڪو مزدور رکيل ناهي ؟! “

سپنا اطمينان مان وراڻيو: ”ڀهراڙيِ جو هڪ نوجوان پگھاردار آهي پر منهجو مڙس ان کي بينڪ ۾ ترسائڻ بدارن الڳ پلاٽ ۾ ناهيل ڪمري ۾ ترسائيندو آهي ۽ پاڻ بہ اڪثر راتيون اتي سمهندو آهي. منهنجون جيڏيون مونسان مذاق ڪري چونديون آهن تہ تنهنجي مڙس پاڻ لاءِ مڙس ڳولي ورتو آهي، تون بہ ڳولا ڪر ! “ دلڪش سپنا کي کولڻ لا. ذهن ۾ تري آيل هڪ خيال شيئر ڪندي چيو: ”جيڪي ماڻهو صدين کان گھٽ محنت طلب ڪم ڪندا رهيا آهن. انهن جو موجوده نسل. ٿولهہ. شگر. جلد پوڙهاپ ۽ مرداني ڪمزورين وغيره جو شڪار آهي، ڇا تون پنهنجي مڙس مان جنسي طور مطمئن آهين؟“

سپنا بيزاريءَ مان وراڻيو: ”ڏوڙجي مطمئن! جيڪو پاڻ پنهنجي پورائي لاءِ ٻين جي پويان هلي، اهو ٻين کي ڪيئن مطمئن ڪندو؟! سيڪنڊبن جو ڪيل. آئون نہ گھر جي، نہ گھاٽ جي !“

دلڪش محسوس ڪيو تہ هوءَ سچ چئي رهي هئي. هن سوچيو: ”ٻن ڪيفيتن ۾ انسان ڪوڙ ڳالهائي نہ سگھندو آهي، هڪ موت جي ويجھڙائي ۽ ٻيو جنسي ڪيفيتن جي انتها جي آسپاس!“

ڪجھہ دير وڌيڪ ڳالهيون هليون تہ ٻاهريون دروازو زور زور سان نڪيو! دلڪش ۽ سپنا. ڇرڪي هڪٻئي ڏانهن نهاريو. انهيءَ دوران دروازو وري زور سان نڙڪيو.

دلڪش ۽ سپنا عجيب نظرن سان هڪٻئي ڏانهن ڏٺو. دلڪش تيز تيز وکون کڻندو. دروازي ڏانهن هليو ويو. ڪجھہ دير ڪانپوءِ واپس آيو تہ سپنا پڇيو: ”ڪير هو؟“

دلڪش وراڻيو: ”تنهنجي سس هئي“ سپنا بيبقينيءَ ۽ ڊپ مان پڇيو: ”سچ ٻڌائي؟“ دلڪش وراڻيو: ”سچ پچ تنهنجي سس، تنهنجو پڇي رهي هئي. چيائين پئي تہ هن توکي مندر. ليديز دڪانن ۽ تنهنجي سهيلين جي گھر ڳوليو آهي. در کلندي ئي هن اندر اچڻ جي ڪوشش ڪئي پر مون ٻڌايو مانس تہ ياسمين گھر ۾ ناهي، آئون اڪيلو آهيان. تڏهن هوءَ بيهي رهي ۽ تنهنجو پڇي وري پاسي واري گھٽيءَ ڏانهن مڙي ويئي. “

سپنا پريشان ٿيندي چيو: ”برابر مونکي گھڻي دير لڳي ويئي آهي، توسان گڏ وقت گذرندي دير ئي نہ ڪئي! ڪاش تون سڄي زندگي مونسان گڏ هجين ها!“ دلڪش پيار مان چيو: ”آئون تنهنجي بهتر مستقبل لاءِ دعاڳو آهيان“ سپنا چيو رڳو دعا مان ڇا وربدو؟ ”اسانجي برادريءَ جا ضابطا ڏاڍا سخت آهن. نہ عليحدگي، نہ ٻي شادي “ سپنا خاموش ٿي ويئي. ڪجھہ سوچيندي چيائين: ”مونکي ڀڄائي هلندين؟ آئون تنهنجي لاءِ مٽ مائٽ. اوڙو پاڙو. ذات پات ۽ دين ڌرم بہ ڇڏڻ لاءِ تيار آهيان!“ دلڪش

پوڳ ڪندي چيو: ”ٻ پوءِ، توکان زوري مذهب ڦيرائڻ ۽ اغوا جي الزام ۾ جهليو پيو هجان!“. هوءَ خاموش رهي. دلڪش موضوع مٽائيندي چيس:”تنهنجي سس توکي ڳولڻ لاءِ مندر واري گهٽيءَ ۾ ويل آهي. تيستائين تون دروازي مان نڪري پنهنجي گهر هلي وڃ. پري ڪنهن پاڙي ۾ رهندڙ سهيليءَ سان ملڻ جو بهانو گهڙي وٺجان. ايئن نہ ٿئي جو متان تنهنجي پوڙهي سس، جاٽايل سهيليءَ جي گهران چڪر لڳائي آئي هجي!“. سپنا مخمور موڪلاڻيءَ بعد، هن جي مشوري تي عمل ڪيو ۽ تيزيءَ سان دروازي مان نڪري، پنهنجي گهر هلي ويئي. دلڪش دروازي جي وٿيءَ مان ڏسي، اها تصديق ڪئي تہ سپنا ڪي دروازي مان نڪرندي ڪنهن ڏٺو تہ نہ هوا!

***

# ميرپورخاص ۾!

عيد جي ٻئي ڏينهن، دلڪش ڳوٺان موٽي آيو. ساڳي ڏينهن ياسمين وارا بہ پهچي ويا ۽ ايئن سپنا ۽ دلڪش جو وري ملڻ ٿي نہ سگهيو. سپنا، ياسمين جي گهر جا چند چڪر لڳايا پر اڪ ٽيٽ ڏسڻ کان اڳتي، ڪير بہ وڌي نہ سگهيو. انهيءَ دوران ياسمين، شايد سپنا جي دلڪش ۾ دلچسپي محسوس ڪري ورتي هئي، جو هن سپنا سان بيزُخي ۽ ڏکار وارو رؤيو رکڻ شروع ڪري ڇڏيو هو!

ٻي عجيب ڳالهہ اها هئي تہ ميرپورخاص مان موٽڻ کانپوءِ، ياسمين پاڻ مرادو دلڪش سان سرچي پيئي هئي. سندس رؤيي ۾ انتهائي پيار، پاٻوهہ ۽ پنهنجائپ جي خوشبوءِ رچيل هئي. انهيءَ رؤيي جو هر رنگ، دلڪش کي ياسمين سان ڪيل پنهنجي ننڍڙي بيوفائيءَ جو زخمي احساس ياد ڏياريندو هو!

ميرپورخاص مان موٽڻ کانپوءِ چوٿين ڏينهن، ياسمين اهو انڪشاف ڪيو تہ هن ڇهن مهينن جو پروفيشنل ڪورس ڪرڻ لاءِ، پبلڪ هيلٿ اسڪول ۾ داخلا ورتي آهي ۽ ايئن ڪين ايندڙ پندرهن ڏينهن ۾، ميرپورخاص شفٽ ٿيڻو هو. جتي هن سندس مائٽن جي پاڙي پرسان ئي ڪرائي جو مڪان وٺي ڇڏيو هو. هوءَ اهو فخر سان ٻڌائي رهي هئي تہ داخلا کان ويندي مڪان حاصل ڪرڻ تائين، سندس مٽن مائٽن تمام گهڻي مدد ڪئي هئي. دلڪش پنهنجي اختلاف جو اظهار، انتهائي نرمي ۽ احتياط سان ڪيو. ”خرچ پنهنجو پوءِ داخلا وٺرائي ڏيڻ ۽ ڪرائي جو مڪان وٺڻ ڪهڙو ڪارنامو آهي؟. ٻي ڳالهہ تہ گهر جو ڏڻي هجڻ ناتي، توکي ۽ تنهنجي مائٽن کي مونسان مشورو ڪرڻ کپندو هو. ياسمين ان جي جواب ۾، محدود وقت هجڻ سميت ڪجهہ ٻيا بهانا گهڙي ورتا. دلڪش پنهنجي ناراضگي اندر ۾ لڪائي ڇڏي ۽ خاموشيءَ سان ميرپورخاص شفٽ ٿيڻ جي تيارين ۾، ياسمين جو هٿ ونڊرائڻ لڳو.

اسلامڪوٽ مان لڏو ڪڻي ميرپورخاص ڏانهن ويندي، سپنا جي پويان رهجي وڃڻ جو جهوريندڙ احساس، سڄي سفر ۾، بس جي سيٽ تي، دلڪش جي پرسان ئي ويٺل رهيو! جيڪو رکي رکي سرگوشين ۾ سپنا کان وڇڙڻ جو ڏوراپو ڪيس ياد ڏياريندو رهيو! ميرپورخاص ۾ بہ اهو الميو ڪجهہ ڏينهن تائين هن جي آسپاس بار بار پڙ پڙ ڪندو رهيو. پر آهستي آهستي وقت گهڻو ڪجهہ وسارائي ڇڏيو!.

ميرپورخاص ۾ هن جا شروعاتي چار مهينا، نہ سمجهہ ۾ ايندڙ حالتن جي حوالي ٿيل هئا. ياسمين ڪيس التجا آميز تلقين ڪئي هئي تہ سندس مائٽن سان سهڻو سلوڪ روا رکي، ڇو تہ اهي پنهنجي نانيءَ مان بااخلاق، مانيٽي ۽ فرمانبردار هجڻ جي اميد رکندڙ هئا. دلڪش ياسمين جي دل رکڻ خاطر

سندس صلاح تي عمل ڪرڻ لاءِ، ڇهن مهينن لاءِ پاڻ ڪي بدلائڻ جو مشڪل فيصلو ڪري ورتو. هن ياسمين جي برادريءَ جي رواجن موجب وڏڙن اڳيان مٿي تي ڪپڙو ڍڪڻ، زائفان اڳيان نظر جهڪائي رکڻ ۽ هدايت ٻڌڻ وقت، بنا ڪنهن اختلاف يا سوال پڇڻ جي، اسڪولي ٻارن جيئن رڳو ڪنڌ ڌوڻڻ سميت، انيڪ پابنديون پاڻ تي مڙهي ڇڏيون هيون ۽ اهو سڀ ڪجهہ هن جي طبيعت جي ابتڙ هو!

دلڪش کي حيرت اها ٿي تہ هن جي ساهرن مان ڪنهن بہ ڪيس پنهنجي گهر وٺي وڃڻ جي لائق نہ سمجهيو هو ۽ نہ ئي هن سان پنهنجائپ وارو ميل جول رکيو هو. صرف بہ ڪراڙيون عورتون ۽ ٻہ جهونڙا هن کي هدايتون ڏيڻ لاءِ اڪثر ايندا رهندا هئا. هڪ ڪراڙي رحمت هن کي اڪثر ٻاراٽا ۽ ڪل جوڳا درس ڏيندي هئي. هڪ ڏينهن هن کي سمجهائيندي، چيائين: "پٽ جڏهن ڪنهن وٽ وڃبو آهي تہ اسلام عليڪم چئبو آهي ۽ ان جي جواب ۾ چئبو آهي وعليڪم سلام" ڪراڙيءَ اهي جملا، طوطي جيئن دلڪش کي رٽائڻ جي ڪوشش ڪئي. دلڪش ڪراڙيءَ جي دل رکڻ خاطر، سندس حڪمن تي عمل ڪيو. ڪراڙيءَ کي جڏهن پڪ ٿي ويئي تہ سندس ڏنل سبق ياد ٿي ويو آهي تہ هن چند حلال ۽ حرام جانورن جا نالا ياد ڪرايا ۽ پوءِ پنهنجي روحاني پيشوا جا فرمان ٻڌائي رواني ٿيڻ لڳي. دلڪش کي حيرت اها ٿي تہ ياسمين انتهائي احترام ۽ تعظيم سان ڪراڙيءَ کان موڪلائڻ بعد دلڪش کي چيو: "ماسي رحمت ئي اسان جي برادريءَ ۾ سنگهابنديون ڪرائيندي آئي آهي!" دلڪش حيرت مان ڏسندي وراڻيو "پوءِ تہ گهوٽن ۽ ڪنوارن جو خير هجي!!"

ان ڪانپوءِ ايندڙ رات، دلڪش دير تائين سمهي نہ سگهيو هو. هن پاڻ کي ذلالتن جي دلدل ۾ ڦاٿل محسوس ڪيو هو. تڏهن هن پنهنجي زندگيءَ کي گار ڏيئي سوچيو هو. "ڪيڏانهن ويو منهنجو مطالعو؟ ڪيڏانهن ويئي منهنجي اهليت؟ ڪيڏانهن ويو منهنجو علم؟! ۽ ڪيڏانهن ويئي منهنجي شخصيت؟! ايبنارمل ماڻهو مونکي جاهل سمجهي، پارٽ پڙهائي رهيا آهن. هائي زمانا!، هائي قسمت! منهنجو هاڻ اهو قدر وڃي بچيو آهي!" هن جي اکين ۾ ڳوڙها، ٿوهر ٻڻجي ڦٽي آيا. هن پنهنجو پاڻ کي آٿت ڏيڻ لاءِ مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپيل پنهنجن انهن مقالن، مضمونن ۽ ڪالمن متعلق سوچڻ شروع ڪيو جن کي علمي ۽ ادبي حلقن ۾ تمام گهڻي پذيرائي ملي هئي. هن پنهنجن انهن شعرن تي سوچيو، جن کي مشاعرن ۾ پڙهندي، هن لاءِ گهڻيون تاڙيون وڳيون هيون. هن پنهنجن انهن اڻڇپيل ڪتابن تي بہ سوچيو جيڪي هو پئسي جي اڻهوند باعث اڃان ڇپائي نہ سگهيو هو. کيس پنهنجا اهي مداح بہ ياد آيا، جن مختلف وقتن تي، هن کان آٽوگراف ورتا هئا. تڏهن وڃي هن کي ڪجهہ ڪجهہ اعتبار آيو تہ هو ايترو جاهل نہ هو، جيترو هن جا ساهرا سمجهي رهيا هئا! هن محسوس ڪيو تہ سندس ساهرن جي دنيا ئي ڌار هئي، انهن جو ذهن فقط پنهنجي برادري، فرقي ۽ آٽڻ چاڙهڻ تائين محدود هو. ننڍا توڙي وڏا پنهنجي جماعت جي روحاني پيشوا جي حڪمن تي اکيون ٻوٽي عمل ڪندڙ

هئا. جماعتي طور طريقن کي ئي سڀ ڪجهہ سمجهندا هئا. سندن نظر ۾ غير جماعتي ماڻهو جاهل ۽ ڀليل هئا.

اثر انگيز گفتگو ڪندڙ هڪ شخص، دلڪش سان خاص طور ملڻ لاءِ آيو. جنهن هن کي پنهنجي جماعت ۾ اچڻ لاءِ ڪلاڪ تائين هدايت ڪئي. دلڪش نيٺ بيزار ٿي چيو: ”چا اهو ڪافي ناهي تہ آئون مسلمان آهيان؟!“ واعظ ڪندڙ شخص جهٽ پٽ وراڻيو: ”نہ. . . . . رڳو مسلمان هجڻ ڪافي ناهي، مسلمانن ۾ تيهتر فرقا آهن. انهن مان صرف هڪڙو صحيح رستي جو راهي آهي!“ دلڪش ڦيريون ڦيرو سندس اکين ۾ اکيون وجهندي رڳو اهو چيو: ”توهان رانگ نمبر ملايو آهي سائين!“ سامهون ويٺل شخص، سندس مقصد سمجهي ويو ۽ چهري تي ناگواريءَ جو تاثر اڀري هليو ويو.

ان ڪانپوءِ ياسمين جي برادريءَ وارن جو دلڪش وٽ اچڻ وڃڻ گهٽ ٿي ويو. هن جي ڪيترن ئي مٺو ڪائيندڙ ڳالهين مان جان ڇٽڻ سان گڏ، ان اذيتناڪ سوال مان بہ جند آجي ٿي پئي، جنهن ۾ پڇندا هئا: ”تون ڪم ڪهڙو ڪندو آهين؟!“ ڪم مان انهن جي مراد سرڪاري ملازمت هئي. ڪي نودولتيا تہ هن کي احساس محروميءَ ۾ مبتلا ڪرڻ ۽ پنهنجي برتريءَ جي نمائش لاءِ وڏن ۽ سٺين عهدن تي ڪم ڪندڙ پنهنجن عزيزن جون وارتائون ڇيڙي وهندا هئا. پر هاڻي انهن جو اچڻ وڃڻ گهٽجي ويو هو. شايد ڪين احساس ٿيو هو تہ دلڪش انهن لاءِ غير موزون ماڻهو هو. هن وٽ ان جهوني بہ اچڻ ڇڏي ڏنو هو. جيڪو اڪثر منجهند ويل دلڪش سان ڪچهري ڪرڻ ايندو هو ۽ ان جي منجهند واري ننڊ ڦٽائيندو هو. اهو جهونو پاڻ کي اديب ۽ عالم سمجهڻ جي خوشفهميءَ ۾ بہ مبتلا هو. هن کي ان ڳالهہ تي فخر هو تہ هن جي پڇيل سوالن جا جواب وڏا وڏا عالم بہ ڏيئي نہ سگهندا آهن. هن جا سوال بہ هن جيئن عجيب هوندا هئا. ”قاعد اعظم جو ڏاڏو ڪهڙي تاريخ تي ڄائو هو؟ مينار پاڪستان جي اڏاوت ۾ ڪيترن مزدورن حصو ورتو هو؟، ٽيپو سلطان آخري جنگ ۾، جنهن گهوڙي تي چڙهيو هو، ان جو رنگ ڪهڙو هو؟ اهو پهاڪو ڪنهن ايجاد ڪيو هو تہ ڪتر پنهنجو تہ هاري پر پرايو بہ هارائي؟“ دلڪش هن جي اڳيان اڪثر پنهنجي وجود جو احساس بہ وساري ويهندو هو. ۽ پاڻ کي رڳو هڪ ٻڌندڙ ظاهر ڪرڻ لاءِ ”ها هون“ ڪندو رهندو هو. ڪڏهن ڪڏهن رستي ڏانهن کلندڙ ڪمري جي دريءَ مان، جهوني کي پري کان ايندي ڏسندو هو تہ پاسي واري در مان نڪري، پر واري دڪان ۾ ويهي رهندو هو ۽ لاڳيتو ان رستي جي ڇيڙي ڏانهن ڏسندو هو. جتان جهوني کي واپس ويڻو هوندو هو! جهونو اڪثر ڪمري ۾ دلڪش کي نہ ڏسي مايوسيءَ مان موٽي ويندو هو پر ڪڏهن ڪڏهن ٻن ٻن ڪلاڪن تائين هن جي موٽڻ جو اوسيئڙو ڪندو هو. دلڪش جنهن دڪان تي ويهندو هو ان جي مالڪ جو تعلق هڪ ٻئي فرقي سان هو جيڪو منجهند ويل جي گرميءَ ۾ گرهاڪن جي اڻموجودگيءَ جو فائدو وٺي، دلڪش کي پنهنجي فرقي جي صداقتن متعلق ٻڌائيندو هو. پنهنجي فرقي

وارن طرفان ڪڍهن ڪڍهن منعقد ٿيندڙ ميڙاڪن ۾ گڏجاڻين ۾ هلڻ لاءِ ٻه زور ڀريندو هو. ان وقت دلڪش لاءِ ميرپورخاص جو شهر ٻنهه سوڙهو ۽ ساهه منجهائيندڙ ٿي پوندو هو!

ياسمين جي تربيتي ڪورس دوران، جڏهن پئسي جي هٿ منجهه ٿي پيئي هئي ته، گهربل رقم جي پورائي لاءِ دلڪش، ڏهن ڏينهن لاءِ ڳوٺ آيو هو. جتي هن پنهنجي ماءُ حڪيمه کي اڳ کان وڌيڪ ڪمزور ۽ نبل ڏٺو. ڪيس دلڪش کان دوريءَ جو احساس، اندر ئي اندر ۾ اڏوهي ﭑڻجي کائي رهيو هو. پر حڪيمه پنهنجي طبيعيت موجب پنهنجي پٽ اڳيان ڪا ٻه شڪايت آڏي ڪونه آندي، ڇڻ ڪيس دلڪش جي مجبورين جو ڳوڙهو احساس هو!

دلڪش هارين وٽ پالنا لاءِ ڏنل پنهنجي چوپائي مال مان، ٻه اٺ، هڪ وهڙي ۽ ويهه ڇيلا وڪرو ڪيا. هارين جو حصو پتي ڪيڻ ڪانپوءِ ٻه هن وٽ وڏي رقم موجود هئي. خرچ پکي لاءِ حڪيمه ۽ تبسم کي ڪجهه پتي ڏيئي، باقي رقم ڪيسي ۾ وجهي، اسلام ڪوٽ مان ميرپورخاص ويندڙ بس ۾ چڙهي وينو هو.

جرواريءَ کان والڪرٽ روڊ تائين، هن ڪرائي جو رڪشو ڪنيو. گهر پهتو هو ته چاندوڪي ۽ برڪا ڪيس چنبڙي پيون. هن ٻنهين ڏيئرن سان راند روند ڪئي ۽ ڪين خرچي ڏني ۽ پوءِ کٽ تي ويهي رهيو. سندس پرسان ٻي کٽ تي ياسمين ويٺل هئي، جنهن جي پاسي ۾، ساٽس گڏ تربيتي ڪورس ڪندڙ سندس سهيلي سارا ويني هئي. سارا پنجابي لهجي ۾، ياسمين کي ٻڌائي رهي هئي ته ڪيئن نه ڏکڻ پنجاب جي هڪ بااثر سندس سنگ وٺڻ لاءِ هن جي پيءُ کي بليڪ ميل ڪيو هو. هڪ رات غنڊن کان سندن الهه تلهه ڦرائي، ڪچي گهر کي باهه ڏياري هئي ۽ پوءِ سارا جو والد، پنهنجي زال ۽ اڪيلي ڌيءَ جي جان بچائي سنڌ آيو هو. جتي چند سالن ۾، نه رڳو روزيءَ روٽيءَ جا مسئلا حل ٿيا هئا، بلڪ وٽن رهڻ لاءِ پڪو گهر ٻه موجود هو. سارا اهو ٻه ٻڌايو ته چند مهينا اڳ سندس والد فوت ٿي چڪو هو.

دلڪش جي ذهن ۾ چند سوال ڏنگ هڻي رهيا هئا، پر ياسمين جي امڪاني ناراضگيءَ سبب سارا کان پڇي نه سگهيو هو. چاندوڪي ۽ برڪا، هن جي هنج ۾ ڪيڏي رهيون هيون. اوچتو برڪا هٿ وڌائي، هن جي ڪيسي مان نوٽن جي ٿهي ڪڍي وڪيري ڇڏي هئي. هزار ۽ پنج سئو جا ڪيئي نوٽ کٽ تي پکڙجي پيا هئا. دلڪش نوٽ ميڙي ڪيسي ۾ وجهي ڇڏيا. هن ڏٺو ته سارا اک ٽيٽ انداز سان، هن جي ڪيسي کي ڏسي، پوءِ ياسمين کان پڇيو "توهان جو مڙس ڪهڙي نوڪريءَ ۾ آهي؟"

ياسمين لاپرواهيءَ مان ڪلندي وراڻيو: "اڃان تائين ته بيروزگار آهي. هونئن ٻه هن تان ڪم معاف آهي. آئون جو آهيان ڪمائڻ لاءِ!" دلڪش محسوس ڪيو ته ياسمين جو اهو جواب، سارا کي مطئمن ڪري نه سگهيو هو! پر سارا، الاءِ ڇا سوچي خاموش ٿي ويئي هئي. ڪجهه دير وڌيڪ ڳالهيون ڪرڻ ڪانپوءِ، ياسمين رات جو ماني ناهڻ لاءِ جڏهن باورچي خاني ڏانهن رواني ٿي، ته سارا ٻه جهٽ پٽ اٿي هن سان گڏ هلڻ لڳي، ايئن ڇڻ ياسمين جي وڃڻ ڪانپوءِ دلڪش وٽ اڪيلو ويهڻ ڪيس پسند نه هو.

رات جي ماني کائڻ کانپوءِ سارا اوچتو ڦاٽ کاڌو "آئون هينئر جو هينئر گھر ويندس. "ياسمين حيرت مان ڏسندي پڇيو: "توهان اڄڻ وقت ٻڌايو هو ته توهان اڄوڪي رات هتي ئي ترسندؤ؟!" سارا جلديءَ مان وراڻيو: "ان وقت مونکي اهو ياد نه رهيو هو ته مونکي ئي امان کي، رات جي دوا پيارڻي آهي ۽ نه ئي مونکي اهو ياد هو ته سڀاڻي آچر آهي، ۽ بابا جي روح کي ايصال ثواب پهچائڻ لاءِ پاڙي جي نينگرين کي قرآن خواني ڪرڻ جو سڏ ڏنل آهي. ان لاءِ صبح سويل کير آڻيندڙ کيرڙيي کان ﮬﻴ ڪلو اضافي کير ﺑﻪ ورتو آهي" ياسمين ڪجهه سوچيندي چيو: "هينئر رات جا ڏهه ٿيا آهن. آسپاس ڪو رڪشو ﺑﻪ نه ملندو. تون اڪيلي. . . . . . . .؟!" سارا پر اعتماد لهجي ۾ وراڻيو: "هونئن ته آئون اڪيلي ﺑﻪ وڃي سگھان ٿي، ڇو ته مون زندگيءَ ۾ مردن کي جوتي جي نمبر کان وڌيڪ اهميت ناهي ڏني. بس، آفيسن ۽ روڊن تي ڪيترن ئي مردن کي جوتا هڻي اهو سبق سيکاريو اٿم ته عورت ڪيڏڻ جو رانديڪو ناهي، جو جهٽ پٽ اوهان جي هٿن ۾ هلي اچي. مگر اوها صحيح ٿا چئو ته هن بيگا وقت عزتدار عورت جو اڪيلو هلڻ سٺو نٿو لڳي!"

سارا جا جوشيلا جملا ٻڌي، ياسمين ﺑﻪ پاڻ کي روڪي نه سگھي. "مرد بنهه ڪميڻا هوندا آهن. عورت کي ايئن ڏسندا آهن، جيئن ٻلو ڪوئي کي ڏسندو آهي. . . . " سارا ڪيس جملو پورو ڪرڻ نه ڏنو. : "مرد ڇا ﺑﻪ سمجهن پر عورت جي عزت پنهنجي وس ۾ آهي. هونئن ﺑﻪ عورت جو زيور حياءُ آهي. مذهب ﺑﻪ اسان کي اهو ئي سيکاري ته پنهنجي عزت جي حفاظت ڪريو بيحيائيءَ کان بچو. منهنجو مرحوم بابا چوندو هو ته ڪڏهن ﺑﻪ برقي ڪانسواءِ گھر مان متان نڪرين ۽ نه ئي غير مرد سان ڪڏهن بيتڪلفي ڪجان. . . " سارا ڳالهه پوري ڪري سواليه نظرن سان ياسمين کي ڏسڻ لڳي. ياسمين ڪجهه سوچيندي پڇيو: "هينئر اوهان ڪيئن ويندا؟!" سارا دلڪش ڏانهن اشارو ڪندي چيو: "ادا کي چئو ته مونکي ڇڏي اچي" ياسمين مشڪل فيصلي جو زهريلو ڪيپسول ڳڙڪائڻ لاءِ ڳيت ڏيئي چيو: "توهانجو ادا، ٿر جي ٿڪائيندڙ سفر تان موٽيو آهي، الاءِ هلندو يا نه!؟" سارا اعتماد سان چيو: "ادا ايترو خود غرض ۽ بي وڙو ناهي، جو مونسان گڏ هلڻ کان انڪار ڪري. " سارا لفظ ادا تي وڌيڪ زور ڏنو جيڪو دلڪش کي ڪڏهن ڏاڍو مٺو ته ڪڏهن وري بنهه ڪارو لڳندو هو. ياسمين ڪجهه سوچيو ۽ پوءِ دلڪش ڏانهن ڏسندي، بيدليءَ مان چيو: "سارا کي گھر ڇڏي جلد موٽي اچو". سارا ڪمري مان برقو پائي، ياسمين کان موڪلايو ۽ دلڪش سان گڏجي، پنهنجي گھر ڏانهن هلڻ لڳي. شارٽ ڪٽ ڪرڻ لاءِ هن سوڙهين ۽ اونداهين گھٽين جي ﺑﻪ پرواهه نه ڀئي ڪئي. هوءَ دلڪش سان گڏ ڪلهو ڪلهي سان ملائي هلي رهي هئي، ڇا ته بولڊ ڇوڪري هئي. هڪ سوڙهي گھٽيءَ مان گذرندي، هڪ ﮬﻴ پيرا هن جو جسم دلڪش کي لڳو ته دلڪش اسپرنگ جيان چرڪ کائي پرتي هٽي ويو. هر پيري دلڪش جي ڪنن ۾، ياسمين جي اڳيان سارا جي ڳالهايل جملن جا پڙاڏا گونجي پيا "مون زندگيءَ ۾،

مردن کي جوتي جي نمبر کان وڌيڪ اهميت ناهي ڏني. . . . . . . . . . . . . مردن کي جوتا هٽي، اهو سبق سيکاريو اٿم ته عورت کيڏڻ جو رانديڪو ناهي. . . . !“

چند قدم اڳتي هلڻ کانپوءِ، سارا هڪ سوڙهي گهٽيءَ ڏانهن مڙي ويئي، جتي اونده نسبتن وڌيڪ هئي. شروع ۾ هوءَ ايترو اعتماد سان هلي رهي هئي، ڄڻ ڪو جنگي سورمو پنهنجي فتح ڪيل، علائقن جو معائنو ڪرڻ لاءِ نڪتو هو. پر چند قدم اڳتي هلڻ کانپوءِ، هوءَ بيهي رهي. دلڪش به ٻه قدم اڳتي هلي بيهه رهيو. سارا ڪيس ويجهو هلي آئي. پنهنجو هٿ ڏيئي چيائين: ”منهنجي هٿ سان هٿ ملائي پوءِ هلون، جيئن اونداهيءَ ۾ هلندي مونکي آساني ٿئي. “ دلڪش پنهنجو هٿ هن ڏانهن وڌائي ڇڏيو. سارا هٿ ۾ هٿ ملائيندي هلڪو زور ڏنو ته دلڪش جي من ۾، سارا لاءِ موجود سمورا گمان غلط ثابت ٿي پيا. هن جو مردانه اعتماد موٽي آيو ۽ دلڪش جي ڳراٽڙيءَ، ٻنهين وچان موجود ڏُوريءَ جي ديوار ڊاهي وڌي. ڊگهي قد ۽ وڏي هيل واري جتيءَ جي ڪري، بيٺي بيٺي چمي ڏيڻ ۾ سارا کي خاص ڪوشش ڪرڻي ڪونه پيئي. ان ئي گهٽيءَ ۾ سارا جو گهر موجود هو جنهن جي لوهي در کي ٻه ڀيرا کڙڪائڻ کانپوءِ سارا جي پوڙهي ماءُ دروازو کوليو. دلڪش واپس وڃڻ لاءِ اجازت گهري پر سارا چيو: ”ترس، آئون بينڪ جو در کوليان ٿي. “ هوءَ ماءُ سان گڏ اندر هلي ويئي. ڪجھ گهڙين کانپوءِ بينڪ جي ڪمري جو بلب ٻريو ۽ پوءِ دروازو کليو. دلڪش اندر وڃي بيڊ تي ويٺو. سارا برقعو لاهي ڪليءَ ۾ ٽنگيو ۽ پوءِ هن سان گڏ بيڊ تي ويهي رهي. اداسيءَ مان چيائين: ”اڄڪلھ اسين مالي مشڪلاتن جو شڪار آهيون. مون گذريل ٽن مهينن کان نئون جوڙو به ناهي ورتو. مونکي پئسه گهرجن “. دلڪش کيسي مان پنج سئو جو نوٽ ڪڍي، سندس ترريءَ تي رکندي چيو: ”سڀاڻي نئون جوڙو خريد ڪجانءِ. “ ياسمين چيو: ”سينڊل، ميڪ اپ ۽ نئون پرس به وٺڻو اٿم. “ دلڪش پنج هزار جو ٻيو نوٽ ڏيندي چيو: “اڃان ته ڀيرين ملاقات به مڪمل ناهي ٿي، فرمائشون وڏي ويون آهن. “ سارا جي چهري تي مفتوح علائقن جو معائنو ڪندڙ جنگي سورمي جهڙو اعتماد نه رهيو هو. اتي هاڻي ڀيرين چوري ڪندي پڪڙجي پيل شخص جيئن ڦڪائي ڦهليل هئي!

هن جا چپ ٿلها، نڪ ويڪرو ۽ اکيون ننڍيون پر شرارتي ۽ رنگ ڳورو هئس. پريل بدن ڪجھ موٽو لڳي رهيو هو. جوڀن جي ڏايا، هن کي پرڪشش بڻائي ڇڏيو هو. سارا چيس: ”جلدي ڪريو پوءِ ياسمين شڪي ٿي پوندي“ دلڪش وراڻيو: ”اهو منهنجو مسئلو آهي. جيئن توهان مونکان پنهنجيون فرمائشون پوريون ڪرايون آهن، ايئن منهنجيون فرمائشون به پوريون ڪريو. “. سارا خاموش رهي. کيس محسوس ٿيو ته هن کي ورتل پئسن جو پورو معاوضو چُڪائڻو هو! تيز بلب جي روشنيءَ ۾، هوءَ هر حڪم جي پيروي ڪري رهي هئي ۽ دلڪش لاءِ اهو ڀيريون پيرو هو جو ٽڪن سان ورتل رتيءَ جي رهاڻ سان سندس آشنائي ٿي رهي هئي، جنهن ۾ هن جو ڪردار حاڪمانه هو ۽ اهو سپنا واري ملاقات جي فرمانبردار رول کان گهڻو مختلف هو. ”تو مونکي ڏاڍو رڳڙيو ۽ ولوڙيو آهي“. سارا جي

جملي ۾ احسان جتائڻ جي آميزش اٽڪيل هئي. دلڪش سوچيو ”ڪن ماڻھن سان دوستي ۽ احسانمنديءَ جي بار ۾ نيائڻ کان پڙ تي وهنوار ڪرڻ بهتر آهي!“. اهوئي سوچي هن سارا کان پڇيو:”چئبو تہ اڃان حساب برابر ناهي؟“ سارا مرڪندي وراڻيو: ”نہ. . . . بلڪل نہ!“ دلڪش سيريئس ٿي پڇيو: ”بقايا ٻڌايو؟“ سارا وڏو ٺهڪ ڏيئي چيو: ”مون تہ مذاق ڪيو پئي، اوهين سنڌي سچ پچ پورڙا آهيو جيترو تو انجوائي ڪيو شايد مون اڄ ان کان بہ وڌيڪ انجوائي ڪيو آهي، حساب تہ اتي ئي برابر ٿي ويو باقي تنهنجي ڏنل ۽ منهنجي ورتل خرچي تہ بونس آهي!“ دلڪش ڪيس تاڙي ملائي روانو ٿيو تہ پوياں سارا چيو:”تو منهنجو گهر ڏسي ڇڏيو آهي، جڏهن دل چاهي هليو اچجان. تنهنجو قرض اڃان مون تي رهيل آهي. !“ واپس گهر ڏانهن ايندي، دلڪش کي ٽڪن ۾ ٽونئرن وارو گج پاتل اها ارڏي ٽرياٽي ياد آئي هئي، جنهن جي روح ۾ مارئيءَ جي روح جو واسو هو. جنهن جو ڳوٺ. هن جي ڳوٺ جي پرسان ئي هو جنهن کي دلڪش گهڻا سال اڳ، ياري رکڻ لاءِ چڪيو هو پر ان عورت، هن جي هر التجا کي بيدرديءَ سان ٺڪرائي ڇڏيو هو. دلڪش جي ٻن سالن جي ڪوشش تڏهن صفا ختم ٿي ويئي هئي، جڏهن هڪ ڏينهن ترائيءَ تي دلا ڪٽي ايندڙ ان عورت اڪيلائي ۾ هن کي سمجهايو هو: ”تون پائين ٿو آئون ڪا اڪ جي ماکي آهيان. جنهن کي تون ٽڪڙو چاٽي وٺندين. منهنجو مڙس جيئرو وينو آهي، جيڪو منهنجو پهريون ۽ آخري پيار آهي. مونکي چا ٿو کپي جو آئون توسان ياري رکان. مون پهرين ڏينهن توکي ادا چيو هو اڄ تائين توکي نندو ڀاءُ سمجهان ٿي. انڪري هيستائين تنهنجيون شرارتون سهندي رهي آهيان. نہ تہ هن کان اڳ ۾ توکي خبر پئجي وڃي ها تہ مون لاءِ تون ڪهڙي باغ جي موري آهين ؟“ دلڪش خاموش ٿي ويو هو. ان عورت ترائي جي پاٽي مان دلو پريندي چيو هو.

”مون کي لڳي ٿو تون تڙ تڙ جو پاٽي پيئندڙ رول پکي آهين. ٿورو ٿورو سڪٽو ٿورو ٿورو لُڏو. . . . . . . . . . پر پيٽ جي هڪ ڳالهہ ڏيان سان ٻڌي ڇڏ. . . . هن زماني ۾ توکي تو جهڙيون ڪيئي مايون ملي وينديون. پر تون اها محبت ماڻي نہ سگهندين. جنهن ۾ سينڌ تي هٿ رکي ڪيل وچن تان، سهسين سِسِيون ڪپائي ڇڏيون آهن. يارن جا ڏنل قوتا ۽ مصريءَ ٽڙن کي ساهہ جيئن سانڍي رکبو آهي ۽ پڄاڻا پرين، پنيور کي باهہ ڏبي آهي! “ دلڪش گهر پهتو هو تہ ياسمين ڪاوڙ مان پڇيو: ”هيتري دير ڪٿي هئين ؟“ دلڪش کي خبر هئي تہ سارا جو گهر ياسمين جو ڏٺل نہ هو. هن احسان جتائيندي مصنوعي ڪاوڙ مان چيو: ”تنهنجي سهيليءَ مان ماڳهين ڦاسي پيئس، هڪ سنڌس گهر پري پيو وري شارٽ ڪٽ ڪرڻ لاءِ، سوڙهين گهٽين مان گهر جو گس پلجي ويئي. ٽيون وري گهر ۾ ننڍ ستل سنڌس امڙ جاڳڻ ۽ در کولڻ ۾ ويهہ پنجويهہ منٽ لڳائي ڇڏيا !“

***

اها جون جي گرم شام هئي. چانڊوڪيءَ جي گلي ۾ سوپاري اٽڪي پيئي هئي. مارئي ميڊيڪل سينٽر جي روم نمبر 8 ۾ ننڍڙي چانڊوڪيءَ جو علاج هلي رهيو هو. دلڪش جي اکين جو تارو ننڍڙي چانڊوڪي، زندگي ۽ موت جي ڪشمڪش ۾ نماڻا نيڻ کڻي، ڪنهن ويل ماءُ، تہ ڪنهن ويل پيءُ ڏانهن ڏسي رهي هئي. دلڪش جي دل منجهان سورن جون سُيون، آرپار لنگهي رهيون هيون!

ڊاڪٽر انور جي چهري تي مايوسي ڇانيئل هئي. چانڊوڪيءَ کي ساهہ کڻڻ ۾ رنڊڪ ٿي رهي هئي. سندس نراڙ تي، پگهر جا ڦڙا ڦٽي رهيا هئا. نڪ تي لڳايل آڪسيجن ماسڪ، هٿ جي وين ۾ لڳل ڪينولا ۽ منجهندڙ ساهہ سبب ٿيندڙ ڪنگهہ باعث، هوءَ بنهہ گهڻي بيزار ٿي رهي هئي.

چانڊوڪي پنهنجن معصوم روين ۾ غير معمولي ذهانت جي حامل لڳندي هئي. هن جو گهڻو وقت ماءُ بدران پيءُ سان گڏ گذرندو هو. دلڪش هن کي هنج تي کڻي وڏو ڪيو هو ۽ ايئن چانڊوڪيءَ جو پيار دلڪش جي دل مٿي پروان چڙهيو هو، اهو ئي ڪارڻ هو جو مارئہ ميڊيڪل سينٽر جي روم نمبر 8 ۾ چانڊوڪي کي تڙپندي ڏسي. دلڪش جو وجود ودجي رهيو هو!

جڏهن بہ دلڪش ڳوٺ سنبرندو هو تہ اڪثر ننڍڙي چانڊوڪي، معصوم خوشي مان چوندي هئي. "پپا ملهاسر هلنداسين!". چانڊوڪي جي ٻاتڙن ٻولن ۾ وچڙيل اهو جملو دلڪش کي انوکو سرور آچيندو هو. پر مارئي ميڊيڪل سينٽر جي روم نمبر 8 ۾ بنهہ تڪليف ۾ مبتلا چانڊوڪيءَ جي التجا آميز نهارن مان نڪرندڙ اهو جملو دلڪش جي دل ۾ بليڊ ٻڻجي ڦري رهيو هو:"پپا ملهاسر هلنداسين" دلڪش جا حواس طوفاني هوائن ۾، پٽ تي بيٺل اڪيلي نم جي ٽارين جيئن لڏي رهيا هئا. هن چاهيو تہ هو مارئي ميڊيڪل سينٽر جي پٿين سان مٿو ٽڪرائي چوي تہ "نہ امان نہ. . . . . اڄ ملهاسر نہ هلنداسين !" هن پاڻ تي گهڻو ضبط ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر پيڇري جو در کُلندي ئي اڏامي ويندڙ قيدي پکي جيان اهو جملو هن کان ڇڏائي ويو "نہ امان نہ، اڄ ملهاسر نہ هلنداسين!"

تواتي لهجي ۾، هن جو اهو جملو ٻڌي، نرس کان ڇرڪ نڪري ويو. ٻہ قدم پوئتي هٽي حيرت مان پڇيائين: "دلڪش صاحب مون سمجهيو نہ، اوهان ڇا چيو. . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . ؟!"

جواب ۾ دلڪش پاڻ کي پاڻيءَ ۾ ڪري پيل ٿال مان هارجي پيل اناج جي داڻن وانگر وکريل محسوس ڪيو! ڪجهہ بہ چئي نہ سگهيو. ياسمين صورتحال کي سنڀالڻ جي ڪوشش ڪئي. "اصل ۾ دلڪش کي چانڊوڪي سان گهڻو پيار آهي، سندس هي حالت ڪانئس ڏٺي نہ ٿي ٿئي" نرس دلداري ڏيندي وراڻيو: "سڀ ڪجهہ ٺيڪ ٿي ويندو"

رات جو آخري پهر زخم زخم ٿي گذري رهيو هو. چانڊوڪي ءَ جي ساهہ ۾ سوڙهہ ٿي رهي هئي. ياسمين صدمي ساڻي ڪيفيت ۾ چانڊوڪيءَ پرسان ويٺل هئي. اوچتو چانڊوڪي جو ساهہ ڏچڪن ۾ وچڙڻ لڳو. دلڪش پريشانيءَ مان ڊاڪٽر کي سڏڻ لاءِ ڊوڙ پاتي، ڊڪٽر سان گڏ واپس موٽيو تہ روم

نمبر 8 جي در وٽ اچو ايپران پاتل نرس، پيشمانيءَ مان ڊاڪٽر کي چيو: "سر پيشنٽ.......... ايڪسپائر......!"

دلڪش جي اکين اڳيان اماس پکڙجي پيئي، مارئي ميڊيڪل سينٽر جون ديوارون ذهني زلزلي ۾ لڏڻ لڳيون. هن جو وجود ان شخص جهڙو ٿي پيو، جيڪو باهه لڳل عمارت جي ستين ماڙ تان ٽپ ڏيڻ جي آخري ڪوشش ڪري رهيو هجي! ياسمين جي سڏڪن جو آواز، هن جي ڪنن ۾ تتل شيهو ٻڻجي داخل ٿي رهيو هو! ڪمري ۾ داخل ٿيندي ئي هن جي نظر چاندوڪي جي بي جان جسم تي پيئي هئي ۽ هن پنهنجي حواسن کي واچوڙي ۾ اڏندڙ ڪپهه جي ذرڙن جيئن وکرندي محسوس ڪيو هو. ان ڪان پوءِ هن کي خبر نه پيئي ته هن ڇا ڪيو هو ۽ ڇا ٿيو هو!؟. هو سامت ۾ تڏهن آيو هو جڏهن ياسمين جي جملن جا پڙاڏا هن جي ڪنن ۾ گونجيا هئا "تون مرد ٿي ڪري به ايترو ڪمزور حواس ٿي رهيو آهين. ڏس آئون عورت آهيان، پوءِ به پاڻ کي صبرمند رکي رهي آهيان. رب جي رضا ڪان ڪير ڏاڍو ٿيندو، تون ڪجهه به ڪرين چاندوڪي موٽي ڪو نه ايندي! پاڻ کي سنڀال دلڪش. "

دلڪش پاڻ کي سنڀالڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ته هن محسوس ڪيو ته هن کي چار پنج ماڻهو جهلي بيٺا هئا ۽ هن جي ساڄي هٿ جي تري مان رت ٽمي رهيو هو. هڪ جملو هن جي چپن تي اچڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو "اوهين سڀ منهنجي ڌيءَ جا قاتل آهيو"پر هن ضبط ڪري ورتو ڇڻ زهر جو درياءُ هو جيڪو هن هڪ ئي ٽڪ ۾ پيءُ ورتو هو! هن جي ساڄي هٿ تي ملم پٽي ڪئي ويئي ۽ ان ڪانپوءِ هو چاندوڪي جو لاش ڪڻائي گهر آيو هو. جتي هن جي ساهرن جو هجوم گڏ ٿي ويو. عورتن کي لاش وٽ هڪ پاسي ويهاريو ويو جڏهن ته دلڪش ٻئي پاسي مردن سان گڏ موجود هو. هرڪو هن سان پنهنجائپ ۽ همدردي جو اظهار ڪري رهيو هو. جن ۾ اهي ماڻهو به شامل هئا، جيڪي عام حالتن ۾، هن کي سخت ناپسند ڪندا هئا. تڏهن دلڪش محسوس ڪيو ته رواجن ۽ رسمن جا ڏيکاءُ، حقيقي ۽ اندر جو آواز ناهن هوندا!

دلڪش جي ساهرن جو يڪراءَ فيصلو هو ته چاندوڪيءَ کي سندن آبائي قبرستان ۾ سپرد خاڪ ڪيو وڃي، پر دلڪش ان ڳالهه تي پڙ ڪيدي بيهي رهيو ته چاندوڪيءَ کي سندس ڳوٺ ملهاسر جي اباڻي قبرستان ۾ دفن ڪجي. دلڪش جي هوڏي طبيعت کي محسوس ڪندي، ياسمين پنهنجن رشتيدارن کي چيو ته چاندوڪي جي موت جي صدمي، دلڪش کي بنهه گهڻو حساس بڻائي ڇڏيو آهي. اسپتال ۾ به ايبنارمل ٿي پيو. ڊاڪٽر کي گلي مان جهلي چيائين: "اوهين سڀ منهنجي ڌيءَ جا قاتل آهيو. اوهان وٽ ساهه جي نلي ۾ ڦاٿل سوپاري ڪيڍڻ لاءِ سکر مشين نه هئي ته پوءِ اسان کي ريفر ڇو نه ڪيو. رڳو آڪسيجن ۽ اينٽيبايوٽڪس اصل علاج ته نه هو. اسپتال جي ملازمن هن کي وڏي مشڪل سان قابو ڪيو. پوءِ به دروازي کي مڪ هڻي پنهنجو هٿ ڦٽي وڌائين. دلڪش پنهنجي ضد تان اصل نه لهندو، ڇڏيوس ته چاندوڪي جو لاش ملهاسر ڪڻائي هلي"

چانڊوڪي جو لاش ملهاسر ڪڇي رهيو هو تہ دلڪش ڪي هرهر هڪ جملو ڪنڊن جي گرهہ جيئن ڳُڙڪائڻو پئجي رهيو هو

”ملهاسر هلنداسين !“

۽ ايئن اهو جملو چانڊوڪيءَ ڪي ملهاسر جي قبرستان ۾ دفنائڻ تائين، دلڪش جي دل ۾ سُيون ٻڻجي ٽنبجندو رهيو!

***

# جهيڙا، بدمزگي ۽ طلاق

ٽريننگ ختم ٿيڻ پڄاڻا، واپس اسلامڪوٽ اچڻو پيو هئن ۽ هتي دلڪش ڪي وڏيڪ ذميوار ۽ محتاط رهڻو پوندو هو. جڏهن تہ ياسمين جو رويو وڏيڪ جارحاڻو هو! هوءَ دلڪش کي هرهر اهو احساس جتائيندي هئي تہ هن دلڪش جي خاطر، پنهنجن کان پري ٿي، ٿر ۾ رهڻ جي تڪليف برداشت ڪئي هئي. نہ تہ جيڪر هوءَ بدلي ڪرائي واپس ميرپورخاص هلي وڃي ها!
آهستي آهستي ياسمين جي شخصيت وڏيڪ چڙچڙي ٿي رهي هئي. هن جي دلچسپين جو محور پنهنجي ذات بڻجي رهي هئي ۽ هن پنهنجن ٻارن ۽ رت جي رشتيدارن کي ئي سڀ ڪجهہ سمجهڻ شروع ڪيو هو. ڏيتي ليتيءَ جي معاملن ۾ بہ هن دلڪش کي ڏار رکڻ جي ڪوشش شروع ڪري ڇڏي هئي. ان جا ٻہ سبب هئا. هڪ تہ ميرپورخاص مان موٽڻ پڄاڻا ياسمين جڏهن اڳوڻي مڪان ۾ رهڻ کان انڪار ڪيو هو تہ دلڪش ڪيس ڪاروباري لوڪيشن تي مسواڙي جڳهہ ۾ شفٽ ڪيو هو. جتي رهائش سان گڏ ڪلينڪ هلائڻ لاءِ بہ الڳ پوشن هو ۽ ايئن اتي حيرت انگيز طور پرائيويٽ ڪلينڪ جي آمدني پنجوڻي ڇهوڻي ٿي پيئي هئي. جنهنڪري پئسن جي ان ريل ڇيل ۾، ياسمين نہ ٿي چاهيو تہ دلڪش جي ڪا بہ مداخلت يا نظرداري هجي. ٻيو سبب اهو هو تہ آمدني تي دلڪش جي نظر هجڻ سبب، هوءَ ٿر کان ٻاهر رهندڙ پنهنجي برادري وارن تي خرچ ڪرڻ کان قاصر هئي، جنهن ڪري هن چاهيو ٿي تہ هاڻ دلڪش کي مالي معاملن کان پاسيرو ڪجي! اهو ئي سبب هو جو هوءَ مالي معاملن ۾ غير واجبي بهانا گهڙي جهيڙي جا سبب پيدا ڪندي رهندي هئي.
ڪلينڪ جي آمدني مان هن ميرپورخاص ۾، مهانگو گهر خريد ڪري ورتو هو ۽ سندس خيال هو تہ ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ هوءَ جڏهن اوڏانهن شفٽ ٿيندي تہ دلڪش بہ اتي هلڻ لاءِ آسانيءَ سان رضامند ٿي ويندو. پر دلڪش نہ رڳو ميرپورخاص هلڻ کان صاف انڪار ڪري ڇڏيو پر ياسمين طرفان اوڏانهن گهر وٺڻ تي بہ پنهنجي ناراضگيءَ جو اظهار ڪيو ۽ ايئن ياسمين ۽ دلڪش وچان جهيڙو چوٽ چڙهندو رهيو.
”ميرپور هلڻ کان توکي آخر تپ ڇو ٿو چڙهي؟!“
”ميرپور ۾ ڇا رکيو آهي!“
”ڪجهہ ناهي بس مائيناڻو شهر آهي. هونئن بہ هر ماڻهو وڏي شهر ۾ سيٽل ٿيڻ چاهي ٿو. تون آهين جو بر ۾ خيما کوڙڻ مان نٿو ڌاپجين!“
”پر آئون ميرپور نہ هلندس“

”تہ وچي ملهاسر ۾ ڏوڙ پائي، مون بدلي ڪرائي ڇڏي آهي، هفتي اندر هلي ويندس. “
”پر توکي اجازت ڪنهن ڏني“
”پنهنجو برو ڀلو سمجهان ٿي، تون ڪير ٿيندو آهي، مونکي اجازت ڏيڻ نہ ڏيڻ وارو؟!“
”تون جيستائين نڪاح جي بن ٻولن ۾ مونسان ٻڌل آهين. تيستائين مونسان مشورو ڪرڻ تنهنجي فرض ۾ شامل آهي. “
”تون آخر چوڻ ڇا ٿو چاهين؟“
”اهوئي تہ نہ آئون ميرپور هلندس ۽ نہ ئي توکي اوڏانهن وڃڻ جي اجازت ڏيندس!“
”تون ٿيندو ڪير آهين مونکي روڪڻ وارو. . . . . . . . . . . . !“ ياسمين جي زبان تاجن گهوڙيءَ جيئن ڊوڙڻ لڳي. ڪيترن ئي زهريلن لفظن جي ڏوڙا ڏرڻ لڳي، آخر اهوئي ڪجهہ ٿيو جيڪو گهٽو اڳي تي پئي سگهيو. الاءِ ڪيئن هيستائين ٿيڻ کان رهجي ويو هو.
”طلاق!“
دلڪش پنهنجو مختصر سامان بريف ڪيس ۾ بند ڪيو. جنهن ۾ اهي خط بہ شامل هئا، جيڪي هن ڪڏهن انتهائي پيار مان ياسمين کي لکيا هئا. پر اڄ بدليل وقت ۾، اهي خط ياسمين جي اکين جيئن هن کي گهوري رهيا هئا!
چاندوڪيءَ جي اوچتي وڇوڙي، هن کي جهوري وڌو هو. پر ننڍڙي برڪا جو وجود، هن لاءِ سهارو بڻيل هو. هن پنهنجي وجود جو سمورو پيار، برڪا تي نڇاور ڪرڻ شروع ڪيو هو. پر هاڻ طلاق ڪانپوءِ، هن کي برڪا کان بہ وڇڙڻو پئجي رهيو هو. ڇو تہ برڪا جي عمر ايتري نہ هئي، جو هوءَ قانوني طور هن کي پاڻ سان گڏ رهائڻ جو حق رکندو هجي!
بريف ڪيس کڻڻ کان اڳ، هن سموري گهر کي حسرت سان ڏٺو. ايئن ڄڻ هر شيءِ کي آخري ڀيرو ڏسندو هجي! هرهڪ شيءِ، جيئن جو تيئن موجود هئي، پر ڪجهہ تہ هو جيڪو موجود نہ هو!؟
دلڪش برڪا کي ڀاڪر ۾ وجهي، دير تائين پيار ڪيو. ننڍڙي برڪا ٻاتڙن ٻولن سان پڇيو: ”پپا تو ڪيڏانهن ونين ٿو تو روئين ڇو ٿو؟!“ دلڪش ٻئي ڪمري ڏانهن اشارو ڪندي چيو: ”تنهنجي امان توکي سڏي رهي آهي. تون وڃ!“ ٻئي ڪمري مان ياسمين جي سڏڪن جو آواز اچي رهيو هو.
در مان ٻاهر نڪرندي کيس برڪا ڏسي ورتو ۽ اوڇنگارون ڏيئي روئڻ لڳي. ”پپا موکي بہ باجار وني هل، او پپا. . . . . . . !“
اڱڻ تي بيٺل جمال، بشير ۽ ڪبير ڇپندڙ نگاهن سان دلڪش ڏانهن نهاريو ۽ انهن مان ڪنهن برڪا کي دڙڪو ڏنو. روئندڙ برڪا جو آواز ڪجهہ پنڌ هن جو پيڇو ڪندو رهيو.
”پپا مونکي بہ باجار وني هل“

ڳوٺ ڏانهن ويندڙ ڇڪڙي جي اڳئين سيٽ تي ويهي، هن اکيون ٻوٽي ڇڏيون. کيس خبر هئي ته ياسمين کي ڏنل طلاق، سندس مائٽن کي ٻنهه گهٽو ناگوار لڳندي. کيس اهو به احساس هو ته سندس خاندان ۾ اهڙي نوعيت جي طلاق، ڪڏهن به نه ٿي هئي. ان ڪري علائقائي رواجن موجب، اهو سڀ ڪجهه ذلت ۽ بدناميءَ جو ڪارڻ بڻبو. کيس اهو به احساس هو ته ننڍڙي برکا کان دُوري ناقابل برداشت حد تائين اذيتناڪ بڻبي. پر انهن سمورن احساسن جا زهريلا ڏڪ کيس مجبور پيئڻا پئجي رهيا هئا، ڇو ته سندس وس ۾ ڪجهه به ڪين هو!

اهو به هڪ ڏينهن هو جڏهن ڪجهه سال اڳ ڇڪڙي ۾ چڙهي، ياسمين سان ملڻ شهر ڏانهن اچي رهيو هو. تڏهن ننڍڙين مشڪلاتن باوجود ڪيترو نه هلڪو ڦلڪو ۽ مسرور هو پر اڄ ڏکھي وڇوڙيءَ ڪانپوءِ جڏهن ياسمين کان وڇڙي ڳوٺ وڃي رهيو هو ته سندس هينئڙو به اڌ ٿيل هو. هن جي دل ڪتاب مٿان درد جا اڻ ڳڻيا داستان رقم ٿي چڪا هئا!

هڪ عجيب حقيقت اها به هئي ته سندس دل جي ڪنهن نه ڪنهن ڪنڊ ۾، ڪٿي نه ڪٿي نجات جو ڪينچلو احساس به ليٽي رهيو هو. جيڪو تاحال مايوسين جي ڌوڙ ۾ ڍڪيل هو! ٻي اونو ٿي ڳوٺ وڃي رهيو هو. جڻ ڪو ڏانوڻ هو جيڪو نڪري ڇڪو هو!

ايئن به نه هو ته شاديءَ ڪانپوءِ سندس ڳوٺ وڃڻ نه ٿيو هو پر حقيقت ۾ پابنديءَ جو "اڻ جاتل الڪو" سندس سوچن ۾ سلهاڙيل رهندو هو. ياسمين گڏ هوندي هئي ته هر وقت دلڪش کي پاڻ کان پري ٿيڻ نه ڏيندي هئي. ويجهو رهندئي، ڪو نه ڪو جهنجهٽ رهندوئي رهندو هو. ياسمين ڪانسواءِ ڳوٺ ايندو هو ته هڪ نه ته ٻئي ڏينهن، دلڪش کي ونڻ لاءِ ياسمين طرفان موڪليل ٽئڪسي گهٽيءَ تي اچي هارن هٽندي هئي. ايئن دلڪش جڏهن به ڳوٺ آيو جڻ لولو چلهه ۾ وجهي آيو!

ڇڪڙو پٽ جي چڙهائي چڙهي رهيو هو. دلڪش جون اکيون ٻوٽيل هيون. سندس تصور ۾ ڳوٺ جا منظر ڊوڙون پائي رهيا هئا. صحرا جي بستي، پٽن جون چوٽيون، مال جا وٿاڻ، چڙن جي ڇُڻ پڻ، ڍيلن جو ڊوڙون، اکن جا ڦُليا ۽ ٻيو الاءِ ڇا ڇا هو جيڪو سندس سوچن جي آرسيءَ مان ليئا پائي رهيو هو! هن جون نظرون پر واري پٽ تي بيٺل روهيڙي جا گل چنڊبيندڙ ٻارن تي اٽڪي پيون. کيس پنهنجو ٻالڪپڻ ياد اچڻ لڳو.

اهي به ڏينهن هئا، جڏهن جيجل جي جهوليءَ ۾، منري لولي ٻڌي ننڊ اچي ويندي هئس. ڏرتيءَ کان امبر تائين پکڙيل چانڊاڻ ۾، پوئين پهر جي تڏاڻ ۽ وٿاڻن ڏي ورندڙ مال جي چڙن جو سنگيت، ڪيئن نه دل منجهه ڪتڪائي ڪندو هو. فجر مهل ڪڪڙن جون ٻانگون ۽ کير جي ولوڙن جو آواز ڪيئن نه سماعتن ۾ سرهاڻ اوتيندو هو. وٿاڻن ۾ ڪانيون ڪڍي وينل وڏڙن جو ڳالهيون ۽ کوهن تان ٻيلهڙا پريندڙ پاٽياريِن جا گفتا، جڻ ته ڪالهوٽي ڪالهه جي ڳالهه هئي!

سانوڻيءَ جو مينهن پٽن تي اوڙڪون ڪري وسندو هو. مورن جا ٽهوڪا ۽ ڏنارن جون بانسريون، ڪيس ڪيڏيون نہ وڻنديون هيون. ساوي چادر ڍڪيل پوٽن تي، هڪ جيڏن سان بلور راند ڪندي ڪٽڻ ۽ هارائڻ جا لمحا بہ ڪيڏا نہ عجيب هوندا هئا. ان وقت هر هار ڪيس فتح جو سنيهو لڳندي هئي. پر اڄ ڳوٺ ڏانهن ويندڙ ڇڪڙي جي اڳئين سيٽ تي هن محسوس ڪيو تہ هو زندگيءَ جي وڏي راند هارائي موٽي رهيو هو.

ٻالڪپڻ ۾ واريءَ جا گهرڙا ناهڻ لاءِ، پٽن جي ريت کي ڦلوريندي، هن جي سرشت ۾ سدائين جوڙڻ جي جدوجهد جنبيل هوندي هئي، پر اڄ هو پنهنجي زندگيءَ جو مضبوط رشتو ٽوڙي موٽي رهيو هو! ننڊپڻ ۾ هن جڏهن بہ اکن جي نيرين ڦلڙين يا روهيڙي جي رتن پيلن گلن کي ڪٽي ڇٽيل ڏٺو ٿي تہ جهٽ پٽ مالها ۾ پوئڻ جي ڪوشش ٿي ڪيائين، پر اڄ هن جا پنهنجا سپنا وکريل هئا، جن کي سنوارڻ هن جي وس کان ٻاهر هو!

ننڊپڻ ۾ هن تيز برسات جي طوفاني هوائن ڪانپوءِ، جڏهن بہ ڪنهن پکيءَ جو آکيرو اجڙيل ڏٺو ٿي تہ، هن جون اکيون آبشار ٿي پونديون هيون. پر حيرت جي ڳالهہ اها هئي تہ اڄ پنهنجو گهر اجڙي وڃڻ ڪانپوءِ بہ، هن جي نيٽن منجهہ ڪا بہ بُوند نہ هئي! زندگي ۾ آيل ڏڪارن، اکين جو جر سڪائي ڇڏيو هو يا وري درد جي شدت سمجهڻ لاءِ، لڙڪن وارو پئمانو ئي غلط هو. ننڊپڻ ۾ پنهنجي ٻڪرين جي ڇانگ مان جڏهن بہ ڪو ڇيلڙو ڇڇي، ڌار ٿي ويندو هو تہ، هن جي اکين مان راتين جي ننڊ اڏامي ويندي هئي، پر اڄ هن جي معصوم ننڍڙي برکا، هن کان ڌار ٿي پيئي هئي ۽ هن کي ايندڙ راتين جو الڪو نهوڙي رهيو هو تہ، ڪيس ننڊ ايندي بہ يا الاءِ نہ!؟ ننڍڙي برکا کان ڌار ٿيڻ جي تصور، هن جي وجود ۾ اذيتناڪ بيچيني آڻي ڇڏي. ڇڪڙي جي سيٽ تي هن پاسو ڦيري دريءَ کان ٻاهر نهاريو. رستي جي پرسان پٽ جي لهواريءَ ۾، ڪنهن تازي مئل ڍور کي ڳجهون ڪائي رهيون هيون. هن کي محسوس ٿيو تہ برکا کانسواءِ سندس وجود بہ ان ڍوڻ جيان هو جنهن کي ڳجهون کائي رهيون هيون. ٻوٽيون ٻوٽيون، هڏن کان ماس ڌار. . . . . . . . . . . . . . . !!

ننڍڙي برکا. . . . . . . جيڪا هر وقت ساڻس گڏ هوندي هئي. چانڊوڪيءَ جي حادثاتي موت بعد هن ئي سندس ويران وجود کي آباد ڪيو هو. چانڊوڪيءَ جون سڪون لاهڻ لاءِ، دلڪش اڪثر برکا کي پيار مان چانڊوڪي سڏيندو هو. ان چانڊوڪيءِ کان ڌار ٿيڻ جو تصور ئي، ٽارچر سيل جي عذاب جيان هو!

***

دلڪش ٽري پنهنجي گهر جي اڱڻ تي موجود هو. ڦڳڻ جي اداس شام لڙي چڪي هئي. هن جو مزاج وري ڳوٺاڻي زندگيءَ تي هرڻ لڳو هو. برکا کان جدائيءَ جي صدمي، هن جو جيءُ جهوري وڌو هو.

ڪڏهن ڪڏهن ياسمين جي رفاقتن جي ڪا ڪينچلي يادگيري، هن کي بيچين بڻائي وجهندي هئي! چاڻو سڃاڻو ماڻهن طرفان اڪثر ڪانئس ياسمين ۽ برڪا متعلق سوال پڇيا هئا. جيڪي ڪيس وڍي وجهندا هئا. پر هاڻ هو انهن سوالن جو بہ عادي ٿيڻ لڳو هو!هزارين درد هوندي بہ، هن جي هيستائين جي زندگي قابل رشڪ انداز ۾ گذري هئي، پر ياسمين کان جدا ٿيڻ بعد، هاڻ هو لوڪ وارن جي نظر ۾ قابل رحم بڻجي پيو هو. اهو ئي مظلوماڻو انداز هن کي ناگوار لڳندو هو.

ڦڳڻ جي اداس شام تائين، جنهن وقت هو گهر جي اڱڻ تي رکيل کٽ تي ويهي سگريٽ جا ڪش هڻي رهيو هو. ان وقت خالي خالي گهر جي اڪيلائي، هن جي وجود کي ٻاجهر جي سنگهن جيئن هلر هينان ڳاهي رهي هئي. هن کي اهي شامون ياد اچڻ لڳيون، جيڪي اڱڻ ۾ ويهي، هن برڪا کي کيڏائيندي گذاريون هيون. ننڍڙي پتڪڙي برڪا، ٻاتڙ ا ٻاتڙا ٻول پپا. . . . پپا. . . . پر اڄ برڪا بنا وحشي ماحول هن کي کائڻ اچي رهيو هو! برڪا جون ڪيئي يادون، هن جي اکين ۾ لڙڪن جي رمجهم بڻجي پيون!

ياسمين کان ڌار ٿيڻ ڪانپوءِ لاڳيتو ڳوٺ ۾ ترسيل هو. هن نہ ٿي چاهيو تہ شهر وڃي چاڻو سڃاڻو ماڻهن جي اُگرن سوالن کي منهن ڏيئي! هن جي تنهائي پسند طبيعت لاءِ ڳوناڻو ماحول سازگار هو. نہ تڙ تڪڙ نہ وٺ وٺان، نہ هڻ پٽ، ٽينشن فري لائيف. . . . . . . . . اهائي تہ زندگي هئي. هن شهري ماحول کي ڪڏهن بہ دل سان قبول نہ ڪيو هو پر چند مجبورين هن کي ڊگهي عرصي تائين ڳوٺ کان پري ڪري ڇڏيو هو! ڳوٺ اچڻ ڪانپوءِ هن پنهنجو موبائيل فون بند ڪري پيتيءَ ۾ رکي ڇڏيو هو ڇو تہ هتي ڳوٺ ۾، ڪنهن بہ نيٽ ورڪ جا سگنل موجود نہ هئا. چند ڏينهن موبائيل جي اٿهوند جي بيچيني کيس تڙپائيندي رهي هئي، پر پوءِ هن ان حقيقت کي قبول ڪري ورتو هو شايد ڪاري مٽي جي انسان ۾، پاڻ کي ماحول مطابق هيرائڻ جي قدرتي حيرت انگيز صلاحيت موجود آهي. رابطہ ڪاريءَ جو ڏڪار هن لاءِ رحمت بڻجي پيو. ڇو تہ جڏهن موبائيل رينج ۾ هوندو هو تہ، هرهر مس ڪالز، ميسيجز ۽ ڪالز جي پرمار، هن کي بيزار بڻائي وجهندي هئي. فرسٽريشن جو شڪار واندن ماڻهن جون مس ڪالون، ايس ايم ايس. . . خبر نہ پوي تہ الاءِ ڪير آهي؟ وٽس بيلنس ناهي ڇا؟ وري جو بيڪ ڪال ڪجي تہ نہ ڄاڻ نہ سڃاڻ، همراهہ مرڳو ٻئي کي بيوقوف بڻائڻ جي چڪر ۾ پورو نمونيبازيون. . . . . ! ڪا سيريس مصروفيت ڇو نہ هجي، پر ڪنهن ڄاتل سڃاتل جي ڪال اٽينڊ نہ ڪجي تہ همراهہ ماڳهين رسي پوي. ٻي کي بيوقوف بنائڻ جي ماليا خوليا ۾ مبتلا بيوقوف ماڻهن جا عجيب عجيب ميسيج! نوان نوان نمبرز بدليل سمون، ڪيئن خبر پوي تہ ڪير آهي؟ ڪال ڪر تہ ٻولڪي ٽي ٻي، ڪال نہ ڪر تہ ٻي ڏينهن ميارن جون پريون! آخر حساس ماڻهو ڪري تہ ڇا ڪري؟! اهوئي سبب هو جو شهر ۾ رهندي بہ اڪثر هن جو موبائيل فون بند رهندو هو. پر واقفڪارن جون ڇڙون هن کي ايئن ڪرڻ کان روڪينديون هيون. موبائيل جو بند هئڻ ياسمين لاءِ بہ وهم جو ڪارڻ

ٻڌبو هو. هن کي اهو سڀ ڪجهہ عجيب لڳندو هو. ڇڻ تہ ٻين جي پسند هن کي پنهنجي پسند ۽ شخصي آزاديءَ کان محروم بڻائي رکيو هوا! هن سوچيو هو. ”هتي انيڪ ماڻهن جون زندگيون رانديڪا بڻيل آهن. ٻين جي پسند، سماج جا معيار، وک وک تي رڪاوٽون. . . . . . . . . . موبائيل فون تہ ضرورت جي شيءِ آهي، پر ماڻهن ان کي وڏ ماڻهپي جو معيار ناهي ڇڏيو آهي. ساڳي طرح گاڏي بنگلو ۽ پوشاڪ بہ ضرورت جون شيون آهن. پر ماڻهن ان کي عزت جو پئمانو ناهي ڇڏيو آهي!“
ڳوٺ ۾ اچڻ کانپوءِ هن جا سمورا رابطا ڪٽيل هئا. نہ ٽيليفون، نہ خط، نہ اي_ميل. سندس فارغ وقت لکپڙهہ ۽ مطالعي ۾ گذرندو هو. صبح ۽ شام جي وقت پٽن تي ڇهل قدمي ڪرڻ يا وري ڳوٺاڻي گرائونڊ تي ڪرڪيٽ کيڏڻ، هن جا دلچسپ مشغلا هئا. رابطا ڪٽيل زندگي هن کي آئيڊيئل لڳندي هئي. ميل جول جون مجبوريون ۽ ايسوسيئيشن جو آزار، هن کي سدائين ڏکيو لڳندو هو. پر هاڻي پرسڪون زندگيءَ ۾ رهندي هن کي محسوس ٿي رهيو هو تہ، هن جو اهو لائيف اسٽائيل سندس واسطيدارن کي بلڪل ئي پسند نہ هو. هن جا بدخواهہ هن جي انهيءَ انداز کي زوال ۽ مايوسي سمجهي ڇٽرون ڪندا هئا. جڏهن تہ سندس گهٽگهرن جو خيال بہ لڳ ڀڳ ساڳيو هو. فرق رڳو اهو هو تہ اهي هن مان اها اميد رکندا هئا تہ دلڪش دنيا کان ڪٽيل نہ رهي. شهرن ۾ وڃي تعلقات پيدا ڪري، سياسي واسطا وڌائي، ترقي ڪري ۽ سيني جو پرجهلو بڻجي. پر دلڪش ان مزاج تي پورو لهي نہ سگهيو هو. هن کي سندس گهٽگهرن جي اميدن ۽ خواهشن جو پورو پورو احساس هو پر هن جي خيال ۾ ٻين جي خواهشن پٽاندرزندگي گذارڻ هڪ وڏو فريب هوا! ”آخر ٻيا جيڪو ڪم پاڻ ڪري نٿا سگهن، اهو هن کان ڪرائڻ ڇو ٿا چاهين؟!“ هن سوچيو هو.
ڳوٺ جي پرسڪون ۽ کليل ماحول ۾ رهندي، ڪيترو نہ فطرت ڏانهن موٽڻ لڳو هو. فجر مهل ننڊ مان جاڳڻ، چانهہ پيئي جهنگ ڏانهن نڪري وڃڻ. واپس اچي کوهہ مان نڪرندڙ تازي پاڻيءَ ۾ وهنجڻ، ناشتي ۾ ٻاجهر جي ماني، مکڻ ۽ لسيءَ سان کائڻ، منجهد ويل مگن مليل چانورن جي ڪچڙي، ماحول جي مانار ۾ مطالعو. شام جو وري سير سپاٽو ۽ راند روند ۽ سانجهہ ويل وٿاڻن ڏانهن وري آيل مال جا ولر ڏسڻ ۽ پوءِ رات جي مانيءَ کانپوءِ نرڀل رات جي تنهائيءَ ۾ آسپاس جي دڙن تي، هڪجيڏن سان ڪچهريون ۽ رانديون يا وري اڪيلو اڪيلو هلندئي، پنهنجو پاڻ سان کيل ڳالهيون!! ڇا تہ دلڪشي هئي، ڇا تہ دلبري هئي ۽ ڪيڏو نہ سڪون هوا!
ڦڳڻ جي اداس شام ٿاڻي، جڏهن هو گهر جي اڱڻ ۾ وينل هو. تڏهن ئي سندس ماءُ حڪيمہ جي طبيعت بگڙڻ لڳي هئي، ياسمين ۽ دلڪش جي طلاق جي صدمي اڳي ئي حڪيمہ جي وجود کي اڌوهي جيان کائي ڇڏيو هو پر ان شام هارٽ اٽيڪ جو حملو حڪيمہ لاءِ موتمار ثابت ٿيو. جنهن جيجل جي جهوليءَ ۾، هن ٻاتري ٻوليءَ جا ٻول ٻوليا هئا، ان جيجل کان هميشہ جي جدائي، هن جو وجود وڃائي ڇڏيو هو. هو ٻارن جيان اوڇنگارون ڏيئي رنو هو. جيئن هو ٻالڪپڻ ۾ پنهنجي امان سان

ڪا شڪايت، ڪو فرياد ڪندي روئي پوندو هو. لڙڪ ساڳيا هئا، لهجو ۽ انداز ساڳيو هو پر فرق رڳو اهو هو تہ، هاڻي هن وٽ زندگيءَ جي پوڳنائن جون انيڪ فريادون هيون پر سندس لڙڪ اگهڻ وارو ڪير بہ نہ هو!

حڪيم جي آخري رسمن جي ادائيگيءَ دوران دلڪش ڏڪارو ڏڪارو رهيو. هر ڪو هن کي آٿت ڏيڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو. عورتون پار ڪڍي ( وڏي آواز سان روئڻ ) جي رسم ۾ شريڪ ٿينديون رهيون. دلڪش کي حيرت اها ٿي تہ جيڪي عورتون جيئري مرحومہ سان رقابت رکنديون هيون، سي پڻ وڏي آواز ۾ روئي مرحومہ جا ڳڻ ڳائي رهيون هيون! شايد مرده پرستي بہ انساني فطرت آهي. ڪجھ ڏينهن تائين، تعزيت لاءِ ايندڙن جو ميڙاڪو مچيل رهيو. انهي دوران ڪيترن ئي فضول رسمن جي ادائيگي جاري رهي، جن ۾ دلڪش کي ڪو خاص منطق نظر نہ آيو پر لوڪا چاري جي تقاضا بهرحال اهميت جوڳي هئي!دلڪش کي سدائين اهو ڏسي حيرت ٿيندي هئي تہ سندس آسپاس جڏهن بہ ڪوئي بيمار ٿي اسپتال پهچندو هو تہ، سندس ڳوٺان مردن ۽ عورتن جا ولر، مريض جو حال پڇڻ لاءِ پهچي ويندا هئا. جنهن سان هڪ طرف اسپتال جي عملي جي ناپسنديدگي، تہ ٻي طرف ”مهمانن“ کي رڳو چانهہ پيارڻ جو خرچ بہ چيل چپي ڪريو ڇڏي. ايئن بيماري جو خرچ پوڳيندڙ مريض لاءِ، عيادت ماڳهين عذاب بڻجيو پوي. ساڳي طرح تعزيت لاءِ ايندڙ ماڻهن جو بہ ساڳيو حال! ويتر ٻارن جا ولر بہ گڏ آڻڻ نہ وسارين! ۽ ايئن ميزبان اهڙو قرضي ٿئي جو ايندڙ ڪيئي سال قابو!هن سوچيو: ”ماڻهن کي آخر احساس ڇو نٿو ٿئي؟! انهن وٽ بہ آخر ضمير هوندو. ڇا جو ضمير؟؟! جهالت جي دز ۾ ضمير جو آئينو ڏنڌلو ٿي پوندو آهي!“ حڪيم جي آخري رسمن ڪانپوءِ ٻن مهينن تائين تعزيت لاءِ ايندڙن جو سلسلو هلندو رهيو. هڪ ڏينهن ڪراچيءَ ۾ رهندڙ هن جي واسطيدار ٽري فيملي وارا آيل هئا. رسمي تڪلفات ڪانپوءِ هڪ عورت ياسمين کان طلاق ٿيڻ متعلق، هن کان ڪيئي سوال پڇيا. ڳالهين دوران ان عورت پڇيو: ”ادا دلڪش! تون شاعري بہ ڪندو آهين نہ ؟“

”ڪڏهن ڪندو هئس!“.

”ها مونکي خبر آهي، تنهنجي ڪمري ۾ هيترا سارا ڪتاب ڏسي سمجهي ورتم تہ، تون شاعري ڪندو هوندين. “

”ڇا گهڻا ڪتاب پڙهڻ وارو هر ماڻهو شاعري ڪندو آهي؟ “.

”ها_ آئون جنهن ميڊم جي گهر ڪم ڪندي آهيان، ان وٽ بہ ڪتابن جا ڪٻٽ ڀريا پيا آهن ۽ شاعري بہ ڪندي آهي ۽ ها_ مونکي هاڻ ياد آيو تہ ميڊم ڪنهن ٽي وي چينل تي ڏڪار تي رپورٽ ڏني هئي. هن مونکان ٿر جي باري ۾ ڪافي ڳالهيون پڇيون هيون. پر آئون اڻپڙهيل آهيان، تنهن ڪري صحيح جواب ڏيئي نہ سگهيس، تون پڙهيل آهين، شاعر آهين. ميڊم کي ٿر جي باري ۾ ٻڌائج، ميڊم ڪتاب بہ لکندي آهي، تنهنجو نالو بہ ڪتاب ۾ لکي ڇڏيندي. اچي هي وٺ فون نمبر“.

دلڪش بيدليءَ مان فون نمبر وارو پنو ورتي، کيسي منجھہ رکي ڇڏيو.

***

# ماهپاره

وسڪاري جي ويل وري هئي. هڪ سال جي ڏڪار ڪانپوءِ مال سانگي ٻئراج ويل مارو ماڻهو موٽڻ لڳا هئا. ڌرتيءَ جا پيار, سائي گاهہ جو روپ ڌاري ڦٽڻ لڳا هئا. ترايون تار هيون, هارين هر هلايا هئا ۽ مورن جا ٽهوڪا توڙي پکين جون ٻوليون هوائن ۾ نچڻ لڳيون هيون. اهڙي ئي من موهڻي موسم ۾, ڪا ڪينچلي اڻ تڻ دلڪش جي اندر ۾ آنڌ مانڌ آڻي رهي هئي. البيلي اڪيلائيءَ جو احساس, هن کي بيچين بڻائي رهيو هو. عورتاڻي ساڃ جي اٿهوند, هن کي آتو ڪري رهي هئي. هن لاءِ رڳو اهو خيال ئي عذاب بڻجي رهيو هو تہ هن کي باقي ساري زندگي ڇڙو گذارڻي پوندي! سماجي رواجن موجب هڪ تہ ٻي شادي ڪرڻ مشڪل هئي, ٻيو وري هن وٽ بدي جو سنگ باقي بچيو ئي نہ هو! دلڪش کي اهو الڪو بہ جهوري رهيو هو تہ آخر ڪيستائين ٻين وٽ مهمان ٿي رهندو؟! خوشبودار موسم جون ڇڙواڳ هوائون, دلڪش کي سڪ سان سمهڻ نہ ڏيئي رهيون هيون. شام جي پاڪر مان سرڪندڙ سج, اولهہ جي آسمان تان ترڪي رهيو هو. پيلڙي سج جا ٽڪل ڪرڻا, ترائين جي پاڻيءَ تي اولڙا هڻي رهيا هئا. جهرڪيون واريءَ ۾ وهنجي رهيون هيون. ڪڪڙ, مينهن جا ماماٽا چُڳي رهيا هئا. دلڪش پنهنجي گهران نڪري, پرواري اڪيلي پٽ تي چهل قدمي ڪرڻ لڳو. سامهون ڪن بستين جا منظر, مڏ جي پيالي جيان لڳي رهيا هئا! ڏُور پٽن جا ڏنڌلڪا منظر, ڪنهن اڌ وسريل سهڻي خواب جيان لڳي رهيا هئا. تڏهن ئي دلڪش جي تصور ۾, انهن عورتن جا وجود وراڪا ڏيڻ لڳا, جن سان هن ماضيءَ ۾ سدا بهار لمحا گذاريا هئا. پر حالتن جي ڪشمڪش ۾, اهي سيئي وجود هن کان ڏور ٿي چڪا هئا. ڪيس خبر هئي تہ هاڻ انهن سان وري ڪڏهن بہ ملي نہ سگهبو. البتہ سوچڻ لاءِ چند نوان آپشن بہ موجود هئا. هن انهن آپشنز تي سوچڻ شروع ڪيو پر ڪو بہ ڪيس تسلي ڏيئي نہ سگهيو. ڇو تہ هن جي پسند جا معيار ايترا تہ اونچا ۽ انوکا ٿي چڪا هئا جو آسپاس موجود ڪا بہ عورت, انهن خود ساختہ معيارن تي پورو لهندڙ تہ نهيو. مورڳو متضاد محسوس ٿي رهي هئي. هن جي وجود ۾ محروميءَ مان نسرندڙ درد جي چٽنگ ڦٽڻ لڳي. ”ڇا هاڻ هو ڪڏهن بہ ڪنهن حسين عورت جي پاڪر جي گرمي ماڻي نہ سگهندو؟ زندگيءَ جي هڪ بنيادي ضرورت, هاڻ هن وٽ رڳو سپنن ۾ ايندي؟ باقي سڄي زندگي رڳو ڇڙو رهندئي, خالي بسترن جي اڪيلائي, هن سان کهڙي کهڙي ويڌن ڪندي!؟“ سڀ ڪجهہ سوچيندي هن کي پوانتيون اچڻ لڳيون. دلڪش ٽڏي ريٽ تي ويهي رهيو. واريءَ تي ليڪا پائيندي, هن سوچيو: ”پسند ناپسند کي پاسيرو رکجي, بس رڳو اکيون ٻوٽي ضرورت جي پورائي.......... تصور ۾ ڪو ٻيو پسنديدهہ وجود.....!!“

دلڪش ڪنڌ ڪڍي سامهون پٽ جي لهواريءَ ڏانهن نهاريو. ٻڪرين جي ڇانگ ۾ ٻہ سانُ ڇيلا هڪ ٻي سان وڙهي رهيا هئا. اوچتو هڪ خيال هن جي اندر ۾ ڪتڪائي ڪرڻ لڳو! هڪ خيالي وجود، هڪ شهري عورت جي ويجهڙائيءَ جي آس! هن ڪيسي مان موبائيل فون ڪڍي ورتو. جنهن جو گذريل پنجن مهينن کان ڪال طور استعمال ٿيو ئي نہ هو. سواءِ فوٽو ڇڪڻ ۽ گانا ٻڌڻ جي! ڪڏهن ڪڏهن گيم کيڏيو هو. هن پٽونءَ جي ڪيسي مان هڪ سم ڪڍي موبائيل فون ۾ لڳائي ۽ پوءِ پٽ جي وڏيڪ چڙهائيءَ ڏانهن، سگنلز جي ڳولا ۾ هلڻ لڳو. هن کي اهو ڪنبرو اُلڪو ڇپي رهيو هو تہ متان لاڳيتو واهپي ۾ نہ رهڻ سبب، سم بند نہ ٿيل هجي. پر چڙهائي تي چڙهڻ ۽ سگنل اچڻ پڄاڻا کيس معلوم ٿيو تہ نہ رڳو اجان سم فعال هئي، پر. بيلينس بہ اجان موجود هو. هن ڪيسي ۾ هٿ وجهي اهو ڪاغذ ڪڍي ورتو. جيڪو ٻہ مهينا اڳ ڪراچيءَ کان ايندڙ عورت کيس ڏنو هو ۽ جنهن تي ڪنهن ميڊم جو موبائيل فون نمبر لکيل هو! هن هٻڪندي هٻڪندي، نمبر ملايو. گھنٽي وڄڻ سان گڏوگڏ دلڪش جي دل جي ڌڙڪن بہ وڌندي رهي. رنگ وڄي بند ٿي وئي، جواب نہ مليو. اڻڄاتي محروميءَ جي ڪا ڇولي هن جي من_ ساحل سان ٽڪرائجي موٽي ويئي! ڪجھہ دير لاءِ هو ڏُور پولارن ۾، لهندڙ سج جي لالاڻ سان اکيون اٽڪائي ويٺو رهيو ۽ پوءِ هن ساڳي نمبر وري ملايو. هن ڀيري چند سيڪنڊن پڄاڻا آواز آيو "هيلو ڪير صاحب؟ ". هن ڀيري سريلي ۽ پر اعتماد سوال جي جواب ۾ دلڪش جا چپ بيساختہ چرڻ لڳا!

"صحرا جي پاڪر مان هڪ اجنبي شخص اوهان سان مخاطب آهيان. مونکي خبر آهي تہ اڄڪلهہ جي دؤر ۾ جاتل سڃاتل ماڻهن وٽ بہ، ڪنهن سان ڳالهائڻ لاءِ وقت ناهي، اتي ڀلا اجنبين سان ڪير ڳالهائيندو؟" ٿئي پاسي حيرت گاڏڙ خاموشيءَ جو مختصر وقفو. . . ۽ پوءِ : "تون جنهن معاشري جي ڳالھہ ڪري رهيو آهين، اتي تہ شناسا ماڻهو بہ اڻسُڃاتو ٿي ڳالهائڻ جي اداڪاري ڪندا آهن. ڀلا ٻڌائي ٿون ڪهڙي قسم جو اداڪار آهين؟! ". عورت جي پراعتماد حاضر جوابيءَ، دلڪش کي لوڏي ڇڏيو. "فطرت کان پري ٿي ويل معاشري مان جڏهن بيساختگيون موڪلائي وينديون آهن، تڏهن ماڻهن جي اڪثريت ملاوٽ جي گپ ۾ ترڪي پوندي آهي. اهڙي ئي ماحول ۾، نارمل رؤين تي بہ اداڪاريءَ جو گمان ٿيندو آهي. ڀلا ٻڌايو منهنجي حقيقت بيانيءَ تي اوهانکي اداڪاريءَ جو گمان ڇو ٿيو؟!".

"هڪ تہ تنهنجي ڳالهائڻ ۾ ايترو اعتماد آهي، جو ڪنهن حجتيءَ ڪانسواءِ ڪو بہ مونسان ايئن ڳالهائڻ جي جرئت ڪري نہ سگهندو آهي ۽ ٻيو اهو تہ توهان طرفان پنهنجي موجودگي صحرا جي پاڪر مان ظاهر ڪرڻ. وڏو ڪوڙ آهي، ڇو تہ مونکي پنهنجو اهڙو ڪو سڃاڻو نٿو سجهي، جيڪو صحرا ۾ هجي!؟"

"مون ڪڏهن ڇيو تہ آئون تنهنجو سڃاڻو آهيان !؟"

”اوھہ. . . . . . . سوري. . . . . . . . . . . پر توھان ڪير آھيو۽ ڇا ٿا چاھيو؟“
دلڪش محسوس ڪيو تہ عورت جو لهجو ھاڻ ڪجھہ ڪجھہ غير متوازن ٿي رھيو ھو. پھريان ندامت ۽ پوءِ ڪاوڙ جو اڻ_ لڪو احساس ايري رھيو ھو. دلڪش وراڻيو: ”ھارائڻ جو احساس ئي ڪاوڙ جو جنم ڏٻو آھي. پر حقيقت اھا آھي تہ انائن جي اھميت تہ رڳو ويجهڙائي ۽ ڄاڻ سُڃاڻ ۾ ھجڻ کپي. پر ھتي تہ معاملوئي ابتو آھي. نہ توکي ڏٺو اٿم. نہ توکي سڃاڻا ۽ نہ ئي توکي ويجهو آھيان! “
”مگر آھين ڪير. . . ؟“
”حالتن جي ڪشمڪش ۾، جڏھن انسان کان پنھنجي سڃاڻپ جو احساس وسري ويندو آھي، تڏھن تعارف ڏائڻ جو ڪو بہ جواز ناھي بچندو. درد جون وصفون واضح ناھن ھونديون! لڙڪن جو رنگ بس ھڪڙوئي ھوندو آھي!“
”توھانجون ڳالھيون فلسفي ۽ شاعريءَ جو عجيب امتزاج آھن ۽ توھان جي گفتگو مان بہ لڳي ٿو تہ توھان پڙھيا لکيا ۽ مھذب انسان آھيو. ان ڪري اخلاقي طور اوھانکي ھاڻ پنھنجو تعارف ڪرائڻ گھرجي!“
”نالو دلڪش ٿري، صحراءِ ٿرپارڪر جي ھڪ ڏورانھين بستيءَ پرسان، ڪنھن اڪيلي پٽ تان ڳالھائي رھيو آھيان، توھان جو نمبر ڪراچي مان آيل ھڪ عورت وٽان مليو جيڪا شايد اوھان وٽ ڪم ڪار ڪندي آھي. جنھن ٻڌايو تہ اوھان ٿر جي زندگيءَ متعلق ڄاڻڻ چاھيو ٿا ۽ اھو بہ ٻڌو اٿم تہ اوھان قلمڪاري بہ ڪندا آھيو. سوچيم بارشن ۾ وھنجندڙ شام جا ڪجھہ لمحا، ڪنھن منفرد ھستيءَ سان ڳالھائي سجايا ڪجن! “
”اوھہ. . . . . . باجي نوريءَ ڏانھن تہ منھنجو ڌيان ويو ئي ڪونہ. ھا ھوءَ برابر ٿر جي آھي. پوئين ڏينھن موڪلون گذارڻ ڳوٺ ويئي ھئي، ويچاري صفا پوڙھي آھي. خير. . . . . . . توھان سان ڳالھائي ڏاڍو سٺو لڳو. ھونئن بہ مونکي شھرن کان وڌيڪ ٻھراڙيون وڻنديون آھن. بطور شاعره ۽ ڪھاڻيڪاره، منھنجين تخليقن جا اڪثر ڪردار، ڳوٺاڻي ماحول مان ورتل آھن. وفا، خلوص ۽ رشتن جي پيرم جھڙا ڳڻ تہ ھاڻ رڳو ڪٿي ڪٿي، ٻھراڙين ۾ بچيا آھن. . . . . !“.
”انسان جيترو فطرت کي ويجھو ھوندو آھي، اوترو ئي خالص ھوندو آھي، جڏھن تہ فطرت کان ھٽيل زندگي، ملاوٽي قدرن کي جنم ڏيندي آھي! ۽ ٻھراڙيون تہ آھن ئي فطرت جون پاڙيسرياڻيون !“
”توھان صحيح ٿا چئو. “
”ترقيءَ جي نالي ۾ مليل سھولتن، انسان کي ايترو تہ مشيني ناھي ڇڏيو آھي، جو ھاڻ رھزنين ۽ چالاڪين کي بہ سياڻپ جو نالو ملي چڪو آھي. ! ھاڻ تہ سوفسطائي قسم جا ماڻھو مبلغ ۽ رھبر بڻجي اڳتي اچي رھيا آھن!“ ڪال ڪٽجي ويئي، بيلنس ختم ٿيڻ جو نياپو مليو. وري ٽيليفون جي گھنٽي وڄڻ لڳي. دلڪش نمبر ڏٺو ساڳيو ئي ھو.

”هيلو. . . هيلو ماهپاره پيئي ڳالهيان. اوهان سان ڏاڍي پسنديده گفتگو ٿي رهي هئي، ڪال ڪٽجي ويئي تڏهن نمبر ملايو اٿم، هاڻ ٻڌايو. . . ؟“

”ڇا ٻڌايان. . . ؟ انسان وٽ پنهنجي باري ۾ ٻڌائڻ لاءِ جڏهن ڪجهہ بچندو ئي ناهي تڏهن ٻين جا فسانا ٻڌائي، پاڻ کي وندرائڻ جا خود فريب جواز ڳولبا آهن. مونسان بہ ساڳيو معاملو آهي. “

” پنهنجي باري ۾ نہ ئي سهي، ٻين جي باري ۾ ٻڌايو؟! “

”انهن هوائن جي باري ۾ ڇا ٻڌايان، جيڪي هينئر صحرا جي بدن تان ڪتڪائي ڪري گذري رهيون آهن؟! هڪبئي سان پاڪر پائي ملي، وري جدا ٿيندڙ بادلن جا وچوڙا، ڪهڙن لفظن ۾ بيان ڪجن !؟ پوڙهن وڻن سان دوستيون نڀائيندڙ پکين جون، پيلا ڪهڙيون ڳالهيون ڪجن !؟ واريءَ گهرڙا ناهي، وري ترائين ۾ ترندڙ ٻارڙن جون ڇيڳرايون ۽ ڪونچرايون، اظهار جي ڪهڙن چولن سان سينگارجن؟ نيري آسمان هيٺيان، ريگستان جي پوري بدن تي ڦُٽندڙ گاهن ۽ گلن کي لفظن جي آئيني ۾ ڪيئن ڏيکارجي؟! بورينڊن جا گيت ۽ مورن جي ٿهوڪن جا ڇلا، مڪمل طور اظهار جي آڱرين ۾ آٽي ئي نٽا سگهجن!؟ محسوسات جي شرح جي ماکي ڇاٽي ناهي سگهبي!“

”توهان لفظن جا مصور لڳي رهيا آهيو. ٿر متعلق توهانجون ڳالهيون ٻڌي آس اپري رهي آهي تہ ڪاش ٿر گهمڻ اچي سگهان ۽ توهان کان ٿر جي رهڻي ڪهڻي، تاريخ ۽ لينڊ اسڪيپ متعلق، گهڻو ڪجهہ ٻڌجي ۽ پوءِ ڪتاب لکجي!“

”توهان هيستائين ڇا لکيو آهي؟“

”بہ ڪهاڻين جا مجموعا، هڪ تحقيقي ۽ هڪ شاعريءَ جو ڪتاب اردو ۾ ڇپجي چڪا آهن ۽ توهان وٽ. . . . . ؟“

”مون وٽ وساريل پنن تي اُتاريل، ڪجهہ اداس نظم، چند نڌڪا غزل ۽ ڪي بي ترتيب افسانا موجود آهن، هڪ اڌپورو ناول، پنهنجي جيون جيان اڌپورتا جي پنڌ ۾ ڀٽڪيل آهي!“

”ڇئبو تہ پنهنجا مشغلا ساڳيا آهن؟“

”ها بلڪل “

”ڪهڙي قسم جا ڪتاب پڙهندا آهيو؟“

”منهنجي زندگيءَ ۾ بہ شيون اهڙيون آهن. جن جي گهٽائيءَ مان انتخاب ڪرڻ لاءِ، پسند ۽ ڪواليٽيءَ جو خيال صرف تيستائين رکندو آهيان، جيستائين اهي پهچ کان پري هونديون آهن. انهن مان هڪ ڪتاب آهن“

”۽ ٻيو. . . . . . . . !“

”ڇا اهو ٻڌائڻ ضروري آهي!؟“

”ڇا اهو لڪائڻ ضروري آهي !؟“

”مون جهڙي صاف گو ماڻهوءَ لاءِ هرگز نہ ! “

”تہ پوءِ ٻڌايو“

”عورت!؟“

”صافگوئي وٽي، ڇا تہ انوکو خيال ۽ پيارڙي تشبيهہ آهي! “

”مهرباني “

ڳالهين مان توهان مونکي ڏاڍا دلچسپ شخص معلوم ٿي رهيا آهيو. توهان سان روبرو ملڻ جو تجسس رهندو. فون تي رابطو رکجو“.

”نيڪ آهي خدا حافظ“

”او_ ڪي بائي“

ماهپاره سان فون تي ڏکهي ڪچهريءَ ڪانپوءِ، دلڪش پنهنجو پاڻ کي بنهہ هلڪو ڦلڪو محسوس ڪيو. ڏکهي وچوٽيءَ ڪانپوءِ هن ڪنهن وڻندڙ عورت سان هرڪُر واري گفتگو ڪئي هئي. نفيس ۽ نازڪ آواز جي ڇهاڻن، هن جي سماعت ۾ محبوب خوشبوءِ ۽ تازگي آڻي ڇڏي هئي!

هيستائين ٿيل ڳالهہ ٻولهہ مان، اهڙي ڪا بہ اڳيرائي نہ ٿي هئي، جنهن مان دلڪش کي خوشفهمي پيدا ٿي سگهي. پر دلڪش دل ئي دل ۾ مطمئن هو تہ هن هڪ اهم عورت سان رابطو قائم ڪري ورتو هو ۽ پهرين ملاقات ۾ ئي پنهنجو چڱو تاثر ڇڏڻ ۾ ڪامياب ٿي چڪو هو.

دلڪش هر شام ساڳي پٽ تي ايندو رهندو هو. موبائيل سيٽ کي حسرت سان ڏسڻ باوجود، هو الاءِ ڇو ماهپاره کي وري ڪال ڪري نہ سگهيو هو! اڄ بہ سندس هٿ ۾ موبائيل فون موجود هو. هن سوچيو: ”ماهپاره کي مس ڪال ڏجي“. پر مس ڪال ڏيڻ هن کي هميشہ ڪُڌو ڪم لڳندو هو. وري هن سوچيو: ”ميسيج ڪجي، پر ڇو؟! ۽ ڇا لاءِ ؟! منهنجي هن عورت تي آخر ڪهڙي هجت آهي، جو ميسيج ڪريان؟“

عجيب اڻ تڻ ۾ هن سوچيو: ”ڪال ڪريان“ پر وري هن سوچيو: ”ڪنهنکي ڪال ڪرڻ لاءِ گهٽي ڄاڻ سڃاڻ هجڻ ضروري آهي يا وري ڳالهائڻ لاءِ ڪو ڪم يا بهانو هجڻ گهرجي_ پر مون وٽ تہ ڪجهہ بہ ناهي........!!؟“

هن بيوسيءَ مان موبائيل سيٽ ڏانهن ڏٺو ۽ عين ان وقت موبائيل فون جي رنگ وڄڻ لڳي. هن اسڪرين تي نمبر کي ڏيان سان نهاريو ۽ هن جي خوشيءَ جي ڪا انتها نہ رهي!

”هيلو........ دلڪش اسپيڪنگ!“

”اوهہ دلڪش ڪٿي آهين؟ “

”اتي ئي آهيان، جتي تنهنجي پهرين ۽ آخري ڪال ڇڏي ويئي هئي. منهنجو مطلب آهي ساڳي پٽ آهي ۽ ساڳي شام جي تنهائي آهي. “

”مان هڪ هفتي کان ٽرائي ڪري رهي آهيان، تنهنجو نمبر نٿو لڳي؟“

”نمبر لڳڻ لاءِ پٽ جي مخصوص چڙهائيءَ جو هجڻ ضروري آهي. جڏهن تہ آئون چڙهائيءَ تي هوندو آهيان، تڏهن توهان ڪال نہ ڪندا آهيو ۽ جڏهن توهان ڪال ڪندا آهيو تڏهن آئون هتي نہ هوندو آهيان. “

”توهان پنهنجي موجودگيءَ جو احساس ڏيارڻ لاءِ مس ڪال ڏيو ها!“

”توهان جو نمبر ملائڻ لاءِ منهنجيون آڱريون هر هر اتاوليون ٿيون آهن. پر هر ڀيري مون پنهنجين آڱرين کي رڳو حسرت سان ڏٺو آهي. الاءِ ڇو ڪال ڪري نہ سگهيو آهيان!؟“

”تنهنجيون آڱريون يقينن سهڻيون هونديون، تنهنجين ڳالهين جيان! ۽ تنهنجو علائقو بہ پڪ سان سهڻو هوندو، تنهنجن لفظن جيان! ڪاش! آئون اهو سڀ ڪجھ جلد کان جلد ڏسي سگهان!“

”ماهپاره توهان کي ڪنهن روڪيو آهي؟ هليا اچو نہ! توهان جي ميزباني، مون لاءِ خوشقسمتي هوندي! “

”دلڪش مون ڪيترائي علائقا گهميا آهن، ڪافي وقت کان اندروني سنڌ جي زندگي ڏسڻ جو تجسُس اٿم، پر سوچيان ٿي اوهان ڏانهن ڪيئن اچجي؟! پنهنجي گاڏيءَ ۾ اچان تہ رهنمائي ڪير ڪندو؟!“

”توهان هيئن ڪريو جو ڪراچيءَ کان مٺي ايندڙ اي سي ڪوچ ۾ چڙهو آئون توهان کي مٺيءَ ۾ رسيو ڪري وٺندس!“

”ها ان باري ۾ سوچي سگهجي ٿو! پر توهان ڪجھ پنهنجي علائقي جي باري ۾ ٻڌايو ڇا آهي جيڪو ڏسڻ جهڙو آهي؟“

”ڏسڻ لاءِ اهي پٽون آهن، جيڪي قوم پرست گوريلن جي سينن جيان اڏول بيٺيون آهن. ڏسڻ لاءِ اهي ڏهر آهن، جيڪي ڏڪار جي ڏينهن ۾، صدائون هڻندڙ جوڳين جي ڪشڪول جيان خالي خالي لڳي رهيا آهن. ڏسڻ لاءِ وڻن کي وروڪيل گولاڙي جون اهي ٽاريون آهن، جيڪي جهونن سنڌين جي پٽڪي ورن جهڙو ڏيک ڏيئي رهيون آهن! ڏسڻ لاءِ چوپائي مال جا اهي ولر آهن، جيڪي نئين نينهن جي جذبن جيان پٽن تي اتاولا پٽڪي رهيا آهن. ڏسڻ لاءِ مينهوڳي مند جي هوائن ۾ لڏندڙ مور جا اهي ڪنڀ آهن، جيڪي ايئن ڦڙڪي رهيا آهن، جيئن پهريون ڀيرو عشق جو اظهار ڪندڙ چپ ڦڙڪندا آهن!“

”دلڪش. . . دلڪش توهان ڳالهائيندي ڳالهائيندي شاعري ڪندا آهيو ڇا تہ غذبناڪ جملا آهن!“

”ماهپاره اها منهنجي ٻولي ناهي، اها ان فطرت جي ٻولي آهي، جنهن جي پاڪر ۾ ٻيهي، آئون توهان سان مخاطب ٿيو آهيان!“

”دلڪش هڪ مهيني ڪانپوءِ، آئون مستقل طور آمريڪا هلي ويندي س، مون وٽ بنهه ٿورو وقت بچيو آهي، پر تنهنجين ڳالهين مونکي تر ڏسڻ لاءِ بيچين بڻائي ڇڏيو آهي! سياٽي هن وقت وري رابطو ٿيندو تيستائين مان ڪنهن فيصلي تي پهچي ويندي س! ٺيڪ آهي!“

”ٺيڪ آهي! “

”او_ ڪي بائي “

دلڪش موبائيل ڪيسي ۾ رکڻ پڄاڻا. نيري امبر ڏانهن نهاريو. ٻاٽيبڙ پکين جو هڪ ولر اڏامندو وڃي رهيو هو. ڌرتيءَ تي ساوڪ جو تهه وڇايل هو. دلڪش ڪجهه ڪجهه سوچيندو واپس گهر ڏانهن ورڻ لڳو.

ٻئي ڏينهن سج پٽن تان ليئا پائڻ لڳو ته، دلڪش ٻه گهرن جي پرسان صدين کان ڪنهنجي اوسيئڙي ۾ بيٺل اڪيلي پٽ جي چڙهائي چڙهڻ لڳو. پٽ جي چوٽيءَ تي چڙهڻ پڄاڻا، هن موبائيل فون آن ڪيو. سگنلز جي تصديق ڪانپوءِ، هن بيلنس معلوم ڪيو رڳو مس ڪال جيترا پئسا موجود هئا. هن سوچيو: ”ماهپاره کي مس ڪال ڏئي، موجودگيءَ جو احساس ڏيارجي!“ پر ٻئي لمحي وري هن کي خيال آيو: ”مس ڪال ڏيڻ ته مونکي هلڪڙن ماڻهن جو ڪم لڳندو آهي. آخر اهڙو ڪم ڇو ڪجي، جنهن سان ماڻهو پنهنجين نظرن ۾ پاڻ ڪرڻ لڳي!“ ۽ ايئن هن ماهپاره جي ڪال اچڻ جو اوسيئڙو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. لمحا گذرڻ لڳا، ويل ترڻ لڳي. انتظار جا ڪاوا دل جي ڪومل بدن ۾ ٽٽندا رهيا. ماهپاره جي رنگ، نه آئي، ته نه آئي! دلڪش ايئن محسوس ڪيو جڻ ٻہر کي پاڪر ۾ پريندي، هن کي صديون گذري چڪيون هيون!

سج پٽن پوبان ٿُبي هٽڻ لڳو. دلڪش اٿي بيٺو. لمحي لاءِ کيس مس ڪال ڏيڻ جو خيال آيو. پر پوءِ وري هن پنهنجو پاڻ کي روڪي ورتو. ڪجهه دير وڏيڪ ڇهل قدمي ڪرڻ ڪانپوءِ هن ميسيج موڪلڻ جو فيصلو ڪيو.

محترمہ ماهپاره!

تنهنجي ڪال اچڻ جي اوسيئڙي ۾، منهنجي دل جي گوڏڙي، محروميءَ جي ڪنڌن سان پرجي پيئي آهي! اجوڪي شام ڪال ڪرڻ وارو تنهنجو واعدو رونقن جي شهر جي الاءِ ڪهڙي ويساري ۾ وروڪيل آهي!؟ ٻُڏندڙ سج سان گڏ، ڪُتندڙ آسرن جي اُڻ تُڻ، الاءِ ڪهڙن ڪهڙن احساسن کي ڪوتڻ لڳي آهي! توهان کي آخر ڪهڙو ڏوراپو ڏيان؟ ويران واٽن جا مسافر، ميٽرو پوليٽن شهرن جي مخمور ماڻهن تي آخر ڪهڙيون هُجتون هلائي سگهندا؟!

آسمان تي چنڊ جو ٽڪرو پرڳھٽ ٿي پيو آهي، پر ماهپاره! تون الاءِ ڪٿي آهين. ڪجھ دير ڪانپوءِ ايندڙ رات جي اونده سان، چنڊ جي جهيڻي جهيڻي روشني اڪيون اٽڪائڻ جي ڪوشش ڪندي، پر تنهنجي شهر ڪي بلبن جون روشنيون پاڪر ۾ پيري وٺنديون، آخر توکي ڪيئن خبر پوي ته تنهنجي فون جو انتظار ڪندي، تنهنجو غائبانه وجود منهنجي تصور جي تالاب ۾ ترڻ لڳو آهي. چنڊ جو بدن تنهنجي چهري جي چڱلي هٽي رهيو آهي، تنهنجن ڪليل وارن جي خوشبوءِ، هتي جي هوائن ۾ اوتجي آئي آهي! ۽ منهنجي دل پوپٽ بڻجي انهن گولاڙي گلن تي اڏرڻ لڳي آهي، جن گلن تي تنهنجن چپن جو گمان ٿيو آهي!

ماهپاره! توکان وسري ويل تنهنجي واعدي تي، پنهنجو پاڻ کي ڪيسين ڏتلائجي!؟ ان کان اڳ جو آسپاس بلائون ٻرن مان ٻاهر نڪري اچن، مون کي گهر به وڃڻ گهرجي! لڳي ٿو فلائنگ ڪس توڏانهن اماڻڻ واري آس، دل ئي دل ۾ دفن ڪرڻي پوندي، ڇو ته ايتري هجت ئي ڪٿي آهي؟!

دلڪش ميسيج جو متن، بار بار پڙهيو. ماهپاره سان پنهنجي تعلق جو جائزو وٺڻ پڄاڻا، ڪافي لفظ ۽ جملا ڪيس قابل اعتراض محسوس ٿيا پر هن جي دل ميسيج موڪلڻ لاءِ انگل آرا ڪرڻ لڳي. هن اهو سوچي پنهنجو پاڻ کي مطئمن ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته پيار جي شروعات ڪرڻ وقت ايئن ئي ٿيندو آهي. عام ڳالهيون به قابل اعتراض لڳنديون آهن ۽ ايئن هن ميسيج سينڊ ڪري ڇڏيو! ميسيج موڪلڻ ڪانپوءِ کيس محسوس ٿيو ته هن بنهه هلڪڙائيءَ جو ڪم ڪيو هو. جنهن عورت سان صرف به پيرا ٽيليفونڪ ڳالهه ٻولهه ٿي هئي ۽ جنهن سان ڪڏهن روبرو ملاقات ٿيل به نه هئي، ان کي اهڙي قسم جو ميسيج موڪلڻ، کيس بنهه بد فضيلتو ڪم محسوس ٿيو. ماهپاره کي چنڊ جي بدن سان تشبيهه ڏيڻ ڪان ويندي، فلائنگ ڪس تائين ڪيترائي لفظ ۽ جملا ڇيرا ۽ ڇيرا بنجي، هن جي دل کي داغيندا رهيا! ڪجھ دير وڏيڪ پٽ تي چهل قدمي ڪرڻ پڄاڻا دلڪش گهر ڏانهن موٽڻ لڳو. ايندڙ ٻن ڏينهن تائين، هو نه سمجھ ۾ ايندڙ ڪيفيت ۾ مبتلا رهيو. ماهپاره جو خيال هن جي تصور ۾، ڪچري ٻار طرفان ٻير تي اُڇلايل پٿر جيان لاڳيتو اٽڪيل رهيو. هن کي خيال آيو ته ماهپاره سان وري ڪڏهن به رابطو نه ڪجي. پر وري هن کي خيال آيو ته، ماهپاره کي لاڳيتو سُريلا ميسيج اُماڻجن، پٿر تي ڪرندڙ پاڻيءَ ڦڙو به نيٺ سوراخ ناهي ڇڏيندو آهي! پر تي سگهي ٿو ”هن عورت کي اهو سڀ ڪجھ متاثر ڪرڻ لاءِ ناڪافي هجي!. ها ايئن ٿي سگهي ٿو پر هر ماڻهوءَ جي ڪانه ڪا قيمت هوندي آهي. ڪو هزار، ڪو لک، ڪو ڪروڙ تي وڪامي ويندو آهي. پر ڪي ماڻهو پئسن سان خريد ناهن ٿيندا. پر انهن جو به ڪو ملهه هوندو آهي. جڏهن به ڪين خبر پيئي ته سندن ملهه صحيح ڪٿيو ويو آهي ته، بس اهي چلڙن جي سوٽيءَ تي ئي وڪامي پوندا آهن! ڪن ماڻهن جو ملهه موت ئي هوندو آهي، پر موت انهن کي ماري ناهي سگهندو!“

خيالن جي پُرپيچ ڄار ۾، الجهندي ڪيس ترائيءَ تي دلو پريندڙ اها ٽرياٽيءَ ياد اچڻ لڳي، جنهن هن کي بيدرديءَ سان ٺڪرائي ڇڏيو هو ۽ جنهن هن کي تڙ تڙ جو پاٽي پيئندڙ ڇيڳڙو پڪي سڏيو هو. دلڪش سوچيو: ”مون ان عورت جي غلط قيمت مقرر ڪئي هئي. صرف عارضي رفاقت جو عاجزاڻو عرض! جڏهن ته ان عورت جي قيمت پنهنجي مڙس سان وفا ۽ منهنجي ڪردار ۾ شفافيت سان مشروط هئي، جنهن کي آئون ڪٽل خريدار سمجهي نه سگهيو هئس!“

ماهپاره کي ميسيج موڪلڻ بعد ٽئين ڏينهن، دلڪش جي پيرن ۾ وري اڪيلي پٽ تي ڇهل قدمي ڪرڻ لاءِ ڪتڪائي ٿيڻ لڳي! هن سوچيو: ”موبائيل گڏ کڻي وڃجي، متان ماهپاره ڪال ڪرڻ جي اوسيئڙي ۾ هجي. پر سندس رد عمل الاءِ ڪهڙو هوندو!؟ ٿي سگهي ٿو سندس ڪال اٽينڊ ڪرڻ پڇاڻا شرمندگيءَ جو منهن ڏسڻو پوي“. وري هن کي خيال آيو: ”ٿي سگهي ٿو هن پنهنجو رد عمل ميسيج جي صورت ۾ موڪليو هجي!“اهو ئي سوچي، هن موبائيل کنيو ۽ اڪيلي پٽ ڏانهن وڃڻ لڳو. شام جا پاڇا وڏي رهيا هئا.

اڪيلي پٽ جي چوٽيءَ تي چڙهڻ کانپوءِ، هن موبائيل ۾ بي بيٽري لڳائي، جيڪا هن اج ئي شمشي توانائيءَ تي چارج ڪئي هئي، سگنلز اچڻ بعد ميسيج ٽيونُ وڄڻ لڳي. هن تجسس مان ميسيج کولي پڙهيا، پر سيئي ڪمپني طرفان اماٽيل هئا. مايوسيءَ مان هن فون کيسي ۾ رکي ڇڏيو. واريءَ تي ويهي هن آڱرين سان ڪيئي ليڪا پاتا ۽ وري ڊاهي ڇڏيا. هن جي تصور جا ڏنڊلا عڪس، تجريدي آرٽ جو روپ ڌاري، واريءَ تي وراڪا پائي رهيا هئا ! اوچتو کيسي ۾ رکيل موبائيل جي ڪال بيل دلڪش کي خيالن جي ڊگهي ٽُٻيءَ مان ٻاهر آڻي ڇڏيو. موبائيل جي اسڪرين تي ماهپاره جو ڄاتل سڃاتل نمبر مسڪرائي رهيو هو. پر اج دلڪش ۾ اها جرئت ۽ اعتماد نه رهيو هو جو ماهپاره جي ڪال اٽينڊ ڪري سگهجي! گهڻو اڳ عورتن سان بي ججهڪ، پيار جو اظهار ڪرڻ وارو، ڪيترن ئي موقعن تي خطرناڪ عورتن سان رسڪي ڇيڙڇاڙ ڪرڻ وارو دلڪش، اج بنهه شرمندگي، هبڪ ۽ اعتماد جي کوٽ محسوس ڪري رهيو هو. بيرحم وقت جي خزان، هن جي رنگ روپ تي اثر ته ڇڏيا هئا، پر طلاق کانپوءِ، ٻهراڙيءَ ۾ رهندي، هن جي ڊانوا ڏول حيثيت به، هن تي اثرانداز ٿي هئي. محرومين جو ورجاءُ، انساني شخصيت کي اعتماد جي اٿهوند جو آئينو ناهي ڇڏيندو آهي! موبائيل جي گهنٽي وڄي، وڄي بند ٿي ويئي. پر دلڪش ڪال اٽينڊ ڪرڻ جو ست ساري نه سگهيو. هڪ پيرو ٻه پيرا،...... ڪجهه دير کانپوءِ، ميسيج ٽيون وڄڻ لڳي. دلڪش ميسيج کوليو. لکيل هو: ”منهنجي ڪال توهان لاءِ ممنوع چو بڻجي پيئي آهي، اجا ڳالهائڻ تي ٽئڪس ناهي لڳو! مون طرفان مقرر وقت تي ڪال نه ڪرڻ واري ڳالهه کي، دل جي ڇُنيءَ ۾ اجان ناراضگيءَ جي ڳنڍ ڪريو ٻڌيو ويٺو آهين! شاباش هجنئي! مون سان ٿيل ٽريجڊيءَ جو به ته ٻڌين ها !

دلڪش ميسيج پڙهي، پشيمانيءَ جي پاٽيءَ ۾ پسڻ لڳو. هن ڇا سوچيو هو ۽ ماهپاره ڇا سوچڻ لڳي هئي! هن جي دل چاهيو هينئر ئي هينئر، ماهپاره کي ڪال ڪري يا معذرت وارو ميسيج موڪلي، پر بيلينس نہ هجڻ واري محروميءَ، هن کي ماري وڌو. هن سوچيو: "ماهپاره ٻيهر ڪال ڪندي ٻہ، يا الاءِ نہ!؟ پر دل جي ڪنهن ڪنڊ ۾، اها خوشي بہ هئس تہ ميسيج پڙهي هوءَ ناراض نہ ٿي هئي. ٻوڙو انتظار ڪندي ڳچل پل گذري ويا. هن کي ڪليڪٽ ڪال ڪرڻ جو خيال آيو پر اها هن کي ڪريل حرڪت لڳي.

ڪنوڻ تي مال ڪاهڻ جهڙو آسرو ڪندي ڪيئي لمحا گذري ويا. سج لهڻ لڳو. مال جا ولر واپس وٿاڻن ڏانهن ورڻ لڳا. رات جو چاڙهائو ڪندڙ ٽرياٽين جي چونئرن مان دُونهن نڪري رهيا هئا. تڏهن ئي موبائيل جي گهنٽي وري وڄڻ لڳي. دلڪش جي خوشيءَ جي ڪا حد نہ رهي. ان خوشيءَ ۾ هو اٿي بيٺو ۽ ڪال رسيو جو بٽڻ دٻائي ڇڏيائين.

"هيلو"

"هيلو"

"منڙا ماٺهو ڪهڙا حال آهن؟"

"حال پڇي ڇا ڪندئين جان!"

"ڇو اجان تائين ناراض آهين ڇا؟"

"جان! توکان ناراض ٿي ڪيئن سگهبو؟ بلبل باغن سان ناراض ٿي ڪيڏانهن ويندو؟! پوپٽ گل کان دوستي ٽوڙيندو تہ ٻيو ڪير ياري رکندو؟ هرڻ گاهہ کان رسندو تہ، بک مرندو؟! پکي آسمان کان رسندا تہ، پرچائيندو ڪير؟!"

"تنهنجن جملن ۽ خيالن کي داد ڏيڻ کانسواءِ رهي نٿو سگهجي. پر اهو سڀ ڪجهہ جيڪڏهن خوبصورت مبالغو آهي تہ تہ ٺيڪ آهي، پر ان ۾ جيڪڏهن هڪ پرسنٽ بہ حقيقت آهي تہ پوءِ، توکي يقينن مايوسي ٿيندي، ڇو تہ تون مونکي وقت جي اهڙي موڙ تي مليو آهين، جڏهن گهڻو ڪجه منهنجي وس ۾ ناهي رهيو. "

"انسان جن شين کي بظاهر پنهنجي وس ۾ سمجهندو آهي، ڪن حالتن ۾ اهي بہ وس ۾ ناهن رهنديون! ان ڪري وقت جي هن موڙ تي، حاصل ۽ لاحاصل جو فرق، مون لاءِ بي معنيٰ ٿي پيو آهي. تون مونکان دُور، منهنجي پهچ کان پري، وڇوڙن جي سمونڊ ۾ ترندي رهو. آئون تنهنجي خيالي وجود کي تصور جي شوڪيس ۾ سجائي رکندس!"

"توهان مونکان اجان تائين ناهي پڇيو تہ توکي ڪال ڪرڻ جي واعدي واري ڏينهن، مونسان ڇا وهيو واپريو!؟"

"ٻڌايو!"

”ان ڏينهن آئون شاپنگ تي ويئي هيئس. واپسيءَ ۾ منهنجي سهيليءَ جي گهر آيس جيڪو رستي تي ئي هو. ٽڏو ٻي موڪلايم تہ هن رات جي ماني، گڏ کائڻ لاءِ ٻنهہ گهڻو زور ڀريو. پر مونکي توسان ڳالهائڻو هو. ان ڪري ضروري ڪم جو عذر پيش ڪيم. پر هوءَ ضد تان لهڻ جو نالو ئي نہ وٺي رهي هئي. اهو پهريون ڀيرو هو جو مون سندس ڪنهن فرمائش کي بيدرديءَ سان ٺڪرائي ڇڏيو. باٿ روم يوز ڪري، ڪانئس موڪلايم تہ هن منهنجو پرس مونکي ڏيندي چيو: ڊنر تي تنهنجو انتظار ڪنديس، وقت ملي تہ اڇجان. مون ڪار ۾ چڙهندي چيو: ”ٺيڪ آهي“. واپس گهر پهتيس تہ توسان ڳالهائڻ جو وقت ٿي چڪو هو. پرس کوليم تہ موبائيل غائب هو. مون وٽ ٻہ ٻيا موبائيل سيٽ موجود هئا، ٻہ تي سمون بہ هيون پر تنهنجو نمبر تہ آپريشنل سم ۾ هو. جيڪا گم ٿيل موبائيل ۾ هئي. بهرحال ڪجه سمجه ۾ نہ پئي آيو. دماغ چڪرائجڻ لڳو. توسان ڳالهائڻ جو وقت گذرندو رهيو. ڪار ۾ چڙهي سهيليءَ جي گهر پهتيس. مونکي ڏسي مرڪڻ لڳي، چيائين: ”ڏنئي ڊنر تي اچي وئين نہ! شاباش منهنجي فرمانبردار دوست!“ بهرحال موبائيل مليو تيسين رات پئجي وئي تنهنجو نمبر ملايم، نہ پئي لڳو. صرف تنهنجو SMS مليو. تڏهن کان لاڳيتو ٽرائي ڪري رهي آهيان. اج وڃي مس مس رابطو ٿيو آهي!“

”اوهہ... مونکي افسوس آهي، ۽ تنهنجي شرارتي سهيليءَ تي ڪاوڙ بہ! نياڻي ماڳهين رقيب ٿي لڳي آهي!“

”ٺهڪ......... خير ڀڏا! مون ٽر اچڻ لاءِ سامان پيڪ ڪري رکيو آهي، مٺي ايندڙ اي_سي ڪوچ متعلق معلوم ڪيو اٿم. سڀاڻي سوير، ان ۾ سوار ٿينديئس. شام پنج وڳي مٺيءَ پهچنديئس. ايئن نہ ٿئي جو تون غائب ۽ تنهنجو موبائيل فون آف!“

”جانان.... جانان! تون ايئن چو ٿي چوين! سڀاڻي مٺي شهر جي پرهجوم بس اسٽاپ تي هڪڙو تنها ماڻهو تنهنجي آجيان ۾ دل جو ديپ ٻاري رکندو، ڏُور کان ايندڙ بسن جي هارن سان ڇرڪندو هوندو! ۽ ويندڙ وقت مان ڇڻندڙ انتظار جي شيشن کي، احساسن جي زبان ۽ جذبن جي پنبڙين سان ميڙيندو هوندو!!“

”ڏس دلڪش! عورت هوندي بہ، توهان تي ايترو اعتماد ڪيو اٿم. ٻڌو اٿم اندروني سنڌ ۾ ڏاڍيل ڪلچر ۽ بدامني آهي، پوءِ بہ تنهنجين ڳالهين مونکي ايترو متاثر ڪيو آهي جو سوچيم: ان کان اڳ جو پرديس هلي وڃان، مون وٽ هڪ مهينو بچيو آهي، توکي ۽ تنهنجي علائقي کي ڏسيو وڃان، هونئن بہ مونکي مهم جو ايڊونچر سان ڀرپور ۽ پُرخطر زندگيءَ جو حسن موهيندو آهي !. ملڻ کان اڳ وڇڙي وڃڻ کان بهتر آهي تہ ملي پوءِ وڇڙي وڃون!“.

”تنهنجين ڳالهين مان لڳي ٿو تہ توسان ملڻ کانپوءِ، روئڻ منهنجو مقدر هوندو. پر اهڙيون ڳالهيون ڪري ملڻ کان اڳ ۾ ئي روئارين چو ٿي؟!“.

“تنهجين ڳالهين جيان تون ﮀ ڏاڍو جذباتي آهين. حقيقتن جو زهر، اسان سڀني کي ڪڏهن نه ڪڏهن، پيئڻو پوندو! زندگيءَ ۾ مليل سدابهار لمحن جي سنگت کي، آئيندي جي انديشن ۾، بي مزه بڻائڻ ﮀ بيوقوفي آهي. بهرحال ڪافي ڳالهيون آهن، جيڪي روبرو ڪنداسين، مونکي توڏانهن اچڻ لاءِ تياري ڪرڻي آهي. صبح سويل اٿڻو پوندم. شام پنج وڳي مني پهچنديس. ان کان اڳ هرويرو انتظار جي ڪيفيت کي پنهنجي ويجهو اچڻ متان ڏيئين! ٺيڪ آهي نه!؟”.

”ٺيڪ آهي، پنج وڳي منيءَ جي بس اسٽاپ تي هوندس. پنهنجو فون کليل رکجان!“

”او۔ ڪي بائي!“

***

دلڪش اسلام ڪوٽ کان منيءَ ويندڙ بس ۾ چڙهيل هو. موسم ۾ وڻندڙ تبديلي اچي چڪي هئي. بارش جا آثار پيدا ٿي پيا هئا. دلڪش سوچن جي صحرا کي جهاڳي رهيو هو.

”ماهپاره ڪيئن هوندي؟ ڪهڙي هوندي؟ سندس عمر، سندس شڪل شبيهه ڪيئن هوندي؟ متان ايئن نه ٿئي جو، ڪيس ڏسي پڇتائڻو پوي! “

دلڪش کي ڪافي وقت اڳ وارو واقعو ياد اچي ويو. رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپيل سندس تحريرون پڙهي، هڪ ڇوڪري مٿس پرپٺ عاشق ٿي پيئي هئي. هن طرفان لکيل خطن ۾، نه رڳو فون نمبر لکيل هو پر ملڻ جي شديد خواهش جو ﮀ اظهار ٿيل هو. ٽيليفون تي راز ۽ نياز جون ڳالهيون، ڪجهه ڏينهن هلڻ ڪانپوءِ نيٽ منيءَ ۾، ملاقات جو پروگرام ٺهيو هو. پر دلڪش کي پهريون جهٽڪو تڏهن لڳو جڏهن هن ڇوڪريءَ کي روبرو ڏٺو هو. نه رڳو سندس اکيون ڇپرا ڪيئندڙ هيون، پر رنگ، جسامت ۽ لڇڻ تائين، دلڪش لاءِ ڪجهه ﮀ قابل ڏيان نه هو ۽ پوءِ دلڪش وڏي مشڪل سان پنهنجي جان ڇڏائي هئي. دلڪش پنهنجو پاڻ سان ڪيتو ڪندي سوچيو: ”ڇا تاريخ پنهنجو پاڻ کي دهرائي رهي آهي!“ دلڪش بس جي شيشي مان ٻاهر نهاريو. ٽري وڻن تي گونچ ڦٽل هئا. ڌرتيءَ تي گاهه جي سائي ساڙهي وڇايل هئي.

منيءَ جي بس ٽرمينل تي لهڻ ڪانپوءِ، دلڪش پر واري هوٽل ۾ داخل ٿيو. چانهه جا سُرڪ پريندي، هن سوچيو: ”ماهپاره کي ترسائڻ لاءِ هوٽل جو ڪمرو بهتر رهندو يا ڪنهن دوست جي جڳهه! هوٽل جي نسبت ڪنهن دوست جو مڪان بهتر رهندو. جتي پرائيويسي ۽ سانتيڪو ماحول هوندو. پر ماهپاره سان ٿيل گفتگو مان لڳي ٿو ته هوءَ اپر ڪلاس جي آهي، سو هن لاءِ جڳهه جي حالت ۽ STANDAR جو ﮀ خيال رکڻو پوندو!“ دلڪش کي ﮀ دوست اهڙا سُجهيا، جن جون جڳهيون ڪجهه حد تائين، ماهپاره کي ترسائڻ جي قابل هيون پر هڪ دوست جي جڳهه جو باٿ روم غير

معياري هو. ان ڪري هن اهو آپشن رد ڪري ڇڏيو. باقي بچيل هڪ دوست متعلق هن کي، غير يقيني اها ٿي پيئي تہ اهو منيءَ ۾ هوندو يا نہ! هن ان دوست جو موبائيل نمبر ملايو.

”هيلو فاضل! دلڪش پيو ڳالهايان “

”او جاني! ڪيئن آهين؟ “

”بلڪل ٺيڪ، يار تو ۾ ڪم پيو آهي!“

”حڪم ڪر جاني!“

”منهنجا مهمان اچي رهيا آهن. ترسائڻ لاءِ تنهنجو مڪان گهربل آهي“

”واهہ سائين واهہ! اها بہ ڪا پڇڻ جي ڳالهہ آهي، مون توکي اڳ ئي چيو هو تہ جڳهہ جي هڪ چابي توکي ڏيئي ڇڏيان“

”تڏهن ضرورت نہ هئي، اڄ ضرورت پيئي اٿم“

”خير آئون ڳوٺ وڃي رهيو آهيان، تون ڪٿي آهين؟ توکي چابي ڏيندو وڃان! “

”آئون ٽر بس ٽرمينل جي اولهہ پاسي واري هوٽل تي موجود آهيان“

”بس آئون پڄان ٿو “

”ٺيڪ آهي!“

ڪجهہ ئي دير ۾ فاضل پهچي ويو. دلڪش کي پاڪر ۾ پريندي، پڇيائين: ”ڪٿي هُئين، ڇا ڪري رهيو هُئين، مورڳو عيد جو چنڊ ٿي پيئين“

”زمين تي هئس، ڪجهہ نہ ڪرڻ واري آسمان تان، خوابن جا ستارا چورائي رهيو هئس ۽ منهنجي وجود ۾ ڏهين محرم جو چنڊ ترسيل هو! “

”ابتيون ڳالهيون اجان نہ ڇڏيون اٿئي، خير اهو ٻڌائي پاڃائيءَ کي طلاق ڇو ڏنئي؟“

”سبتيون ڳالهيون ڪرڻ وارا، اهي ڳالهيون هوٽلن تي ناهن پڇبيون!“

”سوري! هونئن بہ آئون هينئر تڪڙو آهيان، هفتي کن ڪانپوءِ موٽندس. ٻي دفعي توسان ڏي وٺ ڪبي. اچي هي وٺ چابيون!“

”پر ترس چانهہ تہ پيءُ “

”نہ نہ ٻاهر دوست جيپ ۾ ويٺا آهن“

دلڪش چابين جو جهوڙو ڪٽي، فاضل جي جڳهہ تي پهتو. هڪ ڪمري ۾ بہ کٽون رکيل هيون. ٻئي ڪمري ۾ هڪ ڊبل بيڊ، هڪ ميز ۽ چار ڪرسيون پيون هيون. ڊگهي وڇوٽيءَ ڪانپوءِ ڪنهن سانتيڪي جاءِ تي، اڪيلائيءَ جي احساس ۾، ملڻ جو اوسيئڙو ڪندي، ڪنهن عورت جو تصور، هن جي بدن ۾ عجيب ڪتڪايون ڪرڻ لڳو. انتظار جون سُيون هن جي دل ۾ چبنديون رهيون. بہ تي پيرا

هن ماهپاره جو نمبر ملايو پر جواب نہ ملي رهيو هو. آسرو، بيبقيني ۽ وسوسن جو ڪوسو پاڻي، هن جي هانوءَ مٿان هارجندو رهيو!

شام جا سوا چار ٿيا تہ، هن جڳهہ جو تالو بند ڪيو. پر واري هوٽل تان چانهہ جو ڪپ پيءُ، بس ٽرمينل ڏانهن ويندڙ رڪشي ۾ سوار ٿيو. بس ٽرمينل تي پڄي، هن گهڙيءَ ۾ وقت نهاريو. اي سي ڪوچ پهچڻ ۾ باقي ويهہ منٽ بچيا هئا، چڻ ويهہ صديون هن جي سامهون بيٺل هيون!

هن جون نظرون، هرهر گهڙيءَ جي ڪانٽن تي اٽڪي رهيون هيون ۽ آڱريون ماهپاره جو نمبر ريڊائيل ڪرڻ جي ڪرت ۾ قابو! پر ڪو بہ جواب نہ ملي رهيو هو. شام جا پنج ٿي چڪا هئا. دلڪش بيصبري ۽ اتولائيءَ مان اٿي بيٺو. هوٽل مان نڪري ڊيپلو، چيلهار ۽ اسلام ڪوٽ ڏانهن ايندڙ_ويندڙ بسن وٽ ماڻهن جي هجوم ۾ وڃي بيٺو. اجتماعيت جي احساس ۾، هن جي شخصي اٽڪڻ ڪجهہ قدر گهٽجي پيئي. پرسان بيٺل ماڻهو هڪٻئي سان ڳالهيون ڪري رهيا هئا پئي. "اڄ اي سي ڪوچ ڏاڍي دير ڪئي آهي، پر ايندي ضرور!"

دلڪش کي ان شخص جو جملو ڏاڍو سٺو لڳو. هن جي دل چاهيو، ان شخص کان وري وري پڇي ۽ ساڳي رايو وري ٻڌي! پر ڏور کان ايندڙ اي سي ڪوچ جي هارن، هن جي خيال کي مٿائي ڇڏيو. اي سي ڪوچ جي تاڙ ۾ بيٺل رڪشا، هيڏانهن هوڏانهن ٿيڻ لڳا. ايئن جيئن ٻرن ۾ پاڻي داخل ٿيڻ پڄاڻا ماڪوڙا بدحواس ٿي ڊوڙندا آهن! هن جلدي جلدي "ماهپاره جو نمبر ملايو پر جواب نہ مليو. هن کي مايوسي ۽ محروميءَ جو زبردست ڪرنٽ لڳو. " اي سي ڪوچ ۾ ماهپاره هجي ها تہ سندس فون نمبر ضرور لڳي ها. هن مونسان ڏاڍي پٽي ڪئي آهي!"

ڪتن جيئن پونڪندڙ رڪشن جا هارن، هن جي خيالن کي منتشر ڪندا رهيا. هو دل ئي دل ۾ ماهپاره تي چڙندو رهيو! اوچتو کيسي ۾ رکيل موبائيل فون جي گهنٽيءَ وڄڻ لڳي. فون ڪندڙ شخص تي هن کي، ڪجهہ ڪجهہ چڙ محسوس ٿي. ماهپاره جي نہ اچڻ جي صدمي، هن کي نفرت ۽ ڪروڌ جي ڪيفيت ۾ وروڪي وڌو هو. اهو ئي سبب هو جو هن وقت، هو ڪنهن جي بہ فون ڪال وصول ڪرڻ لاءِ، پنهنجو پاڻ کي ذهني طور آماده ڪري نہ پئي سگهيو!رنگ وڃي بند ٿي پيئي، چند سيڪنڊن کانپوءِ وري رنگ وڄڻ لڳي. دلڪش ڏند ڪرٽيندي کيسي ۾ هٿ وجهي موبائيل ڪڍي ورتو، اسڪرين تي ماهپاره جو نمبر مرڪي رهيو هو.

"هيلو!"

"اوهہ دلڪش! تون ڪٿي آهين، آئون ڏاڍي پريشان آهيان!"

"وري ڇا ٿيو؟!"

"ٿيندو وري ڇا، مونکي گهرائي، پاڻ گم، ڪال رسيو بہ نٿو ڪرين؟!"

"آخر تون آهين ڪٿي؟ صبح کان ٽرائي ڪري رهيو آهيان، نمبر نہ پيو لڳي!"

”نمبر ڏوڙ جو لڳندو، چارج وڃڻ جي خوف کان موبائيل بند رکيو هئم. اي سي ڪوچ منئي پهچي چڪي آهي، تون ڪٿي آهين؟!“

”بس ايئن سمجهه ته تنهنجي پر ۾ بيٺو آهيان. ٻن منٽن ۾ پهچان ٿو. “ دلڪش فون کيسي ۾ رکڻ ڪانپوءِ اولهه طرف نهاريو اي سي ڪوچ ۽ دلڪش جي وچان 30 وکن جو مفاصلو ۽ ڪجهه ڪيبينن ۽ ريڙهن جون قطارون موجود هيون. هن جو ذهن تجسس جو سنگرام تي پيو. ”ماهپاره ڪيئن هوندي، کهڙي هوندي؟“ هن کي پنهنجي خوابن جا شيش محل ڏڏندي محسوس ٿيڻ لڳا!!

دلڪش ريڙهن ۽ رڪشن جي هجوم مان جاءِ ٺاهيندو اي سي ڪوچ طرف وڌڻ لڳو. ڪوچ مان مسافر لهي چڪا هئا، صرف اسلام ڪوٽ ويندڙ مسافر سوار ٿي رهيا هئا. هن آسپاس نهاريو هڪ خوبصورت عورت تي هن جون اکيون اٽڪي پيون. پر ٿئي لمحي کيس مايوسي تڏهن ٿي، جڏهن هوءَ پنهنجي وارث سان گڏ رڪشي ۾ سوار ٿي هلي ويئي. ڪوچ جي ويجهو پهچي، هن چئو طرف نهاريو پر ڪٿي به کيس مطلوبه عورت نظر نه آئي. هن کي محسوس ٿيو جڻ ماهپاره هن سان عجيب مذاق ڪري، گهوئيون ڏيئي رهي هئي. هن بيدليءَ مان ماهپاره جو نمبر وري ملايو. هن کي انديشو هو ته ماهپاره موبائيل بند ڪري ڇڏيو هوندو. پر جڏهن رنگ وڃڻ لڳي ته هن جي پيٽ ۾ ڪجهه ساهه پيو.

”هيلو يار آئون پريشان آهيان!“

”ماهپاره تون ڪٿي آهين؟ “

”آئون ڪوچ ۾ ويٺي آهيان “

دلڪش کان ٺهڪ ڇڏائي ويو. چيائين: ”نون مسافرن سان ايئن ئي ٿيندو آهي. آئون ڪوچ جي گيٽ تي بيٺو آهيان، تون لهي اچ!“

چند ئي سيڪنڊن ۾ هڪ پروقار عورت هيٺ لهي آئي. جنهن کي گلابي رنگ جو وڳو پاتل هو. اکين تي ڪارو چشمو ۽ پيرن ۾ هيل وارا سينڊل پاتل هئس. نازڪ ۽ نفيس رنگ روپ واري، هوءَ سهڻي عورت، اپر ڪلاس جي حور لڳي رهي هئي! دلڪش سندس سامهون اچي، شرميلي مرڪ سان سندس سواڳت ڪيو.

”آر يو دلڪش؟! “

”ييس آءِ ايم “

ماهپاره جو سامان رڪشه ۾ رکڻ ڪانپوءِ هن رڪشه واري کي دوست جي جڳهه جو پتو ٻڌايو. ماهپاره سان گڏ رڪشه ۾ ويهندي، هن کي محسوس ٿيو ته اها سواري ماهپاره جي سماجي رتبي جي خلاف هئي! بازار مان گذرندي هن محسوس ڪيو ته ڪيترن ئي ماڻهن جون نظرون سندس رڪشه تي چنبڙي پيون هيون. جڳهه جي ڪمري ۾ سامان رکڻ ڪانپوءِ ماهپاره باٿروم جي پڇا ڪئي ته هن هڪ طرف اشارو ڪندي سندس رهنمائي ڪئي، اٽيچ ۽ ٽائلس لڳل باٿروم جي اٿهوند. دلڪش کي

محروميءَ ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو! دلڪش پر واري هوٽل تان ٻه پيپسي بوتلون کڻي آيو تيستائين ماهپاره فريش ٿي بيڊ تي ويهي رهي. دلڪش ڪرسي سوري پرسان اچي ويٺو. ماهپاره پيپيسيءَ جو ڍڪ پريندي ڪجلين اکين سان نهاريندي پڇيو: ”ٻاهر آسمان تي ڪڪر ڇانئيل آهن، ڇا بارش جا آثار پيدا ٿي پيا آهن؟“

”ها اڄ برسات وسڻ جا وڏا امڪان آهن “

”ٿر جو تصور مون وٽ ويراني ۽ رڃ وارو آهي، پر اڃان تائين مونکي اهڙي ڪابه شيءَ نظر ناهي آئي“

”اڃان ته مٺيءَ ۾ پهتي آهين!“

دلڪش ۽ ماهپاره دير تائين. ڳالهين جي ڳوٺ ۾ رلندا رهيا ۽ پوءِ دلڪش هڪ دوست جو نمبر ملايو. جنهن پنهنجي ڪار ۾ دلڪش ۽ ماهپاره کي گڏيءَ ڀٽ تي پهچائي ڇڏيو. گڏيءَ جي ڀٽ تان مٺي شهر جو منظر، مڏ جي پيالي جيان پيارو لڳي رهيو هو. آسمان تي ڇانئيل ڪارن ڪڪرن، سانجهه جي چنيءَ کي ڪجهه سويل سرڪائي وڌو هو. مٺي شهر جا بلب روشن ٿي پيا هئا. ماهپاره چيو: ”ايئن ٿو لڳي جڻ چنڊ، هزار ٽڪرن ۾ ورهائجي، مٺي شهر تي ڇٽي رهيو آهي!“

دلڪش چاهيو ته چوي: ”آسمان جو چنڊ، ٽڪرا ٽڪرا ٿي وڃو پر ڌرتيءَ جو چنڊ ته منهنجي پرسان محفوظ آهي!“ پر جيڪو ڪجهه هن چوڻ چاهيو چئي نه سگهيو هو. اڄ هن جو هر رؤيو تڪلف جي تابوت ۾ بند هو. هن ماهپاره تي ڪابه هجت نه پئي هلائي. ان جو سبب ماهپاره جي پروقار، معتبر ۽ شاهوڪارانه شخصيت هجڻ سان گڏوگڏ، دلڪش جي مڊل ڪلاس واري طبقاتي حيثيت هئي. انهيءَ سان گڏوگڏ، گذري ويل وقت جي اڻگهٽيل زخمن، هن کي بيحد حساس بڻائي ڇڏيو هو! دلڪش جي اجهاٽيل اجهاٽيل رؤيي کي شايد ماهپاره به محسوس ڪري ورتو هو. پڇيائين: ”فون تي ڳالهائڻ وقت تون ڪيترو نه بي تڪلف، چنچل ۽ تيز ترار لڳي رهيو هئين پر هاڻي پرتڪلف ۽ ماٺينو ماٺينو ڇو آهين؟ سامهون چمڪندڙ بلبن جو نظارو توکي ڪيئن ٿو لڳي؟“

دلڪش لچاري مرڪ سان ڳالهه گهڙيندي چيو: ”آئون دراصل ٻن ٽن تشبيهن مان ڪنهن مناسب تشبيهه جي چونڊ ڪرڻ لاءِ سوچي رهيو هئس“

”تشبيهون مونکي ٻڌائي، انتخاب آئون ڪنديس!“

”ايئن ٿو لڳي، جڻ هڪ ئي وقت هزارين جگنو اڏري رهيا آهن يا وري ڪينجهر جي پاڻيءَ ۾ ڦڳڻ جي اونداهيءَ جا ستارا عڪس ٺجي رقص ڪري رهيا آهن!“

”اوهه! ڇا ته دلبر تشبيهون آهن، ڇا ٻي به ڪا تشبيهه آهي؟“

”ها هڪ مبهم خيال آرس موڙي رهيو آهي، بس اظهار لاءِ لفظ گهربل آهن!“

”ها به ٻڌايو؟“

دلڪش ڪجھہ سوچيندي وراڻيو: ”سامهون نظر ايندڙ روشنيون ڏسي، لڳي ٿو ڄڻ ڪاري ڪري ماريل عورتن جي ڪنن جا سونا جُهومڪ، هوائن جي دوش تي لٽڪيل آهن!“

”اوهو... ڇا تہ غضب جي تشبيهہ آهي!“

دلڪش ۽ ماهپاره ڳڙ جهڙيون ڳالهيون ورهائيندا رهيا. انهيءَ دوران دلڪش جي من ۾ ڪافي پيرا چور احساس ڇهندڙي هٽندا رهيا. پراڇ الاءِ ڇو دلڪش، پاڻ ۾ اهو اعتماد ساري نہ سگهيو هو جيڪو اعتماد سڄي ڇمار سندس ساٿي رهيو هو ۽ جنهن اڪثر موقعن تي، هن کي برتر ۽ حاوي هجڻ جو البيلو احساس اريپي، انيڪ مورچن جو فاتح بڻايو هوا پر وقت جي هن موڙ تي، ماهپاره جي اڳيان، احساس ڪمتريءَ جي ڦينچي، حوصلن جا هلواڻ ڪتي ڇڏيا هئا! واقعي، طبقاتي وڇوٽين جا فرق، روين جو تعين ڪندا آهن.

ڪافي دير ڪانپوءِ، دلڪش ڪال ڪري ساڳي دوست جي ڪار گهرائي ورتي. رات جي ماني پارڪر هوٽل جي ڪمري نمبر 4 ۾ ڪائڻ ڪانپوءِ، واپس جڳهہ تي موٽي آيا. ماهپاره جي مرڪن، ڳالهين، ادائن، دلڪش جي دل ۾ هُورا ڪُورا پيدا ڪري ڇڏي هئي. وڏي وڇوٽيءَ ڪانپوءِ، نوبڪلائيءَ ۾ حسين عورت جي قربت ۾، حسن جي ريل ڇيل، هن جي اندر ۾، انوکا ٽڏڙا ڪڍي رهي هئي! هرهر هن جي دل چاهيو تہ هو ماهپاره کي ڀاڪر ۾ ڀري اهو چوي: ”تون منهنجي زندگيءَ ۾ آيل آخري عورت آهين. مونکي سهارو ڏي، هرڪو مونکي ڇڏي ويو آهي، تون متان ڇڏئين!“ پر دلڪش ان حوالي سان ڪجھہ بہ ڇئي نہ پئي سگهيو. ٽيليفون تي ڪيل ڪچهري ۽ ميسيج ڪانپوءِ، هن کي پڪ ٿي پيئي هئي تہ انهي معاملي ۾ اڳڀرائي ڪرڻ سان ماهپاره هرويرو مائيند نہ ڪندي. ڇو تہ ماهپاره ايتري ٻالا ڀولي تہ نہ هئي، جنهن هيستائين جي تعلق مان، دلڪش جي دل جي ڳالهہ کي سمجهيو نہ هجي! پر ايتري ساري اڳڀرائي ٿيڻ جي باوجود دلڪش پاڻ ۾ ايترو ست ساري نہ پئي سگهيو جو ماهپاره سان وڏيڪ فري ٿي سگهي. هن جو لهجو جانئيتو نہ هو. هن کي لفظ نہ پئي سُجهيا! هن کي صحيح اندازو نہ پئي ٿيو تہ آخر ماهپاره جي من ۾ ڇا هو!؟ هوءَ آزاد ماحول جي فارورڊ عورت هئي، هن جي رؤين مان خوشفهميءَ جو شڪار ٿيڻ، خود فريبيءَ برابر هو! انهيءَ ڪانسواءِ هوءَ دلڪش وٽ مهمان هئي. هن دلڪش تي انوکو اعتماد ڪيو هو ۽ دلڪش وٽ بہ تہ آخر دل هئي!

رات جي پهرين پهر جي ويندڙ لمحن ۾، ماهپاره جو وجود دلڪش لاءِ ناقابل تعبير خواب بڻجي پيو. ماهپاره هن لاءِ ويجهو هوندي بہ پري ٿي پيل منزل ٿي پيئي هئي!

ٻاهر هلڪي هلڪي بارش وسڻ شروع ٿي پيئي. اڱڻ ۾ وسندڙ مينهن ڪٽين جو منظر، بلبن جي روشنيءَ سان وچڙي محبوب نظارو بڻجي رهيو هو. ماهپاره بيڊ تان اٿي، دريءَ وٽ وڃي بيٺي. اڱڻ ڏانهن کلندڙ دري کوليندي چيائين: ”دلڪش هيڏانهن اچ، ڇا تہ جادوگر منظر آهي!“

دلڪش هن جي پير ۾ وجي بيٺو. ماهپاره جي سحرانگيز بدن پرسان، هن کي پنهنجي جسم ۾ دلفريب هلچل ٿيندي محسوس ٿي رهي هئي. لمحي لاءِ هن کي پنهنجو پاڻ، بي ضبط ٿيندي محسوس ٿيو. هن جي ڪيفيت سترهين صديءَ جي ان لالچي ۽ ناقابل شڪست حڪمران جهڙي ٿي پيئي، جيڪو دولت سان مالامال رياستن تي حملو ڪرڻ وارو هوندو آهي! هن تي جبلي وحشت جو واسو حاوي ٿيڻ لڳو. هن سوچيو: ”ڇا جو ضابطو؟ ڇا جا اخلاقي قدر. ڇا جو پيار؟ هيءَ گهڙي وري نہ ايندي! هيءَ تنهائي، هيءَ بارش ۽ هيءَ حسن جي اپسرا. وري ملي نہ ملي!؟ هڪ پرديسڻ اڪيلي عورت ڪهڙي مزاحمت ڪندي؟! “

هن جون اکيون ماهپاره تي ترڪڻ لڳيون. لمحي لاءِ ماهپاره دريءَ کان هٽي ويئي. هن جي اکين ۾ اوپرائپ جا عڪس ڇٽا ٿي پيا. دلڪش دري کان ٻاهر نهاريو. بارش جو زور وڌي رهيو هو. دلڪش جي ڪيفيت جا رنگ بدلجڻ لڳا. هن ۾ سنجيدگي، ساڃاهہ ۽ معصوميت موٽي آئي! دلڪش ۽ ماهپاره جون نظرون ملي وري ڏار ٿي ويون. دلڪش نماڻائيءَ مان پڇيو: ”ماهپاره! تون هيڏانهن نہ ايندئين جان!؟“ ماهپاره ڪجهہ سوچيو ۽ پوءِ بوجهل بوجهل قدمن سان دريءَ وٽ اچي بيٺي. دلڪش پناهہ گاهہ ڳوليندڙ نگاهن سان، هن جي اکين ۾ جهاتي پاتي. دل ۾ ڪتڪائي ڪندڙ مرڪ، ماهپاره جي چپن تي ڊوڙ پائي موٽي ويئي! بارش جو پاڻي، اڱڻ جي فرش تان ڇڻ ڇڻ ڪندو گذري رهيو هو. عجيب حد بندي، انوکن فاصلن ۽ ممنوع چاهتن ۾ گذرندڙ لمحن جون ستم ظريفيون، دلڪش جي اندر ۾ آنڌ مانڌ مچائي رهيون هيون! دلڪش ۽ ماهپاره دريءَ وٽ بيٺا هئا، چوماسي جون ڪي آوارهہ مينهن ڪڻيون، دريءَ جي لوهي سيخن کي لڳي، سندن چهرن تي ڦوهارو هٽي رهيون هيون!

دير تائين وسندڙ بارش کي ڏسڻ کانپوءِ، ماهپاره کي بيڊ واري ڪمري ۾ ڇڏي، پاڻ ٻئي ڪمري ۾ رکيل کٽ تي ليٽي پيو. هن جي اکين کان ننڊ ڪاهہ ڪائي پري ٿي پيئي هئي! هن ڪيترن ڏينهن کان ماهپاره سان ڀاڪر پائڻ جا منصوبا ٺاهيا هئا، پر اڄ اهو ميوو ٻہ هن لاءِ ممنوع بڻجي پيو هو. ياسمين کي خطن سان قائل ڪرڻ وارو، اداس ڇوڪريءَ تي خاموش رهي ٻہ حاوي ٿيڻ وارو، سپنا کي اکين ئي اکين ۾ ڇڪڻ وارو ۽ سارا کي دولت جي چمڪ سان متاثر ڪرڻ وارو ۽ فون تي خود ماهپاره سان ٻنهہ فري ٿيڻ وارو دلڪش، اڄ ڪيترو نہ بدليل بدليل هو! هن کي پنهنجو پاڻ تي اعتماد نہ هو. حالتن هن کي حساس بڻائي ڇڏيو هو. ڪافي اڳڀرائي ٿيڻ باوجود، ماهپاره اڳيان هن جا چپ سبيل هئا! عام رواجي لمحن کي، حسين ۽ سجايا بڻائڻ واري دلڪش جي، اڄوڪي خوبصورت رات اجائي وڃي رهي هئي. جنهن جي ڏک ۾ پاسا ورائيندي هن کي نيٺ ننڊ ورائي ويئي!

***

ماهپاره ۽ دلڪش ڪار ۾ سوار هئا. پارڪر جي پٽن جي خوشبوءِ پري ڪان محسوس ٿي رهي هئي. چوماسي جون گهميل هوائون گهلي رهيون هيون. پٽل جي ٿانءَ جهڙو سونهري صبح، چمڪي رهيو هو. ڏور ڏور ڪٿي ڪو مور ٽهوڪي، مينهن جي محبت جو گيت ڳائي رهيو هو. ٽوڊي ڪار پڪي رستي تي ٻڪي رهي هئي. ماهپاره دريءَ جو شيشو هٽائي ٻاهر ڏسندي پڇيو: ”اڄ هتان جي موسم متعلق موسمياتي کاتي وارن جي ڪهڙي اڳڪٿي آهي. هتي سرڪاري طور موسم جي اڳڪٿي اڪثر غلط ثابت ٿيندي آهي، البته هتان جو فطري موسميات کاتو ڪافي فعال آهي! “

”اهو فطرت جو موسميات کاتو ڇا آهي؟ “

”ٿر ۾ معاش جا ٻه ذريعا آهن. چوپائي مال جي پالنا ۽ کيتي ۽ اهي ٻئي ذريعا سڌو سنئون مينهن سان مشروط آهن. ان ڪري مينهن سان هتان جي ماڻهن جو جذباتي رشتو آهي، ان ڪري هتان جي ماڻهن جون نظرون، وڏيڪ باريڪ بينيءَ سان آڪاش تي اٽڪيل هونديون آهن!“

”جناب! آڪاش تي اٽڪيل نگاهن جو موسم جي اڳڪٿيءَ سان ڪهڙو تعلق آهي؟“

”تعلق سڌو آهي! جيئن تنهنجي سوال پڇڻ جو انداز غضب جو آهي، ايئن انهن نگاهن جو مشاهدو به غضب جو هوندو آهي“

”وضاحت ڪريو مان نه سمجهيس!“

”گهرائيءَ سان سمجهڻ لاءِ ته هتان جي معاشرتي زندگيءَ ۾ جذب ٿيڻو پوندو، پر حقيقيت اها آهي ته موسم جا مزاج ۽ ماحول جي ماهيت پرکيندڙ اکين وٽ الڳ ماڻ ماپا هوندا آهن“

”مثال طور!“

”اها ثابت ٿيل حقيقت آهي ته ڪن جاندارن ۾ سُوجهيون ۽ ڇهان حس موجود هوندا آهن. جيڪي انهن کي ماحول سان مطابقت ۽ بچاءَ طور ڪم ايندا آهن. هتان جي جاندارن جو جياپو جيئن ته مينهن تي دارومدار رکي ٿو ان ڪري انهن جا غير معمولي رؤيا، ڏڪار ۽ سُڪار جو سنديشو ٻڌيا آهن، جنهن کي سگهڙ ياڳيا سمجهي وٺندا آهن!“

”بلڪل صحيح“

”آسمان جي ڪن ستارن جي موجودگي يا غير موجودگي به ڏڪار، سڪار جو اهڃاڻ ٿي پوندي آهي. انهيءَ کانسواءِ ڪڪرن جي ساخت ۽ چرپر، هوا جو رخ ۽ جاندارن جي حرڪت مان به موسم جي اڳڪٿي ڪري سگهبي آهي. “

”ڪڪرن ۽ هوا جي رخ واري ڳالهه ته سائنسي ڇئبي، پر آسمان جي ستارن واري ڳالهه نلهو عقيدو لڳي ٿي!“

”نه، اها هقيقت آهي، مشتريءَ جو زمين کان ويجهو گذرڻ، سج، چنڊ گرڻ ۽ چنڊ جي ڪن راتين ۾ سامونڊي لهرن جا زمين تي اثر ٿيندا آهن. اها ته سائنسي ڳالهه آهي نه!؟“

"ها. . . . . . . "

"تہ پوءِ ترين جي ان مشاهدي کي عقيدو ڪيئن ٿو چئي سگهجي؟"

"ها_ اها ڳالهہ تحقيق طلب آهي".

"ڏوئي سڪايل ڪپڙن جي ٽائيمنگ مان هتان جا ماڻهو هوا ۾ موجود گهم جو اندازو لڳائيندا آهن. جڏهن تہ درجہ حرارت جي وڌڻ جي خبر ڇمايل ڪير جي خراب ٿيڻ مان پوندي آهي. واچوڙا وري هوا جي گهٽ دٻاءُ نهڻ جي شروعاتي نشاني هوندا آهن. "

"ڏونئري واري ڳالهہ ڪيئن؟"

"ڏونئرو ڇمڻ لاءِ مخصوص بيڪٽيريا گهربل هوندا آهن. جڏهن تہ اوچتو موسمي تبديلي ۽ گرمي پد وڌڻ سان بيڪٽيريائي عمل، ڊسبيلينس تي پوندو آهي ۽ ڪير خراب ٿي پوندو آهي! "

"اوهہ! ڇا تہ منطق آهي!"

ڳالهين جون ڳنڍيون کلنديون رهيون. ڀالوا جي ڀونءَ ۽ پوڏيسر جي پر مان گهمندي، گهمندي ماهپاره ۽ دلڪش نظارن جا انيڪ پوپٽ پڪڙي رهيا هئا. قديم تهذيب جون شاهديون، تاريخ جي پيرن جا نشان، ۽ فطرت جا عجوبا، ڪارونجهر جي ڪور تي پکڙيا پيا هئا. دلڪش ڪنهن ماهر گائيڊ جيان، انهن متعلق معلومات ماهپاره سان شيئر ڪري رهيو هو. مارئيءَ جو کوهہ، پوڏيسر جو تلاءُ، پوڏيسر جي مسجد، ٻاين جو ٻيسٺو چشمہ، نديون ۽ ٻيو گهڻو ڪجهہ هو جيڪو جبل جي جوءَ ۾ پکڙيو پيو هو.

آنچلاسر جي آسپاس پهتا تہ هلڪي هلڪي جهُڙڦڙ وسڻ شروع ٿي پئي. اُپ ڪارن ڪڪرن سان پرجي ويو. دلڪش ۽ ماهپاره بارش ۾ پُسندا رهيا. جيئن جيئن بارش وڌڻ لڳي، تيئن تيئن پٿرن تي وسندڙ مينهن جي پاڻيءَ جا وهڪرا تيزيءَ سان وهڻ لڳا. ماهپاره دلڪش جي هٿ ۾ هٿ ڏيئي، دلاويز مرڪ مرڪندي چيو: "هاڻ واپس هلڻ گهرجي، مونکي جبل جي وهڪرن کان ڀئو ٿو ٿئي!"

دلڪش ۽ ماهپاره واپس ڪار تائين آيا ۽ پوءِ ڪار بارش ۾ وهجندڙ ننگر جي شهر کي الوداع چئي واپس ڊوڙڻ لڳي. وسندڙ بارش ۾ گاڏي هلائڻ ۾ ڏاڍي دشواري محسوس ٿي رهي هئي، پر دلبر موسم ۾، اهو سڀ ڪجهہ ڪنهن دلنشين خواب جيان لڳي رهيو هو. دلڪش وٽ ماهپاره کي اينڊڙ رات ترسائڻ لاءِ مٺي ۽ اسلام ڪوٽ جا آپشن موجود هئا، پر هن پيري هن ملهاسر کي ترجيح ڏني. ڪيس محسوس ٿيو هو تہ ماهپاره وٽ رُتبي جي ريس نہ هئي!

سندس اوطاق جي چونئري ۾ بہ کٽون رکيل هيون. پرسان هڪ لانڍي هئي ۽ ان جي پنيان هڪ پڪو باٿ روم موجود هو. چونئري ۾ رکيل کٽ تي ويهڻ کانپوءِ ماهپاره ڇت ڏانهن ڏسندي حيرت مان پڇيو:

"هن مان تہ آسمان جا ترورا نظر اچي رهيا آهن، پر برسات جو پاڻي اندر نہ پيو اچي ڇو؟"

"اها ئي تہ ٽيڪنڪ آهي! چونئري جي بناوت ڇٽيءَ نما آهي. بارش جو پاڻي تري ويندو آهي، پر هوا جو مڪمل گذر رهندو آهي"

ڪجهہ دير ۾ ئي تبسم چانهہ کڻي آيو. چانهہ جا گرم گرم سرڪ پريندي ماهپاره پڇيو ”هتي بجلي ناهي، گئس ناهي، منو پاڻي ناهي. پوءِ بہ اوهان هتي رهيا پيا آهيو؟“

دلڪش چيس: ”جيئن بجلي جي ايجاد کان اڳ جا انسان حالتن تي هريا پيا هئا، ايئن اسين بہ حالتن جا هيراڪ آهيون. جڏهن تہ سڪل ڪاٺين جا انبار موجود هوندي، گئس جي هرويرو اٿهوند آڏو ناهي ايندي. جڏهن تہ پيڙهين کان جر جي پاڻيءَ جي هيراڪيءَ سبب مٺي پاڻيءَ جي مجبوري هرويرو اڳيان ناهي ايندي!“

”هتي جي ڪهڙي خوبي آهي، جنهن اوهان کي هتي رهڻ تي مجبور ڪيو آهي؟!“

دلڪش ڪجهہ سوچيندي چيو ”هڪ فطرت جو پاڪر، ٻيو صاف سُٿرو متاڇرو، ٽيون امن!“

”ڪيئن! “

”هتان جي زندگيءَ جو هر رنگ فطري آهي. جڏهن تہ امن جو حال اهو آهي جو لکين رپين جي ماليت جو چوپايو مال، هفتن تائين وچايل رهڻ باوجود چوري ناهي ٿيندو ۽ نہ ئي هتان جي گهرن کي عام طور تالو بلڪ در ڏيڻ جو رواج آهي “

”هتي تعليم جي شرح بنهہ گهٽ آهي. انسان بنيادي طور خود غرض بہ هوندو آهي، پر پوءِ بہ امن جو اهو مثال عجيب آهي!“

“ماهپاره، انهيءَ ۾ ڪو بہ وڏاءُ ناهي. حقيقت اها آهي تہ انساني شخصيت جي تعمير ۾ حالتن جو هٿ سوايو هوندو آهي. جيئن تہ هتان جون حالتون، معروضي طور ڏوهي ذهنيت لاءِ حوصلا شڪن رهيون آهن، ان ڪري امن پسنديءَ پنهنجا پر پکيڙيا آهن!“

“تفصيل سان سمجهايو. . . . . ! “

هتي ڳُتيل آبادي ناهي، جنهن ڪري ماڻهن جي سمنڊ ۾ لڪڻ جو وجهہ ناهي ملندو. ڇڙوڇڙ آباديءَ باعث، آسپاس جي ماڻهن سان ڄاڻ سُڃاڻ ۽ سندن ڪمن ڪارن تي نظر رکڻ جو رجحان آهي. سماج بہ ڏوهي ماڻهن کي سنو ناهي سمجهندو. جنهن ڪري ڏوهي سرگرميون گهڻو وقت لڪي ناهن سگهنديون! هتي جي زمين نرم آهي، جنهن ڪري پيرن جا نشان لڪندا ناهن. انهيءَ ڪانسواءِ پاڻيءَ جو ذريعو رڳو کوهہ آهن، جيڪي وسندين ۾ هوندا آهن. جهنگ ۾ لڪندڙ ڏوهارين کي پاڻي ناهي ملندو. ٻيو وري جهنگ ۾ مال ڳوليندڙ ڌنار، مشڪوڪ ماڻهن کي جلد ئي سوگهو ڪري وٺندا آهن. اهي بنيادي سبب آهن، جڏهن تہ انهيءَ ڪانسواءِ ٻيا بہ ڪوڙ سبب آهن، جن هن علائقي کي امن جي مثالي آماجگاه بڻائي رکيو آهي“.

”هي علائقو واقعي دلچسپ ۽ حسين آهي!“

ڪجهہ دير وڏيڪ ڳالهيون هلنديون رهيون ۽ ان ڪانپوءِ رات جي ماني کجي آئي. ٻاجهر جون مانيون، ڪڻڪ جا ڦلڪا، ديسي ڪڪڙ جي ٻوڙ سان گڏ، کنيين جو ساڳ، مريڙي جو ڪاٽيو مکڻ جو وٽو،

ماڪيءَ جي ننڍڙي بوتل ۾ چانهين جون پُڳل ڪريون، هوبهو چپس، ڏونئرو لسي، چيڙن جي ڀاڄي، ٽري ميهن ۾تاهيل چانور، الڳ ٿالهيءَ ۾ منگڻ جي ساين ڦرين مان ڪڍيل داڻا.

دلڪش، ماهپاره سان گڏ ماني کائيندو رهيو ۽ ٽري کاڻن متعلق ماهپاره جي سوالن جا جواب بہ ڏيندو رهيو. مانيءَ مان واندا ٿي ٻاهر آيا تہ موسم ۾ ڊرامائي تبديلي اچي چڪي هئي. آسمان صاف هو ۽ چوڏهينءَ جو چنڊ آسمان تي مرڪي رهيو هو. تازو وٺل برسات ڪانپوءِ فضا ۾ دل ڇُهندڙ ٿڌاڻ ۽ ڦُنڪي موجود هئي!

تبسم گهران بہ بسترا کڻي آيو. چونئري ۾ موجود کٽن تي لڳائڻ ڪانپوءِ، دلڪش سان مخاطب ٿيو:

”هاڻ وچان ٿو، ڪنهن شيءِ جي ضرورت هجي تہ ٻڌايو؟ “

”توهان ڀل وڃو بس توهان جا ٿورا“

”ڪا ڳالهہ ناهي ۽ ها صبح واري چانهہ ڪهڙي ٽائيم آڻيان؟“

”ٽيڪ اٽ وڃي ميڊم اٿندي آهي “

”او۔ ڪي، آئون وڃان ٿو“

تبسم جي وڃڻ ڪانپوءِ، دلڪش ٻاهريون گيٽ اندريان بند ڪيو ۽ پوءِ اڱڻ تي ڇهل قدمي ڪندڙ ماهپاره جي پرسان اچي بيٺو. ماهپاره آسمان ڏانهن ڏسندي چيو: ”ڪهڙي نہ دلبر چانڊوڪي آسمان مان ڇٽي رهي آهي“ دلڪش سندس ”ها ۾ ها“ ملائيندي سوچيو: ”ماهپاره جو بدن بہ ڪنهن چانڊوڪيءَ کان گهٽ ناهي، پر ڪيڏي نہ بدقسمتي آهي جو اها چري چانڊوڪي اجان تائين مون لاءِ ممنوع بڻيل آهي“ دلڪش جي دل ۾ چور احساس زور سان ڇهنڊڙيون پائڻ لڳا. گذريل 29 ڪلاڪن کان ماهپاره هن سان گڏ گڏ هئي. ڪيڏيءَ جي گود کان ڪارونجهر جي ڪور تائين، بارش ۾ پُسڻ، مرڪن ۾ مخمور ٿيڻ، ٿڪن جي ساگر ۾ ترڻ، هٿ هٿ ۾ ڏيئي هلڻ، ڳالهين جا ڳيرا اڏارڻ ۽ اکين ئي اکين ۾ هڪٻئي تي هجتون هلائڻ باوجود، اجان تائين دلڪش پاڻ ۾ اهو اعتماد ڪٺو ڪري نہ سگهيو هو، جيڪو هيستائين هن کي ڪيترين ئي عورتن جي بدن جا شهر گهمائيندو رهيو هو! هن جيڪو ڪجهہ چوڻ چاهيو ٿي، چئي نہ پئي سگهيو، جيڪو ڪجهہ ڪرڻ چاهيو ٿي، ڪري نہ پئي سگهيو. جيڪو ڪجه ڏسڻ چاهيو ٿي، ڏسي نہ پئي سگهيو! شايد ماهپاره هن کي حدن ۾ رکڻ چاهيو هو! انتهائي بيوسيءَ مان هن ماهپاره کان پڇيو “ اندر رکيل کٽ ٻاهر کڻي اچان، جيئن ان تي ويهي، توهان چانڊوڪيءَ مان لطف اندوز ٿي سگهو؟!“

”نہ نہ، توهان کي تڪليف ٿيندي “

منع باوجود، دلڪش کٽ کڻي آيو ۽ ان ڪانپوءِ ويڙهيل بسترو لڳائي ماهپاره کي چيائين: ”اچو ويهو“ ماهپاره کٽ تي ويهڻ ڪانپوءِ، دلڪش کي صلاحيو “توهان بيٺا ڇو آهيو؟ اچو ويهو نہ!“

دلڪش سندس پرسان اچي ويٺو. هن سوچي سمجهي اهڙو انداز اپنايو جيئن ڪٺ تي ويهڻ وقت سندس جسم ماهپاره ڪي بنهه ويجهو ۽ ڇهندڙ هجي. جيڪڏهن ماهپاره ڪي اهو سڀ ڪجھ اڻ سيبائيندڙ لڳي، ته به اهو سڀ ڪجھ نادانسته عمل جي خول ۾ ويڙهجي وڃي!

دلڪش جي ويهڻ جي اسٽائيل تي ماهپاره ڪو خاص ردعمل ظاهر نه ڪيو سواءِ ان جي جو هن ڪجهه پرڀرو سرڪڻ جي ڪوشش ڪئي، پر دلڪش جڏهن ايترو ئي ڪيس ويجهو ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي ته هن پنهنجي ان ڪوشش کي ختم ڪري ڇڏيو. دلڪش پولارن ۾ ڏسندي چيو: ”ڪڏهن خواب حقيقتون ۽ ڪڏهن حقيقتون خوابن جيان لڳنديون آهن. هڪ هفتو اڳ خواب ڏٺو هئم ته چاندوڪيءَ ۾ وهنجندڙ تاج محل ڏسي رهيو آهيان. تجلا ڏيندڙ سنگ مرمر کي ڇهڻ جي آرزو ۾ اک کلي پيئي هئي. تڏهن سوچيو هئم آئون اهو شخص سيلاني نه آهيان، تاج محل جو سنگ مرمر نه ڪڏهن ڏسي سگهندس ۽ نه ڪڏهن ڇهي سگهندس. پر اڄ تنهنجي پاسي ۾ ويهي سوچيان ٿو هي لمحا ان خواب کي ڪيترو نه ويجها آهن!“

”ها برابر، ڪڏهن ڪڏهن حقيقتن تي ڪنهن خواب جي تعبير جو گمان ٿيڻ لڳندو آهي. جيئن مون مهينو کن اڳ خواب ۾ پاڻ کي بيابان ۾ گلاب جي ٻوٽي پرسان بيٺل ڏٺو هو. جنهن مان ڪيئي گل چُني، مون جهول پريو هو. ان جي تعبير هوبهو سچ ثابت ٿي رهي آهي“

”ڪيئن؟“

بيابان جي تعبير هن صحرائي علائقي سان واسطو رکي ٿي. جڏهن ته اوهان جا خلوص ۽ ميزبانيون، گلاب جي ٻوٽي سان پيٽي سگهجن ٿيون. جڏهن ته هتان جون يادون اهي گل آهن، جن سان مون جهول پريو هو!“

”ڇا ته زبردست تعبير سوچي اٿئي! منهنجي خواب جي تعبير ته ٻڌائي!“

”مان تعبيرون ٻڌائيندڙ پيو ته ناهيان! “

”پوپن جي مٽي تي سنگ ناهن هوندا. “

ماهپاره ڪجهه سوچيندي چيو: ”ايئن سمجهه ته تون، جنهن شيءِ کي تاج محل جيترو اهم سمجهين ٿو. ان کي تون ڏسي سگهندين، ڇهي سگهندين!“

”سچ پچ! “

”گهٽ ۾ گهٽ تعبير ته اهوئي ٻڌائي ٿي“

دلڪش ٻهڪندي چيو: ”گذريل ڪيترن ئي ڪلاڪن کان، جنهن مونجهاري مونکي وڪوڙي وڌو هو. تنهنجي ٻڌايل تعبير، مونکي ان جو حل ڪڍي ڏنو آهي. جيڪو فيصلو آئون ڪري نه پئي سگهيس، اهو توهان جي واتان ٿي ويو آهي!“

ماهپاره حيرت مان پڇيو: ”ڇا مطلب؟“

دلڪش وراڻيو: ”مون اک کلڻ کان اڳ تاج محل کي ڇهڻ جي تمنا ڇپن سان ڪئي هئي، جيڪا ڳالهه اجهو هاڻي سچ ثابت ٿي رهي آهي. دلڪش ڪيس ڳراٽڙي پائي ڳلن تي چميون هاريندي پڇيو: ”ڇا هي ڳاڙها ڳل، سنگ مرمر جهڙا ناهن. “

ماهپاره دل کي مهٽو ڏيندڙ لهجي ۾ چيو: ”تون عام حالتن ۾ مونسان اهڙي هجت ڪرين ها ته منهنجو ردعمل، تنهنجي توقع کان بنهه مختلف هجي ها پر جيڪو ڪجهه ٿيو آهي ۽ جيڪو ڪجهه ٿي رهيو آهي، اهو عام رواجي نه آهي. مهينو اڳ منهنجو خواب ڏسڻ، هڪ ڏاڙئين مرد تي اعتبار ڪري وٽس مهمان ٿيڻ، ۽ ڪالهه کان توسان گڏ گهمندي، ڪجهه عجيب عجيب محسوس ڪرڻ، اهو سڀ ڪجهه عام رواجي نه آهي!“

آسمان مان چٽندڙ رات راڻي، بستري کي ٿڌو ٻڻائي رهي هئي، دلڪش ۽ ماهپاره سحرانگيز احساسن سان ڪينچل ڪري رهيا هئا. چانڊوڪي ۾ تجلا ڏيندڙ ماهپاره جو سنگ مرمر جهڙو بدن، هن جي اڳيان تاج محل جيئن جرڪي رهيو هو. جنهن کي ڇپن سان ڇهڻ واري خواب جي اڌپوري آرزو پوري ٿي رهي هئي. صحرا جي پراسرار چانڊوڪيءَ ۾، ماهپاره سان ايئن ملڻ جو ايڪشن، هن لاءِ جڻ ڪو خواب هو. ڏکڻي عرصي کانپوءِ ڪنهن خوشبودار عورت، دلڪش جي بستري کي سينگاريو هو جنهن ڪري سرور جو سمنڊ، لهرون ۽ ٽُپيون، ڪجهه به ته عام رواجي نه هوا!

”دلڪش تون منهنجي زندگيءَ جو اڻوسرندڙ ڪردار آهين. جيئن تون منفرد آهين، جيئن تنهنجيو ڳالهيون منفرد آهن، تيئن تنهنجي ذات سان لاڳاپيل هر پهلو منفرد آهي!“

”دلڪش خاموش رهيو“

هڪئي وقت دلڪش ۽ ماهپاره جا ٿڪ، پنيورين جيئن اڏامي، چانڊوڪيءَ ۾ گم ٿي ويا. ماهپاره باٿ روم ۾ گهڙي ويئي. واپس آئي تيستائين دلڪش واندو ٿي کٽ تي اچي ليٽيو هو. ماهپاره به سندس پرسان اچي ليٽي، ٻنهين هڪڙي اجرڪ ۾ پاڻ کي لڪائي ڇڏيو ڇو ته اڌ رات جي ولهه هلڪي سرديءَ جو احساس آڻي رهي هئي!

***

ٽر ۾ ماهپاره جي اها ستين ۽ آخري رات هئي. صبح پنج وڳي، هن کي ڪراچي ويندڙ بس ۾ سوار ٿيڻو هو. منيءَ جي شهر جا بلب چمڪي رهيا هئا. ماهپاره ۽ دلڪش ان ڪمري جي ڇت تي موجود هئا، جتي هنن جي پهرين رات گذري هئي. رات جا ٽي ٿي رهيا هئا، هنن هيستائين رات جي هر لمحي کي، زندگيءَ سان ڀرپور انداز ۾، هٿ ملائي موڪلايو هو. باقي صرف ٻه ڪلاڪ رهجي ويا هئا، جنهن کانپوءِ منيءَ کان ڪراچيءَ ويندڙ اي سي ڪوچ جو آخري هارن، هن دلبر رفاقت جي پڄاڻيءَ جو اعلان ٻڌجڻو هو. ماهپاره موبائيل سيٽ ۾ وقت ڏسندي چيو: ”باقي صرف ٻه ڪلاڪ بچيا آهن“

دلڪش سرد آهه پريندي وراڻيو: ”اهي ﭔ ڪلاڪ ﭔ گذري ويندا. پر نه گذري سگھنديون پوپٽن جھڙيون تنھنجيون يادگيريون. جن کي تلخ سوچن جي ڪوريئڙي ڄار مان گذرڻو پوندو! نه گذري سگھندا توکان وڇڙي وڃڻ جي درد جا اهي ڇڪڙا. جن کي ٽر ٻڌجي پيل دل جي لڪن تان ڏکيا پنڌ ڪرڻا پوندا! “

ماهپاره اداسيءَ مان وراڻيو: ”جاني! مون توسان ملڻ ۾ گھڻي دير ڪري ڇڏي يا تو يا مورڳو مقدر جي ڪاتب پنھنجي ملڻ جو غلط وقت مقرر ڪيو هو. بهرحال جو ڪجھ ﭔ ٿيو آهي، ۽ جيڪو ڪجھ ٿيڻ وڃي رهيو آهي، غلط آهي، حادثاتي آهي ۽ اذيتناڪ آهي. ڪنھن ويل مونکي پڇتاءُ جي پيڙا گھائڻ لڳي ٿي ته مان هتي ڇو آيس؟ جيڪڏهن آيس ته پوءِ توکي ايترو ويجھو اچڻ ڇو ڏنم؟ توکي اهو سڀ ڪجھ اڳواٽ ڇو نه ٻڌايم. جيڪو هيستائين توکان لڪائي رکيو اٿم!“

ماهپاره جي اکين مان لڙڪن جو مينھن وسڻ لڳو. هن ٿتل ٿتل لهجي ۾ چيو: ”مونکي معاف ڪجان جاني. . . . . . . . . جو ڪجھ ٿيو آهي، لاشعوري ۽ اتفاقي ٿيو آهي. . . . . . تنھنجو فون ڪرڻ. منھنجو هتي اچڻ ۽ ننڊڙين چاهتن جو وڏو ٿي وڃڻ. ڪجھ ﭔ سوچيل سمجھيل نه آهي! منھنجي ان خواب جي تعبير آهي. جيڪو مون مھينو کن اڳ ڏٺو هو!“

ماهپاره جي اکين مان لڙڪن جون بوندون برسنديون رهيون. دلڪش پھريان ته ڪيس واٽڙن وانگي حيرت مان ڏسڻ لڳو پر پوءِ هن پاڻ سنڀاليندي چيو: ”ڇري خوابن تي ڪھڙو اعتبار! اهي ته اڻپورين خواهشن ۽ مبھم تصورن جا اولڙا هوندا آهن. تون خوابن تي ڪھڙو ڏوهه ڏئين ٿي. ڪڏهن ڪڏهن حقيقتون خوابن جھڙيون مبھم ۽ تجريدي ٿي پونديون آهن!“

ماهپاره لڙڪ اگھندي چيو: ”هاڻ مونکي سڀ ڪجھ ٻڌائڻ گھرجي. جيڪو مون هيستائين توکان لڪايو آهي!“

”تنھنجو پيار ايترو تکڙو. جن شدتن کي ڇھڻ لڳو آهي. اتي ڪجھ لڪائڻ. ڪجھ ٻڌائڻ. ڪجھ نتائڻ ۽ ڪجھ ستائڻ. ايترو اهم ناهي رهيو. جيترو توکان جدا ٿيڻ پڇاڻا. ايندڙ راتين جي اڪيلائيءَ جي اٽڻ!“

ماهپاره روڻھارڪي لهجي ۾ چيو: ”مون جنھن خواب متعلق توهان کي ٻڌايو هو ان جي آخري حصي ۾ مون اهو ﭔ ڏٺو هو ته گلن جو جھول پري واپس وڃڻ ڪانپوءِ. مونکي احساس ٿيو ته منھنجي دل ان گلاب جي ٻوٽي وٽ وسري ويئي آهي. اها کڻڻ لاءِ آئون جڏهن اتي پھتيس. تڏهن مون پنھنجي دل کي گلاب جي ٽاريءَ تي چنبڙيل ڏٺو. دل کڻڻ جي ڪوشش ڪيم ته گلاب جو ٻوٽو پاڙئون پٽجي آيو. ان جي تعبير سوچيان ٿي ته هانءُ ڦاٽڻ لڳيم ٿو!“

”ڇري اهو ويرانين ۾ وڏو ٿيل ٻوٽو آئون آهيان. ڪٿڪو نه ڪر. پاڙان پٽجي پيس ته ﭔ اتي ڪو ٻيو ٻوٽو. ويڇوڙن جي علامت ٻڌجي ڦٽي پوندو!“

ماهپاره ٻارن جيئن دلڪش ڪي چنبڙي پيئي. سڏڪن هاڻي لهجي ۾ چيائين: ”ڪاش تون مونسان ڪجهہ عرصو اڳ ملين ها!“

”ڪجهہ خبر هجي ها، ڪجهہ حالتون اهڙيون هجن ها، ڪجهہ تون دير نہ ڪرين ها، ڪجهہ آئون تڪڙ ڪريان ها، ۽ ڪجهہ مقدر ساٿ ڏيئي ها، تہ ڪجهہ عرصو اڳ اڳ ملون. ها پر ڪجهہ نہ ڪجهہ آهي، جيڪو تيڻ نہ گهرجي ها، پر ڪجهہ ٿي پيو آهي! “

”تون لفظن سان کيڏڻ لڳو آهين پر مان درد جي دلدل ۾ ڦاسي پيئي آهيان“

”ننڍپڻ ۾ جڏهن بہ اداس ٿيندو هئس تہ بلورن سان کيڏي پنهنجو پاڻ کي وندرائيندو هئس. پر اڄ جڏهن بلور ناهن رهيا، تہ لفظن سان کيڏڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان! پنهنجو پاڻ کي فريب ڏيئي رهيو آهيان!“

”فريب تہ مون پنهنجو پاڻ کي ڏنو آهي جاني! توکان ڪجهہ لڪائڻ يقينن فريب آهي، پر هيستائين توسان جيڪو ڪجهہ لڪايو اٿم، اهو ان ڪري جو جيئن تون کلندي کلندي مليو هئين، ايئن توکي مرڪندي مرڪندي ڏسڻ چاهيو اٿم، ۽ ايئن ئي توکان مرڪندي مرڪندي وڇڙڻ چاهيان ٿي!“

”ان لاءِ بهتر آهي تہ تون مونکي سڀ ڪجهہ ٻڌائي ڇڏ! حالتن جا حادثا، مون لاءِ نوان ناهن. درد جي پالوٽ مون پهريون دفعو ناهي ڏٺي. حيرت انگيز حقيقتن کان آشنائي رڳو اڄڪلهہ جي ڳالهہ ناهي. غير متوقع گمانن ۽ اوچتن وڇوڙن سان دوستي بنهہ پراڻي رهي آهي!“

ماهپاره پيشانيءَ تي مڙي آيل وارن کي جانئيتو ڪندي، ڪجهہ چوڻ چاهيو پر چئي نہ سگهي. ڄڻ نڙيءَ ۾ هڏي اٽڪي پيئي هيئس. هن ڳيت ڏيئي وري ڳالهايو: ”توهان هيستائين مونکي پنهنجي معاشقن، شادي ۽ طلاق متعلق گهڻو ڪجهہ ٻڌايو آهي، اهائي تنهجي اعليٰ ظرفي آهي، پر مون وقتي طور ئي سهي، جو ڪجهہ توکان لڪايو آهي، اهو ضرور ٻڌائيندي‌س، چو تہ توکان لڪائي سڄي ڄمار ضمير جو بار مونکان نہ کڄندو!“

”آخر اهڙو ڇا آهي، جيڪو تو مونکان لڪايو آهي!“

”بس اهو ئي تہ. . . . . . . . . . . . . . . “. هوءَ جملو پورو ڪري نہ سگهي. ٿڏو ساهہ کڻي اکيون جهڪائيندي چيائين: ”منهنجي مڱڻي ٿيل آهي، هن مهيني، پنجويهين تاريخ تي منهنجي شادي ٿيڻي آهي!“ هن ڪجهہ لمحن لاءِ دلڪش جي چهري جو جائزو ورتو پر دلڪش ڪو بہ ردعمل ظاهر نہ ڪيو. آخري پهر جي ٽڪل چنڊ کي ڏسندو رهيو. ماهپاره چيو: ”شاديءَ کانپوءِ، مان فرحاد علي سان گڏ آمريڪا هلي ويندي‌س. ٽيليفون تي تنهنجيون ڳالهيون، تنهنجو SMS ۽ مختلف علائقا گهمڻ وارو منهنجو شاعراڻو شوق، مونکي هيڏانهن گهيلي آيو. غير مرد تي ايئن اعتبار ڪري نٿو سگهجي، پر الاءِ ڇو مونکي تنهنجين ڳالهين مان اڏڻي پڪ ٿي پيئي هئي تہ، تون ڪنهن سان بہ ويسا گهاتي ڪري نہ سگهندين. ڪنهن کي بہ دوکو ڏيئي نہ سگهندين. منهنجي ان اندازي جي تصديق تڏهن ٿي، جڏهن

روبرو توکي ڏنم. ڇو تہ تنهنجين اکين ۾ رهزني، غرور ۽ وحشت بدران سچائي، سادگي ۽ معصوميت نظر اچي رهي هئي! پر پهرين رات، هن ئي ڪمري جي دريءَ وٽ جڏهن پاڻ بارش ڏسي رهيا هئاسين، تڏهن مون تنهنجين اکين ۾ عجيب تبديليءَ ڏٺي هئي. تڏهن توکان ڏور هٽي ويئي هيس، پر جلد ئي سڀ ڪجهہ نارمل ٿي پيو. ان وقت تون مونکي ويجهو ٿيڻ جي ڪوشش ڪرين ها، تہ شايد منهنجي مزاحمت تنهنجي توقع کان وڌيڪ شديد هجي ها. پر تنهنجي ٽائمنگ غضب جي هئي. تون پنهنجن لفظن ۽ روئين سان پير پير ۾ ڏيئي، دل جي دروازي منجهان، مون ۾ داخل ٿيندو رهيو آهين. تو پنهنجي خواب جي مونکان تعبير پڇي، ڳالهين جي ڳهر مان مونکان اهو ڪجهہ چورايو جيڪو تو چوڻ چاهيو ٿي! مون توکي حدن ۾ رکيو ٿي پر تون وجود جا تالا ٽوڙي مون ۾ گهڙي وئين! دنيا جي خطرناڪ ترين عورت بہ توسان پڄي نہ سگهندي!“

دلڪش خاموش وينو رهيو. ماهپاره کيس ڳل تي ٿپڪي هنئين، ايئن جڻ چڪاسي رهي هئي تہ، هُو ماڻهو هو يا پٿر جي مورتي! ماهپاره وري ڳالهايو: ”مان توسان فون تي رابطي ۾ رهنديس. تون مونکي پنهنجو بينڪ اڪائونٽ نمبر ڏيئي ڇڏ. مان توکي تنهنجين ضرورتن جيتري رقم اماڻيندي رهنديس!“

دلڪش کان ڇرڪ نڪري ويو: ”تو بہ منهنجي قيمت غلط ڪٿي آهي ماهپاره!!“ هن ماهپاره جي اکين ۾ ڏسندي چيو: ”پنهنجي زندگيءَ جي چوپٽيءَ مان منهنجو کاتو ختم ڪرڻ ڪانپوءِ، منهنجو بينڪ اڪائونٽ نمبر وٺي ڇا ڪندئين!؟ جتي تاج محل جهڙا ماڻهو ملي وري وڃائي وڃن، اتي چند ٽڪن جي بيک پلا ڪير گهرندو؟!“

ماهپاره ضبط ڪري نہ سگهي، اوچنگار ڏيئي روئڻ لڳي. دلڪش پريشانيءَ مان کيس ماٺ ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي. هن کي الڪو ٿيو تہ آسپاس جي گهرن ۾ روئندڙ عورت جو آواز پهتو تہ ڇا سوچيندا!

ماهپاره سامت ۾ آئي تہ چيائين: ”مونکي ايئن ميارن سان نہ مار جاني! لفظن سان قتل ڪيل ماڻهن جا روح بہ مري ويندا آهن! تون منهنجي وفا کي آزمائڻ چاهين ٿو تہ، مان توکي پنهنجي زندگيءَ جو فيصلو ڪرڻ جو حق ڏيان ٿي. تون وس وارو آهين. چاهين تہ توسان سڄي زندگي گڏ گذارڻ لاءِ تيار آهيان، مونکي صرف پنهنجن پوئين رشتن تان دستبردار ٿيڻو پوندو ۽ اڳوڻي زندگيءَ جي طرز عمل کي وسارڻو پوندو. مان تنهنجي خاطر ان لاءِ بہ تيار آهيان. ٻيو آپشن اهو آهي تہ وفا جو يقين ڏيارڻ لاءِ، تنهنجين اکين اڳيان، پنهنجي زندگيءَ جو انت آڻڻ لاءِ بہ تيار آهيان. فيصلو توکي ڪرڻو آهي. جلدي ڪريو، توهانکي اڌ ڪلاڪ جي مهلت آهي!“

دلڪش سوچن جي ڏنڊ ۾ وڃائجڻ لڳو. خيالن جي ڊگهي لانگ مارچ ڪانپوءِ، هن چيو: ”آئون پنهنجي پيار جو پکي، شاديءَ جي پنجري ۾ قابو نہ ڪندس. آئون ڪچڙين چاهتن جي انبڙين کي، وڇوڙن جي

لامن تي لڏندي، لمندي ۽ پڇندي ڏسڻ چاهيان ٿو! ماهپاره تون پل هلي وڃ، آئون توکان ڌار جيئڻ جي ڪوشش ڪندس. “

”ڏس سوچي وٺ“

”بس اهو ئي منهنجو فيصلو آهي“

خاموشيءَ جي ڊگهي پنڇڻ ڪانپوءِ، دلڪش موبائيل فون ۾ وقت ڏسندي چيو: ”هاڻ هل تہ هلون، توهانجو سامان بريف ڪيس ۾ وجهون!“

ٻئي ڄڻا سيڙهي لهي هيٺ آيا، سامان بريف ڪيس ۾ وجهڻ ڪانپوءِ، دلڪش پنهنجي ٿيلهيءَ مان ٽر جي هٿرادو هنر مان ٺاهيل ڪجهہ شيون ٻاهر ڪڍيون. هڪ رلين جي اُن مان ٺهيل رنگ برنگي لوئي هئي ٻيو ٽري پرت جو نادر نمونو ٽڪن ۽ ٺوٺرن وارو گج، ٽيون هڪ اهڙو پرس، جنهن مٿان آرٽ جي دنيا جي انوکي ڪردار سنهين سئيءَ سان پرت پريل هو. جڏهن تہ چوٿون آئٽم هٿرادو هوا هٿڻ جو قديم اوزار واءُ هٽڻي هئي، جنهن مٿي پرت سان مور جي پکن جون ٽڪليون، شاهڪار ٻڌائين سان جڙيل هيون. دلڪش اهي شيون ماهپاره کي ڏيندي چيو: ”منهنجي طرفان ناچيز تحفا قبول ڪجان! جڏهن آئون نہ هوندس، تڏهن هي حقير سوکڙيون، تي سگهي ٿو توکي منهنجي ياد ڏيارين!“

ماهپاره جي اکين ۾ لڙڪ ڦُٽي آيا، بيحد ڏکاري ۽ التجا آميز لهجي ۾ چوڻ لڳي: ”چيم نہ! مونکي لفظن سان قتل نہ ڪر!“

دلڪش خاموشيءَ سان سامان بريف ڪيس ۾ وجهڻ لاءِ ماهپاره جي مدد ڪئي ۽ ڪمري ۾ لڳل گهڙيال ۾ وقت ڏٺو ساڍا چار تي چڪا هئا. دلڪش بريف ڪيس ڪڻندي چيو: ”ٽرمينل تائين پيادل هلنداسين، وقت کي ڏانوڻ ڏيئي، جدائيءَ کي ٽارڻ جي خود فريبيءَ ۾، پاڻ کي وندرائڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا!“

گيٽ جو تالو بند ڪري، پڪي روڊ تي هلڻ لڳا. قدم ڳرا، چپ خاموش، اکين ۾ لڙڪ لڪائڻ جي ڪوشش ۽ اندر ۾ آنڌ مانڌ!

بس ٽرمينل تي پهتا تہ اي سي ڪوچ لڳي بيٺي هئي. دلڪش بريف ڪيس ڪوچ ۾ رکي، ماهپاره لاءِ سيٽ والاري، هيٺ لهي آيو. ماهپاره کي چيائين: ”پر واري هوٽل تان گرم گرم چانهہ پيئڻ جيترو وقت اڃان باقي آهي. چا تون موڪلاڻيءَ جي پلن جو زهر، چانهہ جي سرڪن سان ڳڙڪائڻ ۾، منهنجي مدد نہ ڪندئين!؟“

ماهپاره روئڻهارڪي نهار سان ايئن ڏٺو ڄڻ چوندي هجي: ”بس بس وڌيڪ نہ ڳالهائي، مان ضبط ڪري نہ سگهنديس، هنجهون هاري روئي پونديس!“

هوٽل تي رکيل ڪرسين تي آمهون سامهون ويهي، چانهه جا سرڪ ڀريندي، اکين ۾ اکيون ملائي نه پئي سگهيا. آسپاس ويٺل ماڻهن کي، ڪنهن عورت جو ايئن هوٽل تي ويهڻ عجيب لڳي رهيو هو.
ماهپاره چيو: ”جاني، تنهنجو ڇا خيال آهي ته آئون واپس وڃي توکي وساري ڇڏيندئس؟“
”ڪجهه به چئي نٿو سگهجي!“
”ڇريا! تون دل جي جنهن گوشي ۾ موجود آهين، اوستائين اجا ڪير به ناهي پهتو!“
”اجان تائين، واري دعوا ته درست آهي، پر ڪيئن چئجي ته اهو دل جي رستي جو آخري ڇيڙو آهي، ممڪن آهي ايندڙ وقت ۾ اتان ڪان ڪو ٻيو رستو نڪري پوي!“
”محبت، انڊرگرائونڊ جوڙيل محل ۾ رکيل ڪو دفينو ته ناهي، جو ان تائين پهچڻ لاءِ هڪ گهٽيءَ کان، ٻي گهٽيءَ تائين رڪاوٽون، رستا ۽ سيڙهيون هونديون!“
”محبت دفينو ڀل نه هجي، پر محبت قديم دؤر جي وڻجهارن طرفان چمڙي ۽ ڪپڙي جي ڪيترن ئي تهن ۾ ويڙهيل ڪٽوريءَ جهڙي ضرور آهي، جنهن جي خوشبو جو اثر، جيئن جيئن ور ڪولبا، تيئن تيئن وڌندو رهندو. پر هڪ سطح اهڙي به ايندي آهي، جڏهن ان خوشبوءِ جو ڇيڙو تي پوندو آهي. اهائي ان جي انتهائي سطح هوندي آهي. “
”ڇا انسان ننيڙيون ننيڙيون چاهتون ڪندي ڪندي، جڏهن انتهائي محبت تي پهچندو آهي، تنهن کانپوءِ ننيڙيون چاهتون ڪرڻ جي قابل ناهي رهندو؟!“
”محبت جيتري شديد هوندي ردعمل به اوترو ئي شديد هوندو. شديد محبت کانپوءِ انسان روحاني طور يا ته پوڙهو تي پوندو آهي، يا بتال ٿي پوندو آهي يا مورڳو مري ويندو آهي!“
ماهپاره محسوس ڪيو ته آسپاس موجود ماڻهو سندن ڳالهين ۾ دلچسپي وٺي رهيا هئا. هڪ شخص پنهنجي ريڙي ڪرسي اڳتي سوريندي، پنهنجي معلومات جي نمائش ڪئي. ”عشق ۽ مشق لڪيا ناهن رهندا. “
ماهپاره ناگوار نگاهن سان، ڏانهنس نهاريو.
ٻئي ڪرسي تان هڪ ڳوناٽو جهونو اٿيو ۽ ماهپاره جي پرسان اچي بيٺو. ماهپاره جي مٿي تي هٿ رکندي پڇيائين: ”ڌيءَ تون ڪير آهين؟“
ماهپاره بيوسيءَ مان دلڪش ڏانهن نهاريو. دلڪش وراڻيو: ”اهوئي ته ٿري زندگيءَ جو حُسن آهي!“
اي سي ڪوچ جي ڪنڊيڪٽر ڪوچ رواني ٿيڻ جو هوڪو ڏنو. مسافر تڪڙا تڪڙا ڪوچ ڏانهن روانا ٿيا.
ماهپاره سيٽ تي ويهڻ کانپوءِ، پاسي وارو پردو هٽائي ڇڏيو. ڪوچ رڙهڻ لڳي، ماهپاره دلڪش جي اکين ۾ اکيون اٽڪائي، چپ چوريا، شايد ڪجهه چئي رهي هئي. دلڪش به ڪوچ سان گڏ وکون وڌائيندي ڪجهه چيو. پر اندريون آواز اندر رهجي ويو، ٻاهريون آواز ٻاهر رهجي ويو. وچان سائونڊ پروف سفيد شيشو موجود هو. پر چهري جا تاثرات آواز کان وڌيڪ سگهارا هئا، جن تي وڇوڙي جو نظم لکجي رهيو هو. ڊرائيور گيئر بدلايو دلڪش پويان رهجي ويو، ڪوچ اڳتي نڪري ويئي.

***

# چرپڻ ۾ پچاڙي

دلڪش پنهنجي ڪمري ۾ ڪنهن گهري سوچ ۾ غوطا کائي رهيو هو. ماهپاره هن کي فون تي رابطو رکڻ جي تاڪيد ڪئي هئي. پر هن ڪوٺ اچڻ کانپوءِ موبائيل سيٽ بند ڪري پيتيءَ ۾ رکي ڇڏيو هو. ماهپاره جي وڇوڙي کانپوءِ، ساحلن تان اُس چورائيندڙ ڇوڪرين جهڙا چنچل احساس، هن جي زندگيءَ مان هليا ويا هئا. اداسين جي هجوم مان رستو ڳوليندڙ سوچن، هن کي بيحد حساس بڻائي ڇڏيو هو. ڪڏهن ڪڏهن هن کي پنهنجي ڌيءَ برڪا عرف چانڊوڪيءَ جي ياد ستائڻ لڳندي هئي!

اها جنوريءَ جي سرد شام هئي. اتر جون هنيليون هوائون، سردي پکيڙي رهيون هيون. تڏهن دلڪش جو پاڙيسري ڇوڪرو ڊوڙندو آيو. جنهن جي گهر ۾ انٽينا لڳل وائيرس فون رکيل هو. هن توائي لهجي ۾ چيو: ”ماما دلڪش، ياسمين ماسيءَ جو فون آيو آهي، چيائين برڪا سخت بيمار آهي، مارئي ميڊيڪل سينٽر جو روم نمبر 8 آهي، دلڪش کي چئو تہ ڏسڻ اچي!“

دلڪش جو ذهن زلزلي جي آماجگاهہ تي پيو. هن جا خيال ٽريشر ۾ صاف ٿيندڙ ڪڻڪ جي ڪکن پنن جيئن وکرڻ لڳا. بدحواسي ۽ بيخياليءَ جي وهڪري ۾ هو ڪٽ تان اٿي بيٺو ”مارئي ميڊيڪل سينٽر. . . . . . . . روم نمبر 8. منهنجي برڪا، منهنجي چانڊوڪي! هاءِ گهوڙا هو منهنجي ڌيءَ کي ماري ڇڏيندا. هو ڏسو قاتل ڊاڪٽر. . . . . ! هوءَ اچي ائپران واري نرس. . . . . . . !!؟“ دلڪش رڙيون ڪندو، ساڳي جملا ورجائيندو، اڱڻ تي ڊوڙڻ لڳو.

گهر ڀاتين توڙي پاڙيسرين جو هجوم گڏ ٿي ويو. هرڪو دلڪش جي بدليل ذهني حالت تي، حيرت ۽ مايوسيءَ ۾ وچڙڻ لڳو. ڪو جِن ڀوت جو اثر هجڻ جو انومان لڳائڻ لڳو تہ ڪو وري دماغي ڪل ٽڙڻ جا اندازا لڳائڻ ۾ محو هو. ڪٿي ڪٿي ڪارو جادو ۽ ويرمٽ هٽڻ جا چڙپول ٿي رهيا هئا، تہ ڪٿي وري اوچتي صدمي ۾ ذهني حالت بگڙڻ جون ڳالهيون بہ هلي رهيون هيون، پر پوبون ڳالهيون اٽي ۾ لوڻ برابر اقليت ۾ هيون!

دلڪش کي وڏي مشڪل سان سنڀالڻو پئجي رهيو هو. ڪنهن ڪنهن ويل هو جنوني انداز ۾”چانڊوڪي چانڊوڪي“ چئي پڃڻ جي ڪوشش ڪندو هو تہ ڪنهن ويل ”منهنجي ڌيءَ کي ماري ڇڏيندا“ چئي مشتعل ٿي پوندو هو. اسلام ڪوٽ جي ڊاڪٽرن، هن کي ننڊ جون گوريون ۽ دماغ کي قوت پهچائيندڙ دوا تجويز ڪئي پر اهو علاج بہ ڪارگر ثابت ٿي نہ سگهيو. ڪجھ ڏينهن لاڳيتي گهر ۾ رهڻ کانپوءِ، هن جي ذهني حالت بهتر ٿي نہ سگهي. هو پهرن جا پهر، يا تہ خاموش رهندو هو يا پنهنجي منهن اُبتيون سُبتيون ڳالهيون ڪندو هو.

تبسم پنهنجي پاءُ جي علاج لاءِ ڪيترن ئي ڊاڪٽرن جي اسپتالن جا پنڌ ڪيا. دماغ ۽ نفسيات جي ماهر ڊاڪٽرن کان علاج ڪرايو پر ڪو به فرق اڳيان اچي نه سگهيو!

مريض جي هڪ ڳالهه نفسياتي ڊاڪٽرن کي منجهائي ڇڏيو هو. هو ڪڏهن به مخاطب ڪندڙ جي ڪنهن به ڳالهه جو جواب نه ڏيندو هو. جڏهن به هن سان ڳالهائبو هو، هو چپ تي پوندو هو. اهڙو جهڙي پٿر! هن ڪڏهن به ڪنهن جي ڪنهن ڳالهه جو جواب نه ڏنو سواءِ حيدرآباد ۾ سائڪلاجسٽ مهرالنساءِ جي ڪلينڪ تي، جتي هن وڏي متاڪُٽ کانپوءِ چند سوالن جي جواب ۾ مجهول، بي ربط ۽ اڏنگا جملا ڳالهايا هئا.

ڊاڪٽر مهرالنساءِ چئي رهي هئي: ”توهانکي پنهنجي ڏيءَ چانڊوڪيءَ سان ڏاڍو پيار آهي. توهان هن کي ڪيترو پڙهايو آهي؟“

”هن کي اسگمنڊ فرائيڊ جي تحليل نفسيءَ واري سڄي ٿيوري ياد آهي، تنهنجو سُنهن برزبان ياد. . . . . . . . !“

ڊاڪٽر مهرالنساءِ مرڪندي چيو: ” ڏاڍو سٺو. توهان ڏاڍا پيلا ماڻهو آهيو. پيلا اهو ٻڌايو چانڊوڪي ڪٿي آهي؟ “

”چنڊ مان ڇٽي رهي آهي، مريخ تي وڻ پوکڻ جي تمنا کي ڏند ناهن هوندا. . . . . ڪيري هاها. . ٺهڪ. . . ! ماڻهن کي ملندڙ حالتون مختلف هونديون آهن، جينياتي اثر مختلف هوندا آهن ۽ عقيدا به، پر پوءِ به سزا جو قانون سيني لاءِ ساڳيو ڇو آهي ؟، ڊاڪٽر ٻڌايو ايئن ڇو آهي. . . . ؟“

ڊاڪٽر مهرالنساءِ ڏيرج سان وراڻيو: ”اها ڳالهه علمي ۽ وزندار آهي، پاڻ ان موضوع تي پوءِ ڳالهائينداسين. “

”ڳوٺ ۾ منهنجي ٻڪري پاٽي پيئڻ لاءِ کوهه تي وڃڻ، برسات کان بچڻ ۽ ڏٽي سجاڻڻ سميت پاڻ سان لاڳاپيل چند ڳالهيون ته سمجهي سگهي ٿي، پر اهو سمجهي هرگذ نه سگهندي ته آئون سندس ڏٽي هينئر ڪٿي ۽ ڇو موجود آهيان؟ ايئن ئي انسان ڪيتري به ترقي ڪري، ڪائناتن جا راز پروڙي نه سگهندو، ڇو ته ان جي دماغ ۾ اها گنجائش ئي ناهي!. سائنس ته بليڪ هول جي اندر به جهاتي پائي نٿي سگهي، سا بگ بينگ کان اڳتي ڏسي ڪيئن سگهندي!؟. . . . . . . . . . . . . . . . جديد طرز زندگي ۽ ٽيڪنڪ جي استعمال، انسان کان علم جون باطني گهرايون ڦري ورتيون آهن، انسان ظاهري هنر جي افراتفريءَ ۾، غيرسنجيدگيءَ طرف وڌي رهيو آهي، تڏهن ئي ته هاڻ موسيقي به ٻڌڻ بدران ڏسڻ جي شيءِ ٿي پيئي آهي“

ڊاڪٽر مهرالنساءِ، پهرين ته حيرت مان دلڪش ڏانهن نهاريو ۽ پوءِ سندس چهري تي پنهنجي ڪاميابيءَ جا تاثرات ابرڻ لڳا. هن ڳالهه جاري رکندي چيو: ”توهان بنهه ذهين ۽ جاڻو انسان آهيو. ملازمت ڇو نٿا ڪريو. . . . . . ؟“

”ڊاڪٽر صاحبہ اسان جي ڳوٺ ۾ تتل تارن جي برسات وني هئي، تڏهن ماهپاره امريڪا هلي ويئي هئي؟“

”ماهپاره ڪير آهي؟ “

”هوءَ پيرا شوٽ ذريعي ساحل تي لٿل آخري مسافر هئي. “

ڊاڪٽر مهرالنساءِ دلچسپي وٺندي پڇيو:

”هوءَ ڪٿي آهي “

”ڪولمبس وڏو ظالم شخص هو......!“

”توهان سان ماهپاره جو ڪهڙو رشتو آهي؟“

”ڳوٺ کي باهہ ڪاٺين مان ٻارن جي ڪڍيل آڳيئي مان لڳي.......... ماڻهو مور جهلي، پڇرن ۾ وجهي. فيڪرين جو بارود ٺاهيندا آهن. “

”عورت جي حقيقي عمر تہ بستري تي معلوم ٿيندي آهي...!“

ان ڪانپوءِ ڊاڪٽر مهرالنساءِ گهڻي ڪوشش ڪئي، پر هو خاموش ٿي ويو. ڊاڪٽر مهرالنساءِ تبسم کي هدايت ڪئي تہ هوءَ هاڻ هر روز مريض سان ملاقات ڪندي. تبسم ٻن هفتن تائين مريض کي ڊاڪٽر مهرالنساءِ جي علاج هيٺ رکيو پر هن جيئن ماٺ جو روزو رکيو تہ وري نہ توڙيو!

ڊاڪٽرن جي علاج کان نااميد ٿيڻ پڄاڻا، تبسم لوڪ وارن جي چوڻ تي لڳي، عاملن، ۽ پيرن، مرشدن جا در ٻہ پيتيا، پر مريض صحتياب ٿي نہ سگهيو. البتہ انهيءَ دوران تبسم جو بنهہ گهڻو سرمايو ضايع ٿيندو رهيو! انهيءَ ڪانسواءِ عاملن طرفان اهو بہ ٻڌايو ويو تہ ڳوٺ ۽ برادريءَ جي ڪجھ ماڻهن طرفان دلڪش تي ڪارو جادو ڪيو ويو آهي. پر تبسم جيئن تہ پاڻ پڙهيل لکيل ۽ دلڪش جي صحبت ۾ رهيل هو تنهن ڪري عاملن جي انهن ڳالهين تي ڌيان نہ ڏنو ويو. هن کي خبر هئي تہ انهن عاملن ڪيترين ئي برادرين ۾ راڄ ويڙهائي چڙيا. انهيءَ ڪري هن ان فتني تي ڌيان نہ ڏنو. پر ايئن ڪرڻ سان ڪيس پنهنجن ئي رشتيدارن جي ناراضگيءَ ۽ مهڻن کي منهن بہ ڏيڻو پئجي رهيو هو! جنن ڀوتن کي روڪڻ لاءِ پيرن مرشدن جا ڏنل ڌاڳا، دلڪش جلد ئي توڙي موڙي اڇلي ڇڏيندو هو ۽ پوءِ پٽڪندو:

”انسان جو عقيدو ايترو ئي ڪمزور آهي، جيترو هي ڌاڳا“

ڏينهن لنگهيا هئا، گونگو زمانو گذريو هو. تبسم ۽ ٻين گهر ڀاتين کي، دلڪش جي صحت، صفائيءَ ۽ سار سنڀال ۾ گهڻي مشڪل پيش اچي رهي هئي. پر ان هوندي بہ هنن دلڪش تي خاص ڌيان ڏريو هو.

اها خزان جي زرد منجهند ويل هئي. جيپ جو آواز ٻڌي، تبسم ٻاهر نڪري آيو. جيپ مان ياسمين سان گڏ ٻرڪا لٿي هئي، جنهن کي دلڪش اڪثر چانڊوڪي چوندو هو. هوءَ ڪيترو نہ وڏي ٿي وئي هئي، تبسم کي پنهنجين اکين تي اعتبار نہ پئي آيو. هن ۾ دلڪش جا نقش ڪيترا نہ چٽيءَ طرح

موجود هئا. ياسمين تبسم سان اکيون ملائي نہ پئي سگهي، پر تبسم جي پرخلوص ۽ بااحترام انداز کانپوءِ، هن ۾ اعتماد موٽي آيو. برڪا سان مخاطب ٿي چيائين: ”هي آهي تنهنجو چاچو تبسم. “ ۽ پوءِ، تبسم کان پڇيائين: ”توهان پنهنجي پائيٽي سجاتي؟“ تبسم وراڻيو: ”مون ڳاڏيءَ مان لهندي ئي ڪيس سڃاتو هوبهو دلڪش جا نقش، چپ، اکيون ۽ نڪ، هوبهو!“

ياسمين ڪنڌڻ جي گرهہ جهڙو جملو ڳالهايو: ”دلڪش جي ناچاڪيءَ متعلق ٻڌو هئم، هينئر ڪٿي آهن؟“

تبسم دلڪش جي ڪمري ڏانهن ويندي چيو: ”هيڏانهن اچو“

ياسمين ۽ برڪا ڪمري ۾ پهتيون تہ دلڪش پنهنجي ڌن ۾ گم سُم وينو هو. دلڪش کي ڏسڻ کانپوءِ ياسمين جي اکين مان لڙڪ ڦٽي آيا. هن دلڪش سان ڳالهائڻ جي بنهہ گهڻي ڪوشش ڪئي، پر هو خاموشيءَ جي ٽيءَ ۾ ٻڏل رهيو.

”هي ڏس برڪا، تنهنجي چانڊوڪي، تنهنجي ڌيءَ توکي ڏسڻ آئي آهي!. آئون آهيان ياسمين، ڪنهن وقت جو تنهنجو پيار، تنهنجي زال!“

انهن جملن جو دلڪش تي ڪو بہ اثر نہ ٿيو. هو رکي رکي دروازي کان ٻاهر ڏسڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو ايئن جڻ ڪيس ڪنهنجو انتظار هو!

ياسمين، برڪا کي ڪن ۾ چيو ”تون چئو مان آهيان چانڊوڪي“

برڪا جذباتي لهجي ۾ چيو ”پپا مان برڪا آهيان، تنهنجي ڌيءَ چانڊوڪي!“

اوچتو دلڪش اٿي بيٺو. ٻاهر ڊوڙ پائيندي چيائين: ”اڙي گهوڙا منهنجي ڌيءَ چانڊوڪيءَ کي ماري ڇڏيندا هو ڏسو قاتل ڊاڪٽر!“

ياسمين، تبسم ۽ ٻيا، هڪ ملبندا ئي رهجي ويا. دلڪش انتهائي تيزيءَ سان ڳوٺاٽي ڪوهہ ڏانهن ڊوڙ پاتي. تبسم گهڻيءَ تائين آيو. تيستائين دلڪش ڪوهہ کي ويجهو پهچي چڪو هو. تبسم رڙ ڪندي چيو: ”متان دلڪش متان!“ دلڪش ڪوهہ جي منهن تائين پهچي ويو. تبسم ڪوهہ جي آسپاس حسرت سان نهاريو جيئن پرسان بيٺل ڪو ماڻهو هجي تہ ڪيس اشارن سان چوي تہ هو دلڪش کي جهلي وٺي، پر آسپاس ڪوبہ موجود نہ هو. تبسم ۽ ڪوهہ وچان 200 فٽن جو فاصلو موجود هو. تنهن ڪري فيصلاڪن لمحن ۾ تبسم جي دلڪش تائين پهچ ناممڪن هئي! دلڪش ڪوهہ جي منهن تي پهچي، ڪن پل لاءِ ترسي آسپاس نهاريو. تبسم وري ساڳيو هوڪو ورجايو ”متان دلڪش متان!“

پر ٻئي لمحي سيني ڏسندڙن کان دانهن نڪري ويئي. دلڪش 150 فوٽ اونهين، پنج فوٽ ويڪري ۽ پڪين اٽن سان ٺهيل ڪوهہ ۾ ٽپو ڏيئي ڇڏيو. دلڪش جي موت جي پڪ ٿي پيئي، رشتيدارن ۾ روج راڙو پئجي ويو.

ڪيئي ڳوٺاڻا ڪوهہ تي گڏ ٿي ويا. ڳوٺ ۾ لڳل اڪيلي PTCL وائرليس فون وسيلي قانوني تقاضائن موجب حد جي پوليس کي اطلاع ڏنو ويو. ڪوهہ تي موجود هر ماڻهوءَ جي اک آلي هئي. سيني کان وڌيڪ ڏکوئيندڙ منظر، برڪا جا سڏڪا ۽ آلاپ هئا!

اوچتو ڪوهہ مان پاڻيءَ جي ڦڙ ڦڙاهٽ جو مبهم آواز ٻڌڻ ۾ آيو. ڪن ماڻهن آواز جي گواهي ڏني، ڪن وري ان ڳالهہ تي ڪو ڌيان نہ ڌريو. چند لمحن جي خاموشيءَ ڪانپوءِ ساڳي نوعيت جو آواز وري ٻڌڻ ۾ آيو. تڏهن تبسم سيني کي خاموش ٿيڻ جي گذارش ڪندي چيو. ”ڪوهہ ۾ ڪرندڙ ماڻهن ۾ پنجانوي سيڪڙو ماڻهو حياتي وڃائي ويهندا آهن. پر پنج سيڪڙو اهي امڪان بہ موجود آهن تہ ڪي ماڻهو صحيح سلامت يا معمولي چوٽ کائي ٻاهر نڪري اچن. پر انهيءَ جو دارومدار ان ڳالهہ تي آهي تہ مٿان ڪرندڙ ماڻهو وچ ۾ ڪٿي پاسي تي ٽڪرائجڻ بدران سڌي سنوت ۾ پاتال منجهہ 2 کان اڍائي فوٽ پاڻيءَ منجهہ لڳي!“

اتي موجود سيني ماڻهن ۾ دلچسپي ۽ تجسس جا تاثرات پيدا ٿي پيا. تبسم ڪيسي منجهان ننڍڙو آئينو ڪڍي، ٽپهريءَ جي سج ۽ ڪوهہ جي سنوت ۾ آڻي، ان جو اولڙو پاتال جي پاڻيءَ تي هڻندي، اندر ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي. ڪوهہ جي اونده سان وڙهندڙ اولڙي جي ڪرڻن ۾، هن کي انساني پاڇولو نظر اچڻ لڳو. جنهن جي چرپر هن کي پراميد بڻائي ڇڏيو. تبسم وڏي آواز سان سڏ ڪيو : ”دلڪش! او دلڪش! ادا دليا! “ ٻئي لمحي تبسم جي جملي جو پڙاڏو گونجيو

”دلڪش اودلڪش، او دليا!“

پر چند ساعتن ۾ ئي ڪوهہ مان آواز آيو ”ادا تبسم آئون اڃان جيئرو آهيان. “

ڪوهہ کي ويجهو بيٺلن کان ڇرڪ نڪري ويو. تبسم گدگد ٿيندي، ڪوهہ تي جهڪندي چيو: ”دلڪش يار تون چڱو ڀلو تہ آهين نہ!؟“

”صفا چڱو ڀلو! صفا نيڪ ٺاڪ!“

”اڙي يار دليا! تون ننڍپڻ ۾ مونسان لڪ لڪوٽيون ۽ ڀوڳ ڪندو هئين. اڃان بہ اهي شرارتون نٿو ڇڏين. يار دليا! ڪيتا ڇڏ، آئون پوڙهو ٿي چڪو آهيان!“

”مون توکي ڏاڍو پريشان ڪيو آهي ادا “

”ڏس دليا! تڪڙو جذباتي ٿي پئين! بهرحال هاڻ ٻڌ ٻاهر ڪيئن ايندين، ماڻهو اندر واريون........!؟“

”اڙي نہ نہ رڳو ورت اندر واريو! مان پاڻهين ٻاهر پهچي ويندس“

دلڪش ڪوهہ جي منهن تان هٽي، ياسمين وٽ اچي بيٺو. بي انتها خوشي لڪائيندي چيائين: ”حيرت انگيز حقيقت سامهون آئي آهي، دلڪش جو ڪوهہ ۾ ڪرڻ وارو حادثو هن لاءِ ذهني طور نيڪ ٿيڻ جو سبب بڻجي پيو آهي. هن جي ڳالهين مان لڳي ٿو تہ هاڻ هو ذهني طور نارمل آهي“

ڪيترن ئي چپن تان، غير يقينيءَ ۾ ڀنل هي لفظ نڪتا

”سچ پچ..............!؟“
”مون ڪيترن ئي ماڻهن کان اهڙن ماڻهن متعلق ٻڌو هو جيڪي ڪنهن اوچتي صدمي يا حادثي ۾ ذهني توازن وڃائي ويهندا آهن، پر وري اوچتي حادثي، مٿي جي هلڪي چوٽ، خوشي يا هجوم واري ڪيفيت ۾، سندن ذهني حالت نارمل ٿي پوندي آهي، لڳي ٿو هي ڪيس به ساڳي نوعيت جو آهي!“
ياسمين ڪجھ سوچيندي چيو: ”منهنجي مشاهدي ۾ هڪ عورت جو ڪيس آيل آهي، جنهن کي اولاد نه ٿيندو هو. اوچتو هڪ ڏينهن مڙس جي مڱڻي ٽٽڻ جي خبر ٻڌي، هوءَ چري ٿي پيئي. چئن سالن کانپوءِ ڳوٺ ۾ ٿيندڙ شاديءَ جا گيت ڳائيندڙ عورتن ڪيس سڏي، پاڻ سان گڏ ڳيت ڳارايو ته اوچتو هن جي ذهني حالت بحال ٿي پيئي!“
”دلڪش جي ذهني حالت بگڙڻ جو خاص سبب لاشعور ۾ لڪيل چاندوڪيءَ جي موت جو صدمو ۽ برڪا جي بيماري جي خبر ٻڌڻ جي صدمي جو زوردار ٽڪراءُ هو ۽ ان جي بحاليءَ جو سبب ساڳي نوعيت يا ملندڙ جلندڙ سوچ سان، ڪوھ ۾ ڪرڻ دوران هيجاني ڪيفيت ۽ ممڪن آهي ڪا هلڪي ڦلڪي چوٽ به هجي!“
ڪوھ ۾ رسو وارڻ وقت دلڪش، تبسم کي ياد ڏياريو”پاساڪڙ ورت نه اُماڻيندين؟!“
ٻئي ورتون وارڻ بعد تبسم وڏي آواز سان دلڪش کي پاڻ کي قابو ڪرڻ جي تاڪيد ڪئي ۽ پوءِ جڏهن ماڻهو رسو ڇڪي رهيا هئا ته، ڪوھ جي پرسان هڪ پوليس موبائيل اچي بيٺي، جنهن مان ٽي سپاهي ۽ هڪ انسپيڪٽر هيٺ لهي آيا. ٽيستائين دلڪش ڪوھ کان ٻاهر اچي چڪو هو. هن رسن کان پنهنجو پاڻ کي آجو ڪندي، ياسمين ڏانهن نهاريو. ياسمين جي اکين ۾ ندامت، التجا ۽ ڏک جا پاچا ڏِگها ٿي پيا هئا. دلڪش جي ٻانهن تي چند رهڙن سميت مٿي تي معمولي نوعيت جو ڏک لڳل نظر اچي رهيو هو جنهن تي رت جو نشان موجود هو. دلڪش سڀ کان پهريان برڪا کي غور سان ڏٺو ۽ پوءِ اڳتي وڌندي پنهنجو ياڪر پڪيڙي چڙيائين: ”برڪا منهنجي ڏيءَ تو پيا سان ملڻ ۾ ايتري دير ڪري ڇڏي!؟“ برڪا پنهنجن جذبن تي ضابطو رکي نه سگهي، سڏڪا پري روئڻ لڳي، ايئن جيئن هو ننڍپڻ ۾ معصوم انگل آرا ڪندئي، دلڪش جي ڪلهي تي ڪنڌ لاڙي روئي پوندي هئي. دلڪش سندس مٿي تي هٿ رکندي چيو: ”درد جو درياءُ پي وڃڻ ۽ لڙڪن جا ڪيئي مينهن وسائڻ کانپوءِ، هڪ سطح اهڙي به ايندي آهي، جڏهن انسان چاهڻ جي باوجود روئي ناهي سگهندو. آئون به ان سطح تي پهتل آهيان. توسان گڏ روئي نٿو سگهان ڌي!“
چند لمحن جي اذيتناڪ ماٺ کانپوءِ پوليس انسپيڪٽر اڳتي وڌندي انتهائي احترام سان چيو: ”سر آئون انسپيڪٽر ڏونگر مل آهيان، ڏونگريو.......!“
دلڪش کيس ياڪر ۾ پريندي چيو: ”اڙي ڏونگريا، تنهنجي ڳل تي لڳل چماٽ جو درد، مون هر وقت پنهنجي هانءُ ۾ هُٽڪندي محسوس ڪيو آهي!“

ڏونگريي، مرڪي ياسمين ڏانهن نهاريو. ياسمين اڪيون جهڪائي ڇڏيون. ان ئي لمحي هڪ ڪرائي جي جيپ پرسان اچي بيٺي، جنهن مان هڪ عورت انتهائي وقار سان هيٺ لهي آئي. هن سان 9. 8 سال جو ٻارڙو ٻه گڏ هو جنهن جا نقش هوبهو برڪا سان ملندڙ هئا. دلڪش عورت کي مخاطب ٿي چيو: ”ماهپاره! جيئن قسمت پاڻ کي ملائڻ ۾ دير ڪئي هئي، ۽ جيئن تو موٽي اچڻ ۾ دير ڪري ڇڏي، ايئن مون مرڻ ۾ به دير ڪري ڇڏي آهي. !“

ماهپاره وراڻيو: ”جان علي ڪافي وقت کان توسان ملڻ لاءِ بيقرار ٿي رهيو هو. پر ڪجهه ڏينهن کان مونکي به توسان ملڻ لاءِ پراسرار بيچيني تڙپائي رهي هئي. چند اڻتر رڪاوٽون آڏو نه اچن ها ته، جيڪر گهڻو اڳ تو وٽ پهچي وڃان ها! بهر حال اڄ مان تنهنجي امانت توکي ڏيڻ آئي آهيان. جان علي تنهنجو پٽ آهي، مون کيس آمريڪا جي سٺن اسڪولن ۾ تعليم ڏياري آهي!“

دلڪش هڪ ٽڪ جان ڏانهن ڏسندو رهيو ۽ پوءِ کيس ڀاڪر ۾ ڀريندي چيائين: ”ماهپاره! جان پنهنجي محبت جي آخري نشاني آهي. کيس ڏسي مونکي احساس ٿيو آهي ته پنهنجو وڇوڙو به ايترو ئي وڏو آهي، جيڏو جان علي!“

دلڪش آسپاس عجيب نهار وڌي ۽ پوءِ ياسمين ڏانهن ڏسندي چيو: ”توکان وڇڙڻ ويل سوچيو هئم ته هڪٻئي کي وساري ڇڏينداسين. پر اڄ احساس ٿيو اٿم ته تون به منهنجي دل جي ڌرتيءَ جي ڪنهن نه ڪنهن، حصي تي قابض آهين. شايد منهنجو هينئڙو به اڌ ٿيل آهي!“

اوچتو دلڪش جا پير ٿڙڻ لڳا. هن جي وات مان رت جي گُرڙي وهڻ لڳي. اندر ۾ لڳل ڪنهن ڳجهي چوٽ جو اثر نمايان ٿيڻ لڳو. تبسم کيس پٽ تي سمهاري، سندس ڪنڌ پنهنجي گوڏي تي رکي ڇڏيو. دلڪش ٽٽل ڦٽل لهجي ۾ ڳالهايو: ”زندگيءَ جي آخري لمحن ۾، اهو اعتراف ٿو ڪريان ته بطور والد، آئون پنهنجا فرض پورا ڪري نه سگهيو آهيان. اولاد جو پيار شايد منهنجي نصيب ۾ لکيل نه هو. پيءُ جي شفقت ۽ ويجهڙائي اوهانکي ڏيئي نه سگهيو آهيان، ان لاءِ مونکي معاف ڪجو. منڙِي برڪا، ڏونگريا ۽ جا..... جان! “

دلڪش جون اکيون هميشه لاءِ پورجي ويون.

***